


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پير پروڙي ڪڻ

ڪتاب جو نالو: پير پروڙي ڪڻ

موضوع: لطيفيات

ترتيب ۽ ايڊيٽنگ: راهب علي لاڙڪ

ڇاپو پهريون: آگسٽ 2019ع.

ڪمپوزنگ: ثاقب علي لاڙڪ/محب علي لاڙڪ

0334.1679145

# ارپنا

شاهه سائينءَ جي سوانح حيات جا اوائلي سينگار جن ۾
مير علي شير قانع ٺٽوي،
شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ ۽ مير عبدالحسين سانگيءَ
آءُ هي محنت انهن شاهه جي شيدائين جي نانءُ ڪيان ٿو.

لائي خنجر ”لا“ جو، هيءُ خچر ڪي هڻ،
سڏن جون سيد چئي، وٿون سپ وڪڻ،
پير پروڙي ڪڻ، تہ هلڻ ۾ هوري وهين.

راهب علي لاڙڪ، ڪاهي راهو.

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 01 | پنهنجي پاران | 6 |
| 02 | شاهه لطيفؒ جو مختصر احوال | 7 |
| 03 | پٽ تي سماع جي سلسلي جو مختصر احوال | 20 |
| 04 | شاهه لطيف جي مخدوم محمد معين سان ملاقات | 25 |
| 05 | شاهه لطيف ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو حج تي وڃڻ | 27 |
| 06 | شاهه لطيف ۽ صوفي سلام الله ”ترڏٽي“ | 30 |
| 07 | خواجه محڪم الدين سيلاني (سيراني) جا ٻه مقبرا | 33 |
| 08 | شاهه لطيف ۽ مخدوم مير محمد عرف مير پير | 37 |
| 09 | شاهه لطيف ۽ مخدوم صابر ولهاري | 39 |
| 10 | شاهه لطيف ۽ ميهار فقير پلي | 42 |
| 11 | شاهه لطيف ۽ ميون محمد مبين سانده پور ٽرائي (چوٽياروي) | 44 |
| 12 | شاهه لطيف جو ڳوٺ ٽرائيءَ ڏانهن سفر ۽ مختلف روايتون | 49 |
| 13 | شاهه لطيف جي گنگا جتڻ سان ملاقات بابت مختلف روايتون | 53 |
| 14 | واڳهين واري پٽ، پئي ڪٽي پساهه واري واقعي بابت مختلف روايتون | 57 |
| 15 | شاهه لطيف ۽ ميون شاهه عنات رضوي جي ملاقات بابت مختلف روايتون | 59 |
| 16 | شاهه لطيف ۽ خواجه محمد زمان جي ملاقات بابت مختلف روايتون | 71 |
| 17 | شاهه لطيف ۽ ٽانور پٽيءَ متعلق مختلف روايتون | 77 |
| 18 | شاهه لطيف جو ڪوٽيسر ڏانهن سفر بابت مختلف روايتون | 79 |
| 19 | شاهه لطيف جو جيسلمير ڏانهن سفر، مختلف روايتون | 83 |
| 20 | مائي نماڻي اوڍياڻي شڪارڻ بابت مختلف روايتون | 86 |

| | | |
|---|---|---|
| 21 | مُلا ملان مَ چئہ ! هن بيت بابت مختلف روايتون | 91 |
| 22 | شاهہ لطيف جي ڪورين سان ڪچهريءَ بابت مختلف روايتون | 97 |
| 23 | شاهہ لطيف جي پير موسيٰ شاهہ سان ملاقات وقت چيل بيتن بات مختلف روايتون | 101 |
| 24 | شاهہ لطيف جو مدن فقير سان بحث مباحثو | 110 |
| 25 | حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عظيم مفڪر | 124 |
| 26 | شاهہ جي شيدائين جا ڪم | 130 |
| 27 | شاهہ سائين جي ڪلام تي ايم. فل ۽ پي. ايچ. ڊيز | 145 |
| 28 | شاهہ سائين جي سوانح ۽ شاعري متعلق ڪجهہ شايع ٿيل ڪتاب ۽ رسالا | 149 |
| 29 | ڪجهہ ليکڪن جا اردو زبان ۾ مضمون، مقالا ۽ ڪتاب | 162 |
| 30 | شاهہ لطيف بابت ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن ۾ اديبن جا ڪجهہ مضمون مقالا | 164 |
| 31 | شاهہ لطيف بابت ليکڪن جون ڪاوش دنيا، عوامي آواز مئگزين ۽ سوجهرو مئگزين ۾ تحريرون | 172 |
| 32 | ڀٽ شاهہ ۽ ٻين ماڳن تي شاهہ لطيف جا يادگار تبرڪات | 183 |
| 32 | شاهہ لطيف ايوارڊ | 192 |

# پنهنجي پاران

شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سوانح حيات، سير و سفر ۽ ڪلام تي تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي. شاهه سائينءَ سان بيحد عقيدت سبب ڪجهه ليکڪن شاهه لطيف جي سوانح حيات، سفر ۽ همعصر بزرگن سان ملاقاتي بيتن ۾ قيرقار ڪري مختلف روايتن سان پنهنجي نموني بهترين ڪم ڪيو آهي ۽ روايتن جي آڌار تي شاهه سائينءَ جي همعصر بزرگن ۽ فقيرن جي ولادت ۽ وصال جا سن بہ مختلف ڏنا آهي.

مون انهن جاکوڙين جي ڪم کي سهيڙي ڪتاب ”پير پروڙي ڪڙ“ ترتيب ڏئي اوهان تائين رسايو آهي. هن ڪتاب ۾ ليکڪن جا ڪجهه اهڙا ليک ڏنل آهن. جن ۾ ڪنهن هڪ ليکڪ، ڀٽائيءَ جو واقعاتي بيت هڪ جاءِ تي ڏنو آهي، تہ وري ٻئي ليکڪ ساڳئي ڳالهه ٻئي ماڳ سان منسوب ڪري بيان ڪئي آهي.

هن ڪتاب ۾ ڪجهه ليکڪن جي تحقيق مطابق اضافي سٽن وارا بيت بہ ڏنل آهن ۽ مونکي اهو ڪم تمام گهڻو پسند آيو. مان انهن اديبن جو شيدائي آهيان جن شاهه سائينءَ جي سوانح ، سفر ۽ رسالي تي ڪم ڪيو آهي.

ڪجهه عرصو اڳ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ڪوئيز پروگرام ۾ سوال ڏنو ويو تہ، خواجہ محڪم الدين سيلاني جي مزار ڪٿي آهي؟ ان جو جواب خانقاهه شريف ٻڌايو ويو. اهو ساڳو ئي سوال ٻئي ڀيري ٻئي ڪتاب مان پڇيو ويو تہ ان جو جواب ڀٽ شاهه ٻڌايو ويو. مختلف روايتن سبب هڪ سوال جا 2 ڪان 3 جواب ملندا هئا، مان پاڻ ريڊيو لسنر آهيان ۽ ريڊيو لسنرن جي سهولت لاءِ اهي مختلف روايتون سهيڙي هن ڪتاب ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.

خادم العلم

راهب علي لاڙڪ- لطيف لئبرري، ڪاهي راهو نزد نوشهرو فيروز
30 مارچ 2019ع، - 03013528644- 03337092473

## شاهہ لطيفؒ جو مختصر احوال

سيد حبيب شاهہ ولد عبدالقدوس شاهہ متعلوي ساداتن مان هو. عربي ۽ فارسي بخوبي ڄاڻندو هو ۽ پاڻ شاعري بہ ڪندو هو ان ڪان علاوه فارسي جا بيت مٺي آواز ۾ سر سان پڙهندو هو. ڪيس شاهہ ڪريم، قاضي قاضن ۽ شاهہ عنايت رضوي جا بيت بہ ياد هوندا هئا. پاڻ پنهنجي تر ۾ وڏو حاذق حڪيم بہ هو. شاهہ ڪريم وانگر هارپو بہ ڪندو هو. سندس مريد ۽ معتقد اڪثر هالاڻ مغل، سالاريا (سالارو)، وساڻ، ڏيرا ۽ دل قوم وارا هئا جن ڪي دوا سان گڏ دعا ۽ سڀڳا شفا طور ڏيندو هئو. هي بزرگ ٻني ٻاري جي ڪم ڪان سواءِ نماز پابنديءَ سان ادا ڪندو هو. سندس اوتاري تي مسافرن لاءِ هميشہ لنگر جاري هوندو هو. شاهہ حبيب جن نامور بزرگن سان رهاڻيون ڪيون، انهن ۾ سخي پير هاشم شاهہ، وطايو فقير، شاهہ عنايت رضوي، آخوند نور محمد ڀٽي، عبدالجليل انڙ، عرس فقير ڏيرو ۽ ميون عيسيٰ وغيره شامل آهن.

ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق مطابق شاهہ حبيب بہ شاديون ڪيون هيون پر ڪجهہ ليکڪ لکن ٿا تہ سيد حبيب شاهہ ٽي شاديون ڪيون هيون. اهڙي ئي نموني سيد حبيب شاهہ جي فرزندن جي نالن متعلق بہ مونجهارو آهي. شاهہ حبيب پنهنجي والد جي وفات ڪان پوءِ ڪجهہ وقت اچي مٽياري شهر ۾ رهيو، ڪجهہ عرصي بعد سخي هاشم شاهہ جي چوڻ تي شاهہ حبيب مٽياري ڪي ڇڏي ڀيو ماڳ وسايو. (ڀيو ماڳ ليکڪ هالا حويلي، ڀيڻءَ پور، ڪوٽڙي لکن ٿا). جنهن جاءِ ۾ پاڻ خاندان سميت رهندو هو ان جاءِ ڪي ماڻهو ادب وچان ”شاهہ حبيب جا ڪک“ سڏيندا هئا. شاهہ صاحب جي خاندان جنهن جنهن ماڳ تي رهائش اختيار ڪئي اهي ”شاهہ جا پڊ“ سڏجڻ لڳا.

نواز ڪنبر لکي ٿو تہ سائين حبيب شاهہ پهرين شادي ڏيرن جي ثابت پوٽا پاڙي مان عبدالله ڏيري جي گهران ڪئي هئي. سندس پهرئين گهر واريءَ جي گذاري وڃڻ ڪان پوءِ شاهہ حبيب مٽياريءَ جي سخي هاشم شاهہ جي گهران شادي ڪئي. جنهن مان شاهہ عبداللطيف جن هالا حويلي پرسان هڪ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيا.

روايتن موجب جڏهن شاهه حبيب، سيد هاشم شاهه ڏانهن ويندا هئا تہ، سخي هاشم شاهه، ڪين ويني هٿ ڏيندا هئا. پر وچڙ مهل ساڻس ادب و احترام سان اٿي بيهي موڪلائيندا هئا. جڏهن سخي هاشم شاهه کان ان جو سبب پڇندا هئا تہ، پاڻ چوندا هئا تہ، شاهه حبيب کي پٽ پيدا ٿيندو. جيڪو وڏو نالي وارو ٿيندو، ان جي احترام ۾ ٿا اٿئون. (حوالو، نواز ڪنير، پتائيءَ جا پنڌ ۽ پيچرا، ثقافت کاتو، ڊسمبر 2014ع، ص18، 21.).

سيد حبيب شاهه هڪ شادي پنهنجن عزيزن مان ڪئي (روايتن مان مغل قوم بہ ملي ٿي) ۽ ٻي شادي عرس فقير ڏيرو وٽان ڪيائين. سيد حبيب شاهه کي اولاد نہ پئي ٿيو تہ وقفي وقفي سان ٽي ڀيرا متياريءَ جي بزرگ سخي سيد هاشم وٽ پُٽائي اولاد نہ ٿيڻ سبب دعا لاءِ ويو هو. ڪيس ان جي دعا سان اولاد تہ ٿيو پر جمندي ئي گذاري ويو. وري ٻيهر پاڻ سخي هاشم شاهه وٽ ويو، جنهن ڪيس چيو تہ "پُٽ ضرور ٿيندئي" پر سندس نالو عبداللطيف رکجانءِ. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ڪيس پُٽ ڄائو پر اهو بہ گذاري ويو. ٽيون ڀيرو سيد حبيب شاهه، سخي هاشم کي عرض ڪيو تہ "مهنجا بہ فرزند الله تعاليٰ کي پيارا ٿي ويا آهن. وري دعا ڪريو تہ پُٽ عطا ٿئي" سخي هاشم ڪيس فرمايو! "ابا الله قادر آهي توکي اسان جي دعا وارو پُٽ ضرور پاڳن ۾ پلئہ پوندو. ڳڻتي نہ ڪر الله پاڪ ڪريم آهي تنهنجي جهولي ضرور سائي ٿيندي". ڪجهہ عرصي کان پوءِ سخي هاشم جي دعا رنگ لاتو ۽ شاهه حبيب کي عرس فقير ڏيري جي نياٽي مان لاڪيٽو لطيف ڄائو تہ داين ۽ ٻانهين جي واتان خوشيءَ جا گيت ۽ شادمانا شروع ٿيا. آيا آس ٿيام ٻاروچا پنيور ۾.

عاصي عبدالواحد هڪڙو، مقالي، وتائي فقير جون ڪشف ۽ ڪرامتون، ۾ لکي ٿو تہ شاه لطيف جو جنم وتائي فقير جي دعا سان ٿيو هو. سرائي مرحوم فقير امداد علي ڪتاب: ڪستي منجهہ ڪٺان ڇاپو آگسٽ 1995ع صفحي 28 تي لکي ٿو تہ حبيب شاهه جي لاڪيٽي ۽ صالح پُٽ جو جنم هڪ مڪرم ماءُ فاطمہ جي پيٽان 1102هہ ۾ امرت ويل صبح سوير جنم باعثِ برڪت ٿيو.

شاهه لطيف جي ولادت جون واڌايون سڀ کان اول حبيب شاهه کي مائي جنان اچي ڏنيون. تنهن کان پوءِ ٻين مُريدن فقيرن به سائين جن کي مبارڪون ڏنيون. شاهه لطيف جي ڄمڻ وقت دهليءَ ۾ اورنگزيب عالمگير جي حڪومت هئي.

مختلف ليکڪن شاهه لطيف جي جنم جي تاريخ ۽ هنڌ به مختلف لکيا آهن. اهي ماڳ ڀيڻءِ پور، موسيٰ ڪٽياڻ، مٽياري، هالا حويلي، عالي فقير ڏيرو، مُلان مکڻ، سوئي ڪندر تعلقو ٽنڊو آدم لکن ٿا ۽ ولادت 1101، 1102ھ مطابق 90-1689ع لکي آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق مطابق شاهه لطيف کي جنم ڏيڻ جو شرف، عرس فقير ڏيرو جي ننڍي نياڻيءَ کي مليو جيڪا شاهه حبيب جي ٻي گهر واري ٿي وئي هئي. لطيف سائينءَ جو جنم ڀرين رجب ڇنڇر 1102ھ مطابق 31 مارچ 1691ع سيد حبيب شاهه جي گهر ديهه سوئي ڪندر جي سروي نمبر 134 ۾ سوئي ڪندر ٿيو. سندس والد ڪيس ڪن ۾ اذان ۽ اقامت چئي،

الست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم ،
قالو بليٰ، قلب سين تڏهن تت چيوم،
تهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سان. (سر مارئي)

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سيد حبيب شاهه، لطيف کي تنجڻ سوڏو سخي سيد هاشم شاهه ڏانهن کڻي ويو ته ان ويل درويش وتايو فقير به اتي موجود هو. سخي هاشم شاهه اتي ٻينو ئي مس ته وتايي فقير رڙ ڪري سائين حبيب شاهه کي سُڪيرون ڏنيون ته اهو اتئي اسان جو شاهه لعل لطيف، ائين چئي ڪانئس ننڍڙو لطيف وٺي، وچي درياهه ۾ ٽُٻو ڏنائين ته، وچ درياهه ۾ سندن ملاقات حضرت خواجه خضر سان ٿي ته ان وقت خواجه خضر لطيف کي ٻه املهه گل ڏنا. ٿوري دير بعد وتايو فقير، شاهه عبداللطيف ابهم ساڻ درياهه مان نڪتو ۽ رڙ ڪري چيائين ”حبيب شاهه پنهنجو پُٽ وٺ مان هاڻ هن جو علمي بار نٿو کڻي سگهان“.

لطيف سائين ٻاراڻي عمر ۾ پنهنجي ماسات محمد عالم ڏيرو سان کيڏيو، ان کان سواءِ جاني فقير ڏيرو سندس ننڍڙي هوندي جو رفيق هو. لطيف سائين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگت ۽ رفاقت فطري طور تي ڏيرن فقيرن جي ٻين ٻارن سان به تي، انهن مان اجن فقير ڏيرو ۽ سک فقير ڏيرو، اڳتي هلي شاهه لطيف جي حاضرات جا فقير ٿيا.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تحقيق مطابق، شاهه لطيف جي ننڍپڻ وارا ڪم ازڪم ٻارنهن سال ڪن پنهنجن ناناڻن ڏيرن فقيرن ۾ سئي ڪندر ۽ ڪنبات واري تر ۾ گذريا، انهيءَ عرصي ۾ ٻين ٻارڙن سان گڏ، ڪنبات سان لاڳو اولهه طرف واريءَ ايراضي ۾ ننڍڙي لطيف ٻارن سان گڏ ڏاڪ چميءَ، سيڙهه ڪينهوڙي ۽ پاٽيءَ ۾ ڪُندروءَ جهڙيون رانديون به ڪيڏيون.

محبوب علي سمون ڪتاب ـپٽائيءَ تي بهتان جي صفحي 69 تي لکي ٿو ته شاهه جو ننڍپڻ ۽ جواني وارو زمانو قديم روايتن موجب مٽيارين ۾ گذريو آهي. جڏهن ته شاهه حبيب جي ولادت مٽيارين ۾ ٿي. سندس تعلق متعلوي سادات جي جراڙپوته قبيلي سان هو. ان هوندي به شاهه حبيب جو موسيٰ پوته پاڙي ۾ اچڻ وڃڻ گهڻو هوندو هو، ان جو سبب هي ٿي سگهي ٿو ته شاهه حبيب ڪي به نياڻيون هيون. هڪڙي جي شادي موسيٰ متعلوي جي آڪهه مان هڪڙي سيد سان ٿي جنهن کي هڪڙو پٽ ۽ گهڻيون نياڻيون ڄايون ان پٽ جو نالو فقيرالله هو، جيڪو ننڍي هوندي گذاري ويو. شايد شاهه صاحب موسيٰ پاڙي ۾ پنهنجي ڀيڻ وٽ ايندو ويندو هو. مٽياري جي موسيٰ پاڙي ۾ شاهه لطيف جي خروٽ (نماز پڙهڻ جي جاءِ) هئي. سيد مهدي شاهه جي روايت مطابق مٽياريءَ جي موسيٰ محلي ۾ شاهه لطيف ڏهه سال چله ڪشي ڪئي هئي.

سيد حبيب شاهه، شاهه عنايت رضوي ۽ سخي هاشم شاهه سان وقت به وقت رهاڻيون ڪندو هو. شاهه لطيف جڏهن پنجن ورهن ٿيو ته سندس والد ڪيس سخي هاشم وٽ وٺي آيو، هن بزرگ لطيف کي ڏسي فرمايو!

”حبيب جو پٽ اجان پچي راس نه ٿيو آهي“

روايت آهي ته لطيف سائين جڏهن ڇهن سالن جو ٿيو ته ميي عيسيٰ ڪيس ڏسي فرمايو ته ”ڪو ڏينهن ٿيندو جو هن ٻار مان اهي، ڳل نڪرندا جن جي سڳنڌ ساري عالم کي سرهو ڪري ڇڏيندي“.

ڪجهه وقت کان پوءِ سيد حبيب شاهه، مخدوم نوح سرور جي درگاهه تي زيارت لاءِ ويو ته ”قبر مان آواز آيس“ ”اي حبيب وَڄُ “ ۽ ”لطيف کي وَندُ ڏي، ۽ پنهنجو مريد ضرور ڪجانس.“ پوءِ موٽي اچي ڪيس ٻاروتڻ کان بلوغت تائين پاڙهيندو ۽ سمجهائيندو رهيو. تنهن بعد ڪيس اسم ذاتي جي تلقين ڪري قادري طريقي جو خرقو ڏڪايائينس.

شاهه حبيب جي دور ۾ نصرپور هڪ واپاري شهر هو، آس پاس جا ماڻهو توڙي شاهه حبيب پنهنجي گهر جو سامان خريد ڪرڻ لاءِ نصرپور ايندو هو. ان زماني ۾ نصرپور شهر جي شاهي بازار جي منڍ ۾ ”ابراهيم“ نالي هڪ سالڪ مجذوب درويش ڪبڙ جي هيٺان وينو هوندو هو. شاهه حبيب جڏهن به نصرپور ايندو هو ته پنهنجي پياري فرزند شاهه لطيف کي به گهوڙي تي پنهنجي پوٺتان سوار ڪري ايندو هو ۽ پنهنجي گهوڙي انهيءَ مجذوب واري ڪبڙ وٽ اچي ڏريندو هو. ابراهيم مجذوب هميشه لطيف سائينءَ کي غور سان گهوريندو رهندو هو. هڪڙي ڀيري هن درويش شاهه حبيب کي سڏي فرمايو ته سائين! ”هن نينگر جي پيشاني ٻڌائي ٿي ته هي وڏو عابد، زاهد ۽ پنهنجي وقت جو وڏو ولي ڪامل ٿيندو. توهان ڪيس پنهنجي پوٺتان گهوڙيءَ تي سوار نه ڪندا ڪريو!“ ابراهيم مجذوب جي مزار اڄ به نصرپور شهر جي وڏي بازار جي منڍ ۾ موجود آهي. پاڻ پنهنجي وقت جو وڏو ولي الله ۽ سالڪ مجذوب ٿي گذريو آهي. حوالو: قريشي حامد علي خانائي، مضمون: ڪوٽڙي مغل شاهه لطيف جي مجازي بستي، رسالو مهراڻ 4، 1983ع، ص: 84.

شاهه حبيب لطيف کي هڪ ڪتيءَ وٽ ڪتڪو ڪم سکڻ لاءِ ويهاريو. اهڙي نموني متيارين ۾ ڪورين ۽ ڪتين جا هنر به شاهه صاحب جي نظر مان نڪتا. هڪ دفعي شاهه صاحب کي ساوڻ جي موسم ۾ ڪتي چيو ته آئون ڪم سانگي ٻاهر وڃي رهيو آهيان جيڪڏهن مينهن پوي ته ڪپڙا پسڻ کان بچائجانءِ. هڪ ڏينهن مينهن به سانپاها ڪري آيو، ڦڙ ڦڙ پوڻ شروع ٿي ته شاهه صاحب سڀ ڪپڙا رسين تان لاهي نير ۾ وڌا (جيڪي در اصل الڳ الڳ جاين تي رکيا هئا). مالڪ جڏهن

ڪم لاهي واپس آيو ته شاهه صاحب کان پڇا ڪيائين ته شاهه خير ته آهي؟ ڪپڙا ڪيڏانهن ويا؟ شاهه صاحب وراڻيو ته مينهوڳيءَ جي ڪري ڪپڙا سڀ لاهي نير ۾ وڌا اٿم ته جيئن برسات کان بچي وڃن. ڪتي چيو ته شاهه! تو ته منهنجي سموري محنت برباد ڪري ڇڏي. ڪپڙا مختلف رنگن ۾ رڱڻا هئا هاڻي گراهڪن کي ڪهڙو جواب ڏيندس!. شاهه صاحب چيس ته گهٻراءِ نه، تون مون کان جيڪو رنگ گهرندين سو توکي ڏيندس! اهڙيءَ طرح ڪتيءَ جيڪي رنگ طلب ڪيا سي شاهه صاحب نير مان ڪڍندو ڏيندو پئي ويو. (حوالو: سمون محبوب علي، مصنف، پٽائيءَ تي بهتان، علمي ادبي اشاعت گهر متياري، 1998ع، ص: 70).

روايتن موجب شاهه حبيب ڪيس قرآن شريف پڙهڻ لاءِ استاد ميون نور محمد ڀٽي کان وائنين (وائي) ڳوٺ ۾ مڪتبي تعليم پوري ڪرائي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي تحقيق موجب، شاهه حبيب آخوند نور محمد ڀٽي کي پاڻ وٽ رهايو هو ۽ هن شفيق استاد پنهنجي سعادتمند شاگرد کي مڪتبي تعليم پوري ڪرائي.

شاهه لطيف جي ديني تعليم بابت مختلف روايتون: ڪتاب ”پٽائيءَ تي بهتان“ ۾ مصنف لکي ٿو ته، فقير خدا ڏني ميمڻ جي روايت مطابق، شاهه صاحب موسيٰ محلي ۾ سندن ابن ڏاڏن مان آخوند احمد ۽ محمد جن وٽ پڙهڻ لاءِ ايندو هو. هڪ دفعي شاهه حبيب شاهه لطيف کي پڙهائڻ لاءِ آخوند احمد وٽ ڇڏي ويو. هڪ سال گذرڻ کان پوءِ شاهه حبيب، شاهه صاحب وٽ آيو ۽ کائنس پڇا ڪيائين ته ”پٽ توکي آخوند صاحب ڇا پڙهايو آهي؟“ شاهه صاحب وارڻيو ته ”بابا سائينءَ ڪجهه به نه پڙهايو آهي.“ پوءِ آخوند احمد چيو ته سائين لطيف کان پڙهائي ڏسو ته اوهان کي پتو پوندو! شاهه صاحب پهرئين پاري کان پندرهين پاري تائين بر زباني پڙهي ٻڌايو. شاهه حبيب ٻئي سال شاهه صاحب کي قرآن پاڪ جي تعليم لاءِ آخوند محمد وٽ ڇڏي ويو. ٻئي سال پوري ٿيڻ تي شاهه حبيب، شاهه لطيف کان پڇيو ته آخوند صاحب ڪجهه پڙهايو اٿئي يا نه؟ شاهه صاحب ورندي ڏني ته ”بابا سائين! ڪجهه به نه“ آخوند صاحب چيس ته سائين لطيف کان پڙهائي ڏسو ته اوهان کي پاڻهي خبر

پئجي ويندي. شاهه صاحب سورهين پاري کان والناس تائين بر زبان پڙهي ٻڌايس. اهو ڏسي آخوند صاحب حيران ٿي ويو ۽ شاهه صاحب جي علم لدني کان متاثر ٿيو. هن ڪتاب مطابق اهي ٻئي پائر ميمڻ هئا. حوالو، سمون محبوب علي، ڀِٽائيءَ تي ٻهتان، ڇاپو پهريون، جنوري 1998ع. ص، 69، 70.

هڪ روايت مطابق تنبدي محمد کان لڳ تڪڙ جبل وٽ هڪ ڳوٺ ۾ ڀٽائي صاحب کي سندن والد قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ استاد احمد ڪوري ۽ محمد ڪوري وٽ ڇڏي آيا، جڏهن استادن ڀٽائي کي پڙهڻ لاءِ چيو ته ڀٽائي نه پيو پڙهي، استادن جي سختي بعد ڀٽائيءَ ڪين پندرهن سيپارا ياد ٻڌايا. ساڳي نموني ٻئي استاد ياءَ کي به ڀٽائي پندرهن سيپارا بر زبان ٻڌايا. اهي استاد تڪڙ جبل جي پر واري ڳوٺ ۾ دفن ٿيل آهن. (حوالو: نواز ڪنير، ڀٽائيءَ جا پنڌ ۽ پيچرا، ثقافت کاتو، ڇاپو پهريو ڊسمبر 2014ع، ص: 114 - 115)

شاهه لطيف جڏهن سترهن، ارڙهن سالن جي عمر جو ٿيو ته، حبيب شاهه، کيس سخي هاشم شاهه وٽ وني آيو. سخي هاشم، لطيف کي ڏسندي دعا ڪئي ته: ”لطيف جو چراغ روشن ٿيندو“. پوءِ ستت ئي سخي هاشم شاهه 12 ربيع الاول سن ـ1120هه 1708ع ۾ برقعو مٽايو.

روايت آهي ته شاهه لطيف ويهن ورهين جو ٿيو ته شاهه حبيب جي مريد مرزا مغل بيگ جي نياڻي بيمار ٿي پئي، اتفاق سان ساڳئي وقت شاهه حبيب جي طبيعت به ناساز هئي. انهيءَ ڪري مرزا بيگ جي عرض تي پنهنجي پٽ عبداللطيف کي ساڻس وڃڻ جي هدايت ڪيائين. شاهه لطيف، مرزا مغل جي دختر جو حسن ڏسندي بيخود ٿي ويو ۽ سندس آڱر پنهنجي هٿ ۾ جهليندي چيائين.

”جنهن جي آڱر سيد هٿ ۾، تنهن کي لهر نه ڪو لوڏو“

اهي سخن سڻي مرزا ۽ سندس عزيز غصي ۾ لال ٿي ويا ۽ سيدن کي ايترو ته تپايائون جو هو لاچار ٿي ڪجهه مفاصلي تي ڏار حويلي اڏي ويٺا. مرزا مغل بيگ جي نياڻي بيبي سيده بيگم (اصل نالو عائشہ) جي عشق شاهه صاحب کي ٿي ورهيه هرڻ ۽ هما وانگر صحرائن ۽ بيابانن جا سير ڪرايا.

هڪ دفعي دل قوم جا ڏاڙيل، مغرور امير مرزا بيگ مغل جي حويلي تي ڪاهي آيا، مرزا پاڻ اتي ڪونہ هئو ۽ ڏاڙيل سڄو سامان زيور ڦر ڪري ڀڄي ويا. مرزا موتي اڇي ڪاري وارن ڪکن تي بيٺو. پوءِ شاهہ لطيف، مرزا بيگ کي چيو تہ هن ڏکيءَ ويل اسان تي فرض آهي، تہ اسان ايمانداري سان اوهان جي امداد ڪريون. مرزا بيگ، شاهہ صاحب کي نهايت حقارت سان جواب ڏيندي چيائين تہ اوهان جي امداد جي ڪابہ ضرورت ڪانهي اسان پاڻ مرد آهيون. ۽ پوءِ شاهہ لطيف کي ڳتا لفظ چيائين ۽ ڪي ويڻ ڏئي هڪالڻ لڳو، جنهن تي شاهہ لطيف جلالي انداز ۾ چيو تہ

”بيگ تنهنجي بيگي، ڪوٺڙي ۾ ڪان
اٿم آس الله ۾، دل مارينئي ما نہ“

شاهہ سائينءَ جي پاراتي بعد مرزا جو موت ٿيو، مرزا مغل بيگ جي وفات سن 1124هہ 1712ع جو ماده تاريخ ڪيندي شاهہ لطيف جي هڪ فقير ”بود خبيث“ چيو تڏهن شاهہ لطيف في البديهہ فرمايو: ”يک مغل بہ بوده“ يعني هڪ پلو مغل هو. شاهہ سائينءَ جي سهري مرزا مغل بيگ جي قبر ٺٽيءَ الميار لڳ بيگلارن جي تاريخي قبرستان ۾ آهي.

پوءِ مغلن جي ڪجهہ پاتين شاهہ حبيب کي منٿ ميڙ ڪري راضي ڪيو ۽ شاهہ لطيف کي سنگ ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا. شاهہ لطيف جي شادي سيده بيگم (سعيده) سان ٿي تہ ان وقت شاهہ لطيف جي عمر 22 سال هئي. شاهہ سائين جا مريد، شاهہ لطيف جي گهر واريءَ کي ادب وچان تاج المخدرات (ستين جو ڇٽ) نالي سان ياد ڪندا هئا. ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ لطيف سائين جي گهر ۾ اميدواري ٿي. هڪ ڏينهن حويليءَ تان نوڪرن کي حڪم مليو تہ، ”پلو آڻي ڏيو.“ هڪ تہ گرمي جي مند درياهہ ۽ واهن ۾ پاڻي بہ ڪونہ هو، تنهن ڪري پلي جي موسم بہ ڪونہ هئي. حويليءَ جا فقراء حڪم جي بجا آوري ڪندي ڇڻي طرف هليا ويا. انهن مان هڪ هالن جي شهر هلندو وجي مقامي بزرگ ۽ درويش ”هوت فقير ميمڻ“ جي اوطاق تي پهتو، هو ڪهندو سهڪندو ۽ اُيا ساهہ ڪٽندو اوطاق ۾ پيل کٽ تي اچي ويٺو.

هوت فقير ان وقت آڏاٽي مٿان دڪان ۾ وينل هو. ۽ ڪپڙي جي اٽت جي ڪم ۾ مشغول هو. هن جو ڀٽائي جي فقير کي ڏٺو ته، ڪانئس احوال ورتائين: ”ابا فقير، ڇو هھڙي گرميءَ ۾، تتل ڏينهن جو ڪهي آيا آهيون؟ خير ته آهي؟“ فقير وراڻيو: ”سائين، ٻيو سڀ خير آهي، ڀٽائي سائين جي گهرواري (تاج المخدرات) اميدواري آهي. گهر ۾ پلي جي طلب ٿي، انڪري پلي حاصل ڪرڻ لاءِ نڪتل آهيون. پر هن وقت پلي جي مند نه آهي ۽ نه موسم.“ هوت فقير چيو ته، ”الله سائين خير ڪندو، حويلي ۾ حجائتي طلب ٿي آهي.“ ائين چئي هوت فقير جو نڙو وجي آڏاٽي جي ڪڏ ۾ ڪريو. پاڻ بسم الله الرحمن الرحيم چئي، هٿ هيٺ اندر پيرن تائين دگهيريائين ته، نڙي بدران جيئرو جاڳندو، ڦٽڪندو پلو ڇڪي ٻاهر ڪڍي چيائين. ”اڃي فقير! تون هي تازو پلو ڪٽي هل ۽ جلد حويليءَ ڏي روانو ٿيءُ.“ ائين چئي جيئرو پلو ان فقير کي ٿالهه ۾ وجهي ڏنائين پوءِ فقير خوشيءَ مان ٻهڪندو، ڪلندو، مسڪرائيندو حويلي ڏانهن روانو ٿي ويو. هوڏانهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي جڏهن واري واري سان فقيرن جي پڇا ڪئي ته، ڪيس ٻڌايو ويو ته، ”حويليءَ تان پلي جي طلب ٿي هئي، سو ان سلسلي ۾ اهي فقير چئني پاسي نڪتل آهن.“ شاهه سائينءَ اها صورتحال ڏسي ويهي رهيو ۽ سوچڻ لڳو، پوءِ سندس زبان مان هي لفظ نڪتا ته، ”اڃا دنيا جي تختي تي آيا ئي ڪونه آهن جو هينئر کان ئي منهنجي فقيرن کي تنگ پيا ڪن.“ اهڙو اولاد ئي نه کپي جو منهنجي فقيرن کي رُلائي، منهنجا فقير ئي منهنجا ٻالڪا آهن. پوءِ بيبي صاحبه جي پيٽ ۾ ئي اهو ٻالڪ سڪي ويو ۽ بيبي صاحبه کي اولاد نه ٿيو، پر اڳتي هلي ڪتنب جي مٿن مائٽن شاهه سائين جي وارثت کي سنڀاليو. اهو سجاده نشيني سلسلو اڄ تائين جاري آهي. (مضمون: ڀٽ ڌڻي ۽ ڏاڏو هوت فقير، تحرير، الله بچايو ميمڻ، ڪاوش مڊويڪ مئگزين اربع 20 مئي 2015ع، ص:10.)

هڪ دفعي شاهه صاحب ڪنهن سفر تان موٽيو ۽ هر جيوت ۾ محبوب کي پسي اڃي ٻهرم ٻري سرڪار جي درگاهه پرسان تي ڏينهن لاڳيتو هڪ هنڌ غش ئي غش لڳو پيو هو، سندس جسم تي واريءَ جا تهه چڙهي ويا ۽ رڳو سندس هڪ

ڪپڙي جو پلاند ظاهر هو. قضا سان هڪ پنهوار جي مٿس نظر پئي جنهن سارو احوال شاهه حبيب کي سڻايو. پوءِ شاهه حبيب انهيءَ هنڌ پهتو ۽ ڏاڍي سوز مان چيائين:

لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا لتجي،

شاهه لطيف بيخوديءَ جي حالت مان چرڪ ڀري ۽ نهه پهه جواب ۾ چيو:

ڀيئي ڪٽي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

شاهه لطيف کي جوانيءَ ۾ سندس والد صاحب طريقت جي راهه ڏسي ۽ نفساني خواهشن کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ زهد و تقويٰ، رياضتن ۽ مشاهدن جي تلقين ڪئي هئي. پوءِ هن تي تلقين جو اهڙو تہ اثر ٿيو جو تهجد نماز بعد فجر جي آذان تائين سؤ ڀيرا هنن لفظن جو ذڪر ڪندو هو. ”هُئين بہ تون. آهين بہ تون، هوندين بہ تون. ٻيو نہ ڪير هُئين بہ تون - فاني سڀ - باقي تون - تون هين تون - ٻيو نہ ڪير - تون هين تون“. چئي دعا لاءِ هٿ مٿي ڪٽي سوره حمد ۽ درود شريف پڙهڻ کان پوءِ رب سائين جي جلاليءَ کي ماني ڪرڻ لاءِ دعا ۾ هي بيت چوندا هئا.

1- جيئڻ ناهي جڳ ۾، ڏينهن مڙيئي ڏون،
الا عبداللطيف چئي، آهين تونهين تون.

2- ڪيو مطالع مون، هي جو ورق وصال جو،
تنهن ۾ تون ئي تون، ٻي لات نہ لحظي جيتري.

3- مارو مٿ ملير جا سيئي پرڪيا سون،
سو ڪيءَ پائي سڀ ڪو او ڪيءَ تون ئي تون،
موليٰ مٿان مون، ٻڙو لاهه مَ ٻاجهه جو.

4- ٻچائجان باري آهيان گناهن جي گودڙي،
نڪو ٻئسو پٽڻ جو نہ ظاهر ڪيم زاري،
آهيان اگهاڙي، ڏجان پاند پناهه جو.

5. ستر ڪج ستار آءُ اگهاڙي آهيان،
ڍڪئين ڍڪڻهار، ڏيئي پاند پناهہ جو.

6. جيسين جيارين، هادي رکين حفظ ۾،
محتاجي مخلوق جي، قادر نہ ڪارين،
عربي عبداللطيف ڪي، ويل نہ وسارين،
پرڪش پيارين، پازيءَ دران پنهنجي.

۽ ٻيا دعائيہ بيت بہ پڙهندا هئا جيڪي رسالي جي مختلف سرن ۾ موجود آهن.

سيد حبيب جڏهن پنهنجي فرزند کي رات ڏينهن عبادت، زهد تقويٰ ۽ فقيري حال ۾ شعر پڙهندي ڏٺو تہ هڪ دفعي مرڪي چيائينس تہ ”ابا سنڌ جي سرزمين تہ ساري اوليائن ڪيڙي چڏي آهي. توهان پنهنجي اوڙ ڪٿي هلائيندا“ لطيف سائين فرمايو بابا سائين مان ان جڳهہ تي هر هلائيندس جتي ڪنهن جي بہ اوڙ نہ هلي آهي. يعني ”سمنڊ ڪيڙيندس“ ڪجهہ ماڻهن جي دلين تي اوڙ هلائي انهن کي گس لائيندس، سائين شاهہ عنات رضوي بہ اها صلاح ڏني آهي. (حوالو، مضمون شاهہ ۽ سنڌي، ليکڪ، فقير امداد علي سرائي)

هلائج هينئين ۾ الف سندي اوڙ،
تہ ڪتابن جي ڪوڙ، منجهان تو معلوم ٿئي.

پوءِ سيد حبيب پنهنجي پٽ کي وقت جي جيد عالمن سان ۽ ٻين لاتعداد بزرگن سان ملاقاتون ڪرايون. انهن مان شاهہ عنات رضوي جي صحبت مان لطيف سائين تہ اڳ ۾ ئي گهڻو ڪجهہ پرايو هو. پوءِ شاهہ عنات کان سواءِ ٻين بزرگن سان پڻ روح رهاڻيون ڪرايون ۽ الله لوڪ انسانن توڙي مماتيءَ وارن بزرگن جا درشن پڻ ڪيائون.

شاهہ صاحب جڏهن ٽيهن ورهين جو ٿيو تڏهن ڪشش ٿيس تہ وڃي بکيرن جي ڳوٺ مان قائم الدين قلندر جي زيارت ڪري اچان، بہ ڏينهن ساندهہ پنڌ ڪري وڃي ان ڪامل جي ڳوٺ ۾ پهتو. درويش پنهنجي پيگل کٽ تي براجمان هو

۽ شاهه کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ گهڻي مرحبا ڪيائينس. پوءِ چيائينس ته ”منهنجا محب تو ۾ مان وڏيءَ ولايت جا آثار ٿو ڏسان، هاڻ هتي ترسي پؤ، جيسين رمضان شريف پورو ٿئي پوءِ وڃجانءِ“. شاهه صاحب ڪامل جي ارشاد موجب سارو رمضان شريف جو مهينو سندس صحبت سڳوريءَ ۾ رهي پيو. انهيءَ ڪامل درويش ٿي ڪيس اويسي طريقي جا راز ڏيئي هڪ سچو اويسي بنائيس.

جا براد ٻُتن جي سا اچ بک آديسين،
روزا رند رکن، عيد نه اوڏا ڪاپڙي. (سر رامڪلي)

روزا ۽ نمازون اِيءُ پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن ۾ پسڻ پرين کي. (سر آسا)

لطيف سائين اڪثر سفر دوران قرآن شريف، شاهه ڪريم جو ڪلام (بيان العارفين) ۽ مثنوي مولانا روم جي نسخي (مثنوي مولانا روم، نور محمد ڪلهوڙي ڪيس تحفي ۾ ڏني هئي) جو مطالعو ڪندا هئا. شاهه سائين جن وڏا سيلاني هئا، پاڻ مختلف ماڳن جا سير سفر ڪيائون. جن ۾ گنجو ٽڪر (نيرون ڪوٽ)، لاهوت، هنگلاج، لسٻيلو، ٺٽو، ڪيچ، (پنيور ڪان ڪيچ تائين ڪل 36 ماڳ اهڙا آهن جيڪي شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيا آهن اهي ماڳ اڄ تائين انهن نالن سان سڃاڻپ رکن ٿا، محقق: گل حسن ڪلمتي ۽ رحمان گل پالاري). ملير، ڪلاچي، ٿر، ڪڇ، ڀڄ، ڪنيات، گجرات ديبل بندر، مانجهند، ترائي (شڪارپور) جي بزرگن، درويشن عالمن سان ملاقاتون ڪيائون ۽ سماواتي ايراضي ۽ لاڙ جي ايراضي تان به لاتعداد ڦيرا ڪيائون. ساهتي پرڳڻي ۾ ڳوٺ بگا، ڳوٺ وايون لڳ درٻيلو، ڪاهي راهو، آگرا، ڪوٽڙي محمد ڪبير ڪان کهڙا شريف، درازا، بکر، روهڙي، گهوٽڪي، ملتان، راولپنڊيءَ تائين سيرسفر ڪيائون. جن به ماڳن تي شاهه لطيف پريت جا پير گهمايا انهن ماڳن تي اڄ به لطيفي لوڙها، اوتارا ۽ تڪيا موجود آهن. هڪ اندازي مطابق شاهه لطيف پنج-ڇهه سال سير و سفر ۾ گذاريا. ٻي ڪٿ موجب 22 سال سير سفر ڪري بيشمار بزرگن سان رهاڻيون ڪيائون.

روايت آهي تہ شاھ حبيب بيماري جي حالت ۾ قاصد کي شاھ صاحب ڏانھن ھي بيت چورائي موڪليو.

ڪنھن جنھن نينھن نِنڊاءِ، جي مون واجھائيندي نہ ورو،
جيڪي مئي ڪنداءِ، سو جانب ڪريو جيئري.

جواب ۾ شاھ صاحب چورائي موڪليو تہ:

متان ٿئين ملور، ڪين اُڳاھون آھيان،
ڏسڻ ۾ ڪر ڏور، حد ٻنهي جي هيڪڙي.

شاھ لطيف جي عمر 42 سالن جي قريب ٿي تہ سندس والد صاحب بيمار ٿي پيو. پاڻ ان جي ڏاڍي خدمت چاڪري ڪيائون پر آخر اھڙو وقت بہ آيو جو ڦڪين فرق نہ ڪيو ۽ شاھ حبيب جو وصال ٿيو. ان وقت شاھ صاحب ٻاھر آيو تہ سندس فقيرن ڪانئس حبيب سائين جو حال پڇيو، تڏھن پاڻ جواب ڏنائون تہ:

اوني اُڀرا ٿيا ٻينا تنگ ڪشين،
ڪڇن پڇن ڪينڪي ورندي وات نہ ڏين،
لاڪيٽا لطيف چئي، ٿا منجهئون لوڪ لڏين،
نيڻ نماٽا ڪٽيو ھنجون ٿا ھارين،
سي جنگ جواب نہ ڏين، ڪنھن ڏاڍي ڪيف ڪڪوريا.

شاھ حبيب سال 1144ھ ۾ وفات ڪئي پوءِ ڪيس پٽ تي دفنائڻ وقت شاھ لطيف ھي بيت پڙھيو ھو.

ڪڙھ سوڙھي سورگھٽا ڪٽي سانديان ساھ،
نہ ڪري نہ ڪڙڪو نہ بازيگرجو واءُ،
لڱن مٿان ماھ، سڪيو وڃي سيد چئي.

## پٽ تي سماع جي سلسلي جو مختصر احوال

شاهه سائين جن اندازن سن 1142هه ۾ موجوده پٽ کي وسايو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي تحقيق مطابق 1140هه، 1142هه (28_1727ع، 30_1729ع) ڌاري شاهه لطيف ڪجهه فقيرن سان گڏ پٽ تي سڪونت اختيار ڪئي ۽ پوءِ جايون ٺهرائڻ شروع ڪيائون. سيد محمود شاهه ان وقت اميري ترڪ ڪري پاٽيءَ جو ڪوزو ڪٽي اچي سندن پهريون مريد ٿيو هو. پٽ تي شاهه سائين جي فقيرن جو تعداد وڌنڌو ٿي ويو ته تمر فقير کي پٽ تي لٽ (ڪاٽيءَ) سان جاءِ ليکي ڏنائون ۽ ڪجهه فقيرن جي مختلف ڪم ذمي لڳايائون.

سال 1144هه ۾ پٽ تي سماع، ذڪر ۽ راڳ جو ادار قائم ڪيائون. سماع ۽ ذڪر جو اڳواڻ پنهنجي ماسات ۽ وڏي خليفي محمد عالم ڏيرو کي مقرر ڪيائون ۽ راڳ جو اڳواڻ تمر فقير کي ڪيائون. شاهه صاحب جي وقت ۾ جيڪو پهريون دنبورو ٺهيو، سو پڻ تمر فقير وارو ”يڪ پانڊيو“ دنبورو هو. پٽائي صاحب جي وقت ۾ ٺٽي ننگر مان موتي ۽ گوپال نالي سوٿهڙ آيا، جن پٽ تي ويهي ڦاڪدار دنبورا ٺاهيا. تمر فقير واري دنبوري کان پوءِ ٻه ٻيا دنبورا ٺهيا، هڪ خليفي محمد عالم ڏيري جو ۽ ٻيو تمر فقير جي ڪنهن ساٿيءَ لاءِ ٺاهيو ويو. پٽ تي خليفي محمد عالم ۽ تمر فقير سان گڏ ميين ولي محمد، سيد نقي فقير، ميان هاشم علي ريحان پوٽو، عرس فقير ساند جنهن کي ڳائڻ جو داروغو چوندا هئا ان کي شاهه سائينءَ جو سڄو رسالو ياد هئو. اهي فقير سماع ۽ راڳ چوندا هئا.

خليفو محمد عالم ولد رب ڏنو ڏيرو سماع لاءِ مچ ٻاريندو هو جنهن جي اتر طرفان خليفو پاڻ ۽ سندس ساٿي ۽ سامهون ڏکڻ طرفان تمر فقير ۽ سندس ساٿي ويهندا هئا. ان بعد شاهه صاحب ايندو هو، پهريائين هو اَلو جون ٿي تسبيحون ٿينديون هيون. ان کان پوءِ خليفي محمد عالم جي ٽولي جو فقير بلاول يا ڏناسري جي سُرن مان بيت ڏيندو هو ۽ پهرين ست آلاپڻ بعد خليفو محمد عالم ”اَلقارِعَة مَا القارِعَة (قرآن شريف جي سورة جا الفاظ) جي ضرب هڻندو هو. ان بعد سامهون تمر فقير وارا ساڳي ست پڙهي ٻه ضربون هڻندا هئا. ساڳئي وقت فقير مچ جي چوڌاري

بالڪل آهستي پير پير ۾ ڏيئي ڦرندا هئا. اهڙيءَ طرح جو سَوا ڦيري ۾ سڄي سماع ختم ٿئي. آخر ۾ مچ جي الهندي طرفان سڀ ويهي گڏجي ذڪر ڪندا هئا ۽ ذڪر ۾ پڻ سُر سان بيت پڙهندا هئا. پڇاڙيءَ ۾ دعا گُهري اُٿندا هئا. شاهه صاحب سماع جا ٻه سلسلا شروع ڪيا هئا هڪ اويسي ۽ ٻيو قادري طريقو. (محقق - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ).

مير عبدالحسين سانگي ڪتاب لطائف لطيفي ۾ لکي ٿو ته، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽ تي پنهنجي تڙ ڏاڏي شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جي طريقي کي جاري رکندي ذڪر جون ٽي تسبيحون فجر ۽ ٻين وقتن تي مقرر فرمايو هيون. (1) ”الله هو“ (2) ”الله، الله“ (3) ”هو هو“. مطلب ته ذڪر ۾ ”لا“ نفي جي آهي. جيڪڏهن ڪو طالب نفي ڪندي ساهه ڏئي ته اهو توحيد جو انڪار ٿيو. انڪري گهرجي ته، اثباتي ذڪر ”الله“ ڪجي، جو ذڪر ڪندي موت اچي ته، ذڪر اثباتي قائم رهي. شاهه سائين پنهنجي وڏي ڏاڏي شاهه ڪريم وارو ذڪر جو طريقو جاري رکيو ۽ نئون سلسلو صادر نه ڪيائون.

سرمد چانڊيو لکي ٿو ته، راڳ ويراڳ جو پهريون مکيو ويراڳي فقير شاهه سائين پاڻ هو. سندس ڪاٻي پاسي کان ٽيپ واري تار جو پاسڙيو فقير اسماعيل فقير ڪاهوڙي هو، ڪاهوڙي فقير جي پر ۾ ڪاٻي پاسي وارو ٻيو پاسڙيو چيڙ جي تارن واروفقير، ڪلڻ فقير هو. شاهه سائين جن جي ساڄي پاسي کان گهور جي تار وارو ويراڳي تمر فقير هو، تمر فقير جي پر ۾ ٻيو پاسڙيو ويراڳي محڪم الدين سيلاني هو، اڏڪ وارو ٽيون ساڄڙيو ويراڳي محبت فقير هو. اڏڪ وارو وچتو ويراڳي خالي تار واري ضرب پنهنجي آڱرين سان معنيٰ چٺني آڱرين سان تنبور جي تنبي تي لڳائيندو آهي. راڳ ويراڳ ۾ ڳايل پهرئين وائي جيڪا شاهه سائين جن، شاهه حبيب سائين جي درگاهه تي ڳائي اها هيءَ آهي.

اچي، لالڻ لٿ ميان! مي جو لوڙهه لڪن ۾،
هو خان ڪٿوري هيرئون، مون ۾ صاحڻ چٽ،
آرياڻي اچي ڪري، ڪا گهڙي مون وٽ جٽ،

ڪٿوري خوشبوءِ سين، هاريائون هٿ هٿ،
درد منهنجي دل جو، ڪامل اچي تون ڪٿ،
اديون عبداللطيف چئي، سر تائين آهي سٽ.

اڳتي هلي اهڙو وقت به آيو جو هڪ ڏينهن ڀٽائي صاحب بيمار ٿي پيو ته تمر فقير پڇڻ آيس، ان موقعي تي ڀٽائي صاحب تمر فقير کي جواب ڏيندي هي بيت پڙهيا:

اڄ نه من قرار، پيو سونچو ساٿ ۾
نيهي وهندم بار، مٿي ساٿيهه سپرين.

ڪو جو لڳي واءُ جنهن پر ڏڇن ناڪئا
ورتن ونجهه ڦتا ڪيا، اپر ٿي اونداهه
ناڪئن نياءُ ٿيو گوندر گاڏئون.

لوڏاٽي تان لطيف چئي ڪتون ڪنيائون
حيلا جي هتي جا سي پڻ پليائون
مومل ماٽيائون، وجي آسڻ آرامي ٿيا.

بيت جي ٻي پڙهٽي:

لڏاٽيا لطيف چئي، ڪتون ڪنيائون،
آٽي ڪاڪ ڪنڌيءَ لڏا لاٿائون،
ميرا لاهي ڪپڙا اڇا اوڍيائون،
چارئي چني پاندڙا، چوڙي چڏيائون،
ڏگ لٿيائون ڏوڙ ۾، لڳ نه لوڏيائون،
چڏي حيلا هليا، مومل ماٽيائون،
پيرو پڳائون وجي آسڻ آرامي ٿيا.

شاهه صاحب زندگيءَ جا پويان ويهارو سال گهٽي قدر ڀٽ تي فقيرن ۽ طالبن جي روحاني تربيت ڪئي ۽ سماع وراڳ جو طريقو جاري ڪيائين. زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ ڪارو ويس ڍڪي ۽ ڪربلا جي شهيدن جي ماتم ۾ سُر ڪيڏارو

چيائين. جيڪو سندس آخري ڪلام هو، هڪ روايت مطابق شاهه صاحب پچاڙي وارن ڏينهن ۾ سُر سهڻي جي هي وائي چئي هئي.

ٿلهه: ڪهڙي منجهه حساب، هيڻ منهنجو هوت ري،

1. گولي پيچ گناهه ڪان ڪونهي سُول ثواب.
2. نڪي تفاوت ۾، نڪي منجهه رباب.
3. خودبائي خوب ٿئي، لائي جي لعاب.
4. پليتي پاڪ ٿئي، جنبو منجهه جناب.
5. سو نہ ڪنهن شيءِ ۾، جيڪي منجهه تراب.
6. هوءِ جي جرڪيا جر تي، سي تان سپ حباب.
7. هاديءَ سين هن پار ڏي، رڙهين ساڻ رڪاب.
8. چنبو وجهي چور ڪي، آءُ چڙهي، عقاب.
9. ديد وڃاءِ مَ دوست جو، هلي منجهه حجاب.
10. ڪثرت آهي قرب ۾ ، ادغام ۾ اعراب.
11. فنا وجهي فهم ۾، ڪارڻ ٿيءُ ڪباب.
12. ڏي طهورا تن ڪي، جي سڪن لاءِ شراب.
13. مُٺيءَ ڪيا مرض ۾، جاوا سپ جواب.

سندن آخري وقت آيو تہ پورا ايڪيهہ ڏينهن خلوت اندر رهيا. انهي ساري عرصي ۾ بن ويلن جيتري ماني مس کاڌائون. جڏهن ٻاهر نڪتا، تہ هڪ سو (100) گهڙن پاڻيءَ سان غسل ڪري چادر اوڍي، مراقبي ۾ ويهي، فقيرن کي سماع سرود جو اشارو ڪيائون. ٽي ڏينهن برابر سماع پئي هليو. آخر راڳ بند ڪري، فقير شاهه جي ويجهو وڃي ڏسن، تہ شيءِ وڃي ڏٽيءَ کي پهتي آهي. اها سن 1165هه مطابق 2 جنوري 1752ع صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ ۽ آچر جو ڏينهن هو. سندس جسم کي غسل آخوند ميين نور محمد پٽيءَ جي فرزند ميين ولي محمد ڏياريو. سندس وصيت موجب ڪيس مخدوم محمد الزمان لنواريءَ واري جي ڏنل چادر (اجرڪ) ڪفن طور اوڍائي وئي. شاهه صاحب جو جسم مبارڪ سندس وصيت

موجب محمود شاھ جي پيرانديءَ کان دفن ڪيو ويو. ستت ئي سندس تربت مٿان روضو حاڪمِ سنڌ ميان غلام شاھ ڪلهوڙي مڪمل ڪرايو. جيڪو زمين کان نيل تائين 67 فوٽ مٿي آهي. سندس روضو سکر بکر جي عيدن رازي 1167ھ ۾ مڪمل ڪيو. روضي لاءِ رقم غلام شاھ ڪلهوڙي فراهم ڪئي. شاھ لطيف جي وفات بعد درگاھ پِٽائيءَ جو پهريون سجاده نشين سيد جمال شاھ (وفات 1204ھ) ٿيو. ڪجھ عرصي بعد مير نصير خان جي ٻن سؤٽن مير نور محمد درگاھ اڳيان وڏو ڪوھ کوٽرايو، جيڪو اڄ بہ موجود آهي ۽ مير محمد خان ٽالپر اوپر ۾ چانديءَ وارو دروازو نصب ڪرايو جيڪو پڻ اڄان تائين موجود آهي. حوالو:بلوچ ڏاڪٽر نبي بخش خان، شاھ عبداللطيف، مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 1990ع، ص:31 تي تمر فقير وارا بيت. سرائي فقير امداد علي،مصنف، ڪستي منجھ ڪٽان، هيرآباد حيدرآباد، آگسٽ 1995ع، ص: 45. حوالو: سرمد چانڊيو، ڪتاب، سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ (شاھ جو سنگيت نامو)، ڪنول پبليڪيشن قمبر، نومبر 2017ع ص:50. جي_ايم سيد، ڪتاب، شاھ عبداللطيف پٽائي جون وايون ۽ ڪافيون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1991ع ص: 53. (ڪتاب۔ شاھ عبداللطيف جون وايون ۽ ڪافيون، مرتب: جي ايم سيد).

## شاهه لطيف جي مخدوم محمد معين سان ملاقات

مخدوم محمد معين ٺٽوي عرف مخدوم ٺارو دل جي ولادت مخدوم محمد امين لاکي جي گهر ۾ 1093هه مطابق 1682ع ۾ تعلقي روپاهه پٽ باران جي ڳوٺ داليءَ ۾ ٿي. سندس ڪنيت ابوالحسن هئي. وصال 1161هه مطابق 1748ع ۾ ٿيو ۽ آخري آرامگاهه مڪلي جي ٽڪري تي حضرت ابوالقاسم نقشبندي جي پيرانديءَ کان آهي.

شاهه لطيف جون ٺٽي شهر ۾ مخدوم محمد معين بيراڳي سان پڻ ملاقاتون ٿيون. مخدوم صاحب وڏو عالم، فاضل، بزرگ ۽ شاعر هو. فارسي شاعريءَ ۾ تسليم ۽ هنديءَ ۾ بيراڳي تخلص استعمال ڪندو هو، علم ۽ فضيلت جي ڪري ماڻهو کيس ”ميون ٺارو“ جي نالي سان سڏيندا هئا ۽ ان لقب سان ئي مشهور ٿيو، ڇو ته سندس ادبي ڳالهيون ۽ علمي فضيلت، مذهبي رواداري ۽ سندس فتوائن ڪري ڪانئس ڪيترائي ماڻهو متاثر ٿيا هئا. شاهه لطيف سندس علمي ۽ ادبي ڳالهين جي ڪري وٽس اچي رهندو هو. ۽ ساڻس روحاني ڪچهريون ڪندو هو. ٻيا به ڪيترائي بزرگ اتي ايندا رهندا هئا. هن عالم کي شاهه لطيف ”اويسي طريقي“ بابت معلومات خاطر خط لکيو هو، جنهن ۾ پڇائي ڪانئس ڇهن سوالن جا جواب معلوم ڪيا هئا. مخدوم صاحب ان جو تحقيقي ۽ تفصيلي جواب ڏنو پوءِ اهو خط ڪتابي شڪل ۾ ”رسالهِ اويسيه“ نالي شايع ٿيو.

شاهه لطيف جون مخدوم ابوالقاسم نقشبندي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ ابراهيم آڏيلو توڙي لاڙ جي ٻين مشهور بزرگن سان گهڻيون ئي ڪچهريون/ملاقاتون، ميين ٺاري وٽ ننگر ٺٽي ۾ رهڻ دوران ٿيون. شاهه لطيف، لس ٻيلي، ناني، هيلاين جي ٽڪري، ڪينجهر، پنيور ۽ لاڙ جي بندرن ڏانهن اتان ئي پنڌ پوندو هو. پاڻ لاڙ واري پاسي ونگو، بدين، بلڙي ۽ راهمڪي بازار کان پوءِ ننگر ٺٽي ۾ ترسندو هو. جيسيتائين مخدوم صاحب حيات هو، تيستائين شاهه لطيف، ٺٽي ۾ ڪيترائي ڀيرا ويو. چون ٿا ته شاهه لطيف پنهنجي دوست مخدوم محمد معين جي وفات کان ڪجهه ڏينهن اڳ پنهنجي فقيرن مريدن کي چيو ته ”هلو

تہ يار جو آخري ديدار ڪري اچؤن“ پوءِ پٽ تان جڏهن نٿي ۾ مخدوم معين وٽ پهتا تہ اتي راڳ سماع هلي رهيو هو، مخدوم صاحب شاهہ لطيف سان ملاقات ڪرڻ بعد ترت ئي هي فاني جهان ڇڏيو ۽ سندس وفات ڪان پوءِ هُن نٽي ڏانهن وري رخ نہ ڪيو. پڇاڙيءَ سفر جي وقت، ميين ٺاري ڪي غسل ۽ ڪفن شاهہ لطيف ڏنو، جنازي نماز بہ پڙهائي، پنهنجن هٿن سان مٽيءَ ماءُ حوالي بہ ڪيو ۽ پوءِ چيائين تہ:”نٽي ۾ اچڻ سندن ڪري ئي ٿيندو هو.“ ”نٽي ۾ پنهنجي يار جي الوداع خاطر هي اسان جو آخري پيرو اچڻ ٿيو.“ شاهہ سائين جي هينئين بيت لاءِ چيو وڃي ٿو تہ، هن مخدوم معين جي ٻُنيءَ (قبر) وٽ ويهي چيو هو:

جا پون پيرين مون، سا پون مٿي سڄڻين،
ڏڳ لٽبا ڏوڙ ۾، اُپي ڏناسون،
ڏينهن مڙيئي ڏون، اُتي لوچ لطيف چئي.

(حوالو: شاهہ لطيف ۽ مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جون ملاقاتون، ڪتاب، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي انسائيڪلو پيڊيا، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سال 2016ع، جلد ڏهون، ش: 1، ص:48).

## شاهه لطيف ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو حج تي وڃڻ

مخدوم محمد هاشم بن عبدالغفور پنهور، ولادت 10 ربيع الاول 1104هه مطابق خميس جي رات 19 نومبر 1692ع ۾ ميرپور بٺورو (ضلعو ٺٽو) ۽ وصال 6 رجب 1174هه بمطابق خميس 9 فيبروري 1761ع ۾ ٺٽيس. مخدوم صاحب مشهور مفسر، مفتي، محدث، سنڌي ٻولي جو شاعر ۽ عاشق رسول هو.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ شاهه عبداللطيف ٻئي سٺا دوست ڳڻيا وڃن ٿا ۽ پاڻ ۾ ڪافي پيرا روح رهاڻيون ڪيون اٿن. هڪ ڏينهن هنن گڏجي فيصلو ڪيو ته: ”حج تي هلبو ۽ اتي جون زيارتون ڪري روح جي تازگي حاصل ڪبي.“ پوءِ ٻئي ڄڻا گڏجي، پيراٽي پنڌ روانا ٿيا. واٽ ۾ هلندي ٻئي ڄڻا ٿَڪجي پيا. اُن وقت شاهه لطيف فرمايو ته: ”محمد هاشم! سڄڻ ڏانهن هلڻ وقت، ٿَڪ ڪي وساري ڇڏ. ۽ ڊپ به ڇڏي ڏي، سسئي وانگر محبت ۾ فنا ٿي، اڳتي وڌ، ته مقصد جو پنهون ماڻيئين:

1. ٿڪياٽي ٿر ٿيلهه، چڙهه چڪيائين چوٽئين،
هلندي هوت پنهون ڏي، پوءِ مڙوئي پيل،
اُتي راٽو ريل، متان وڃن تان واري وري.

2. سئو ڪوهه ڪري سيڪا، تون ويهي ڪٽج وڪ،
تاٽج منجهان تڪ، اي پنڌ پاسي پر ٿئي.

3. رجل ئي راف، ته به هلي مند هٿن سان،
رڪب ڪوڙيو راهه تي، ڪري ڪاهون مٿي ڪاف،
آرياٽيءَ انصاف، ورتا ويچاريءَ جا.

ٻئي ڄڻا جبل جهاڳي رڻ لتاڙي وڏي مشڪل سان عرفات تي پهتا، تڏهن شاهه صاحب، مخدوم صاحب کي چيو ته:

عمر اڄ عرفات تي، واءُ وڃون وريون،
سڪن پيون سيد چئي، اوڏانهن اڪريون،

زم زم جيڏڙيون، پيئان طهورا تن سان.

انهيءَ وقت مخدوم صاحب جي طبيعت پڻ روان هئي. هن چيو تہ:

طالب ٿئي توڙا ٿيا، جي سدا پيئا سڪن،
ڪوڙئين ڏيج ڪيترا، جي توڙي تن ڏجن،
تہ ري رويت رب جي ڪم نہ اچي تن،
طالب طلب ۾ پيو پيئا، وحت ۾ وجن،
ڪي نڳيا ناسوت ڪي، ڪي ملڪوتان مڙن،
ڪي جنبيا جبروت ڏي، ڪي لاهوتا لڙن،
ڪي ويهہ پيو وترو، هيلو ها هوت وجن،
آءُ تو پچان پيچرا، سندا سالڪن،
تہ ڪهڙو حال هلن، سيڪڙو سجان جا.

مخدوم ڪي منجهيل ڏسي شاهہ ڪيس چيو تہ:

راهہ شريعت هليا، تفڪر طريقون،
حال حقيقت رسيا، حرفت حرص ويون،
لنوي لاهوت لڳيا، وحدت وصال ٿيون،
بينا بقا باغ ۾، فنا فرق پيون،
پسو پنڌ سندون، جيئن وسيو رڻ وهي ويا.

انهيءَ ڪان پوءِ ٻنهي ڄڻن حج ڪيو ۽ دعا گهرڻ وقت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هٿڙا مٿي ڪٽي چيو تہ،

عيب منهنجا ڍڪئين ستر ساڻ سچا،
اوڳڻ ڪج مَ پڌرا، آڳا عاصين جا.

شاهہ لطيف بہ الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ هٿڙا مٿي ڪٽي چيو تہ،

ستر ڪج ستار آئون اگهاڙي آهيان،
ڍڪج ڍڪڻهار، ڏيئي پاند پناهہ جو.

هنن بزرگن اهو سفر اندازاً 1136 هجريءَ ۾ ڪيو هو. لطيف سائين ۽ مخدوم صاحب زيارتون ڪري پوءِ خيريت سان واپس سنڌ موٽي آيا. شاهه صاحب جو هي پهريون حج هو ۽ ٻيو حج ونگي ولاسي جي واٽ تان واپس موٽي آيا ۽ حج تي ڪونه ويا هئا. (شيخ محمد سومار، لطيف سائينءَ جا لاڙ تان پيرا، تنظيم فڪر و نظر سکر، ڇاپو پهريون، سال 1986ع، ص:27،28،29.)

## شاهه لطيف ۽ صوفي سلام الله ”ترڏٽي“

صوفي شاهه عنايت شهيد کي 3 فرزند هئا جن ۾ صوفي خليل الله، صوفي عزت الله شاهه اول گند پير ۽ صوفي سلام الله شاهه ”ترڏٽي“. صوفي سلام الله جي ولادت 6 محرم الحرام 1130هه مطابق 28 نومبر 1717ع ۾ ٿي، وصال 25 ذوالحج 1183هه مطابق 22 اپريل 1770ع ۾ ٿيو.

ميرانپور جهوڪ واري جڳهه تي وڏو عابد ۽ زاهد ميون سلام الله رهندو هو، جيڪو پڻ روحاني راڄ جو راڻو، استغراق جو صاحب ۽ شاعريءَ جي شعور سان نوازيل صوفي فقير هو. ڪائنس ڏاڍيون ڪرامتون ٿينديون هيون، جنهن وقت ميان غلام شاهه ۽ محمد عطر خان ٻئي پائر پاڻ ۾ ملڪ تي وڙهي رهيا هئا، تڏهن ڪنهن ماڻهوءَ سندن تڪرار جو احوال ڪهاڻيءَ طور صوفي صاحب جي حضور ۾ بيان ڪيو ته، پاڻ فرمايائين ته تاج جو مالڪ غين (غلام شاهه) آهي. پوءِ ٿيو به ائين غلام شاهه ڪلهوڙي کي حڪومت ملي. اهڙيءَ طرح جيڪي به سندن زبان مان نڪرندو هو، سو تقدير سان پورو ٿيندو هو.

صوفي سلام الله، شاهه لطيف جا بيت ٻڌندو هو ۽ پسند ڪندو هو، ڪڏهن ڪڏهن ته دهرائيندو به هو. سندس مريد ۽ خادم جڏهن به ڪو شاهه لطيف جو بيت ٻڌندا هئا ته اُهو بيت سائين سلام الله کي اچي ٻڌائيندا هئا ۽ اُهو بيت ٻڌي پنهنجو نظريو ٻڌائيندا هئا. دستور موجب جڏهن ڪيس:

ٻڌندي ٻوڙن کي، ڪي هاتڪ هٿ وجهن،
پسو لڄ لطيف چئي، ڪيڏي کي ڪکن،
توٽي ڪنڌيءَ ڪن، نه ته ساڻ وجن سير ۾. (سر سهڻي)

جڏهن اهو بيت ڪين ڪَن پيو، تڏهن به تي دفعا دهرائڻ کان پوءِ فرمايائو ته، شاهه صاحب اهو بيت غلط چيو آهي. ڪنهن جو به سهارو نه ونجي، نه ته اهو سهارو ڏيندڙ ٻيهر مهڻو ڏيندو ۽ مهڻي جو اهو عذاب سڀ کان ڏکيو آهي. پوءِ فرمايائو ته:

”ٻڌندي ٻوڙن کي، تون هاتڪ هٿ م لاءِ،

سياڻ ائين چونداءِ، تہ اسان تو اڪاريو.“

اها بيت ورڻ جي ڳالهہ شاهہ جي ڪن پيئي، تڏهن هُن پڪو فيصلو ڪيو تہ اهڙي عظيم انسان سان ملڻ گهرجي، ڇو تہ هن کان اڳي شاهہ صاحب جو ڪو بيت ڪنهن بہ سنڌي شاعر نہ ورايو هو. سو پاڻ بيهي ميرانپور(جهوڪ) ۾ سلام الله سان ملڻ آيو. ان وقت سلام الله سائين، تخيل جي دنيا ۾ ويٺل هو، ڪيڏانهن بہ دنيا جي ڪمن ڏانهن توجهہ نہ هُئس، شاهہ صاحب پاڻ ڏانهن توجهہ ڇڪائڻ لاءِ، تي ڏينهن ويهي راڳ رنگ ڪيو. تڏهن وڃي سلام الله جي تخيل جو ڇيڙو آيو. پڻائي صوفي سلام الله کي ڏسي چيو تہ.

سامي هليا سڄ ڏي، سامين سڄ سياءِ،
سامين سڄ منجهان، ڪو سوجهي لڌو سوجهرو.

صوفي سلام الله فرمايو تہ.

تن وهين ويڙهيچن وٽ سدائين سڪار،
جن جو واحد سان واپار، سي ڏوٿي هڏ نہ ڏبرا.

پوءِ ٻنهي بزرگن جي پاڻ ۾ ڳوڙهي رهاڻ ٿي. مٿئين بيت تي بحث مباحثو ٿيو. ٻنهي ڄڻن هڪ ٻئي سان سُٺي رهاڻ ڪري موڪلاڻي ڪئي. البتہ شاهہ صاحب، پنهنجي جڳهہ تي قائم رهيو ۽ سائين سلام الله پنهنجي ”خودي“ جو نظريو نماڻائي ۾ تبديل ڪونہ ڪيو. هن رهاڻ کان پوءِ صوفي سلام الله ميرانپور ڇڏي تجل شريف هليا ويا.

حوالو، شيخ محمد سومار، لطيف سائين جا لاڙ تان پيرا، تنظيم فڪر و نظر سڪر، سال 1986ع ص: 12، 13، 14. مانجهي ڊاڪٽر محمد علي،ڪتاب، صوفي شاهہ عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر، ثقافت کاتو ڇاپو ٻيون 2014ع ص،299، تي صوفي سلام الله جي ولادت 25 يا 26 ربيع الاول 1130هہ بمطابق 1718ع، ۽ وصال 25 ذوالحج 1172هہ/ 1766ع لکيل آهي. روايت مطابق صوفي سلام الله جي ولادت 1130هہ 1718ع، وصال 25 ذوالحج 1183هہ 1766ع تي ٿيو تہ ڪيس تجل شريف ۾ دفنايو ويو. ٿوري ئي عرصي ۾ سندن لاش

ڪي تجل مان ڪيرائي جهوڪ ۾ دفنايو ويو. ان بزرگ لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن بادشاهه جا هڏ جهوڪ ۾ ۽ سڏ تجل شريف ۾ آهن. نوٽ ـ ڏٺو: مير علي شير قانع، معيار سالڪان طريقت، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2010ع، ص: 648 تي شاهه سلام الله، شاهه شهيد عنايت الله صوفي جو ٻيو نمبر فرزند هو. ڏٺو: مير علي شير قانع، تصنيف، تحفة الڪرام، مترجم مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، 1409هه/ 1989ع، ص: 428.

## خواجه محڪم الدين سيلاني (سيراني) جا ٻه مقبرا

سنڌ ۾ بيشمار صوفي بزرگ آيا جن تصوف وسيلي دين جي صوفياڻي نموني تبليغ ڪئي. انهن ۾ خواجه محڪم الدين سيلانيءَ جو به شمار ٿئي ٿو. خواجه محڪم الدين سيلاني 1137هه / مطابق 1716ع ۾ پاڪ پتن کان 16 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي واقع ڳوٺ محب عليءَ ۾ ڪرل قبيلي ۾ پيدا ٿيو. سندس اصل نالو عبدالله هو. هن ڪي ننڍپڻ کان ئي مذهب بابت تمام گهڻو لڳاءُ هو. هن اسلامي تعليمات جا سڀ ڪورس ٻارنهن سالن جي عمر ۾ پورا ڪري ورتا. ۽ پوءِ پاڻ پنهنجي سؤٽ حضرت خواجه عبدالخالق سان گڏ دهلي هلي آيو. جيڪو سندس مرشد پڻ هو. ڪجهه عرصو مشهور بزرگ خواجه نورمحمد مهاروي سان گڏ لاهور ۾ طالب علمي جي زماني ۾ رهيا. سيلاني بادشاهه طريقت جون منزلون پنهنجي سؤٽ عبدالخالق جي صحبت ۾ طي ڪيون. انهن جي ارشاد مطابق حضرت چاوليا مشائخ (وصال 1131هه) جي خانقاهه تي وڃي بنان ڪائڻ پيئڻ جي چلا ڪديائون. پوءِ حجره کان ٻاهر اچي روزو کولڻ لاءِ سنڌن دل ۾ ٻيرن ڪائڻ جي خواهش ٿي ته غيب مان خواجه خضر انساني صورت ۾ ظاهر ٿيو. جنهن ڪين ٻير ڏنا. انهن سان روزو کوليائون. ان کانپوءِ پنهنجي مرشد خواجه عبدالخالق جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ چلي واري سموري حقيقت بيان ڪيائون. خواجه صاحب ڪين "سِيرُو في الارض" تي عمل ڪرڻ يعني سير سفر ڪرڻ جي هدايت ڪين. چلي جي دوران به ڪين اهڙو ئي پيغام مليو هو. تنهن ڪري پاڻ سدائين سير ۽ سفر ۾ رهيا. ڪيترائي حج ڪيائون ۽ دنيا جي مختلف شهرن جو سير سفر ڪيائون. دنياوي شين کان پري رهڻ ڪري کيس "سلطان التارڪين" چيو وڃي ٿو.

خواجه محڪم الدين سيلانيءَ کي سيلاني يا سيراني انڪري چوندا آهن. جو جيڪو گهڻو وقت گهمندڙ قرندڙ ۽ تاريخي ماڳ مقام ڏسندڙ، داستاني قصن جي مقامي جاين ۽ ماڳن تي وڃي معلومات حاصل ڪندڙ ۽ روحاني ڪچهريون ۽ مشاهدا ماڻڻ لاءِ گهڻو وقت سير ڪري وقت گذاريندڙ کي سنڌ ۽ هند واري زماني ۾ سنڌي علائقن ۾ "سيلاني" ۽ هندي علائقن ۾ "سيراني" سڏيندا هئا. ٻنهي جي

معنيٰ ساڳي آهي. خواجہ محڪم الدين بہ تمام گهٽا سير سفر ڪيا. سنڌ ۾ گهٽو ايندو رهندو هو، خاص طور تي اباوڙي، روهڙي، سکر، کهڙا، درازا، راڻي پور، مٽياري، پٽ شاهہ، درگاهہ مڪان شريف تعلقو ٺنڊو الهيار، ٺٽو ۽ گهوٽڪيءَ گهڻو ايندو ويندو رهندو هو.

سنڌ ۾ درگاهہ مڪان شريف جي بزرگ مخدوم عبدالحميد ٻوچڙائيءَ جي خدمت ۾ ڪجهہ عرصو رهيو ۽ هڪ ڪرڙ جي وڻ هيٺان هڪ جهوپڙي ٺاهي ذڪر فڪر ۾ رهيو. ان جهوپڙيءَ واري هنڌ ڪي اجا تائين ”خانقاهہ“ سڏيو وڃي ٿو.

سيلاني بادشاهہ اٺ يا گهوڙي تي سفر ڪندا هئا. سندن اٺ جو نالو ”درگاهي“ ۽ گهوڙي جو نالو ”توڪل“ هو. انهن ٻنهي تي بہ اڪثر راڳ ٻڌڻ وقت وجد طاري ٿي ويندو هئن ۽ اکين مان ڳوڙها وهندا هئن. هڪ ڏينهن ”توڪل“ تي اهڙو تہ وجد طاري ٿي وين جو ميان يوسف مستانو جيڪو هن لاءِ گاهہ پنو آڻيندو هو، سو پيار وچان گهوڙي ڪي چنبڙي پيو ۽ گهوڙي جي ڳچيءَ ۾ ٻاڪر وجهي ويهي رهيو. ”توڪل“ مدهوشي ۾ اهڙي ريت ڳچي مٿي ڪئي جو ميان يوسف مستانو هيٺ ڦهڪو ڪري، ڪري پيو. پر ان سان گڏ سندس سيني ۾ اسم ذات جي دري کُلي پئي. ان ڏينهن کانپوءِ ماڻهو ميان يوسف مستاني کي ”توڪل“ جو مريد ۽ فيض ورتل سڏڻ لڳا.

”درگاهي“ ۽ توڪل“ اهڙا تہ سندن چئي ۾ هوندا هئا، جو سيلاني بادشاهہ جيئن چوندو هو، تيئن ڪندا هئا. هڪ ڀيري سيلاني سائين اچي جانُو واري کوهہ تي منزل ڪئي. ويجهو هڪ مسجد هئي، جتي پاڻ وضو ڪرڻ لڳا. خادمن سندن اٺ کي چرڻ لاءِ ڇوڙي ڇڏيو تہ ”درگاهي“ مسجد جي پير واري ڪبڙن جا پن چرڻ لڳو. اهو ڏسي ”درگاهي“ کي چيائون، ميان درگاهي هيءَ مسجد جو ڪبڙ آهي. اهو ٻڌڻ شرط اُٺ پري هليو ويو. خواجہ صاحب جو سرائيڪي ٻوليءَ تي عبور حاصل هو. ۽ پاڻ اردو، انگريزي، پنجابي، پشتو ۽ سرائيڪي ٻوليءَ ۾ پڻ ڳالهائيندو هو. ۽ سرائيڪي ٻوليءَ ۾ شاعري بہ ڪندو هو. سندس سرائيڪي شاعري ۾ بہ ڪافيون درازا واري بياض ۾ ۽ بہ ڪافيون خوشيرام سودائي جي بياض ۾ ملن ٿيون. پاڻ

راڳ ويراڳ جو شوقين هو. هن شاهه سائين جي روبرو پٽ تي راڳ پڻ ڳايو هو ۽ شاهه لطيف کين تمر فقير جي پڻ پارت ڪئي هئي. تہ جڏهن خليفو تمر عاقل بالغ ٿئي تہ کيس درويشي ۽ دلريشي جو سبق پڙهائيندا. پوءِ ٿيو بہ ائين جو محڪم الدين سيلاني جي رهنمائيءَ سان تمر فقير ڪماليت کي پهتو.

ڊاڪٽر نواز علي شوق، مضمون، حضرت سچل سرمست ۽ خواجہ محڪم الدين سيلاني ۾ لکي ٿو تہ، سيلاني بادشاهه 6 ربيع الاول سن 1197هہ تي هيءُ مٽي جو ملڪ ڇڏي وڃي مالڪ حقيقي سان مليا. سندن وفات ڪاٺياواڙ ۾ ڏوراجي بندر تي ٿي. پاڻ پنهنجي هڪ مريد وٽ ترسيل هئا. ان عقيدتمند سوچيو تہ جيئن مرشد سڳورو سدائين اسان وٽ رهي، تنهن ڪري کين زهر ڏنائون. رات جي وڳڙي ۾ کين دفن ڪيو ويو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سندن عزيزن قريبن کي پتو پيو. جيڪي سندن تابوت ڪٽائي اچي ريلوي اسٽيشن سما سٽا ويجهو ڳوٺ جيئو پوستي ۾ کين دفن ڪيائون. اها ئي سندن آخري آرام گاهه آهي. ان ڳوٺ کي هينئر "خانقاهه شريف" سڏيو ويندو آهي. جتي هر سال 5. 6 ربيع الاول تي شاندار ميلو لڳندو آهي. ۽ پري پري جا هزارين عقيدتمند اچي حاضري ڀريندا آهن.

"نيت تي ڏنل ڪتاب ۾ انگريزي مضمون، حضرت خواجہ محڪم الدين سيراني"، مطابق خواجہ صاحب جو موت زهر ملڻ سبب ٿيو. جيڪو کيس دوراجي (ڪاٺياواڙ انڊيا) ۾ ڏنو ويو. خليفہ ابوطالب ۽ شيخ نٿوءَ، موت جي خبر ٻڌائيندي چيو تہ، حافظ ڪَوڪِيءَ خواجہ محڪم الدين کي ٻہ دفعا زهر ڏنو. جيڪو خواجہ صاحب پيئندي چيو تہ هي مونکي ڪجهہ نہ ڪندو چو تہ منهنجي وڃڻ جو وقت اڃان نہ ٿيو آهي. پر جڏهن حافظ ڪَوڪِيءَ ٽيون دفعو حضرت محڪم الدين سيرانيءَ کي زهر ڏنو تہ، هن چيو تہ ها، هاڻي منهنجي وڃڻ جو ٽائيم آهي. پوءِ زهر هن تي اثر ڪيو تہ پاڻ مري ويو. زهر پيئڻ وقت محڪم الدين سيرانيءَ ڏهہ روپيا حافظ ڪَوڪيءَ کي ڏيندي چيو تہ پنج روپيہ منهنجي ڪفن دفن تي خرچ ڪجان ۽ پنج روپيہ راهہ مولا ڏجان. ۽ اهڙي طرح پاڻ 5 ربيع الثاني 1197هہ مطابق 1776ع تي وفات ڪري ويا. حضرت محڪم الدين سيرانيءَ جي مزار دوراجي شهر ضلع

راجڪوٽ، گجرات، انڊيا ۾ آهي. خواجه محڪم الدين سيراني جا ٻه مقبرا آهن. جن مان هڪ خانقاهه شريف ضلع بهاولپور (پنجاب) پاڪستان ۾ ۽ ٻيو مقبرو دوراجي شهر ضلع راجڪوٽ انڊيا ۾ آهي. سندس ساليانو عرس پهرئين ربيع الثانيءَ کان 5 ربيع الثاني تائين هلندو آهي.

خواجه محڪم الدين سيلانيءَ جي درست ولادت 1137هه مطابق 1725ع ۽ سندس وصال 5 ربيع الثاني 1197هه مطابق سومر 10 مارچ 1783ع. (مرتب، لاڙڪ)

حوالو، بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان، سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1978ع، ص 177.

ڪلاچي تحقيقي جرنل، جلد ٻيو، شمارو پهريون، 1999ع، ص، 122، 127،123. ڪتاب، سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ، سرمد چانڊيو.

## شاهه لطيف ۽ مخدوم مير محمد عرف مير پير

مخدوم مير محمد ولد مخدوم محمد زمان اول هالا جي سهروورديه/سهروري درگاهه جو ڇهون گادي نشين هو. سندس ولادت سن 1099هه ۽ وصال 1149هه ۾ ٿيو. مخدوم مير محمد عرف مخدوم مير پير، شاهه لطيف جو همعصر هو. شاهه لطيف جي سوانح تي لکيل ڪيترن ئي ڪتابن ۾ هالا جي مخدومن جي ساڙس اختلافن جو ذڪر ڪيل آهي. انهن سوانحي ڪتابن ۾ ”سنڌ بابت ٿورو ذڪر“ شاهه لطيف جي حياتي، مذهب ۽ شعر، مقدمه لطيفي، لطائف لطيفي، احوال شاهه عبد الطيف ۽ لطف اللطيف نمايا آهن.

مخدوم مير محمد کي ڪن تاريخي ڪتابن ۾ پنج پاڳيو پير ۽ ڪن ۾ ڇهه پاڳيو پير ڪري ڄاڻايو ويو آهي. جڏهن ته مٿين ڳالهين ۽ اختلافن کي رد ڪندي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، مضمون هالن جا مخدوم صاحب ۽ ڀٽائي سه ماهي مهراڻ مارچ 1978ع ص:65، 66، 67 تي لکي ٿو ته شاهه لطيف جي دور ۾ مخدوم نوح جي گادي جا هيٺيان سجاده نشين هئا. پنجون سجاده نشين، مخدوم زمان اول ولادت 1055هه وصال 1117هه، ڇهون سجاده نشين، مخدوم مير محمد عرف مخدوم مير پير ولادت 1099هه وصال 1149هه، ستون سجاده نشين مخدوم محمد زمان دوم ولادت 1119هه وصال 1184هه.

مٿين بزرگن جي دور تائين شاهه لطيف حال حيات هو. مخدوم طالب المولىٰ وڌيڪ لکي ٿو ته مخدوم نوح جي درگاهه تي هر اسلامي مهيني جي پهرئين سومار (سومر جي رات ۽ ڏينهن) ذڪر ۽ سماع ۾ مخدوم مير محمد جي دور کان وٺي فقط شاهه ڀٽائي جا بيت ئي ڳايا ويندا آهن. جيڪڏهن شاهه لطيف ۽ هالن جي مخدومن ۾ اختلاف هجن ها ته، شاهه حبيب پٽ جي فراق ۾ مخدوم نوح سرور جي درگاهه تي دعا لاءِ نه اچي ها.

مخدوم مير محمد رح پنهنجي ڏاڏي بزرگ جي مقبري جي سامهون ويٺل هو ۽ اتي دستور موجب سهروري طريقي جو سماع ٿي رهيو هو. جڏهن سماع کان فارغ ٿيا، تڏهن مخدوم صاحب فقيرن کي فرمايو ته ”دعا گهرو ته شاهه عبداللطيف رح

اسان جي ويجهائي ۾ اچي، پنهنجي بزرگي ۽ مرشديءَ جو ڏاڪو ڄمايو اٿس.“ جڏهن فقير دعا گهري رهيا هئا ته مجاڻ جو شاهه صاحب به انهيءَ جماعت ۾ ڪنهن ڪنڊ پاسي سان بيٺل هو. جڏهن فقير دعا گهري فارغ ٿيا، تڏهن شاهه لطيف هي بيت پڙهيو.

ويندن کي ويڪ ٿي، هوندن ڪونهي هنڌ،
من له المولیٰ فله الکل، ايءُ پروڙج پنڌ، (اضافي سٽ)
راهه ڏٺو جن رند، تن کي جتي تتي جايون.

(شاهه جو گنج، محمد قاسم راهمون، سال 2011ع، ص: 507).

## شاهه لطيف ۽ مخدوم صابر ولهاري

مخدوم صابر ولهاري (وفات 1135هه) مخدوم صابر سمن جي ٻرند پاڙي مان هو ۽ ولهار پرڳڻي ۾ (تنڊي الهيار کان ڏکڻ اوڀر) درسگاهه قائم ڪئي هئائين. پنهنجي وقت جو وڏو عالم، درويش ۽ نقشبندي طريقي جو مرشد هو. تمام گهڻو متقي ۽ پرهيزگار هو، هميشه ڏينهن جو روزو رکندو هو ۽ رات جو بيهي عبادت ڪندو هو. حد کان وڌيڪ بزرگي ۽ پرهيزگاريءَ جو صاحب هو، سدائين قرآن شريف جو درس ڏيندو هو، ڪنهن شخص کانئس سوال ڪيو ته قرآن شريف کي مس ڪرڻ جي حد ڪيتري انداز تائين آهي؟ مخدوم صاحب جواب ۾ فرمايو ته ”جيڪڏهن ڪنهن اٺ جي بار مٿي قرآن شريف رکيل هجن ته آءُ ان اٺ جي مهار بنا وضوءَ جي نه وٺندس.“

مخدوم صابر، ميين محمد امين ڊاسوڙيءَ واري جو شاگرد هو. ڪتاب سراج العاشقين، ڇاپو 1998ع، صفحو 181 تي لکيل آهي ته، مخدوم ولهري رام ڏيي وارن بزرگن جي شاگردن مان هڪ شاگرد هو. هڪڙي ڏينهن سندس پاڏو سندس استاد جي مينهن سان پيي وڙهيو ۽ ان کي ٽڪر پئي هنيائين. مخدوم صاحب ان جي ويڙهه ڏسي پاڏي کي چيائين ته اي پاڏا! اسين هن جاءِ تي ادب ڪريون تو کي ڇا ٿيو آهي، جو منهنجي استاد جي مينهن سان پيو وڙهين. پاڏو اهو آواز ٻڌڻ شرط جيئن اتان ڀڳو وري پيدا نه ٿيو.

هن ڪرامتي بزرگ سان به شاهه صاحب جي ملاقات ٿي آهي. هڪ دفعي شاهه صاحب سفر ۾ هئا ۽ سندس اکيون اٿي پيون هيون، جنهنڪري اکين تي سائي اڳڙي لڙڪائي ڇڏي هئائون. مخدوم صابر پنهنجي تر ۾ شاهه صاحب جي آمد جو ٻڌي سندس ملاقات لاءِ ڪهي آيو ۽ شاهه صاحب کي مخدوم ولهاري جو اڳ ۾ ئي نالو ٻڌل هو. جڏهن مخدوم صاحب سندس ڪچهري ۾ اچي ويٺو تڏهن شاهه صاحب اکين تان اڳڙي پري ڪندي فرمائي ٿو ته، ”اي منهنجون اکيون هي اهڙو ئي آهي نه، جهڙو مون اوهان کي چيو ٿي؟“ مخدوم صاحب سان هڪ طالب علم مريد ملا حسين نالي ساڻ هو، تنهن کي شاهه صاحب جو مٿيون گفتو نه آڙيو. ڀايائين ته شاهه صاحب منهنجي مرشد تي ٽوڪ ڪئي آهي، تنهن شاهه صاحب کي چيو ته،

”اوهان جو والد ته کهڙو نه وڏو بزرگ ۽ ديندار درويش هو جنهن جو ظاهر باطن شريعت سان سينگاريل هو. تو پاڻ کي ائين چو بڻايو آهي، جو الله تعاليٰ جي نعمتن کان محروم رهجي، ڪٿو ڏکيو گهمندو وتين ٿو؟“ شاهه صاحب فرمايو ته ”مخدوم صاحب آهي گلاب جو گل جنهن جي خوش بوءِ سان دماغ کي تازگي پهتي آهي. پر گل سان گڏ ڪنڊا به ٿيندا آهن“. جي پيا چيندا آهن. پوءِ هيٺيون بيت فرمايائون:

پنهوار کي پهي، جي هوند چکيائين،
ته ميهار کي مهي، سا جهر چڏيائين.

لفظ پهي جي جاءِ تي ليکڪن پرهي به لکيو آهي. پاهي (پهي) معنيٰ ٻاڪري ڇڊي جهڻ، مهي گهاتو ڏڌ. شعر جو مطلب آهي. ته جيڪڏهن پنهوارن جي ٻڪرين جي ڇڊي لسي چکي ها ته مينهن جي گهاتي مهي وسري وڃيس ها، يعني ته جيڪڏهن الله تعاليٰ ڪارڻ نابودي ۽ عاجزي قبول ڪري ته هوند سندس وڏائي ۽ گيرپ گاءُ سپ ڇڏي وڃيس ها. ميين صابر ولهاريءَ سان ملاقات دوران ڀٽائي صاحب جي اتي جي ٻن مشهور بزرگن ميون محمد معروف بن ميون صابر ۽ ميون مقبول بن معروف سان به ملاقات ٿي.

عاصي عبدالواحد هڪڙو، مقالي، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سماواتي ايراضيءَ ۾ سير ۽ سفر، ۾ لکي ٿو ته هڪ دفعي شاهه لطيف، مشائخ هوتيءَ جي مزار جي زيارت ڪرڻ بعد، مشائخ هوتيءَ جي پٽن احمد ۽ محمد جي مقبرن تان قل پڙهي واپس ٿيو ته مقام جي ٻاهران مشائخ هوتيءَ جي قائم ڪيل مدرسي ۾ ان وقت جي استاد ميين محمد صابر بن شيخ احمد سان سندس ملاقات ٿي.، ميون محمد صابر ٻارن کي پڙهائي رهيو هوته، ڀٽائي صاحب کانئس سوال ڪيو ته ”ٻارن کي پاڙهين وينو يا ڪارين وينو؟“ ميين محمد صابر کيس ورندي ڏني ته ”جي ڪريا ته به تو جهڙا ٿيندا ۽ جي پڙهيا ته وڏا عالم ٿيندا.“ انهيءَ جواب ملڻ کان پوءِ ڀٽائي صاحب مدرسي مان تڪڙو تڪڙو نڪري روانو ٿيو. ايتري ۾ ميان محمد صابر شاگردن کي چيو ته وڃو شاهه صاحب کي وٺي اچو، طالبن ڀٽائي صاحب کي چيو سائين استاد صابر

توهان کي سڏي ٿو. پٽائي صاحب ڇوڪرن کي پنهنجو سامان هڪ الفي، ڪشتو ۽ قرآن شريف ڏنو. ڇوڪرن کي چيائين ته هي سامان ڪٽي هلو آءُ اچان ٿو. پوءِ پٽائي جهنگ ۾ ويو اتان گم ٿي ويو. ڇوڪرا پٽائي صاحب جو انتظار ڪري موٽي اچي اهو سامان ميان محمد صابر وٽ ڪٽي آيا. ميين صاحب چيو ته ابا شاهه سائين جن سوڪڙي ڏئي هليا ويا آهن، سا سنڀالي رکبي. اهو سامان اڄ تائين مشائخ هوتيءَ جي پوٽن وٽ موجود آهي. جنهن مان الفي تمام گهڻي زبون ٿي وئي آهي، باقي ڪشتو ۽ قرآن شريف صحيح حالت ۾ پيل آهن. هن مان ظاهر آهي ته پٽائي صاحب کي پاڻ ڪان هن وڏي بزرگ ۽ درويش لاءِ محبت ۽ عزت هئي.

انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا، جلد ٻارهون، آگسٽ 2018، ص: 15 تي صابر ولد عبدالڪريم ۽ عاصي عبدالواحد هڪڙي پنهنجي مضمون ۾ مخدوم صابر جو والد شيخ احمد لکيو آهي. ٺٽوي مير علي شير قانع، تحفة الڪرام، مترجم مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٽيون، 1989ع، ص: 418. بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش، تحقيق ۽ تصنيف، ڪتاب رهاڻ هيرن ڪاڻ، جلد ڏهون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2011ع، ص: 71 تي مخدوم صابر بن عثمان، مخدوم صابر کي ٻه فرزند، ميان محمد معروف ۽ ميان فقير محمد، هن ڪتاب ۾ مخدوم محمد صابر جو شجرو به ڏنل آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب جي اها تحقيق درست آهي.

## شاهه لطيف ۽ ميهار فقير پلي

ولادت 1653ع وصال اندازن 1718ع: هي بزرگ پلي قوم جي سوريجا پاڙي مان هو ۽ شاهه لطيف جو همعصر هو. هڪ ڀيري شاهه لطيف ناري پٽ مان مومل ۽ مينڌري ۽ سخي ڄام ڪرن جا آثار ڏسڻ کان پوءِ جانهيري واري ايرضيءَ ۾ اچي مُهراڻي ۾ پهتو. ان وقت رات ٿي چڪي هئي. ان ڪري شاهه صاحب هڪ وانڍ ۾ وڃي ترسيو ۽ پنهنجو پاڻ ظاهر ڪونه ڪيائين. اسر مهل اٿي وينو ته ڪنهن پاسي کان ڪٺان به ڪا فقيراڻي تنوار ٻڌڻ ۾ ڪين آيس. انهيءَ تي ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ بي ساخته سندس زبان مان هيٺيون بيت نڪتو، جيڪو هن وڏي آواز سان پڙهيو:

پنيءَ جي پٽن تنهن پُون پٽڪو نه سٹان،
سنجڻ واريون سُتيون، وڃي ويڙهه ورن،
پيا سيٽ سڙن، تڙهي ٻنهين ڪنڌيين.

ميهار فقير به ويجهو ئي وٽن جي جهڳتي ۾ ياد الاهي ۾ مشغول وينو هو، تنهن اتان ئي طويل جوابي بيت ڏنو:

نڪي سنجڻ واريون ستيون، نڪي سيٽ سڙن
تڙ وڏي ترتيب سان، ٿا پاڏارا ٻڌن
سالم "شريعت" جا ڪر سڻ پيڙا ڪن
تن ڪي طريقت جا واريو وجهه وجهن
حب مان حقيقت جا ٿا اوچيڙا اچن.
منجيون معرفت جون منجهان ريت رکن،
تانگهه نه تن تڙن ڪي، توڙي لک لڙن،
پنجن پهرن پريت سان ٿيهان ڪين ٽرن،
چو ويهه هزار چوٽي ۾ سجايا سهڙن،
ليکو لکڻ ناهه ڪو، جي واجٹ منجهه وڄن،
مدا هيءَ ميهار جي ڏج پارت پنجتن،
ڪلمو جي ڪهن، وچن او ايمان سين.

بيت پورو ڪري ميهار فقير، اتي شاهه صاحب ڏي آيو ۽ ساڻس مليو. پوءِ شاهه صاحب ۽ ميهار فقير ڪيترو ئي وقت ڪچهري ڪندا رهيا. اتي هڪ ڏينهن رهڻ ڪان پوءِ شاهه صاحب اتان چند ميل اتر طرف ڪيجراڙي جي شهر ۾ مشهور عالمن حافظ عبدالحميد پلي ۽ حافظ عبدالرحيم پلي سان مليا.

حوالو: يوسفاڻي معمور، لطيف جا ٿر تان پيرا، مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 2001ع ص: 91. شاهه لطيف جڏهن بہ ٿر پارڪر ايندو هو تہ اويڙ فقير پليءَ (1703ع) سان ڪچهريون ڪنديون هو. لغاري ڊاڪٽر عبدالجبار عابد، سنڌي شاعريءَ جي مختصر تاريخ، مهراڻ اڪيڊمي ڇاپو ٻيو 2001ع، ص: 53. ڪيريو احمد خان، مقالو شاهه جا ملاقاتي شاعر، قربان علي ميمڻ، مرتب، ڪتاب فڪرِ لطيف، فڪر و نظر پبليڪيشن سکر، ڇاپو پهريون، آڪٽوبر 1987ع ص: 155 تي مٿئين ميهار فقير جي بيت ۾ ”حب مان حقيقت جا ٿا اوچيڙا اچن“ کان پوءِ واريون اضافي سَتَ سٽون احمد ڪيريي تحقيق ڪري ڏنيون آهن.

## شاهه لطيف ۽ مييون محمد مبين سانده پور ٿرائي (چوٽياروي)

مييون محمد مبين جو جنم 1100هه مطابق 1689ع ۾ ٿيو. ۽ وصال 5 محرم 1196هه مطابق 21 ڊسمبر 1781ع ۾ ٿيو. سندس آخري آرامگاهه چوٽياريون (ضلع سانگهڙ) جي مقام ۾ عام و خاص لاءِ زيارت گاهه آهي.

ڪتاب "سنڌ جا درسگاهه" ص، 22 تي ميون محمد مبين ولد اوپائيو. ڪتاب "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي. سوانح حيات ۽ علمي خدمتون" ص، 196 تي ميون محمد مبين بن مجاهد بن اوپايو عرف جاهد بن زفر خيرالدين بن صاحب. حوالو، قبولائي سائين بخش تاج محمد مرتب، "مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي" ڇاپو 2010ع، ص 14 تي ميان محمد مبين بن رعد ڪيربو.

ميان صاحب اندازن 1140هه ۾ ٺٽي مان تعليم پوري ڪري پوءِ چوٽيارين ۾ مدرسي جو بنياد رکيائين، علم سان گڏ حلم جي گڻ سان به سينگاريل هو نهايت نوڙت ۽ تواضع وارو بزرگ هو. مييون محمد مبين ڪنهن به عالم بزرگ ڏانهن ديني مسئلن بابت خط لکندو هو ته ان ۾ پنهنجو نالو هميشه مسڪين محمد مبين ڪري لکندو هو. هن بزرگ شاهه عنايت رضوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ شاهه لطيف سان ڪچهريون ڪيون.

حضرت پٽ ڌڻي جڏهن به ٿرپارڪر جي سفر تي ويندو هو ته اولهه ڪان اوير طرف سفر ڪندو هو. ٿرپارڪر جي قديم ايراضي جيڪا هاڻي سانگهڙ ضلعي ۾ شامل آهي. هاڪڙي جي ساڄي طرف چوٽياريءَ جي پٽ ۾ شاهه لطيف چلو ڪڍيو هو، انهيءَ ايراضيءَ ۾ شاهه لطيف اڪثر سانوڻ جي مُند ۾ انهي دور جي وڏي عالم ۽ معلم ميين مبين ڪيربي سان ۽ ان جي ذهين شاگرد ميين عبدالرحيم گرهوڙيءَ سان شاهه صاحب ملاقات ڪئي هئي. هڪ ٻيري ماني ڪائي ڳالهين ۾ وينا ته گهڻي دير تائين وينا رهيا. جڏهن شاهه لطيف موڪلائڻ لاءِ اٿيو ته مبين ٿرائيءَ چيس ته، جهڙ ڦڙ آهي ترسي پئو، شاهه لطيف جواب ۾ هيءَ مصرع چئي جيڪا سر رامڪليءَ جي هڪ بيت ۾ آهي. "ردا جا رضا جي، سا اوچڻ آديسين." اها سٽ تمام گهڻن

ليڪڪ نقل ڪئي آهي. جڏهن ته ڪجهه رسالن ۾ ان سٽ جي پڙهڻي هن طرح ملي ٿي. ”ردا آهي راز جي اوچڻ آديسين“. مڪمل بيت هيٺ ڏجي ٿو.

مونا طور سينا سندا سناسين،
پورب ڪنيو نہ پاڻ سين بود بيراڳين،
ردا آهي راز جي اوچڻ آديسين،
قرب ڪاپڙين نهن چوٽيءَ سين ڏيکيو. (رامڪلي)

ميين محمد مبين جي دور ۾ مائي چامان، چامل جيڪا انهيءَ ايراضيءَ جي جوٽيجا خاندان مان هئي ۽ ٿر جي مشهور عالم عبدالله ڏيري جي معرفت ميان نورمحمد ڪلهوڙي سان شادي ڪيائين. مائي چامان مَنان خان جوٽيجي جي ڌيءُ هئي. سنڌ جي پهرين سماج سڌارڪ خاتون مائي چامان ڪيترين ئي مسجدون ٺهرايون ۽ کوهہ کوٽرايا. چوٽياريءَ جي قديم ڳوٺ ۾ ننڍي جي دابگران مسجد جهڙي هڪ شاندار مسجد ٺهرائي پوءِ ميين مبين کي عرض ڪيو تہ هن مسجد کي مدرسي لاءِ استعمال ڪيو، پوءِ ميين ڪيس ورندي ڏياري موڪلي تہ ”اها مسجد حاڪم جي پئسن مان ٺهي آهي، ڪيئن چئجي تہ اهو پئسو حق حلال جو آهي، ان ڪري ان مسجد کي نماز لاءِ استعمال نہ ٿو ڪري سگهجي.“ ان فيصلي بعد ميون مبين اهو ڳوٺ ڇڏي پوءِ ٻہ ميل پري اتر طرف هڪ نئون ڳوٺ ٻڌائين ۽ اتي درسگاهہ قائم ڪيائين. مائي چامان کي انهيءَ واقعي جو ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ هن نيڪ مائيءَ ڪپهہ جون پوٽيون ڪتي، پرت پري ۾ پنهنجي ذاتي ملڪيت مان پيون شيون وڪرو ڪري اهي پئسا ميين مبين جي حوالي ڪيا تہ ان مان مسجد ٺهرائي استعمال ڪري. پوءِ ميين صاحب انهن پئسن مان نئين ڳوٺ ۾ هڪ سادي مسجد ٺهرائي، جنهن جي ڇت رهجي وئي، پر ميين صاحب ان جي پرواهہ نہ ڪندي ان ۾ مدرسو هلايو ۽ اتي ئي نماز پڙهايائين.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جڏهن هن علائقي ۾ سير تي آيو تہ شاندار مسجد ويران ڳوٺ ۾ ٺهيل ڏسي ان بابت احوال معلوم ڪيائين ۽ ميين صاحب جو دليل ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پهرين مسجد لاءِ فرمايائين تہ:

چائٺ رکي چت ۾ سنهون ڪتيو جن،
تن جو صرافن، دکو داخل نہ ڪيو.

۽ پوءِ اها سادي مسجد بہ ڏنائين جيڪا نماز لاءِ استعمال ٿئي پئي، جنهن تي چٽ ڪانہ هئي. پر پنجئي وقت ان ۾ نماز قائم هئي، انهيءَ لاءِ فرمايائين تہ:

محبت رکي من ۾ رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو. (سر ڪاپائتي)

ان ڪان پوءِ شاهہ صاحب ميين مبين سان روح رهاڻ ڪئي ۽ سندس لائق شاگرد ميين ملهار عرف مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي سان رهاڻ ڪيائين. جيڪو ان وقت عمر جو ننڍو هو، پر شعوري طور وڏي منزل وارو هو، ان ڪري لطيف سائين ساڻس خلاصي رهاڻ ڪئي ۽ ان رهاڻ ۾ هلندي ڪانئس پڇائين تہ ”جو مڙنيا موچارو سو آهي ڪچاڙو“

انهيءَ سوال تي گرهوڙي صاحب بروقت ورندي ڏني تہ ”هڪڙي صحت سرير جي بيو پرين جو پاڙو“

جنهن بعد شاهہ صاحب گرهوڙيءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو ۽ ساڻس خلاصي رهاڻ ڪيائين، پوءِ شاهہ صاحب انهيءَ ايراضي ۾ هڪ پٽ تي چلو ڪڍيو ۽ موڪلائڻ وقت کيس هڪ بيمثال جمني، هڪ تلوار ۽ هڪ لٺ سوکڙيءَ طور ڏنيون هيون. جن مان جمنيءَ، دت گرساميءَ جي ڪرامتي ڪشتيءَ کي شڪست ڏني هئي ۽ تلوار سان جنگ لڙي فتح حاصل ڪئي هئائون. اهي ٽيئي شيون گرهوڙ شريف ۾ درگاهہ جي سنڀاليندڙ سيدن وٽ محفوظ آهن. جيڪي گرهوڙي صاحب جي نياڻيءَ جو اولاد آهن.

جمنيءَ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ کيس شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي معرفت ملي هئي. هڪ دفعي شاهہ صاحب پنهنجن فقيرن کي چيو تہ امانت آيل آهي، هلو تہ ڪيڏي ڏياري موڪليون. پوءِ فقراء سان گڏجي هڪ کوهہ تي ويا. ڏسن تہ کوهہ جو پاڻي مٿي آيو آهي ۽ مٿائنس جمني پئي تري. جا ڪڍائي عزت سان شيخ عبدالرحيم ڏي ڏياري موڪليائون. جمنيءَ ڪيڻ ڪانپوءِ کوهہ جي پاڻيءَ وڃي تر

ورتو. شاهه صاحب نه رڳو جمني ڏياري موڪلي پر ان سان گڏ هڪ لٺ ۽ ترار به تحفي طور شيخ صاحب ڏي عرضي خاصخيلي هٿان موڪلي ڏنائون. عرضي ٻانهو پوئتي موٽي ڪونه ويو، اتي ئي گرهوڙي صاحب جي خدمت ۾ رهي پيو. مهاڏيو جي مڙهيءَ تي حملي پيرين به ساٿن گڏجي ويو هو، پر ڪيس شهادت نصيب ڪانه ٿي ۽ پاڻ زنده موٽي آيو. پاڻ سان اهي ٽيئي شيون به کڻي آيو، جي پشت بپشت سندس پوئين وٽ رهنديون آيون. عرضيءَ جي پٽ موسيٰ خاصخيلي جي گهر کي اوچتو اچي باهه لڳي. جمني ۽ ترار ڪڍي ورتائون، باقي لٺ نڪري نه سگهي جو باهه چوڌاري ويڙهي وئي هيس. پوءِ لٺ سڙو گهر جي ڇت مان پڙڪو ڪائي مٿي هلي وئي.

شاهه صاحب پوءِ چوٽياري جي جوءِ ۾ واڳئين جي پٽ تي اچي چلو ڪڍيو، چلي واري ڪٻڙ جي ويجهو هڪ ڪروٽ به ٺاهيائين، جتي ”جيائي“ ڳوٺ جا فقير سندس سنيال ڪندا پي آيا، چلي ڪان پوءِ ٺهيل ڪروت واري جاءِ تي انهن اتي مسجد ٺهرائي، جيڪا اڄ به ٺٺل حالت ۾ بيٺل آهي. چلي واري جاءِ تي هڪ پراڻو ڪٻڙ موجود آهي ۽ اتي هڪ پراڻي ڪاشيءَ واري سر تي پٽائي صاحب جو هي بيت لکيل آهي.

هن مند مارو سنرا جيائي جالين،
چاريو لنب لطيف چئي، واڳئين ويهارين،
ڪيتائين ڪاهين، مينهن وسندا موٽ تون.

پٽ جي پاسي تي سيد جا گهر آهن، جن جا وڏا شاهه سائين جا معتقد هئا، اهي پٽائي صاحب جو اوتارو ۽ مسجد سنڀاليندا پيا اچن. چلي واري ڪٻڙ کان ويجهو پٽ کان ٿورو هيٺ ٻهرم فقير جوٽيجي جي مزار آهي. جيڪو ٽالپرن جي دؤر جو بزرگ هو، جنهن کي عام طرح ٻهرم ٻري ڪوٺيندا آهن.

(حوالو. گاڏهي صوفي خان محمد، مصنف، تذڪره حضرت خواجه محمد فقير گاڏهي، ڇپائيندڙ ادبي ڪاميٽي خيرپور ناٿن شاهه، ڇاپو پهريون 2014ع ص: مخدوم ميان محمد مبين بن رعد ڪيريو. مضمون، سرڪاپائتي جو مطالعو، ليکڪ،

محمد عمر يوسفاڻي. معمور يوسفاڻي، مقالو ٿرپارڪر ۾ شاهه لطيف، ڪتاب، سنڌ باب الاسلام، جلد: 1، مارچ 1984ع، ص:57 ۾ 58). دائود پوٽو ڊاڪٽر عمر بن محمد، ڪلام گرهوڙي، ڇاپو چوٿون، روشني پبليڪيشن، سال 2011ع، ص: 38، 39 . قادري ڊاڪٽر عبدالرسول، تحقيق، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سوانح حيات ۾ علمي خدمتون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2006ع، ص: 196. سمون محبوب علي، ڀٽائيءَ تي بهتان، علمي ادبي اشاعت گهر مٽياري، ڇاپو پهريون 1998ع، ص: 17. گرهوڙي صاحب جڏهن شاهه لطيف جي شاعري جو مطالعو ڪيو ته، ڀٽائي جي شاعريءَ متعلق چيائين ته:

آهي عبداللطيف تي، رضامندو رحمان،
پڙهيو جنهن پرت سين، باريءَ جو بيان،
جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ صحيح ڪيو.

## شاهه لطيف جو ڳوٺ ترائيءَ ڏانهن سفر ۽ مختلف روايتون

شاهه سائين جا ٽڙ، ڪڇ ڀڄ، بلوچستان سماواتي، ساهتي ۽ سنڌ ۾ تمام گهڻا تڪيا آهن انهن سيني ۾ ترائيءَ وارو تڪيو وڏو تڪيو ليکيو وڃي ٿو. جي ايم سيد، ڪتاب، ”پيغام لطيف“ جي صفحي نمبر 10 تي لکي ٿو ته، شاهه صاحب، شڪارپور جي پاسي نوشهري ابڙي ۽ ترائي ابڙي جي پاسي به ويل آهي. جو اتي شاهه صاحب جا اوتارا آهن. پير علي محمد شاهه راشدي ڪتاب اهي ڏينهن اهي شينهن، جلد پهريون، ڇاپو 1974ع، صفحي 343، 344 تي لکي ٿو ته همت علي خان سان اسان جي خاندان جي پڪي دوستي هوندي هئي. وڏيرو همت علي خان ڪماريو جي ترائيءَ ۾ رهائش هئي، ساري ابڙا قوم جو سردار هو. هڪ روايت موجب شاهه عبداللطيف ڀٽائي ترائي ۾ آيو هو ۽ اتي سندس عقيدتمند فقيرياڻي هئي، انهن ڏينهن ۾ سردار کي نرينو اولاد ڪونه ٿيندو هو، تنهن ڪري ان سردار جي والده شاهه صاحب وٽ لنگهي آئي ۽ اچي ڪانئس دعا پنيائين. شاهه صاحب وراڻيءَ ۾ هڪ شعر چيو:

تنهن جوري واريءَ جوءِ ويو شهر ورائيو،
سڙيءَ لام منجهان ڪوءِ، ڪو جو مورو موريو.

ان ڪان پوءِ سردار کي پٽ ڄائو ۽ اهو خاندان اڄ تائين قائم رهندو اچي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڪتاب، شاهه عبداللطيف،مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، ڇاپو 1990ع، ص: 30 تي لکي ٿو ته، ڀٽائي صاحب موجوده تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ ابڙن جي راڄ ۾ ويندو هو، جو اتي گهڻا سندس حب وارا هئا. ”ترائي“ ۾ اڃا تائين ڀٽائي صاحب جو اوتارو موجود آهي. چون ٿا ته ڪمارين ابڙن مان هڪ مائي ڀٽائي صاحب جي معتقد هئي، جنهن ڀٽائي صاحب کي چيو ته، سائين سواءِ هڪ گهر جي هاٽي ڪمارين مان ڪو ڪو نه بچيو آهي. تون ڪا دعا ڪر ته سندن پيڙهي پڌري ٿئي. ان موقعي تي ڀٽائي صاحب بيت ڏنو ته:

جوري واري جوءِ، ويندو راڄ ورائيو
سڙي لامان ڪوءِ، ڪو جو مورو موريو

پوءِ ان مائي کي اولاد ٿيو ۽ وڏو راڄ ٿيو.

نصرت حسين ابڙو کي 1990ع ۾ انٽرويو ۾ اصل حقيقت ٻڌائيندي، سردار نادر حسين ڪماريو چيو ته جنهن جڳهه تي پيٽائي جو تڪيو آهي. اصل ان جڳهه تي ترائيءَ جو ڳوٺ هيو. ان وقت ابڙا قبيلي جو سردار فتح علي خان ڪماريو هو ۽ سندس وڏي باغ ۾ پيٽ ڏٽي عبادت ڪري سڪون محسوس ڪندو هو. پيٽائي صاحب جي تڪئي وٽ هڪ کوهه آهي. ۽ پاڻ پنهنجي هٿن سان هڪ مسجد به ٺاهي هئي، پر جيئن ته صدين جو وقت گذري ويو اها اصل مسجد ته شهيد ٿي وئي، پيٽ ڏٽي پنهنجي مبارڪ هٿن سان ان مسجد ۾ هڪڙو شهتير وڌو هو. اها ڪنڌيءَ واري ڪاٺي اڄ به مسجد ۾ تبرڪ طور رکيل آهي.

سردار فتح علي خان کي اولاد نه ٿيندو هو، اولاد لاءِ پيٽ ڏٽيءَ کي دعا لاءِ عرض ڪيو ويو، پيٽائي سرڪار ان ڳالهه تي راضي ٿي هي بيت دعا طور چيو:

تنهن جوري واريءَ جوءِ، ويو شهر ورائيو،
سڙي لام منجهان ڪوءِ، ڪو جو مورو موريو.

سردار فتح علي خان جي زماني ۾ جڏهن سندن همشيره هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو ته ان جي ميت نوشهري ابڙي ڳوٺ ڏانهن دفنائڻ لاءِ ڪٽي پئي وياِ، چاڪاڻ ته ڪماريه خاندان جو اصل ڳوٺ ۽ سرداري نوشهري ابڙو ۾ هئي، تنهن ڪري خاندان جو قبرستان به نوشهري ابڙي ۾ هئو. پيٽ ڏٽي سائين ان ميت سان گڏ پيادل پورو وقت هلندو رهيو ۽ ڪفن دفن ۾ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي عنايت سان دعا به گهري.

پيٽ ڏٽي جنهن زماني ۾ هن ڳوٺ ۾ رهيو ۽ پوءِ جڏهن هن ڳوٺ مان روانو ٿيو ته سندن ڪجهه سامان جنهن کي ”حال ڏاڳا“ سڏجي ٿو. اهي ڪماريه خاندان وٽ موجود آهن. جن ۾ لطيف سائينءَ جو چولو، ٽوپي، ڪوُنرو، ميڻ بتي، ڪنٺا، نماز جو مصلو ۽ ٻهاري شامل آهن.

پيٽ ڏٽي ڳوٺ ترائي ۾ ٻه ٽي دفعا آيو، ڇهن کان اٺ مهينا رهيو ۽ اندازو آهي ته هڪ يا ٻه سال پنهنجو درس ڏيندو رهيو. اتر سنڌ جي تڪين مان ترائي وارو تڪيو سڀني کان وڏو آهي.(ان جي پرسان خوشحال فقير جي مزار به آهي.) هن

تڪيي تي تقريبن ڏيڍ صديءَ کان هڪ ڏينهن جو ڏڻ ملهايو ويندو آهي. ان کي ”ٿهائي“ ڪوٺيو ويندو آهي. (حوالو ڪتاب، سر رپ، 2002ع،ص: 300، 302،301، 303.)

جلال خان اول جي پوٽي پير محمد خان ابڙي کي پٽ جي اولاد ڪانه پئي ٿئي. پٽ ڏٺي بادشاهه (تر ائي) ۾ آيو. جتي هاٽي سندس تڪيي واري جاءِ آهي. پير محمد خان ابڙي. شاهه سائين جي دل و جان سان ديوٽي ڏني.

لاڪيٽو لطيف ڪجهه عرصوتر ائي ۾ رهيو. ان دوران اولاد لاءِ سڪايل پير محمد خان ۽ سندس گهر واري جُتي سميت جورو تيار ڪرائي. ڀٽائي سرڪار جي خدمت ۾ پيش ڪيو. ۽ ڪيس اولاد لاءِ دعا ڪرڻ جو عرض ڪيو. ڀٽائي سرڪار آندل نذرانو قبول ڪيو. ۽ تاقيامت نسل قائم رهڻ جي دعا ڪئي. ۽ ڀٽائي سرڪار ”جسم مبارڪ“ تي پهريل وڳو ۽ ڪجهه ٻيون شيون تبرڪ طور عطا ڪيون، جيڪي ڪمارين ابڙن وٽ اڄ ڏينهن تائين محفوظ آهن. جنهن کي ”حال ڏاڳا“ سڏجي ٿو، جنهن ۾ لطيف سرڪار جو چولو، ٽوپي، ٻاٽي وارو ڪوزو، ميڻ بتي، ڪنٺا، نماز جو مصلو ۽ پيس جو ٻوهارو شامل آهن. چولو پروفيسر اياز حسين ابڙي وٽ ۽ ڪنٺو ۽ ڪشتو عاشق حسين ڪوري ويٺل ترائي وٽ هن وقت بہ موجود آهن. حوالو، سيد مهدي شاهه، ڪتاب، ابڙو وڏ وڙو، سال 2005ع.

روايت موجب شاهه صاحب پنهنجي تر ۾ ابڙن جي ڳوٺ ٻاهران پنهنجو آستانو بنائي اچي ويهي رهيو. ان وقت ابڙن جو اوج هوندو هو، اها ڳالهه هڪ ابڙي کي نہ وڻي چاڪاڻ تہ ڪيس بدگماني پيدا ٿي تہ شاهه جي نگاهه سندس نياڻي تي پوي ٿي، تنهن شاهه کي تمام گهٽو بد شد ڳالهايو ۽ پوءِ چا ڪيائين جو پُور وجهائي گهر مٿي ڪري اڏيائين. خدا جي قدرت جنهن آستاني تي شاهه جو قيام هو، سو زمين جو حصو بہ مٿي تي انهن ابڙن جي گهرن جي ليلول تائين آيو. ابڙن کي ويتر وڏيڪ منيان لڳي تہ شايد شاهه صاحب بہ سندن نياڻي کي تڪڻ لاءِ پٽ مٿي ڪرايو آهي. سو سڀ لنيون ڪٽي آيا، شاهه صاحب گهٽو ئي ڪين خلوص نيت بابت يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو نہ مڙيا ۽ شاهه صاحب کي چڱي

مارڪٽ ڪيائون، جنهن تي شاهه صاحب جن جي واتان هي لفظ نڪتا: ”هوندا هميشه پر اوج نه ڪندا ابڙا.“
ان ڪان پوءِ ابڙن جو جيڪو ناٿ هو، سو پڇي پيو ۽ سندن وڏيرا شاهي، رعب تاب، جاهه وجلال تلف ٿي ويو.
(سمون محبوب علي، مصنف، پيٽائي تي بهتان، علمي ادبي اشاعت گهر مٽياري، ڇاپو پهريون جنوري 1998ع، ص: 47).

## شاهه لطيف جي گنگا جتڻ سان ملاقات بابت مختلف روايتون

لاڙ جي سفر دوران شاهه لطيف رمضان جت جي ڳوٺ جي پرسان جڏهن ساگري واهه جي ڪناري تي ٻڙ هيٺ مانجهادو ڪيو هو، تڏهن نڪي ساٽس ڪي خليفا هئا ۽ نڪي ڪي ساٿي هئا. پاڻ مانجهاندي ڪرڻ ۽ سفر جي ٿڪ ڀڃڻ لاءِ ٻڙ هيٺ وينو هو. ان وقت گنگا جتڻ پنهنجي ساهيڙين سان دلا کڻي، ساگري درياهه تان منو پاڻي ڀرڻ لاءِ آئي هئي. دلا لاهي پاڻي ڀرڻ لڳي ته، سندس نظر شاهه لطيف تي وڃي پيئي ۽ هُن سڃاتو ته، اهو ڀلارو لطيف آهي.جڏهن انهن عورتن به غور سان نهاريو ته، گنگا جتڻ جي ڳالهه تصديق ڪيائون. پوءِ گنگا وڌي شاهه لطيف وٽ آئي ۽ وڏي عقيدت ۽ احترام سان عرض ڪيائين ته: ”سائين! اسان جا وڏا ڀاڳ آهن، جو اوهان ڀال ڀلايا آهن. احسان ڪري اسان جي گهر هلو ته، اسان کي اوهان جي خدمت ڪرڻ جو موقعو ملي.“

شاهه سائين قربدارن جو قدردان هو. محبت ۽ عقيدت ڀريا ماڻهو، شاهه لطيف ڀري ڪان ئي سڃاڻندو هو. مائي گنگا جتڻ جي دعوت ڏارڻ، شاهه لطيف لاءِ ڏکيو ڪم هو. پاڻ گنگا سان گڏجي، سندس گهر آيو. شاهه لطيف جيئن ته اجايل هو، انهيءَ ڪري مائي گنگا ڪيس تڏو وڇائي انهيءَ مٿان رلي رکي عزت سان وهاريو ۽ سندس لاءِ اُست ٺاهيو (اُٺين يعني اٺٽين جي رکيل سکل کٿي کير ۾ ٿورو پاڻي ملائبو آهي، انهيءَ کي اُست سڏبو آهي). پوءِ هڪ وڏي ڪٽوريءَ ۾ اُست وجهي آڻي، شاهه لطيف کي پيش ڪيائين.

شاهه لطيف سڄيءَ سنڌ جو سيلاني هو. تڙ تڙ جو پاڻي پيتو هئائين. مختلف شهرن ۾ مهمانيون ڪاڌيون هئائين ۽ ڪيئي منا پاڻي پيتا هئائين، پر ڪيس اهڙو مزو ڪنهن ٻئي مان نه آيو هو، جهڙو مزو ڪيس انهيءَ اُست مان آيو هو.

وچولي يا اتر سنڌ ۾ اهو مشهور آهي ته لطيف سائينءَ جي ٻوليءَ کي سمجهن ته لاڙ وارا، باقي ڇيهه ٿيو. اتان جا ماڻهون ڀٽائيءَ جا بيت صحيح تلفظ سان اُچارين ۽ پڙهن ٿا. پر هيٺ وري رنگ ئي ٻيو آهي، مختلف ليکڪن ڀٽائيءَ جي ميزبان گنگا جتڻ جون ڳالهيون ته ساڳيون لکيون آهن، پر بيت جا لفظ تبديل ڪيا آهن ان

موقعي تي لاڪيٽي لطيف جو چيل بيت هيٺ ڏجي ٿو، جيڪو سڀ ڪان پهرين محمد سومار شيخ پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنو آهي.

ڪوءِ محل ۾ ماڙيون پڪا سندن پڻ،
است جو اٿين جو مان کي رهيو من،
جيءَ ۾ جت رهن، ٻي پروٽڻي پاسي پانيان.

(شيخ محمد سومار، لطيف سائينءَ جا لاڙ تان پيرا، 1986ع، ص:129.)

ڪوءِ پلنگ ۾ ماڙيون، پڪا سندن پڻ،
اُست جو اٿين جو، مون کي رهيو من،
جيءَ ۾ جت رهن، ٻي پر ٿڻي پاسي ٿئي.

بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، شاهه عبداللطيف، مهراڻ اڪيڊمي 1990ع، ص:87.

است جو اٿين جو منهنجي رهيو من،
جيءَ ۾ جت رهن، ٻي پروٿڻي پاسي هجي.

(رزاق ڪٽي، گنگا جتڻ ۽ ٻڙ جو ڊورو، سوڀ مئگزين آچر 15، اپريل 2012ع.)

ڪوهه بنگلا ڪوهه ماڙيون پڪا سندن پڻ،
است جي اٿين جو، مان کي رهيو من،
جيءَ ۾ جت رهن، ٻي پروٿڻي پاسي.

(نصير ڪنيار، مضمون، گنگا جتڻ جيڪا پٽائي کي ڪَيسُ ناهي ڏيندي هئي، ڪاوش مئگزين، اربع 25 فيبروري 2015ع، ص: 7).

ڪوهه، بنگلا، ڪوهه، ماڙيون، پڪا سندن پَٽ،
اُست جي اٿين جو، مان جي رهيو من،
جيءَ ۾ جت رهن، ٻي پروهٽي سڀ پاسي هجي.

عثمان راهوڪڙو، مضمون، ٻڙ جو ڊورو ۽ گنگا جتڻ، ڪاوش دنيا آچر 26 مارچ 2017ع.

ڪوهه ماڙيون ڪوهه بنگلا پڪا سندن پڻ،
است جي اٿين جي مانجهو رهين من،

جيءَ ۾ جت رهن، هيون رهن پاسيريون.
(الھ بچايو راهوڪڙو، ڀٽائي سائين جي ميزبان گنگا جتڻ، ڪاوش دنيا، آچر 21 جنوري 2018ع، ص: 14)

شاھ لطيف ڪي، جتن وٽان گھڻو مان مليو، تنهن ڪري پاڻ بہ جتن جي گهرن، گنگا جتڻ جي است ۾ جتن جي محبت کي اڳيان رکندي ۾ انهن جذبن کي امر بنائيندي، ڪيئي بيت چيا آهن. گنگا جتڻ شاھ لطيف جي رسالي جي ڪاتب عبدالعظيم جت جي ڀيڻ هئي جنهن وٽ شاھ عبداللطيف ڪئين ڀيرا ڪيا هيو تہ ڀٽائي جي فقيرياڻي گنگا جتڻ آڏاڻي تي نئون ڪيس ٺاهي هر سال لطيف سائين ڏانهن تحفي طور موڪليندي هئي. ان علائقي جا جت شاھ لطيف جا ايترا تہ شيدائي هئا جو شاديءَ جي موقعي تي خوشيءَ وارا بيت ۾ غم جي موقعي تي شاھ لطيف جا سوڳ وارا بيت ۾ وايون چوندا هئا ۾ اها رسم اڄ تائين جاري ڪيو اچن ٿا.

بڙ جي ڊوري کان ڪجھ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي روپا ماڙي ۾ سومرن جو قديم قبرستان پونگرا ۾ نوتيار ماڙي واقع آهي. نوتيار ماڙي کان ٽي ڪلوميٽر اوپر طرف ماروي وارو ماڳ موجود آهي. شاھ سائينءَ جي ڏؤر کان اڳ ان علائقي ۾ مختلف حاڪمن وچ ۾ لڙايون لڳيون هيون. شاھ صاحب جڏهن ان ماڳ تي پهتو هو تہ ڪيس علاؤ الدين خلجي ۾ ابڙي سمي جي لڙائي جو واقعو ٻڌايو ويو، جڏهن انهن ماڳن تي لاڪيٽي لطيف، تلوارن جا ٽٽل ٽڪرا ڏٺا تہ هيئن چيائين.

منجهس ريکون رڪ جون ڪي ڪنجهو ڪي پات،
هي تڏهو ڪو گهات، جڏهن سمي هئي صاحبي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب ڪتاب شاھ عبداللطيف ڀٽائي، مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 1990ع، جي صفحي 87 تي لکي ٿو تہ، شاھ صاحب جي شاهبندر ڊويزن (قديم ڪڪرالہ) طرف سير و سفر جي باري ۾ هي حڪايت اتي جي مڪاني ماڻهن کان معلوم ٿي تہ، لاڏين کان اٽڪل ڏهہ ميل ڏکڻ طرف ”ديري“ نالي هڪ بستي جا قتل نشان اڄان تائين موجود آهن. اهو ”ديرو“

شاهه صاحب جي ڏينهن ۾ ڪيهر قوم جي طاقت جو مرڪز هو. اتي جا ڪيهر حاڪم نهايت سرڪش هئا. ايتري قدر جو غريب جتن جون ڏاچيون جيڪڏهن سندن طرف ڏانهن ايندڙيون هيون ته انهن کي باهه جا موڙا ٻڌائي ڇڏيندا هئا ته پل رڙيون ڪري سڙي مرن. هڪڙي دفعي ڀٽائي صاحب انهن جتن فقير جي جهوپڙين ۾ تڪيل هو جو ڪي اٺيون رڙنديون ٺاڻ تي آيون. پڇا تي، جتن حقيقت ڀٽائي صاحب کي ٻڌائي ۽ چيائون ته:"سائين! هي گگدام هاٽي توکي دانهون ٿيون ڏين." اهو ٻڌي ڀٽائي صاحب کي نهايت ڪهڪاءُ آيو ۽ بي اختيار ٿي چيائين ته:

ڪوءِ هوءَ محل، ڪوءِ ماڙيون، جيءَ سي پڪا پن،
است جو اتين جو سورهيو اٿم من،
جيءَ سي جت رهن، ٻي پر ٿٽي پاسي ٿئي.

پوءِ انهن غريب جتن فقيرن کي مخاطب ٿي چيائين ته:"ابا! جتي آهن ڪيهرن جا ديرا اتي ٿيندا اتين جا پيرا." چون ٿا ته ان بعد سگهوئي ڪيهرن جي اڇي ڦتي ۽ سندن "ديرو" تباهه ٿي ويو. هيءَ حڪايت لفظ به لفظ ڪيتري قدر سچي آهي مگر مڪاني ماڻهن ۾ ان جي مشهوري ڪم از ڪم ڀٽائي صاحب جي اتي وڃڻ تي شاهد آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، مصنف، شاهه عبداللطيف، مهراڻ اڪيڊمي 1990ع، ص: 87. سانگي مير عبدالحسين، تاليف، لطائف لطيفي، 1986ع ص: 120، گنگا جت، صالحان تنياڻي ۽ بوئا وساڻ شاهه صاحب جي حويليءَ ۾ خدمتگذار هيون.

**واڳهين واري پٽ، پئي ڪٽي پساهه واري واقعي بابت مختلف روايتون**

هڪ دفعي شاهه صاحب ڪنهن سفر تان موٽيو ته ٽي ڏينهن لاڳيتو هڪ هنڌ غش ئي غش پيو هو، سندس جسم تي واريءَ جا تهه چڙهي ويا ۽ رڳو سندس هڪ ڪپڙي جو پلاند ظاهر هو. قضا سان هڪ پنهوار جي مٿس نظر پئي جنهن سارو احوال شاهه حبيب کي سڻايو. شاهه حبيب انهيءَ هنڌ پهتو ۽ ڏاڍي سوز مان چيائين:

لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا لتجي، شاهه لطيف بيخوديءَ جي حالت مان چرڪ ڀري ۽ نهه پهه جواب ۾ چيو: پيئي ڪٽي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

نوازڪنير لکي ٿو ته، هي ماڳ ارڙهن ميل ڪان به تي ڪلوميٽر اوپر طرف ، ديهه ٻهرم ٻري ٽپو ساڏٽو ڳوٺ واڳهيون ٻهرم ٻري سرڪار جي درگاهه پرسان واڳهين واري پٽ آهي، ان پٽ تي پٽائي سرڪار آيو هو. روايت مطابق شاهه سائين هڪ واريءَ جي دڙي (واڳهين واري پٽ) تي ٽي ڏينهن غش لڳو ستو پيو هو. هو ڏانهن سيد حبيب شاهه، پٽائي سرڪار کي ڳولي رهيو هو ته هڪ ٻڪرار سيد حبيب کي ڏس ڏنو ته سائين، اڳتي وڃو لاڪيٽو لطيف دڙي تي بيهوشي واري حالت ۾ ستو پيو آهي. سيد حبيب جڏهن سندن مٿان پهتا ته سمجهيائون ته شايد شيءِ ڏٽيءَ کي وڃي پهتي آهي. سيد حبيب چيو ته

لٽي لٽي واءَ، وڃي چڏيا اڱرا،
پرين ۽ پساهه، وڃي گڏيا گرڪي.

جواب ۾ پٽائيءَ وراڻيو: پئي ڪٽي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرين جي.

پوءِ سيد حبيب ڪيس گهر هلڻ تي راضي ڪيو ته پٽائيءَ، والد صاحب چيو ته توهان هلو مان گهر پهچان ٿو. شاهه حبيب جي پهچڻ کان اڳ ئي پٽائيءَ جي گهر پهچڻ بابت، حبيب شاهه چيو ابا جلد ڪيئن پهتين! پٽائيءَ وراڻيو: توهان ڏرتيءَ مٿان پئي هليا ۽ آءُ هيٺ!. وري امڙ پٽائيءَ کان پڇيو ته "ابا تون اتي چا ڪائيندو هئين؟" ته پٽائي وراڻيو: چاهين ۽ پنن تي گذارو ڪندو هئس. امڙ چيس: جي اهي به نه واپرائين ها ته منزل اجا ٻي هجئي ها.

هن قديمي ماڳ تي ڳوٺ پرسان ”پٽائي وارا ڪنڊا“ ڪنڊي جا وڏا وڻ بـہ هئا. هاڻي اهي ناهن. هن وقت ان تڪيي تي سامهون لڳل پٿر تي 786 هيٺان ڪلمي هيٺ عبداللطيف شاهہ ولد حبيب شاهہ جو تڪيو لکيل آهي. تختي تي 1182هـ ٺاهيندڙ سيد قاسم شاهہ ولد حاجي امين محمد شاهہ ۽ سر تي، سر مارئي جو هيٺيون بيو نمبر بيت غلط لکيل آهي. ۽ صحيح بيت هيٺ ڏجي ٿو. پٿر تي هي بيت لکيل آهن.

لٽي لٽي واءَ وڃي چڙيا اڳرا،
پئي ڪٽي پساهہ، پسڻ خاطر پرينءَ جي.

شاهہ لطيف، ديهہ جيائو ۾ آيو هو انهن ماڳن جا نالا هن بيت ۾ واضع ڏنل آهن.

هن منڊ مارو سنرا، جيائي جالين،
چاريو لنب لطيف چئي، واڳئين ويهارين،
ڪيٽائي ڪاهين، مينهن وسندا موٽ ٿون. (سر مارئي)

واڳهين جي پٽ تي سپ ڪان پهرين تحقيق معمور يوسفاڻيءَ ڪئي آهي. معمور صاحب لکي ٿو تہ، چوٽياريءَ جي جوءِ ۾ واڳئين جي پٽ تي شاهہ سائين چلو ڪڍيو هو ۽ اتي ڪبڙ جي ويجهو هڪ ڪروت (ننڍي مسجد) بہ ٺاهيائين. جتي جيائي ڳوٺ جا فقير سندس سنيال ڪندا پئي آيا. حوالو، مضمون، سرڪاپاڻيءَ جو مطالعو، ليکڪ، محمد عمر يوسفاڻي. حوالو: نواز ڪنير، ڪتاب، پٽائي جا پنڌ ۽ پيچرا، ص: 76، 78، 79، 81.

## شاهه لطيف ۽ ميون شاهه عنات رضوي جي ملاقات بابت مختلف روايتون

سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو مشهور شاعر جنهن جو مڪمل رسالو مليو آهي، جنهن کي ليکڪن شاهه عنات، ميون شاهه عنايت ۽ شاهه عنايت الله به لکيو آهي.

شاهه نصر الدين چار شاديون ڪيون جن مان ڪمال الدين دل جي نياڻي بيبي حنيفه جي پيٽان شاهه عنات الله ڄائو. شاهه عنات ڏهن ٻارهن سالن جي عمر جو ٿيو ته سندس والد وفات ڪئي، پوءِ سندس سنڀال وڏي ڀاءُ ميين احمد شاهه ڪئي. شاهه عنات نصرپوري جيئڻ جيئڻ جوانيءَ کي رسيو ته الله لوڪ انسانن جي ڪچهرين ۾ اٿڻ ويهڻ لڳو ۽ ڪيس راڳ ٻڌڻ جو به شوق هو. ان ڪان سواءِ پاڻ پلن گهوڙن ۽ گهوڙين جو شوقين هو، ائن جا وڳ ۽ ماهيو مال به گهڻو هئس. ڪجهه مال سندس مريدن وٽ چرندو هو. پنهنجي فقيرن ۽ مريدن ڏانهن پيرا ڪندو هو ۽ انهن جي سک سلامتيءَ لاءِ دعا به گهرندو هو. هي بزرگ پنهنجي دور جو بهترين شاعر ٿي گذريو آهي. شاهه عنات جي شاعري عام سنڌي داستانن ۽ مشهور عنوانن جي تاجي پيٽي ۾ اٽيل ۽ سر وار بيتن ۽ واين جي سٽاءَ ۾ سمايل آهي. شاهه عنات جي رسالي جي مطالعي مان ڏسجي ٿو ته شاهه عنات سڄن 19 سرن ۾ ڪلام چيو آهي، جنهن جو مثال ڪانئس اڳ جي ڪنهن به شاعر جي شاعريءَ ۾ نٿو ملي. شاهه عنات سنڌ جو پهريون شاعر هو جنهن شاعرانه ذوق کي وڏي بلند پيماني تي فروغ ڏنو. شاهه عنات جي شخصيت ۽ سندس پيدا ڪيل سالڪانه سنگت جو جيڪو اثر نئين نڪرندڙ نوجوان پاڙيسري عارف، شاعر شاهه عبداللطيف تي پيو هوندو سو يقيني گهرو ۽ گهاٽو هوندو. پٽائي صاحب جون شاهه عنات سان ملاقاتون ۽ صحبتون انهيءَ جي ساک پرين ٿيون ۽ ازانسواءِ پٽائي صاحب جو رسالو خواه شاهه عنات جو رسالو ٻئي انهيءَ حقيقت تي پڌرا شاهد آهن جو شاهه عنات جي رسالي ۾ ڪيترائي اهڙا بيت موجود آهن جيڪي شاهه لطيف جي رسالي جي نسخن ۾ به ڏنل آهن ۽ گمان غالب آهي ته انهن ۾ ڪي بالڪل شاهه عنات جا هجن ۽ پٽائي صاحب جن ڪن خاص موقعن تي پڙهيا هجن. ان ڪان سواءِ خود پٽائي صاحب جي رسالي

(بمبئي نسخو) ۾ تقريبن چوڏنهن بيت ۽ هڪ وائي ”عنات“ جي نالي سان موجود آهي. جيڪي گهڻو ڪري شاهه عنات جا آهن ۽ سندس رسالي ۾ ٻه قلمبند ٿيل آهن، چئي سگهجي ٿو ته، شاهه عنات جا اهي بيت ڀٽائي صاحب کي ٻـ پسند هئا ۽ پاڻ پڙهندا هئا ۽ انهيءَ ڪري سندن رسالي ۾ قلمبند ڪيا ويا. انهن بيتن مان ظاهر آهي ته شاهه عنات جهڙي بزرگ ۽ عمر رسيده شاعر جا اهي بيت ڀٽائي صاحب چڻ نموني طور ڪري ورتا. رسالي کان سواءِ سنڌ جي عام مشهور روايتن ۾ شاهه عنات ۽ ڀٽائي صاحب جا هڪ ٻئي پران توڙي هڪ ٻئي سان تبادله خيالات ۾ چيل ڪافي بيت ملن ٿا. انهن مڙني ڳالهين کي مدِ نظر رکندي چئي سگهجي ٿو ته سلوڪ توڙي شاعريءَ ۾ ڀٽائي صاحب پاڻ کان هن وڏي عمر رسيده درويش ۽ شاعر سان ڪيتريون ئي ملاقاتون ڪري گهڻو ڪجهه پرايو هو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته شاهه پور جو ڳوٺ جتي ميون شاهه عنات رهندو هو اتي اندازً سن 1120هه کان وٺي 1133هه تائين شاهه لطيف، شاهه عنايت سان رهاڻيون ڪيون.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته، هڪ ڀيري شاهه لطيف جو نصرپور وڃڻ ٿيو جنهن تي شاهه عنات رضوي، لطيف ڏانهن کير جو پيالو ڀري موڪليو تنهن تي شاهه لطيف ان ۾ گلاب جو گل وجهي موڪليس.

ٻئي ڀيري جڏهن شاهه عبداللطيف، ميين شاهه عنايت سان مليو ته پاڻ ۾ ڏاڍي دلچسپ ڪچهري ڪيائون ۽ پوءِ ميين شاهه عنات ڪيس شعر چوڻ جي ترغيب ڏني، جنهن تي نوجوان لطيف چيو ته: ”زمين سڄي ڪڙي پئي آهي، پوءِ مونکي کهڙو ٿا ڏس ڏيو.“ ميين شاهه عنات چيس ته: ”ابا ! تون وڃي سمنڊ ڪيڙ.“

هڪ دفعي شاهه عبداللطيف سوز ۽ درد واري حالت ۾ اهڙي وقت اچي پهتو، جو ميون شاهه عنات اندر حويلي ۾ هو ۽ ٻاهر ڪا پهر ڪانه هئي. در تي ڪا ٻانهي هئي، جنهن کي لطيف چيو ته اندر شاهه کي وڃي ٻڌاءِ ته ڪو ماڻهو آيو آهي. ۽ چوي ٿو ته وڃي اندر چئو ته:

در تي ڪري دانهن ، در تي ڪري دانهن.

ميون شاهه عنات پيرسن مڙس هو ۽ ستو پيو هو، اهو نياپو ٻڌي اٿيو ۽ عصا جي ٽيڪ تي در ڏانهن آيو ته عبداللطيف تي نگاهه پيس ۽ چيائينس ته:
ڪلهي لائي ٻانهه، ڪٽي پرين ڪندس پانهجو.

هڪ ٻي مشهور روايت آهي ته هڪ ڀيري نوجوان عبداللطيف سوز ۽ درد واري حالت ۾ ميين شاهه عنات وٽ آيو ۽ اچي ساڻس حال اوريائين. جنهن تي ميين شاهه عنات رضويءَ کيس ڳرهاتي ڏيئي دلداري طور هي بيت ڏنو ته:

پسي ڏونگر ڏار، جم هلڻ ۾ هيڻي ٿئين،
مجازاٽيون موتيون سٽي پنڌ پچار،
تون ڀهري پائج پرين لئي حقيقت جو هار،
سگهي لهندئي سار، آرياٽي عنات چئي.

سگهڙن جي روايت موجب ٻڌائي صاحب، شاهه عنات جي جواب ۾ وري هي بيت ڏنو ته:

پسي ڏونگر ڏاهه، جم هلڻ ۾ هيڻي وهين،
لانچي لڪ لطيف چئي، پٿيءَ ڪيچين ڪاهه،
پڇي پورج سسئي، بلوچاڻي باهه،
ان وڙائتي ور جو، آسر هڏ م لاهه،
جو اڪنئون اوڏو آهه، سو پرين پراهون م چئو.

مٿين ٻن بيتن متعلق وفائي مولانا دين محمد، مصنف، ڪتاب، لطف الطيف، ڇاپو چوٿون، سال 1991ع، ص: 63 تي شاهه لطيف جي والد کيس سنڌ جي نامور صوفي شاهه عنايت الله شهيد جهوڪ واري سان ملاقات ڪرائي ته شاهه عنايت الله هيٺيون بيت فرمايو.

ڏسي ڏونگر ڏار، متان هلڻ هيري ٿئين،
ڪي مجازاٽيون موتيون، سٽي پنڌ پچار،
پويون پائج پرين ڪي، حقيقي هار،
سگهي لهندي سار، آريچا عنايت چئي.

جواب ۾ حضرت پيتائي گذارش ڪئي تہ:

پسي ڏونگر ڏاھ، متان ھلڻ ۾ ھيٺي ٿئين،
پڇي پورج سسئي، مهندا بلوچاڻي باھ،
ان وڙائتي ور جو، آسرو ھڏ م لاھ،
اڪين اوڏو آھ، پرين پراھون م چوين.

مولانا وفائي لکي ٿو تہ، صوفي شاھ عنايت الله جھوڪ واري جي شھادت 1133ھ ۾ ٿي.

احمد خان ڪيريو لکي ٿو تہ، شاھ عنات رضوي ۽ شاھ لطيف جون شاعراڻيون محفلون وقت بہ وقت ٿينديون رھيون.

محقق احمد ڪيريو لکي ٿو تہ، چون ٿا تہ ھڪ ڀيري ميئين شاھ عنات رضوي نفس بابت امتحان وٺڻ لاءِ ھي بيت ڀٽائي صاحب کي چيو ۽ ڪانئس جواب جي طلب ڪئي.

ماري ماري مون وھٽ سان وس ڪيا،
سڌو سراڙو نہ ڏئي، پورو متي پون،
ڪاتات سيڪارينس تون، منھنجي سواريءَ سنؤن نہ ڪيو!

جنھن تي شاھ سائين کين جواب ڏنو تہ:

”اڌو ڳارو اَن جو تورو گاھ ڏئينس،
اٿي استغفارجو ڪرڪرو ھٽينس،
حقيقت ھنو ڏيئي توڪل تل ڪرئينس،
ان الله مع الصابرين، اھو لغام لڳائينس،
”لاحول ولا قوة الا با الله“ چھبڪ چڪائينس،
پنجئي ساز نياز جا وجي پورا ڪرائينس،
محبت جي ميدان ۾ ٺھليو ٺھلائينس،
ايءَ پٽ سيڪارئينس، تہ سوڌو ھلي سيد چئي.“

(مضمون، شاهه جا ملاقاتي شاعر، احمد ڪيريو، ڪتاب فڪر لطيف، تنظيم فڪر و نظر سکر، صفر1408هه/ آڪٽوبر1987ع، ص: 149-150.)

رخمان گل پالاري، مضمون ”ٻانهي خان شيخ جي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي جي ٽن جلدن جو تنقيدي جائزو“ ۾ لکي ٿو تہ، ڪوهستان واري پاسي هينيان ٽي بيت پٽائي گهوٽ ۽ سندس والد صاحب جي سوال ۽ جواب جي حوالي سان مشهور آهن. جن مان ٻہ بيت ٻانهو خان شيخ صاحب پنهنجي ٽئين جلد جي صفحي 355 تي سر آسا ۾ ڏنا آهن. جيئن هينيون بيت ڪنهن رسالي ۾ ناهي پٽائي پنهنجي والد سان مخاطب آهي.

وهٽ اٿئي وجود ۾، جگر ساڻ جيري،
وٺيس ڪنهن وقوب سين، فڪر ساڻ ڦيري،
متان ڪڏي ۽ ڪيري، گڏهه هٽيئي گپ ۾.

شاهه حبيب جو جوابي بيت:

ماري ڪٽي مون، هن وهٽ سين وس ڪيا،
سنئون سراڙو نٿو ڏي، ٻري مٿي ٻون،
ڪا تات سيکارينس تون، منهنجي سواريءَ نہ سئون ڪئو.

پٽائي گهوٽ جو جواب وارو بيت، ان وجودي وهٽ جي سنوت لاءِ يا هٿ وس هلائڻ لاءِ هيٺين ريت هدايت ٿو ڪري.

اڏوڪارو انَ سين، ٿورو گاهه ڏينس،
آڏي استغفار جو، ڪرڙو خاص هٽينس،
توبهہ تل ٿاهر ٿڙا، حقيقت هنو توڪل تنگ ڪڍينس،
ان الله مع الصابرين ايءُ وات ڪرباڙي ڏينس،
لاحول ولا قوت الا باالله، ايءُ ڇهبڪ چڪائينس.
واڏو ست: قل هو الله احد الله، ايءُ سبق سيکارينس،
محبت جي ميدان ۾، توري ٿهلائينس،
انهيءَ حال هلائينس، تہ سوڏو وڃي سيد چئي.

(حوالو، ڪلاچي، تحقيقي جرنل، جون 2002ع، ص: 74-75.)
مٿي ڄاڻايل وهٽ جي بحث مباحثي وارن بيتن ۾ احمد ڪيريو جي تحقيق اوائلي آهي پوءِ ان جي چند ڄاڻ ڪئي وئي آهي. هنن بيتن تي نئين سر تحقيق جي ضرورت آهي. (مرتب، لاڙڪ)
هڪ دفعي ميين شاهه عنات محفل ۾ هيٺيون بيت پڙهيو تہ:

"ڪر قل قوتا پارچا، پاتائون پڙيون،
انهن کي عنات چئي، ڦير نہ ڪن ڦڙيون،
جي چوهي منجهہ چڙيون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهہ سين."

اهو بيت پڙهي، ميين شاهه عنات محفل وارن ڏي نهاريون پر ڪو بہ ڪونہ ڪڇيو ۽ جڏهن شاهه لطيف ڏي ڏٺائين تڏهن شاهه صاحب هڪدم وراڻيو تہ:

"ڪر قل قوتا پارچا، پاٽيث پاتائون،
ڪوٺيون قيمت سنديون تر ۾ تاڪيائون،
لاڄن منجهہ لطيف چئي، ٻيڙا ٻڌائون،
نظر نبي ڄام جو چڙهندي چيائون،
جي چوهي چوڙيائون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهہ سين."

هڪ دفعي ميين شاهه عنات بيت پڙهيو تہ:

"سره گڏ ٻئي سسئي سوڙهيءَ منجهہ سهي،
طرح پڇندئي تڪڙي ٻاروچا ٻئي،
آٽي ڏيندئي هٿ ۾ ڪتابت ڪهي،
پنهنجي پاڻ هٿن سين واڇيندينءَ وهي،
سمر جن صحيح، تن ڪونهي اوک عنات چئي.

مٿيون بيت ٻڌي لطيف سرڪار بروقت جواب ۾ چيو:

ثمر جنين نہ ساڻ، هوت حمايتي تن جو،
ڪري ڇيج ڇپر ۾، پنهون ايندو پاڻ،
ٿيندي روح رهاڻ، لحظي منجهہ لطيف چئي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه عنايت رضويءَ وارو بيت ”سره گڏ بئي سسئي سوڙهي منجهه سهي“ ان بيت کي ٿوري ڦير ڦار سان ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري، ڪتاب، سنڌي شاعريءَ جي مختصر تاريخ، مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون 2001ع، صفحي 66 تي عنايت ڏيرو ولد جاني ڏيري جو ڄاڻايو آهي. جيڪو شاهه لطيف جي مائٽن مان ۽ پٽائيءَ جو معتقد هو ۽ شاهه صاحب هن سان بيتن ۾ سوال جواب ڪندو هو. اهو بيت هيٺ ڏجي ٿو. تي سگهي ٿو هي بيت عنايت ڏيري جو هجي.

مرد گڏ بئي سسئي سوڙهي منجهه سهي،
طرح پڇنديءِ تڪڙي ٻاروچا ٻئي،
پنهنجي پاڻ هٿن سان واڇيندينءَ وهي،
ثمر جن سهي، تن ڪو اهڪ عنايت چوي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته، حڪايت مشهور آهي ته شاهه عنات ساري ڄمار مارئي جا بيت چوندو هو ۽ ان کي زياده ترجيح ڏيندو هو ۽ سسئي جي باري ۾ چوندو هو ته: ”جيڪا ستر ڇڏي جهنگن ۾ ڪاهي پئي تنهن کي ڪهڙو ساراهبو“. اها خبر جڏهن پٽائي صاحب کي پئي تڏهين ”تمر فقير“ کي چيائين ته: شاهه عنات وٽ هلنداسين ۽ جڏهين اسين پاڻ ۾ گڏجئون تڏهين اسان جو فلاڻو بيت ۽ پنهنجا فلاڻا بيت پڙهجانءِ چونڊا ته ملاقات جي موقعي تي جيئن شاهه عنات ۽ پٽائي صاحب گڏيا ته ”تمر فقير“ اول پٽائي صاحب جو هي بيت پڙهيو:

ڪڙي ۽ رڙي، پر پٽ پير پنهون جا،
سڪ ٻڌائين سندرو جانب ڪاڻ جڙي،
لڪن ساڻ لطيف چئي، مر منڌ پاڻ مڙهي،
عمر ائين ڪڙهي، ته ٻه پلڪ پريان جي نه پري.

بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش، مضمون، شاهه عنات رضوي ۽ شاهه لطيف، ڪتاب ياد لطيف، 1953ع، ص: 12 تي مٿئين بيت جي ٻي پڙهٽي.

ڪڙهي ۽ ڪڙي، پر پٽ پير پنهون جا،
سڪ ٻڌائين سندرو جانب ڪاڻ جڙي،

لڪن منجهه لطيف چئي، جهيڙي ۾ جهڙي،
پٽي تان نہ پڙي، جي عمر سپ ائن ڪري.

ان بعد تمر فقير پنهنجا هيئيان بہ بيت ڏنا. راقم الحروف جڏهن ڪتاب ”تمر فقير جي شاعري“ جو مطالعو ڪيو تہ ان ۾ هيئيون پهريون بيت تمر فقير جي ڪلام ۾ نہ هئو. جيئن تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق سبب تمر فقير جو هيئيون پهريون بيت عوام تائين رسيو. اهي بئي بيت هيٺ ڏجن ٿا.

1. ٿي پيادي پٽ ۾ جتن ڪارڻ جوءِ
ڪي هلي، ڪي هٿ ڪٽي، ڪي رڙهي، ڪي روءِ
طالب ڪي ”تمر“ چئي، ڏس ڏيرن جو پوءِ
ڪيچان اور ڪوءِ، ڪجئين غور غريب جو

2. ڪجئين غور غريب جو موتي مان ميان،
پير نہ چڏيان پرينءَ جو جا سين ٿي جيان،

سسي ساهہ ڏيان، پنهونءَ ڪارڻ پٻ ۾. (اضافي سٽ، ڪتاب تمر فقير جي شاعري)

ان ملاقات تي نئين تحقيق ڪري، ڊاڪٽر بلوچ صاحب، ميين شاهہ عنات جو ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2010ع، ص: 69 تي لکي ٿو تہ شاهہ عنايت سان گڏجڻ وير تمر فقير پهرئين شاهہ سائينءَ جو بيت ڏنو ۽ پوءِ پنهنجو بيت ڏنائين.

1- ڪڙي ۽ رڙي، پريٽ پير پنهون جا،
سڪ ٻڌائين سندرو، جانب ڪاڻ جڙي،
لڪن ساڻ لطيف چوي، مر منڌ پاڻ مڙهي،
عمر ائين ڪڙهي، تہ بہ پلڪ پريان جي نہ پري.

2- پريندئي پنڌ تي، جتن پنيءَ جوءِ،
واڪا ڪيو ويڙهين ۾، ريهون ڪيو روءِ،

طالب ڪي تمر چوي، ور ڏس ڏيرن جو پوءِ،
ڪيچان اوري ڪوءِ، من ٿئي غور غريب جو.

شاهه عنات اهي بيت ٻڌي چيو ته ابا عاشق الله جا ”سسئي ته ڪا سوئن مان سئي هئي. هاڻي اجازت ڏيو ته آءُ به سسئي ڳائيان“ پوءِ شاهه عنات، ڀٽائي کي چيو ته سسئي جي ڳالهه تو ڪيئن ٻڌي؟ تڏهن سيد شاهه عبداللطيف ساري ڳالهه پيرائتي ڪري ٻڌايس. پوءِ ڀٽائي صاحب وري شاهه عنات کي چيو ته مهرباني ڪري مارئي جي ڳالهه سڻائينم ۽ موڪل ڏينم ته آءُ به مارئيءَ جا بيت چوان. پوءِ شاهه عنات ساري ڳالهه مارئي جي ڪري ٻڌايس ۽ چيائينس ته جي دل چوئي ته پلي مارئي جا بيت ڏي. پائنجي ائين ٿو ته هنن بزرگن شايد هن موقعي تي هڪ ٻئي کي چڻ انهن سرن ۾ مهارت ڏيئي ڇڏي، جو ته سندن ڪلام ۾ سندس سر سسئي اتم آهي. ايترو جو خود ڀٽائي صاحب به انهي مان ڪن بيتن جي پيران پنهنجا بيت چيا آهن. ٻئي طرف وري ڀٽائي صاحب پنهنجي گنج ۾ سر مارئي ۾ ئي سنڌي زندگي ۽ سنڌ جي جذبات ۽ احساسات جو روح پيش ڪيو آهي.

روايت آهي ته هڪ دفعي سيد حبيب شاهه ۽ شاهه عنات ڏٺو ته شاهه لطيف ستو پيو آهي پوءِ شاهه عنات مٿان بيهي فرمايو ته:

ستا اٿي جاڳ ننڊ، نه ڪجي ايتري
تو پانيو ساڻيهه، سو اٿئي مانجهاندي جو ماڳ
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه لهي

انهيءَ جي جواب ۾ ڀٽائي صاحب فرمايو ته:

تن تسبيح من مڻيو دل دنبورو جن
تندون جي طلب جون وحدت سر وڄن
قل هوالله احد الله، اهو راڳ رڳن
موتوا قبل انت موتوا اها لرز لڱن
في الافاق وفي انفسڪم اها هاج هڏن
لتنذر قوماَ ما اهو پهه پيرن

سپ عضوا عبداللطيف چئي پرين لئي پُرجهن
ستا سي سونهن ننڊ ۾ عبادت جن جي.

(مٿيون اضافي سٽن وارو بيت حوالو، بلوچ نبي بخش خان، ڪتاب، شاهه عبداللطيف، مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون، 1990ع، ص: 95. تي ڏنل آهي.)

هڪ دفعي پٽائي صاحب، مدن فقير ۽ شاهه عنات گڏجي ولهار واري ايراضيءَ ۾ ڳاڙهي صدر ولد ڪيوڙو اوٺو جي مرقد تي پهتا ته ڪين اتان جي وڻڪار وڻي وئي، انهن وڻن جي ڇانو ۽ بهاريءَ جو ذڪر شاهه عنات هن طرح ڪيو آهي.

ٿڌا وڻ ولهار جا، جتي صدر سونهارو،
اڪرين آرو، اوڏانهين عنات چوي.

اتي هڪ ڪنڊو ڍوري جي ڪناري تي اڄ به موجود آهي. جنهن وقت اهو ڍورو هوندو هو، ته ان وقت منجهس ٻيڙيون به هلنديون هيون ۽ انهيءَ ڪنڊي وٽ پتڻ به هو، ٻيڙين کي لنگر انداز ڪرڻ لاءِ انهيءَ ڪنڊي سان ٻڌو ويندو هو، جنهن تي اڃا تائين سنگهرن جا نشان چٽا ٻيٺل آهن. شاهه سائين سر ڏهر ۾ 18 پيرا ڪنڊيءَ جي وڻ سان مخاطب ٿي ڪانئس ماضيءَ وارا واقعا معلوم ڪيا ۽ سندس احوال پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪيائين.

حضرت شاهه عنات ۽ پٽائي صاحب ڪنڊيءَ کي مخاطب ٿي چيو ته:

ڪنڊا ڪڄاڙئا، اپو آهين ريل ۾،
پرينءَ پڄاڻئا، سڪي بانڪو نه ٿئين. (شاهه لطيف)

شاهه عنات ساڳئي ڪنڊي کي لوئيندي هيئن چيو:

ڪنڊا تو ڪيهي ڪئي، پر پونءِ منجهه پرت،
ري ساٺيهه سيد چوي، تون ڪيئن گهارين هت،
نگاهه ڪج نرت، متان وڃي ڏينئي واڙ ۾.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي مضمون ”شاهه عبداللطيف جي سوانح تي روشني“ ۾ لکي ٿو ته پٽائي صاحب، ميين شاهه عنايت رضوي کي پڇڻ ويو، ميين

شاهه عنايت جي اها آخري بيماري هئي جنهن ۾ وفات ڪيائين. پٺتائي صاحب جڏهن ٻاهر آيو تہ فقيرن ڪانئس پڇيو، تڏهن چيائين:

اُٺ نہ اوٺارين، ڏاگهن ڏيهہ چتائيو،
ڪريو مهاڙ ملڪ ڏي، نرتئون نهارين،
سفر ٿا سارين، ڪيچ اڳاهون پنڌڙو.

حوالو: بخاري سيد قادن شاهه، مؤلف، ڪتاب، تمر فقير جي شاعري، ناشر، دي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، ڇاپو پهريون مئي 1970ع، ص: 99 - 100. ساڳئي ڪتاب جي ص: 27، 41، 42. تمر فقير جي ولادت 1150هہ وفات 1227هہ. تمر فقير ولد صحبت فقير سالارو، اصل هالا قوم ڳوٺ بلند شاهه سالارو، نزد ڪنڊيءَ جو رهواسي هو. شاهه لطيف جي وفات وقت تمر فقير پندرهن سالن جو هو. سيوهاڻي خير محمد ٻرڙو لکي ٿو تہ تمر فقير جي ذات لنجواڻي جت هئي. بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان، ڪتاب سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، 1978ع، ص: 186. تمر فقير جي ولادت اندازن 1120هہ وفات 1181هہ.(تمر فقير جنم 1735ع وفات 1814ع حوالو مضمون، ٺٽڌي قيصر ۾ شاهه لطيف جو اوتارو، ليک عبدالحفيظ نظاماڻي، روزاني ڪاوش اخبار 27 مارچ 2010ع.) لغاري ڊاڪٽر عبدالجبار عابد، ڪتاب سنڌي شاعريءَ جي مختصر تاريخ، مهراڻ اڪيڊمي، سال 2001ع، ص: 44 تي شاهه عنايت جي ولادت 1030 هہ، وصال 1120 هہ. بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان، تحقيق ۽ تصحيح، ميين شاهه عنات جو ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو ٻيو 2010ع، ص: 68، 69 تي شاهه عنات رضوي جي ولادت اندازن 1030،1035هہ، وصال اندازن سن 1120،1125هہ) ميمڻ قربان علي، مرتب، فڪر لطيف، فڪر و نظر پبليڪيشن سکر، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 1987ع، ص: 149 کان 156. خانائي ڊاڪٽر قريشي حامد علي مصنف، تاريخ نصرپور، سهيڙيندڙ ۽ سنواريندڙ بشير احمد هيسباڻي، ڇاپو پهريون 2014ع، ص: 202. سيد عنايت الله شاهه رضوي عرف ميون شاهه عنات رضوي ولادت اندازي موجب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1030هه / 1621ع ۽ 1035هه / 1626ع جي عرصي دوران ٿي ۽ وفات هڪ اندازي مطابق 1120هه/ 1708ع ۽ 1125هه/1713ع ڌاري ٿي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، محقق ۽ شارح، ڪتاب شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سوانح حيات، فڪر ۽ عرفان، مرتب، ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، نوادرات ڪاتو، سال 2013ع، ص: 32 تي ميين شاهه عنات جي وفات جو صحيح سال 1133هه آهي. ڪتاب، سنڌ جي سڳنڌ، ڇاپو پهريون 2015ع ص 94 تي شاهه عنايت رضويءَ جي ولادت 1630ع ۽ وصال 1735ع.

شاهہ لطيف ۽ خواجہ محمد زمان، جي ملاقات بابت مختلف روايتون
وتائي فقير نالي هڪ مجذوب هوندو هو، ان هڪ ڏينهن امالڪ وجي خواجہ محمد زمان لواريءَ واري جي والد صاحب شيخ حاجيءَ عرف عبداللطيف نقشبندي جي پنيءَ تي چميون ڏنيون تہ، شيخ اوبائي نالي هڪ شخص پڇيس تہ، ”هونءَ هميشه سيني کي گاريون ۽ لتون ڏيندو وتين ، اڄ ڪهڙو ڏينهن ٿيو آهي. جو شيخ حاجيءَ سان دل لڳائي اٿيئي؟“ وتائي وراڻي ڏني تہ ”ڇو نہ هن جي پٽ چمان؟ ان پٽ ۾ هڪ فرزند پيو پسان، جو نور سان پريو پيو آهي. در حقيقت چميون بہ انهيءَ نور کي ٿو ڏيان. پيو تہ جن جن شخصن کي گاريون ڏنيون اٿم، تن کي اوترين لتن جيترا صالح پٽ پراپت ٿيندا. جنهن بعد وري اوترائي صالح پٽ پيدا ٿيندن.“ شيخ حاجيءَ کي انهن اڳڪٿين ۾ پورو ويساه هو. جڏهن کو فرزند ڄمندو هوس، تڏهن ان جي ڇهري ڏي چتائي نهاري چوندو هو تہ، ”هيءَ اهو نہ آهي.“ تي پٽ هڪ ٻئي پنيان ڄاوس. جي نا صالح ٿي ساماڻا. شيخ حاجيءَ جو ايمان پختو هو، شيخ حاجيءَ کي ٽي حرم هئا، پهرئين مان ٽي پٽ ڄاوس ۽ ٻئي گهر مان بہ نياڻيون ۽ ٽين شادي عبدالسلام درس جي نياڻيءَ سان ڪئي هئائون، انهيءَ بيبي سگوريءَ مان حضرت سلطان الاولياءُ خواجہ محمد زمان ڪلان جو تولد رمضان مهيني جي 21 تاريخ سن 1125ھ / 1713ع ۾ ٿيو. ڪتاب، لواريءَ جا لال، ص: 35.

خواجہ صاحب اڃا صغير ئي هئا تہ والد شريف جي هٿ هيٺ سارو قرآن پڙهي پورو ڪيائون. تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ خواجہ محمد ابوالمساڪين جو مريد ٿيو ۽ مولوي محمد صادق نقشبنديءَ وٽ عربي ۽ فارسي پڙهيو. جلد ئي طريقت جون منزلون طئي ڪيائين. 1149ھ/1736ع ۾ سندن والد شريف وفات ڪئي تہ ٿوري ئي عرصي ۾ لواريءَ جو شهر ڪلر سبب ڦٽي ويو ۽ ماڻهو بہ وڏي تعداد ۾ لڏيندا پئي ويا. 1150ھ/ 1737ع ۾ خواجہ محمد زمان قديم لواريءَ جي ويجهو ڇڪ ۾ هڪ نئون ڳوٺ ٻڌايو جنهن جو نالو بہ لواري رکيائون.

خواجہ محمد زمان لواري وارو سدائين سفر ۾ قرآن مجيد، مثنوي مولانا روم ۽ ديوان حافظ ساڻ ڪٽي هلندا هئا. ڪيس انهن ڪتابن سان دلي لڳاءُ هو. مخدوم محمد

زمان جو فيض سنڌ، هند ۽ عرب تائين پهتو، خواجہ محمد زمان جي ٻارنهن هزار واصل ٻا الله بزرگن منجهان چاليهہ بزرگ ڪمال جا صاحب ۽ پنهنجي وقت ۾ بيمثال هئا. سندس چار خليفا مشهور ٿي گذريا آهن. جن ۾ مييون عبدالرحيم گرهوڙي، حاجي ابوطالب اگهمي، حاجي محمد صالح، حافظ هدايت الله، ان کان علاوه سندس تمام گهڻا طالب هئا.

ڊاڪٽر دائود پوٽي لکيو آهي تہ”کهڙي نہ عجيب ڳالهہ چئجي جو شاهہ لطيف جهڙو برگزيدو اولياءُ ۽ عظيم شاعر پيري زهيريءَ ۾ ڪهي پنهنجي شاگرد جي شاگرد وٽ زيارت لاءِ اچي.“ ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ خواجہ صاحب جي درويشيءَ جو پڙلاءُ پري پري تائين پهتل هو.

شاهہ لطيف اندازن 57_58 سالن جي عمر ۾ سهي سنيري خواجہ صاحب جن جي چار چشمي لاءِ لواري شريف ۾ آيو. جڏهن حجري جي دروازي وٽ پهتو، تڏهن هڪ نوڪر کي موڪليائين تہ، ”وڃي اندر اچڻ جي اجازت وٺي اچ.“ نوڪر وڃي خبر ڪئي. خواجہ صاحب جن فرمايو تہ: شاهہ صاحب کي وڃي چئو تہ ”ٿورو ترسو اسين پاڻ اوهان جي استقبال لاءِ ٿا اچون.“ شاهہ صاحب پڇيو تہ: ”خواجہ صاحب ڪهڙي ڪم ۾ هئا ؟“ جواب ڏنائين تہ: ”ماٺ ۾ ويٺا هئا.“ شاهہ صاحب تنهن تي فرمايو تہ: ”انهيءَ مشغوليءَ مان ڪڏهن واندا ٿيندا جو اسان ڏي متوجہ ٿيندا؟ اٿ تہ اندر لنگهي هلون.“ جڏهن شاهہ صاحب، خواجہ صاحب جو سنمک ٿيو تڏهن هي بيت چيائون:

سامي سفر هليا، ڪو پروڙي پنڌ،
جنين هيڻائون ڪنڌ، آئون نہ جيئدي ان ري،

جنهن تي خواجہ صاحب جن نهہ پهہ جواب ڏنو تہ:

ڪين آهين، ڪين ٿئين، وڃي ڪي ڪماءِ،
لاڳاپا لوڪ جا، ”لا“ سين سپ لهراءِ،
سامي پوءِ سلنداءِ، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي.

انهيءَ تي شاهہ صاحب جن فرمايو تہ:

قلم وهي ويو ڪانهه، سرتيون ڪنهن سهاڳ لئه،
انگ اڳيئي لکيو، ات نه پهچي ٻانهه،
ڪنهن کي ڏيان دانهن، ته پرين مون سي هينءَ ڪيو.

خواجه صاحب وراڻيو ته:

ويهه وجي وٺ تن، قلم جنين جي هٿ ۾،
ميٺؤن انگ اڳيون، واري ٻيو لکن،
پنو سو پاڙهين، جنهن مان پسڻ ٿئي پرينءَ کي.

انهي بيت بازي بعد شاهه صاحب پڇيو ته ” فنا کان پوءِ ڇا آهي؟“ ان جي ڪا ڪل آهي؟ خواجه صاحب فرمايو ته: ”فنا کان اڳ ڇا آهي؟“ هي سخن ٻڌي شاهه صاحب جن عرض ڪيو، ته ”ارادو اٿم ته اوهان جو مريد ٿيان.“ پاڻ وراڻي ڏنائون ته: ”سماع ۽ ڳانو، اسان جي طريقي ۾ منع ڪيل ۽ حرام ٺهرايل آهي سواءِ ڪن مشروعي موقعن جي“ تنهن تي شاهه صاحب چيو ته: ”ساري ڄمار سماع ۽ سرود ۾ صرف ڪئي اٿم، هينئر انهن کي ترڪ ڪرڻ مون لاءِ محال آهي.“ پوءِ هڪ ٻئي سان ڳچ وقت ملاقات ڪيائون. جڏهن شاهه صاحب موڪلايو تڏهن ڪيس خليفت جي چادر(اجرڪ) ڏکيائون ۽ شاهه صاحب کي چيائون ته اسان کي ڪو نصيحت جو بيت ٻڌايو. پوءِ ڀٽائي صاحب هي بيت چيو.

ڳنڌي ۽ ڳراهه جن سناسين سانڍيو،
تنين کان الله اڄان آڳاهون ٿيو.

خواجه صاحب جي زيارت ڪري وڃڻ کان پوءِ شاهه صاحب هميشه خواجه صاحب جي شان ۾ هيٺيون بيت پڙهندو هو:

مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،

ٻي پڙهڻي: سي مون ڏٺا ماءِ جنين ڏٺو پرينءَ کي.

تنين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي، (سر ڪاهوڙي)

جڏهن شاهه صاحب موڪلائي روانو ٿيو، تڏهن خواجه صاحب جن فرمايو ته: ”اسان جي صحبت اختيار ڪيائين، پر همت نه ٿيس جو اسان جي طريقت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داخل ٿئي، جي ٿئي ها تہ اهڙي عميق ۾ ٽپيون ڏياريونس ها، جو پنهنجي نام ۽ نشان جو بہ سماع ڪونہ پويس ها." تنهن تي سندس هڪڙي فقير شيخ بلال، سيد صاحب جي روحاني منزل بابت پڇا ڪئي تہ، خواجہ صاحب فرمايو تہ: "هن جي منزل اوهان جهڙي آهي، يعني هو بہ اوهان وانگر صاحبِ دل آهي." مگر صاحب دل ٿيڻ ڪا سٿري ڳالهہ نہ آهي. هڪ وڏي دولت آهي. جا سياڳن کي ئي ملي ٿي ۽ سواءِ فنا جي هر گز حاصل نٿي ٿئي." پوءِ فنا جي مفصل سمجهاڻي ڏئي هي بيت چيائون:

جيئن چتونءَ کي خزران، تيئن مون پاڙو سپرين،
هن وڃائي جان، مون نشاني نہ ليي.

ڪتاب، ذڪر ٿيو اهاءُ، ص: 194. تي شاهہ صاحب ڪنهن قاصد هٿان خواجہ محمد زمان جن ڏانهن هڪ روحاني رمز پڇڻ لاءِ نياپو موڪليو تہ: "ڪپيريءَ ۾ پير، ڪني پاتو پير ئين."

خواجہ صاحب قاصد جي هٿان واپس جواب موڪليو تہ:

"ڪپيريا اوري رهيا، اڳ ٻڌائون،
اتاهين آئون، رهي آيس راتڙي."

بس اهڙو روحاني رمز سان جواب ٻڌي شاهہ صاحب، خواجہ محمد زمان جن سان ملاقات جو سانباهو ڪيو. تنهن ڪانپوءِ هن ڪتاب ۾ ساڳئو ذڪر آيل آهي. جيڪو ٻين ڪتابن ۾ بہ ڏنل آهي.

هڪ روايت آهي تہ، شاهہ لطيف جڏهن خواجہ صاحب ڏانهن وڃي رهيو تہ روحاني منزل وسيلي خواجہ صاحب کي معلوم ٿيو تہ پيٽ ڏٽي ملاقات لاءِ اچي رهيا آهن، جڏهن شاهہ لطيف خانقاهہ اندر پير رکيو تہ حضرت خواجہ محمدالزمان جن هي بيت فرمايو:

ڪُپيريءَ ۾ پير، ڪنين پاتو پيرئين،
جنين منجهہ ماڻهين، سڄڻ اُتي سير،
ان پونءِ سندو پير، ڪوڙين مان ڪو لهي،

جنهن جي جواب ۾ پيٽ ڏٽيءَ فرمايو:

ڪُپيريان پري ڪُبڙي ٻڌائون،
انھيءَ وٺان آءُ، رهي آيس راتڙي،
مٿيان ڪُپيريءَ وارا ٻئي بيت شاھ جو رسالو، مرتب شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، 1994ع، شاھ جو گنج، حاجي الھداد جنجهي 2008ع، شاھ جو گنج، محمد قاسم راھمون، 2011ع، واري ڇاپي ۾ سر ڪاھوڙيءَ ۾ موجود آهن. جڏهن تہ ڪجھ ليکڪن "ڪپيريءَ ۾ پير ڪني پاتو پيرئين" خواجہ صاحب جو ڪري ڄاڻايو آهي. اھو بيت ڪتاب "ابيات سنڌيءَ" ۾ بہ ناهي. خواجہ محمد زمان ۽ شاھ عبداللطيف جي ملاقات واري حوالي سان ڀرپور پيرو معلومات ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي پنھنجي مضمون "شاھ جي حياتيءَ تي نئين روشني" ۾ ڏني جيڪو ماھوار سنڌو آڪٽوبر 1933ع ۾ شايع ٿيو. ڏسڻ ٿيو اھاءُ، مصنف، حافظ مولوي عبدالقادر ٻوبڪائي، سھيڙيندڙ، آسودومل چاندواڻي، ڇپائيندڙ، لواري شريف ادبي اڪيڊمي، ڇاپو پھريون 8 اپريل 2016ع. ولادت ۽ وصال متعلق حوالو پھريون، سومرو ڊاڪٽر عبدالغفار، تحقيق ۽ ترجمو، مڪمل شرح ابيات سنڌي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو 2008ع، ص: 55، 58. تي سلطان الاولياءِ خواجہ محمد زمان لنواري (اول) ولادت 2 رمضان المبارڪ 1125ھ/1713ع تي شيخ عبداللطيف نقشبندي جي گھر ۾ موجوده لواري کان 2 ميل ڏکڻ طرف تي هئي وصال چنچر 4 ذوالقعد 1188ھ/1774ع ۾ ٿيس. ٻيو حوالو ٺٽوي مير علي شير قانع، معيار سالڪان طريقت، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2010ع، ص:642، تي ميان محمد زمان 1180ھ ۾ گذاري ويو. حوالو ٽيون. الانا پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي، محقق، لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو 2012ع، ص: 406، 407. تي ولادت 21 رمضان 1125ھ 1713ع ۽ وصال 4 ذوالقعد 1188ھ/1774ع ۾ ٿيس. چوٿون حوالو، قادري ڊاڪٽر عبدالرسول، تحقيق، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، سوانح حيات ۽ علمي خدمتون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو ٻيو 2006ع، ص: 193 تي ولادت 21 رمضان 1125ھ، ص: 194

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي وصال ڇنڇر 4 ذوالحج سن 1188ھ. پنجون حوالو پيراهين غلام شبير، تحقيق ترتيب، شهنشاھ لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد ڊسمبر 2016ع ص: 101، 103. تي ولادت 22 رمضان 1125ھ مطابق خميس ڀمرين آڪٽوبر 1713ع ۽ وصال ڇنڇر 4 ذوالعقد 1188ھ مطابق 6 جنوري 1775ع ۾ ٿيو. آزاد قاضي، مرتب، سلطان الاولياءِ خواجہ محمد زمان هڪ مطالعو، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد لاڙڪاڻو 2002ع ص: 79، 80، 81. حضرت خواجہ محمد زمان لواريءَ واري جا ہ مڪمل ڪتاب سندس قولن تي مشتمل مرتب ٿيل آهن. هڪ ”فتح الفضل“ جنهن ۾ چوند چارسو چائيتاليهہ قول ڏنل آهن ۽ ٻيو ”مقولات تصوف“ ان ڪان سواءِ حضرت سلطان الاولياءُ جي 84 سنڌي بيتن جي عربيءَ ۾ شرح حضرت عبدالرحيم گرهوڙيءَ ڪئي. ان کي ڊاڪٽر عمر بن داؤد پوٽي سنڌيءَ ۾ آڻي 1939ع ۾ ڪتابي صورت ۾ آندو، جيڪو پوءِ ”ابيات سنڌي“ جي نالي سان شايع ٿيو. آزاد قاضيءَ جي چوڻ مطابق خواجہ صاحب جي بيتن جو تعداد 92 آهي. شاھ صاحب وفات مهل وصيت ڪئي هئي تہ: ”خواجہ صاحب واري ڏنل چادر (اجرڪ) مون کي ڪفن ۾ ڏجو.“ پوءِ اها چادر ڪفن جي مٿان وڌائون ۽ پوءِ سندس قبر شريف تي پڙ ڪري چاڙهيائون. (حوالو، ڊاڪٽر گربخشاڻي، مؤلف، لواريءَ جا لال، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد 2011ع، ص: 34۔ 35۔ 45۔ 46). سمون محبوب علي، پٽائيءَ تي بهتان، 1998ع، ص:60، خواجہ محمد زمان صديقي لنواري واري، شاھ لطيف کي تحفي طور گودڙي ڏني هئي. خواجہ صاحب جي ولادت جو صحيح سال اربع 21 رمضان 1125ھ مطابق 11 آڪٽوبر 1713ع وصال 4 ذوالحج 1188ھ مطابق آچر 5 فيبروري 1775ع آهي.

## شاهه لطيف ۽ ٿانور ڀٽيءَ متعلق مختلف روايتون

شاهه سائين لاڙ تان لاتعداد ڦيرا ڪري پوءِ ٿر جو سير ڪيو. ”ساموئي“ جي قديم ڪنڍرن جي سير ڪان پوءِ ”هاڪڙي“ جو ڪنارو وٺي روانو ٿيو هوندو ۽ اٽڪل 10 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف هلڻ بعد ”ٿانور ڀٽيءَ“ جي شهر جي ڪنڊرن وٽ پهتو هوندو جيڪي ”ڏگهڙي“ تعلقي جي ديهه ”جنهاڻ“ ۾ فضل ڀنيري اسٽيشن کان اٽڪل 5 ڪلوميٽر ڪن اوڀر طرف هاڪڙي جي ساڄي ڪپ تي آهن ۽ ڪافي ايراضي والارين ٿا. اتي پهچي شاهه لطيف کي ٿانور ڀٽيءَ جي اها ڏک ڀري ڪهاڻي معلوم ٿي جنهن ۾ هو پنهنجي ٿر ۾ سخت ڏڪار واريءَ حالت ۾ روزگار خاطر اهڙي ٿر ۾ وڃي نڪتو جنهن ۾ پورهئي ڪارڻ ايندڙن لاءِ قانون هو تہ: ”ڪي بہ زال مڙس گڏجي اچي نہ رهن“.

هنن اهو قانون ڏسي پاڻ کي گونگو ۽ ٻوڙو ظاهر ڪيو ۽ زال کي سمجهايائين تہ هوءَ ماڻهن کي ٻڌائي تہ هي ٻئي پاڻ ۾ ڀاءُ-ڀيڻ آهن. جڏهن ٿانور جي زال ماڻهن کي اهو ٻڌايو تہ ساٿس گڏ پورهئي تي آيل سنڌس ڀاءُ آهي تڏهن کين اتي رهڻ ۽ پورهئي ڪرڻ جي اجازت ملي ۽ اهي مختلف هنڌن تي مزدوري ڪندا رهيا. هڪ رات ٿانور جي زال پنهنجي علائقي جي مٿان ڪنوٽين جا تجلا ڏٺا تہ ڊوڙندي پنهنجي مڙس وٽ آئي ۽ چوڻ لڳي: ”هو ڏس! رب پاڻ تي راضي ٿيو آهي، جيڪي مجبوريءَ جي حالت ۾ پنهنجن مڙسن کي ڀاءُ ڪوٺيو، محنت مزوري پيا ڪن“. شاهه لطيف انهيءَ واقعي کي ياد ڪندي فرمايو تہ:

> ٿَاوَرَ اُتي پَسُ، ڏيهہ ڪِنوَندي وِڄڙِي،
> مَنُ ڪُلِي بَاغُ ٿِئو، هِينئَڙي لَٿِي ڪَسُ،
> تَنِي ڪَارَڻِ وَسُ، جن وَرَ مَٿَائي ڀَائُرَ ڪِئا.

شيخ، ٻانهو، 2002ع، شاهه جو رسالو، جلد پهريون، سُر سارنگ، ص: 332.

”ٿانور ڀٽي“ سومرا دؤر جو هڪ ننڍو سردار هو، جنهن جو راڄواڙو ڪجهه ٿر جي ايراضيءَ ۾ ۽ ڪجهه هاڪڙي جي ڪناري سان هو. هن جتي پنهنجو شهر آباد ڪيو هو اتي اڳ ۾ بہ هڪ پراڻي شهر جا ڪنڊر اصل ۾ آڳاٽي دؤر جي هڪ

تاريخي شخصيت ”بروئي“ يا ”بروڙي“ جي آباد ڪيل شهر جا آثار آهن، اهي ڪنڊر اڄ بہ موجود آهن ۽ هن وقت بہ ٻنهي نالن سان سڏجن ٿا. ڪتاب: لطيف جا ٿر ثان پيرا، معمور يوسفاڻي.

غلام محمد لاکو مضمون ”رسالي شاهہ عبداللطيف سان عمرڪوٽ ۾ رهاڻ“ ۾ لکي ٿو تہ حاجي ولي محمد چيو تہ ٿانور ڀٽيءَ جي اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ ٿانور ڀٽي، ڀٽائيءَ جي دور جو ۽ ٿر جو رهاڪو هو ۽ هر سال لطيف جي محفل ۾ ڪانہ ڪا سوکڙي ڪٽي ويندو هو. هڪ سال بارش نہ پئي ۽ سخت ڏڪر پيو، ٿانور پريشان ۽ مايوس ٿي شاهہ صاحب جي محفل ۾ ويو ۽ پنهنجي تڪليف جو ذڪر ڪيائين تہ قدرت خدا جي اتر ڪان ڪارو ڪڪر نڪتو ۽ ڪنوڻ چمڪو ڏنو. ان موقعي تي شاهہ ڀٽائي هي بيت چيو. جيڪو مٿي ڀٽائي نموني آهي.

ٿانور اتي پس! ڏيهہ ڪنونديون وڄڙيون،
تنين ڪارڻ وس، جن ورن مٿي بار پيا.

ڪتاب سنڌ جي سگهنڊ صفحي 94 تي ليکڪ فتح محمد شهزاد فتح ٽيبو عنوان ” ٿانور ڀٽي ۽ منيل ديوي عرف مڌومتي جي تاريخي داستان جون ڪجهہ منجهيل سٽون ۽ انهن جو ڇيد“ ان مضمون ۾ ليکڪ ٿانور ڀٽيءَ جو تفصيلي احوال ڏنو آهي. وڏيڪ ليکڪ لکي ٿو تہ محمود غزنويءَ سان جنگ ۾ ٿانور ڀٽيءَ هارايو تہ پوءِ ٿانور ٻئي ملڪ ۾ پورهئي لاءِ آيو هو. معمور يوسفاڻي ۽ فتح محمد شهزاد جي تحقيق صحيح آهي.

## شاهه لطيف جو ڪوٽيسر ڏانهن سفر بابت مختلف روايتون

روايت آهي تہ، شاهه لطيف ڪوٽيسر (ڪڇ) ويو، تہ اتي ڏيٺو ڏر جبل واري مڙهيءَ جي ڪنهن ڪاپڙيءَ ڪي (هي روايت موجب خود ڏرمنات ڪي) ڏٺائين، جيڪو تپسيا ۾ وچن مطابق پنهنجي پانهن مٿي اُڀي ڪري جهليو بيٺو هو. شاهه لطيف ساڻس گفتگو ڪئي ۽ ڪانئس ايئن ڪرڻ جو سبب پڇيو تہ هن چيو تہ: ”تپسيا طور پانهن کي اُڀو جهلي سڪائي ڇڏڻ جو وچن ڪيو اٿم.“ تڏهن شاهه لطيف کيس تنبيهه طور چيو تہ:

اندر نہ ساهه سڪائيين، پهر سڪايين پانهون،
مٿا منئي پاڻ کي، چئين آديسي آئون،
او پنڌ پراهون، جتي نظر نات جو. (سر رامڪلي)

هنيون نہ سڪائين هوت لئي، تو سڪائين پانهون
ڏيکارين تو ڏيهہ کي دتا ڪيو دانهون
پاٺمين مٿيءِ پاڻ کي تہ ڪو آديسي آئون
اي پنڌ اڳاهون، ڪي ڪاهي رسيا ڪاپڙي.

(محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڪتاب: شاهه عبداللطيف)

اندر نہ ريڏءِ، رام سين، پاهر پڌين پانهون،
مٿا مٿين پاڻ کي، راهه پڇين راهون،
لاهي ڇڏ لطيف چئي، ويراڳي سپ واهون،
اوءِ پنڌ آڳاهون، جت نانگا گڏيا نات کي.

راهمون محمد قاسم، مرتب، شاهه جو گنج، 2011ع، سر رامڪلي، ص: 504.

فقير امداد علي سرائي، ڪتاب قدم ڪاپڙين جا، ۾ لکي ٿو تہ شاهه سائين کيس چيو تہ،

اندر نہ ريڏءِ رام سان پاهر سڪائين پاهون،
مٿا منئي پاڻ کي تو چايئن آديسي آئون،

لاڙي ڇڏ لطيف چئي، ٻوڙا ٻئي ٻاهون،
او پنڌ آڳاهون، جت نانگا گڏيا ناٿ کي.

مطلب تہ اندر مان غير گمان، گيرب ۾ گاءِ ڪڍي پالهو ٿي. پوءِ ڪاپڙي، شاهہ لطيف کي چوڻ لڳو تہ ٻيهار اچي مون کي ڏسجو تہ، توهان جي امر ۾ طعني جو مون تي کھڙو اثر ۽ روحاني واڌارو ٿئي ٿو. پوءِ ان ڪاپڙيءَ هڪ سوپاري زمين تي رکي، سجدو ڪري همشيہ لاءِ اوندو ٿي ڪري پيو، تمام گهٽي تپسيا ڪيائين. ٻئي سال جڏهن پٽائي گهوٽ ان جوءِ ۾ آيو، چيائين تہ: ”مون کي هڪ قطب جي سرهاڻ اچي رهي آهي“. پٽائي، جوڳي کي جس ڏيندي فرمايو تہ: رچي جي ريتو ٿيا، ڪين اُباٽجن اوءِ.

ان سچي سامي، شاهہ جي ڏسيل سُوات تي هلي، معرفت ماٽي سندس شڪر نياپو ۾ پنهنجي پريتم جي پرٿوي پسڻ بابت، شاهہ صاحب جي چيل سٽ جي موت ۾ هيئن چيو:

مئي پڇاڻان ميت سين جا پرهندو ڪن،
سا پر سپرين، مونسين جئري ڪئي جهان ۾.

هن ڪاهوڙيءَ وصيت ڪئي تہ مون هندو ڌرم مطابق پاڻ کي جيئري ساڙيو آهي، هاٽي مونکي ڏيٽو ڌر جبل تي دفن ڪجو.

**نارائڻ سر ۽ ڪوٽيسر مندر:**

ڪڇ جي قديم تخت گاهہ لکپت جي ويجهو مشهور تاريخي مندر ڪوٽيسر ۽ نارائڻ سر ۾ پٽائيءَ بادشاهہ جو ٻہ پيرا وڃڻ ٿيو.

ڪوٽيسر جي ڪنڌ ۾ رهيو آهي رام،
جن سناسين سيويو تن اندر ڪيو آرام،
ڪروڌ ڪو ڪام، ويو ويچارن وسري.

ڪڇي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي شاعر ماڌو جوشي ”اشڪ“ وٽان محترم تاج جويي کي پهرين سيپٽمبر 2015ع تي احمد آباد انڊيا ۾ هڪ رهاڻ دوران هيٺيان ٽي نوان بيت مليا.

1. نائي نارائڻ سر، سانڊي منجهئين ساهه،
اوڏو آهي الله، ڪوٽيسر جي ڪنڊ تي.

2. ڪوٽيسر جي ڪنڊ تي رهيو آهي رام،
جنين سناسين سَمريو، اندر ٿيو آرام،
ڪروڙ ۾ ڪام، ويا وجودا نڪري.

3. ويا وجودان نڪري، ان ڪي واحد وڏائي،
ثابت ٻڌيو سندرو، منجهه ماڻن مڻائي،
انين ڪي آئي، لذت شاهه لطيف چئي.
(انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا، جلد ڏهون، ش 1، 2016ع، ص: 71، 72.)

نارائڻ سر مندر ۾ لطيف سرڪار پنهنجن سچن سامين ۾ ساڏوئن، سنگتين سان ڪجهه وقت رهيو هو. پر پوءِ اتي هڪ ڪُپر ڏسي، گامو سچار ٿي اُتان جي ”مها گرو“ کي سچ چئي، وِرچائي وڏائين. ايئن نه سوچيائين ته پرائي مندر ۾ اڏارو رهيو پيو آهيان ۾ پنهنجي دال روٽي جو به خيال نه ڪيائين، چون ٿا ته نارائڻ سر مندر ۾ ان وقت رواج هوندو هو ته، جڏهن ڪو هندو پاپ ڪري پهچندو هو ته، مندر ڏٺي ان کي پويتريا پاپن کان آجو ڪرڻ لاءِ سنڌس مٿي جا وار، پرون، ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۾ نارائڻ سر ۾ سنان ڪرائڻ بعد مٿس ڪجهه پڙهي واڏائي ڏيندو هوس ته، تنهنجا پاپ ڌوئجي ويا. هاڻي تون هليو وڃ، جو تون پاپن کان پالهو ۾ پويتر آهين. پٺائي صاحب حق گوءِ ۾ وڏو سچارشخص هو، ان مندر جي اندر مهراج جي اها ڪُپر، ڪجت ۾ ڪيچل ڏسي سهي نه سگهيو ۾ سنڌس اندر جي قاضي ان ڪپت ڪي پسي، سچ چوڻ تي مجبور ڪيو ۾ هڪل ڪري انهن ياترين جي سامهون ٻائي ڏي نهاري هي بيت چيائين.

ٻِنا جنهن جي ٻچڙي اصل کان ايهي،
تنهن ڪي سهسين سنان ڪرائين پاٽي ۾ پيهي،
منڊو من ڪترائين نارائڻ سر نيئي،

جي گڏهه گنگا ويئي، تہ ڪو تيرٿ چئبو تنهن جو.

مندر جي ٻائي صاحب کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي تہ، هي ڪير ٿيندو آهي، جو منهنجي ڪمائي جو ذريعو بند ٿو ڪريءَ اسان جي چيلن کي ٿو ڪاري. تنهن اجان ڪجهہ شاهہ جي خلاف قدم ڪڻڻ جو سوچيو تہ، هن ملوڪ مڙد روحاني طاقت جي زور تي سنڌس اندرم جهاتي وجهي، هن جي ڪاوڙ ماني ڪرڻ لاءِ، مسلمانن لاءِ پڻ اهڙي مشابهت وارو بيت چئي، معراج کي مرڪائي ڇڏيو ۽ خود چيلا ۽ ياتري، شاهہ جي اهڙي گفتي تي من مان مَنيان ۽ گمان ڪڍي، سرها ٿي سنڌس سپت ۽ سچائي جا قائل ٿي ويا.

(حوالو: سرائي فقير امداد علي، ليڪ، قدم ڪاپڙين جا، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، سال 2003ع، ص:97، 98، 179.)

## شاهه لطيف جو جيسلمير ڏانهن سفر، مختلف روايتون

جيسلمير جو شهر ٿر جي ٽڪرين جي وچ تي آهي. شهر جي وچ ۾ ”راجگڍ“ يعني راجا جو قلعو هو. جنهن کي نوانوي برج هئا. حڪومتي ڪاروبار انهيءَ قلعي اندر هلندو هو. قلعي جي اندر نهايت عمدو راج محل هو. هتي راجا کي ”راول“ سڏيندا هئا.

جيسلمير جو شهر جيسل نالي هڪ ڀٽي راجپوت سن 1156ع ۾ ٻڌايو ۽ اتي قلعو به جوڙايائين، پر پوءِ علاؤالدين بادشاهه جي لشڪر اهو قلعو ڊاهي سڄو شهر ساڙي ڇڏيو. انهيءَ اڳئين شهر جو ويرانو اڄ تائين هاٽوڪي جيسلمير جي شهر ۾ ظاهر بيٺو آهي. اهو اصلوڪو شهر، ٻه ٽي سال ويران پيو هو، پر پوءِ 1651ع ۾ سبل سنگ نالي هڪ ڀٽي راجپوت پنهنجي وڏن جا وسايل ڀَٽ وسايا ۽ شهر جو اهو ئي اڳيون نالو قائم ڪيائين. هي اهو شهر آهي جتي شاهه لطيف گهمڻ لاءِ ويو هو. شاهه سائين جيسلمير جو ذڪر سر سارنگ ۽ سر معذوري ۾ ڪيو آهي.

شاهه سائين جا عقيدتمند جيسلمير ۾ رهندا هئا، هڪ دفعي شاهه لطيف جيسلمير ويو اتي رهائش دوران سندس ملاقات جيسلمير جي راجا پيم سنگهه سان ٿي. راجا پيم سنگهه شاهه لطيف کان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ سندس معتقد بڻجي ويو ۽ انهي راجا شاهه لطيف جي وفات کان پوءِ، درگاهه ڀٽ شاهه جي لاءِ نغارن جي جوڙي ۽ نغارا وڄائيندڙ موڪليا هئا. درگاهه ڀٽ شاهه تي اڄ به انهي خاندان وارا نغارا وڄائن ٿا. (هڪ روايت مطابق نغارن جون به جوڙيون ڏنيون.)

ڪتاب، لطائف لطيفي، مير عبدالحسين سانگي، احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مرزا قليچ بيگ. لطف الطيف، مولانا دين محمد جي احوالن مطابق، هڪ دفعي شاهه صاحب جيسلمير علائقي ۾ پيرين پيادو پنڌ ڪندي ڪن فقيرن سميت هڪ جاءِ تي اچي وٿاڻ ڪيائون. پر واري ڳوٺڙي ۾ سندن ڪو معتقد رهندو هو، تنهن اچي شاهه صاحب جي دعوت ڪئي ۽ عرض ڪيو ته منهنجي گهر ۾ هلي پير گهمايو. شاهه صاحب ٻن ٽئن فقيرن سان گڏجي فقير جي گهر ۾ تشريف فرما ٿيو. هن فقير شاهه صاحب جي ڏاڍيءَ محبت سان مرحبا ڪئي. مگر گهر ۾ اها پائي

ڪونہ هئس جو ڪٽي ڪاڏي لاءِ ڪجهہ تيار ڪرائي. آخر پنهنجي زال سان حال پر ملال بيان ڪيائين، يعني تہ مرشد ڪي تہ وٺي آيو آهيان، پر گهر ۾ تہ پينگ لڳي پيئي آهي. هو بہ رات جو وڳڙو ۽ تازو مينهن بہ وٺو هو، هاڻي وڃن سو وڃن ڪاڏي. فقير ڪي سندس زال چيو تہ ڳوٺ جو هٽ واڻيو منهنجي لاءِ مرندو آهي. سو جيڪڏهن آئون وٽس مهمان منهن هلي ڪجهہ گهرنديس تہ ڪنهن بہ شيءِ ڏيڻ کان ناڪار نہ ڪندو. برسات جي ڳپ چڪ ڪري زال ڪي ڪلهي تي ڪٽي آٽي، هندو جي هٽ تي لاٿائين. واڻيو هن مائي کي ڏسي وائڙو ٿي ويو. چوڻ لڳو تہ تون ڪمهلي ڪيئن ڪهي آئي آهين؟ خير تہ آهي؟ اڳ تہ مون ڏي اڪ ڪٽي بہ ڪونہ نهاريندي هئينءَ! مائيءَ سمورو قصو ڪري ٻڌايس تہ مون وٽ منهنجي مڙس جو مرشد آيل آهي، گهر ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي، تنهنڪري تو وٽ وٺي آيو اٿم. هاڻي جيئن تنهنجي دل گهري تيئن ڪري سگهين ٿو! جڏهن هندوءَ اهو سمورو معاملو معلوم ڪيو تہ ڏاڍي اچرج ۾ پئجي ويو. مائي جي مٿي تي چمي ڏيئي چيائين تہ اڄ تون منهنجي ماتا مثل آهين، تنهنجي جيڪا سچائي پنهنجي مرشد ۽ پنهنجي پتار سان آهي. مون ڪي نيڪ ڪرڻ لاءِ بس آهي، پوءِ تہ جو ڪجهہ گهربو هُئن، سو هنن جي حوالي ڪري ڪين روانو ڪيائين. جڏهن پتائي صاحب ڪي انهيءَ واقعي کان واقفيت ٿي تڏهن پاڻ فرمايائون تہ:

تني جيسر ميرياڻن جس، جي لله ڪارڻ لنبيون،
لالائي کان لطيف چئي ڪانہ لڳندين ڪس،
هُت بہ رهايئون رس، هِت بہ ڳڏيون هوت ڪي.

مٿيون جيسلمير وارو واقعو ڪتاب ميين شاهہ عنات جو ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ، سال 2010ع، ص: 42، 43 تي شاهہ عنات رضوي ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي ۽ بيت هن طرح لکيل آهي.

جي لله ڪارڻ لنبيون، تن جيسلميراڻين جس،
اني کي عنات چئي، ڪون لڳو هو ڪس،
هِت رهاياٺون رس، هُت بہ ڳڏيون هوت ڪي.

مشهور موسيقار ۽ گائڪ استاد امير علي خان لکي ٿو تہ، آنٽل ۽ چانچل جو تعلق ليکڪن گواليار سان ڇاڙيو آهي. شاهہ لطيف جي ڪلام جا ماهر استاد آنٽل ۽ چانچل هندستان جي پنجاب صوبي جي شهر گواليار جا نہ پر ضلعي جيسلمير جي ڳوٺ ريڏاڻي جا رهواسي هئا، اهي ڀئي ڀائر هئا ۽ ذات جا جيٺا مگٺهار هئا. ان ڪري انهن جا نالا بہ ٿري نالن وانگر هئا. اصل ۾ هڪ جو نالو آنٽڙيو ۽ ٻئي جو نالو چانچڙيو هو. آنٽڙيو انهيءَ ڪري چيو ويو جو هو ٿورو منڊڪائي هلندو هو ۽ ٻئي جو نالو چانچڙيو انهيءَ ڪري پيو جو اهو طبيعت ۾ شوخ مزاج هوندو هو. هي ٻئي شاهہ سائينءَ جي حاضري ڏيڻ لاءِ ضلعي جيسلمير کان شاهہ لطيف جي پٽ تي ايندا رهندا هئا. هڪ دفعي جيسلمير جي خوبصورت سوڪڙي جُتي (جنهن کي ٿري زبان ۾ چانڪڙي چئبو آهي.) کڻي آيا. جڏهن اها سوڪڙي شاهہ سائينءَ کي ڏنائون تہ لطيف سرڪار فرمايو.

جُتي جيسلميران آندي استادن.

حوالو: امير علي خان استاد، سر شاهہ، سمنڊ، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2007ع، ص_69، 70.

## مائي نماڻي اوڍياڻي شڪارڻ بابت مختلف روايتون

شاهه سائينءَ جي دور ۾ گنگا جتڻ، مائي بوئا وساڻ، صالحان تنياڻي، فاطمه ڪماري، بيبي لعل، مائي ڇامل (ڇامان)، مائي گلان حجامڻ ۽ مائي نماڻي ٿريرياڻي جهڙا ڪردار مشهور هئا. ڪتاب، پٿائيءَ جا پنڌ ۽ پيچرا، جي صفحي 139 ۽ 141 تي سانگهڙ شهر کان ڇهه ست ڪلوميٽر اولهه طرف، سنجهوري روڊ تي اتر طرف نڪرندڙ ڳوٺ گل شير وساڻ واري ٻن ڪلوميٽرن واري روڊ جي چيڙي تي جريب کن ۾ بيٺل گهاٽن ڪبرن ۽ پراڻن ڪنڊن جي وچ ۾ رنگين ڪپڙن سان ڍڪيل هڪ قبر نهيل آهي. جيڪا مائي اوڍياڻيءَ جي قبر يا ان جو تڪيو سڏبو آهي. مائي اوڍياڻي متعلق ملندڙ مختلف روايتن مطابق مائي "شڪاري" ذات سان تعلق رکندڙ هئي. شڪاري جيئن ته مختلف جانورن کي مختلف طريقن ۽ ڪُتن سان شڪار ڪري گذر سفر ڪندا هئا. ان ڪري هي جهنگ وارو علائقو سندن لاءِ ڏاڍو زرخيز هو. هڪ ڀيري مائي اوڍياڻيءَ گرمي جي موسم ۾ خيرات وٺيو واپس ديري تي پئي آئي ته ننڍڙن گلرن کي رڙيون (ڇوڪٽ) ڪندي ڏسي ٻڌي ڪيس انهن تي ڏاڍو قياس آيو. هن گلرن کي پاڻي پيارڻ چاهيو پر پرسان ڪو ٿانو نه هو. مائي جهنگ ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاري، ڪي چون ٿا ته ٻڪ ۾ ۽ اڪثريت چوي ٿي ته ٽنگن جي وچ ۾ (ڇڏن ۾) پاڻي رکي (جيئن پاڻي هيٺ نه ڪري ۽ گلر آساني سان پاڻي پي/لڪي سگهن)، گلرن کي پاڻي پياريائين. قدرت اهو سچو عمل ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان پئي ڏٺو. مائيءَ جي اها ادا ڏٽي در ايتري ته پسند ڪئي وئي جو هو رنگيءَ جي رنگ ۾ رنگجي وئي. هاڻ اوڍياڻي شڪارڻ، اڳوڻي "اوڍياڻي" نه رهي هئي بلڪ دعا پٽ واري "مائي اوڍياڻي" بنجي چڪي هئي. هڪ ڀيري شاهه صاحب جن جو اتان گذر ٿيو. پٿائيءَ کي جهنگ ۾ هلندي، هڪ ڪنڍيءَ جي ٻُنڊي جي ڪُت پير ۾ لڳي. پٿائيءَ کان بي اختيار نڪري ويو ته "باهه لڳيئي" ڪُت کي باهه لڳي وئي، پاڻ اڳتي وڌي ويا. اڳتي هڪ ڪتي ڀونڪي. پاڻ ڪتيءَ کي چيائون ته "هل نڏٽڪي". مائيءَ اهو لقاءَ پئي ڏٺو ۽ ٻڌو. هن شاهه صاحب کي چيو ته ڪتي ڏٽڪي آهي. ٻنڍيءَ وانگي نڏٽڪي ڪونهي جو ان کي

باھ لڳي. ڀِتائيءَ ڏنو تہ مار! ڳالھ ڳري آهي، ماڻهو اڃان پيا آهن. مائيءَ ڀِتائيءَ کي ماني کائڻ جي دعوت ڏني، جيڪا ڀِتائيءَ قبول ڪئي. مائي هئي شڪارڻ سو هن ڀِتائيءَ جي سامهون "گلويون" ديڳڙي ۾ وجهي، رڌي آڻي اڳيان رکيون. شاھ صاحب اڪين سان پئي ڏٺو سو دل جهلي نہ سگهيا ۽ چيائون تہ "هينئر ٻڪ کائهي، ماني ٻڌي ڏي، اڳتي وڃي کائيندس". مائيءَ کين ماني ڪپڙي ۾ ٻڌي ڏني. شاھ صاحب جن اتان اٿي روانا ٿيا. ٿورو اڳتي وڃي پاڻ اها ماني هڪ سڪل وڻ جي ٻُنڊ جي پاڙ ۾ هاري ڪپڙو ڇنڊي اڳتي وڌي ويا. گهر پهچي ڪن روايتن مطابق تہ پاڻ اهو ڪپڙو هڪ نوڪر کي ۽ وڌيڪ روايتن مطابق هڪ نوڪرياڻيءَ يا ٻانهيءَ کي داغ ڌوئڻ لاءِ ڏنائون. ڪپڙو تہ ڌوپجي ويو پاڄيءَ جي سٽپ وارو داغ نہ لٿو، سو نوڪر / ٻانهيءَ داغ ختم ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي، ڪپڙي واري داغ کي چوسيو. جڏهن نوڪر ڪپڙو ڌوئي واپس پئي آيو تہ سندس پير زمين تي نہ ٿي لڳا ۽ هو زمين کان مٿان مٿان هلندي پئي آيو. ڪن روايتن مطابق ٻانهيءَ پاڻ زمين کان مٿي هلندي پئي آئي. شاھ صاحب اها ماجرا ڏسي سبب پڇيو تہ کين جواب مليو تہ "ٻيو تہ ڪو اهڙو عمل ڪونہ ڪيو اٿئون! ها باقي ڪپڙو چوسي صاف ڪرڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي هئي سون". شاھ صاحب ڳالھ جي تہ تي پهچي ويا. واپس ساڳئي رستي کان ٿيندا مائي اوڍياڻيءَ جا مهمان وڃي ٿيا. رستي ۾ ان سڪل وڻ کي ڏنائون جنهن تي ٻوڙ هاريو هئائون. ڏسن تہ وڻ سائو ستابو ٿيو بيٺو هو کين اچا ٻہ وڌيڪ پڪ ٿي. پاڻ وڃي مائيءَ کي ماني لاءِ چيائون تہ مائي وراڻيو "هاڻ دير ٿي وئي آهي". شاھ صاحب جي اتي موجودگيءَ دوران ڳالھ حج جي/ڪعبت الله جي زيارت جي نڪتي تہ مختلف روايتن مطابق مائي ڀِتائيءَ کي اکيون بند ڪري پنهنجن پيرن تي پير رکي بيهڻ ۽ هٿ هٿ ۾ ڏيڻ جو چيو. ٿوريءَ دير ۾ ٻئي ڄڻا وڃي پلي پار پهتا. اتي پهچي مائيءَ هٿ سان ڪو اشارو ڪيو. زيارت ڪري موٽڻ مهل شاھ صاحب مائيءَ کان پڇيو تہ هٿ سان تو ڪهڙو ۽ ڪنهن کي اشارو ڪيو هو. مائيءَ چيو تہ ڳوٺ ۾ لوڏ ۾ ستل ڇڏي آيل ٻار رنو پئي، سو ان کي لوڏو ٿي ڏنم. ان کان پوءِ راوي خاموش آهن. پر اها ڳالھ ثابت آهي تہ ان

رنگيءَ جي رنگ ۾ رنگيل شڪارڻ عورت ڏانهن ڀين ڪيترن ئي الله لوڪن سان گڏ شاهه صاحب بہ پنڌ پئي ڪيا. هزارن لکن کي متاثر ڪندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جن پاڻ هن غريب مسڪين مائيءَ جي ذات کان متاثر ٿيڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگهيا. پر هڪ ڳالهه جيڪا تاريخ جي طالبِ علمن کان ڳطلب ٿي ڪجي سا اها آهي تہ شاهه عبداللطيف جن گهٽو ڪري جتي بہ ويا آهن يا ڪنهن ماڻهو يا واقعي کان متاثر ٿيا آهن تہ ان جو ذڪر پنهنجي شاعري ۾ ضرور ڪيو اٿن، پر هن مائيءَ جي حوالي سان ”پيسو ڳوٺ“ ۾ رهندڙ هڪ سؤ سالن کان مٿي ڄمار جي، حر تحريڪ جي غازي بلاول خاصخيلي، گل شير وساڻ ۾ رهندڙ رمضان وساڻ ۽ مير محمد شاهه کان ويندي ٻيا ڪيترائي ڄاڻو ماڻهو خاموش آهن. جيڪڏهن ڪنهن لطيف جي پارکوءَ کي انهيءَ سلسلي جو يا مائي اوڍياڻي شڪارڻ واري واقعي ڏانهن اشارو ڪندڙ ڪو شعر ذهن ۾ هجي تہ اهو ظاهر ڪري تہ ڳالهہ اجا بہ وڌيڪ سولي ٿي پوندي. باقي رهيون مٿي ذڪر ڪيل ۽ ملندڙ روايتون تہ انهن ۾ عقيدت، محبت ۽ ماڻهن جي سوچ کي سولائيءَ سان ڏسي، سمجهي ۽ محسوس ڪري سگهجي ٿو. (حوالو: ڪتاب، ڀٽائيءَ جا پنڌ ۽ پيچرا، ص، 141، 142، 143).

اڻ ڇپيل ڪتاب ”تاريخ قديم هالا“ جي لکت موجب مائي ٿورياڻي ڪرامت واري ۽ اهل الله ٿي گذري آهي. هيءَ مرحومہ اصل ٺٽي جي هئي ۽ شاهه ڀٽائي جي وقت جي هئي. ڪن راوين جو چوڻ آهي تہ، هالن پراڻن جو هڪ ماڻهو شادي ڪري آيو. جنهن ڪري مائي ٿورياڻي ان ماڻهو سان شادي بعد سندس رهڻ هالن پراڻن ۾ ٿيو. ۽ اتيئي وفات ڪيائين. سندس تربت شاهه ديانہ جي مقام ۾ آهي. هڪ دفعي شاهه صاحب انهي محترمہ جو مهمان ٿيو. شاهه صاحب جي مهماني لاءِ مائي صاحبہ ڪرامت ذريعي مڇي گهرائي. پر اها شاهه کي ڳوهہ نظر آئي، سو شاهه صاحب اها نہ کاڌي، پر ڪنهن جاءِ تي اڇلائي ڇڏي. پر اتي سائو وڻ اپري آيو. جنهن گنديءَ ۾ اها مڇي هئي سا رتجي ويئي. تنهن ڪري اها شاهه صاحب پنهنجي نوڪرياڻي کي ڏني. نوڪرياڻي جڏهن ان رت کي چوسيو تہ اڏامڻ لڳي. تنهن تي شاهه صاحب ان جو سبب پڇيو. نوڪرياڻي ٻڌايس تہ، ان گندي ۾ لڳل رت

ڪي چوسڻ سان ائين ٿيو. چون ٿا تہ شاهہ صاحب واپس وريو تہ، ان مچي ڪي وري حاصل ڪريان. پر جتي اها مچي اجلائي وئي اتي سائو وڻ بيٺل هو.

مائي ٿورياڻي جي وفات ڪان پوءِ سندس تربت ڏني وئي آهي تہ، پاسيري ڪنڌائتي آهي. ڪافي ڀيرا سندس تربت اتر ۽ ڏکڻ طرف نهرائي وئي آهي. تہ ٻئي ڏينهن پاسيري ۽ ڪنڌائتي ٿي ويندي آهي. جا اڄ تائين ان صورت سان آهي. (حوالو: مولوي محمود قريشي ۽ قاضي شوڪت علي ”تاريخ قديم هالا“ اڻ ڇپيل. ص: 188) مائي ٿورياڻي جي ڳالهہ محمد حبيب سنائي پنهنجي مقالي ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هالا ڪنڌي ۽ اتي رهندڙ سندس همعصر مشاهير“ ۾ آندي آهي.

ڪتاب، نت نت آهہ نئون، ص: 168 تي لکيل آهي تہ، ڪراچيءَ ڪان اولهہ اتر ڪنڌ تي حب نديءَ جي ڪناري تي مائي جي مزار آهي. جتي چنڊ جي هر چوڏهين ملهائي ويندي آهي، هن لاءِ اهو مشهور آهي تہ اها پوڙهي مائي آهي. جيڪا لطيف جي ٻوڙ ۾ خراب ٿيل چادر جو پلاند ڌوئي رهي هئي، سٽيپ وارو داغ نہ لهڻ جي صورت ۾ پوڙهي ان کي چوس ڏئي سٽيپ ڪيڻ جو جتن ڪيو تہ ڪيس جواني ملي هئي. ان پسڻ ڪري ئي ڪيس ”مائي ڳاڙهي“ سڏيو ٿو وڃي.

شاهہ صاحب ڪوٽڙي ڪبير (ضلعو نوشهرو فيروز) جي محلہ ابياڻيءَ جي ٻاليشاهڻ نالي نماڻي جي گلوين واري ڀاڄي نہ ڪائي وڃايو. جنهن جي رفاقت ۾ شاهہ صاحب خانہ خدا ۾ فرض نماز ادا ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي هئي. جڏهن شاهہ صاحب ان عورت جي مزيد منزلت جي اقدار ڪان واقف ٿيو تہ وقت گذري چڪو هو، مائي فوت ٿي چڪي هئي. شاهہ صاحب ان سان مزار تي مراقبو ڪري ملاقات ڪئي. ان گلوئين واري ڪاڄ جو ڏاڪون ڏکيل جو ڏک، سچل سرمست لاهي پٽ پڌرو ڪيو آهي.

(ڪافي)

ٿلهہ: شان سيد تنهنجو شاهنشاهي آهيان مون آهيڙياڻي.

1. ٻال جتيءَ ڪان ٻاليشاهڻ نالي ذات نماڻي،

شاهہ چاڙهي آ شوق منجهارئون ڏوليءَ ۾ ڏڦيرياڻي.

2. گذران اسانجو آهي، گلوبون ٽر ۾ جائي ٽربرياٽي،
چت چنوڙي چولو چيھڙايون مٽي تي پوتي پراٽي.
3. فذ ڪروني اذڪر ڪم پارس ڏانھن پچاٽي،
اَنا احمد بِلا ميمي آ سچل ذات سڃاٽي.

ڪوٽڙي ڪبير جو شهر ان وقت وڏو وسندڙ ۽ آباد هو، ان جي وسعت ان شعر مان ظاهر پڌري آهي. مشرق ڪان واياٽي يا حد مغرب ابياٽي. شمال روان درياه تاحد جنوب بِهلاٽي. ان ۾ هڪ سؤ مسجدون ۽ سؤ پڪا کوھ، هڪ سؤ پاڙا ۽ سؤ مدرسا هلندا هئا. اوپر ڪان اولھ تائين شهر جي ڊيگھ ڏهاڪو ڪن ڪلوميٽر ٿيندي ۽ اتر کان ڏکڻ تائين شهر جي ويڪر اٺ ڪلوميٽر ڪن ٿيندي. (حوالو: ڪتاب سامي سفر هليا، ليکڪ، غوث محمد گوهر، ڇاپو پهريون 1997ع، ص، 173، 174).

غوث محمد گوهر جي ڪتاب مطابق اهو ثابت ٿئي ٿو تہ مائي نماڻيءَ سان شاهہ لطيف جي ملاقات ٽر واري سفر ۾ ٿي آهي ۽ مائي نماڻي جي قبر ڪوٽڙي ڪبير جي قبرستان ۾ آهي. اهڙي نموني ان عظيم عورت ۾ سچل سائين اعليٰ گڻ ڏسي سندس شان ۾ ڪافي چئي آهي ۽ ان ڪافيءَ ۾ بہ ٽر جائيءَ جوذڪر ڪيل آهي.

حضرت شاهہ عبداللطيف هن جي منزلت نہ سمجهي سگهيو اها ڳالهہ عقل تسليم نہ ٿو ڪري هن ڪردار تي اڃان وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

## مُلا ملان مہ چَئہ ! هن بيت بابت مختلف روايتون

ملا متقي پرهيزگار ۽ شريعت جا پائبند آهن، ٻار جي ڄم کان وٺي نڪاح تائين بهترين ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ مدرسن ۾ ديني تعليم جو درس عام ڪن ٿا. پر ڪجھ ڇهبڙ ۽ پيٽو ملن ڪي حضرت ٻُلا شاھ، حضرت سچل سرمست ۽ شاھ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ ننديو ۽ پٽيو آهي. ڪتاب، ڀٽائيءَ تي ٻهتان، ڇاپو 1998ع جي صفحي 42 ۽ 43 تي لکيل آهي ته، روايت موجب شاھ صاحب جڏهن نانيءَ واري آستان تان جوڳين کان جان ڇڏائي زمين ۾ ٽپي هٽي اچي ڪوٽڙي مغل (يا نگر ٺٽي)مان نڪتو تہ اتي هڪ وڻ هيٺ ويهي رهيو، پر جيئن تہ شاھ جوڳين جي لباس ۾ هو تنهنڪري ڪيس ڪير بہ سڃاڻي نہ سگهيو. هتي ڪيس هر روز پنج روپيہ غيب مان ملندا هئا، جن ڪي پاڻ ڇهندو بہ ڪونہ هو. هڪ مُلو جيڪو پرسان رهندو هو، سو اهي پئسا ڏهاڙي کڻي ويندو هو. هڪ ڏينهن هن ڪي هڪ ڪاسائي پئسا ڳڻندي ڏسي ورتو، سو ٻئي ڏينهن مُلي کان اڳي اچي اهي پئسا کڻي ويو. اهڙي طرح بہ ٽي ڏينهن ائين ڪيائين. آخر مُلي بيزار ٿي شاھ کي چيو تہ اي برهمڻ ! پئسا ڪيڏانهن ڪيئي؟ شاھ ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. تنهن تي مُلي چيس تہ تو وڏو ڏوھ ڪيو آهي. توکي تہ مسلمان ڪرڻ گهرجي ! جڏهن مُلي تمام گهٽي بڪواس ۽ گار گند ڪئي تڏهن شاھ صاحب ڪَڪِ تي ڪيس پاراتو ڏنو تہ:

مُلئين مني ماءُ، جنهن پٽو قِٽو پيٽ ۾،
سڃاڻي الله، ٽپي ڏنائين ڏوڙ ۾. (سر يمن ڪلياڻ)

مُلا مُلان مَ چئو، اهي آهيڙي آهين،
مرونءَ سندي ماھ تي، ٿا ماڪ مٽائين،
ڪنيون قرآن ڪڇ ۾، ٿا رليا رلائين،
انهن تي آهين، لعنتون لطيف چئي.

ٻي پڙهڻي: اهڙا ئي آهين لالچي لطيف چئي. (سر يمن ڪلياڻ)

مُلان ناهن مولا جا، آخوند سڀ انڌا،

لاهي ڇڏ لطيف چئي، ڪاٺين جا ڪنڌا،
هاديءَ تو هنڌا، پٿين پرايو ڪين ڪي.

مُلن جو مولا سان، ڪُڄاڙو لڳي،
رنجايئون رسول کي، الستؤن اڳي،
مُلن وڏو آ مچ ۾، ڳڏهه ڳابو ڳڏي،
تن لوٺين کان لڏي، لاڙو ڪر لطيف چئي.

ڪتاب: ڀٽائيءَ تي بهتان، محبوب علي سمون. شاهه جو ڳنج، الهداد جنجهي. شاهه جو ڳنج، محمد قاسم راهمون.

نواز ڪنير جي لکڻ موجب، شاهه لطيف جي دؤر ۾ ڪنيري وارو مدرسو (دائرو) ڏيهه پرڏيهه ۾ مشهور ٿيو ته ان جي شهرت ڀٽائيءَ تائين پهتي. روايت مطابق ڀٽائي صاحب ميان عبدالباقيءَ جي ڪرامتن مان متاثر ٿي ڪنيري ايندا رهندا هئا. هڪ ڀيري ميان (طيب) طبيب جن جي وقت ۾ ڀٽائي صاحب ويس بدلائي، لُنگ ٻڌي تِلڪ لڳائي، ظهر نماز کان ڪجهه اڳ، مسجد ۾ سيپارا مٿي هيٺيان ڏئي اولهه طرف پير ڪري سمهي رهيا. جڏهن مدرسي جي استادن، شاگردن کي ٻپهري نماز جي تياري جو حڪم ڏنو ته مسجد ۾ ته ڪم ئي ٻيو لڳو پيو هو! چوڪرن کي به لڳو رونشو. ڀٽائيءَ به ڪو هجي صفا آخري آزمائش جي خيال ۾ سو جڏهن چوڪرن جي چوڻ تي شاهه صاحب جن مسجد مان ٻاهر نه آيا ته چوڪرن ”ماسترن“ پاران سيڪاريل ۽ آزمايل طريقو ٽنگا ٽولي ڪري ڀٽائيءَ صاحب جن کي مسجد کان ٻاهر ڇڏي آيا. ڀٽائيءَ سرڪار جو اهو ويس ۽ اهي ڳالهيون هيون راز، رمز ۽ معرفت جون جن کي نه شاگرد سمجهيا نه ئي استاد سمجهي سگهيا. روايتن مطابق سيپارن لاءِ ڀٽائي جو چوڻ هو ته ”جي ڪتاب مٿان ڪتاب رکيو ته ڇا ٿيو!“ ڪنيري ۾ ڀٽائيءَ صاحب جي اچڻ جي حوالي سان چيو وڃي ٿو ته هو ٿر جي سفر دوران هٿونگي کان ويهه پنجويهه ڪلوميٽر اتر طرف کان جوٽيجن ۽ راڄڙن جي ”تڙ هاتو“ يوسي جٺهار کان ٿيندي. اچڙي ٿر ۾ دريئنه جو اوريون

پاسو ڏئي "ساميءَ واري مڙهي" وٽان ٿيندو هتي آيو. ٿاريلن لاءِ چيل سنڌس هي بيت انهيءَ سفر جو ئي چيل ٻڌائجي ٿو:

ڏوري ڏوري ڏيهه، ڏٺم ٿاريلن جو ٿر،
نڪي ڏندڻ ڏين ڏندن کي، نڪي منهن تان لاهين مَر،
والي هيڏو وڙ، هنن ڪِنن تي ڪيئن ڪيو.

(خبر ناهي تہ هي بيت پيٿائيءَ سرڪار جو آهي يا ڪنهن ٻئي شاعر جو، ماڻهو هن بيت کي پيٿائيءَ سان منسوب ڪري پڙهن ٿا).

ڪن روايتن مطابق پيٿائيءَ سرڪار هنگلاج مان ٿبي ڏئي نٿي مان نڪرڻ بعد گهمندي ڦرندي هتان اچي نڪتا هئا، ان ڪري ئي ڪين هتي اچڻ وقت لانگوٽو بہ ٻڌل هو تہ تلڪ بہ لڳل هئي. ڪن روايتن ۾ ڪنيري ۾ تہ ڪن روايتن مطابق "تجل واري مسجد" ۾ ڪتو بہ اچي ٻڌو هئائون. جنهن کي بہ اتي وارا سالڪ سڃاڻي نہ سگهيا هئا پر جن سڃاتو انهن چيو تہ پيٿائيءَ هي ڪتو نہ پر "نفس" ٻڌو آهي. اهي بہ روايتون آهن تہ پيٿائيءَ هتي اڳ ۾ بہ ايندو ويندو هو ۽ ڪافي عرصو هتي عبادت ۾ بہ گذاريو هئائين. پر راڄڙ مٽس ڪن سببن جي ڪري ڪن ماڻهن جي بقول تہ ميئين صاحب سان پيٿائيءَ سرڪار جي ويجهڙائپ راڄڙن کي نٿي وڻي. ان جي ڪري مٽس ناراض ٿي پيا ۽ انهن ڪبڙن کي باهہ بہ ڏئي ڇڏي هئائون پر پيٿائيءَ اتان صحيح سلامت نڪري آيا هئا. ڪنيري ۾ شاهہ صاحب اڪثر ڪري موجوده مسجد جي محراب واري جاءِ پرسان رهندا هئا. چون ٿا تہ هتي جي ماڻهن شاهہ صاحب جن تي ڪتا بہ ڇڏيا هئا جن لاءِ پيٿائيءَ سرڪار چيو هو تہ:

نڪي آهيون چُوهڙا، نڪي آهيون چور،
هاڳاما ۽ هور، ڪُتا ڪرين ڪَڻ تي. (الهداد جنجهي، شاهہ جو گنج، سُر معذور).

نَہ ڪِين آهيون چُوهڙا، نہ ڪي آهيون چور،
هنگامان ۽ هور، ڪُتا! ڪريين ڪَن تي؟

(غلام محمد شاهواڻي، شاهہ جو رسالو، سُر معذوري، داستان: 1).

مسجد جي ڏڪڻ اولهہ ڪنڊ تي ملان ڪاتيار وارن مرشدن مان سائين اسحاق جو تڪيو، ڪبڙن جي جهڳتي جي صورت ۾ اڄ بہ موجود آهي. چون ٿا تہ ”ملان مرئي ماءُ، پٽو قاتئي پيٽ ۾“ وارا بيت انهيءَ واقعي بعد هتي جا چيل آهن تہ هيٺيان بيت بہ ڀٽائيءَ هتي ئي چيا هئا.

پڙهن تسبيحون پاپ جون، اٿيو رات اسور،
ڏهرجن ڪان ڏور، رهہ تہ راحت ٿئي.

مُلان ملان مَ چئو، آخوند سڀ انڌا،
لاهي چڏ لطيف چئي، ڪاٽيل جا ڪَنڌا،
سَڙي سڀ سَنڌا، ويا طَمعَ ۾ تَن جا.

مُلان ملان مَ چو، هي آهيڙي آهين،
مِرونَ سندي ماهہ تي، ٿا ماٽڪ مَتائين،
اهڙا ئي آهين، لَعنتي لطيف چئي.

انهيءَ واقعي بعد شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هتان ناراض ٿي وڃڻ بعد ڪنيڙو ڦٽي ويو ماڻهون هتان لڏي ويا. ڀٽائيءَ جي وفات بعد حاجي بشام بروهي (جنهن جي مزار سنڌڙي لڳ آهي.) جيڪو هتي ايندو ويندو هو سو 1930ع ڌاري هتان جي عام ماڻهن تورڙي حافظن سان گڏ اٺ ڪان يارنهن راتيون شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي درگاهہ تي جاڳڻ ۽ چلو ڪيڻ بعد، ڀٽائيءَ پاران ناراضگي ختم ٿيڻ جو اشارو مليس تہ واپس وريو ۽ پوءِ ڪنيرو ٻيهر آباد ٿيو.

شاهہ لطيف جو ڳوٺ ڪنيري مان آخوندن، ڏهرجن، راڄڙن، مُلن وٽان پيرو ڪري ڳاهن وٽان لگهندي، سرن واري لڳ ميان تاج محمد جي ڳوٺ پهتا. سرن واري اها جاءِ هن وقت ”ڳوٺ مخدوم ميان ولي محمد“ سڏجي ٿي. هي ڳوٺ تعلقي سانگهڙ جي ديهہ سرن واري، ٽپو ساريجي ۽ يوسي چوٽياري ۾ واقع آهي.

روايتن مطابق هتي بہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ساڳي لُنگيءَ ۽ تِلڪ واري لباس ۾ ظهر جي نماز وقت جُتيءَ سوڌو مسجد جي محراب ۾ الهندي پير ۽ سيپارا

سيراندي ڪري سمهي رهيا. ان وقت شاگردن نماز جي تياري پئي ڪئي. اها خبر جڏهن ڪشف جي مالڪ ۽ الله جي پياري وليءَ ميان تاج محمد جن کي ملي ته هو سڄي ڳالهه سمجهي ويا ۽ ماڻهن کي ماٺ رهڻ جو حڪم ڏيندي، وڃي پيٽائي صاحب سان مليا. ميان صاحب سلام ورايو ته پيٽائي جواب نه ڏنو، تنهن تي ميان ولي محمد/ميان تاج محمد چيو ته:

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ،
هندو هڏ نه آهين، جٽيو تو نه جُڳاءِ،
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

جنهن جي جواب ۾ پيٽائي وراڻيو: مونا طور سينا، سندا سناسين.

پوءِ شاهه صاحب وعليڪم اسلام چئي کين مليو، وٽن رات رهيو ۽ ڪچهري ڪيائون. پيٽائيءَ ميان صاحب کي پاڻ سان ڪنيري ۾ تيل وارتا پڌائي، جنهن تي ميان صاحب چيو ته ”سائين هن لباس ۾ توهان کي ڪير سڃاڻيندو؟“ چون ٿا ته پوءِ پيٽائي صاحب وهنجي سهنجي لباس مٽايو ۽ ننگر پاڻي ڪيو. ان بعد جڏهن مئين صاحب پنهنجن مريدن جو وزن به کين ڪٽڻ جو چوندي پيٽائي کي پنهنجو مرشد ٿيڻ ۽ کين مريد ڪري ذڪر ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو ته پيٽائي صاحب فرمايو: ”توهان جي منزل مون کان مٿي آهي“. توهان ”روضي ڌڻيءَ جا مريد ٿيو جن جو ظهور ٿي چڪو آهي“ روضي ڌڻيءَ جن جون نشانيون ٻڌائيندي پيٽائيءَ چيو ته هو گابا چاريندو هوندو ۽ وڻ جي ڇانوَ اُن تي ٿي هوندي. هو پل گهڙي به پاسي بيٺل هجي. جڏهن ميان تاج محمد روضي ڌڻيءَ جن کي پيٽائي صاحب جن جي ٻڌايل نشانين مطابق سڃاڻي، کين مرشد ٿيڻ لاءِ عرض ڪيو ته، روضي ڌڻيءَ جن پهرين ته کين ٿارڻ جي ڪندي چيائون ته: ”توهان ڪٿي اسان جي چرئي مائٽ جي چوڻ تي ڪونه لڳا آهيو“؟. ميان صاحب ڪانسواءِ سرن واريءَ ۽ ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ ذاتين وارا سندن مريدن به روضي ڌڻيءَ جا مريد ٿي ويا.

شاهه لطيف ٿر ۾ ڪپرين وٽ آيا جن جي باري ۾ روايت مشهور آهي تہ اهي سندن جُتي چورائي ويا. ان واقعي جي حوالي سان پٽائيءَ سرڪار سان منسوب هي بيت ملي ٿو.

ڪپري ۽ ڪانو، اکر ٻئي هيڪڙي،
هڪ چوري ڪان نہ رهي، ٻيو وڃائي ٿانو،
ڪپري ۽ ڪانو، ڏاڏا ڪيڄ ڏيهہ مان.

حوالو: نواز ڪنير، پٽائيءَ جا پنڌ ۽ پيچرا، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون، ڊسمبر 2014ع، ص: 96، 97، 98، 101، 104، 105، 106، 107، 129، 130.

## شاهه لطيف جي ڪورين سان ڪچهريءَ بابت مختلف روايتون

دنيا ۾ سڀ کان اول ڪپهه جي پوک سنڌ ۾ ٿي ۽ ڪپهه مان ٺهيل پهريون پيرو ڪپڙو موهن جو دڙي وارن ماڻهن ٺاهيو. شاهه لطيف جي دور ۾ سرنديءَ وارا يعني امير ماڻهو پٽولا، بخمل، بافتو، ارم، عنبير، ململ، پٽ وغيره پائيندا هئا. ۽ گهٽ آمدنيءَ وارا ماڻهو لوئي، کٿو، کيس، کهنبو، چريل ۽ پانڌٽي وغيره استعمال ڪندا هئا.

1696ع ۾ برسات نه پوڻ جي ڪري ٺٽي ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ اسي هزار ماڻهو پليگ سبب مري ويا، اهي سوٽي ۽ پٽ جي ڪپڙي جا ڪوري هئا. ٺٽي کان سواءِ نصرپور ۽ سيوهڻ ۾ اٽڪل ست هزار ڪورين جا ڪٽنب ڪپڙي جي ڪاروبار ۾ مشغول هئا. اهي ٽئي شهر ڪپڙي جي صنعت ۾ مرڪزي حيثيت رکندا هئا. ان کان علاوه ڪنڊيارو (قبل مسيح ۾ نالو ناگراما پوءِ مغلن جي دؤر ۾ پٽوئي پور) دربيلو (ڊيرو) بکر، روهڙي (لوهري) گمبٽ، بوبڪ ۽ سن شهر ۾ پڻ چڱي تعداد ۾ ڪپڙو تيار ٿيندو هو، مجموعي طرح سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت ۾ اٽڪل هڪ لک پورهيت ڪم ڪندا هئا. اهو ڪپڙو پرڏيهي واپاري اچي خريد ڪندا هئا. ڀٽائي سرڪار سنڌ جو چپو چپو گهمي ڪورين جي ڪرت کان تمام گهڻو متاثر ٿيو. انهن جي پورهيي جو قدر ڪندي ڪين سر ڪاپائتي ۾ ياد ڪيائين. (حوالو، ڀٽ جو شاهه)

عاصي عبدالواحد هڪڙو پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو ته، شاهه صاحب جڏهن نصرپور ويو ته اتان جي بزرگن کان علاوه اتان جي ڪورين، ڪتين، لوهارن ۽ ڪنيارن سان به ويجهو واسطو ٿيس. نصرپور جو عنات ڪوري ۽ سندس پاءُ دوسو، جن مان عنات ڪوري هڪ پهتل ۽ صاحب ڪرامت شخص هو، انهن سان ڀٽائي صاحب جي تمام گهڻي دوستي هئي. وٽن ڀٽائي صاحب هڪ ڀن پهرن جو آيو، ڪوري پنهنجي ڪرت ۾ ئي قابو هئا. ڀٽائي صاحب عنات ڪوري جي آزمودي وٺڻ لاءِ کيس چيو ته "عنات اسين اڄ پلو کائينداسين." اها موسم اهڙي هئي جو پلو ملڻ مشڪل هو، عنات ڪوريءَ چيا ڪيو جو ڪپڙي اٽڻ وقت جنهن ڪڏ ۾ پير وجهي

ويهندا آهن، ان ۾ هٿ وجهي ٻه تازا پلا ڪڍي سندس ڇوڪر کي ڏنا جن مان پاٽي پئي ٺميو. لطيف سائين ان موقعي تي چيو ته،

نئون نياپو آيو راٽي ملان رات،
لڌي سون لطيف چئي ڏاتر وٽان ڏات،
ڪانہ پڇي ذات، جي آيا سي اگهيا.

ڪورين اهي پلا رڌائي شاهه صاحب ۽ سندس فقيرن کي ماني کارائي. شاهه صاحب انهن ڪورين جي آڏاڻ ڪم ڪار، ڪپڙي ڳنڍڻ چڻڻ جون ڳالهيون پنهنجي رسالي جي سر ڪاپاتيءَ ۾ ڪيون آهن. انهي عنات ڪوري ۽ دوسو ڪوري جي پيچ پٽائي صاحب کي اهڙو تہ قابو ڪيو جو پاڻ انهن ڪورين وٽ پيو ايندو ويندو هئو، ساڻن حال احوال اوريندو هئو. هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ شاهه صاحب جو ڪيترن ئي ڏينهن تائين نصرپور ۾ اچڻ ڪونہ ٿيو، انهيءَ ڪري پٽائي صاحب ڏي عنايت ڪوري چوائي موڪليو تہ ”سائين پنهنجا پلارا قدم اسان جي آستاني تان گهمائي وڃو“. پٽائي صاحب اهو پيغام ٻڌي ڪورين ڏانهن هلڻ جي تياري ڪئي، فقيرن شاهه صاحب کان پڇيو تہ سائين ڪهڙي پاسي پيا هلو، شاهه صاحب کين ورندي ڏني تہ:

هلو هلون ڪورئين نازڪ جن جو نيهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن، چڻڻ مور نہ سکيا.

انهيءَ عنات ڪوري سان ڪن پنهنجي مائٽن جي اٽبٽت ٿي پئي جنهن سڄي حقيقت پٽائي صاحب کي بيان ڪري ٻڌائي. پٽائي صاحب کين هيئن فرمايو:

هو ڇنن تون م ڇن، پاءِ اميري ان سين
هوءَ جي ڏينئي مهٽا، سي جهولي پائي ڳن
پني لڳي پن، ان سونهاري سڱ کي.

(قربان علي ميمڻ، مرتب، فڪرِ لطيف، سال اپريل 1986ع، ص: 63)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روايتن مطابق شاهه سائين جڏهن ڪنيري آيو هو ته اتي ڪورين ڪي ڪپڙو اڻندي ۽ سٽ ڪتيندي ڏسي هيٺيان شعر چيا هئا. انهن ڪورين جو اولاد اڄ به ڪنيري ۾ آباد آهي. پر انهن ڪورڪو ڪم ڇڏي ڏنو آهي.

هلو هلو ڪورئين جتي نازڪ نيهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن ڇنڻ مور نه سڪيا.

هلو هلو ڪورئين جتي نيهن اڇل،
نڪا ڇهل نه پل، هر ڪا پسي پرينءَ کي.

(حوالو، نواز ڪنير، ڪتاب، ڀٽائيءَ جا پنڌ ۽ پيچرا، 2014ع، ص 130)

شاهه لطيف جي دور ۾ سنڌ جو سوسي ڪپڙو مشهور هو. شاهه لطيف جڏهن روهڙيءَ (لوهري) ۾ آيو ته ان وقت روهڙيءَ ۾ ڪپڙي اڻڻ وارن جو هڪ علحده محلو قائم ٿيو. سنڌ ۾ سوسيءَ کي ”ڪورڪي“ به چيو ويندو آهي، ان ڪري روهڙي جي ماڻهن ”سوسي گرن“ محلي کي ڪورين جو محلو سڏيو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪين عزت ۽ محبت وارن لفظن ۾ ياد ڪندي فرمائي ٿو ته:

هلو هلو ڪورئين نازڪ جن جو نينهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نه سڪيا.

روهڙيءَ جي ”امام بارگاهه سيد سجاد“ سان لڳو لڳ سر اوير ۾ تاريخي ”ڏنگرن واري مسجد“ آهي جنهن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو صحبتي ۽ دوست شهمير فقير ۽ سندس ٻالڪو دفن ٿيل آهي.

محقق ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو لکي ٿو ته شاهه سائين جي روهڙي واري تڪيي تي هر جمعي جي رات لطيفي رهاڻ ٿئي ٿي ۽ پيالين ۾ لطيفي ونڊ يعني کير ورهايو وڃي ٿو.

محقق ڊاڪٽر حبيب الله صديقي لکي ٿو ته روهڙي جي صراف صديقين وٽ شاهه لطيف ايندو رهندو هو. اتي اڄ به ”شاهه جو اوتارو“ مشهور آهي. وڏن جي وصال

بعد پوئين اباڻو ڏنڏو ترڪ ڪري ڇڏيو. آخري دفعو جڏهن لطيف سائين اتي منزل انداز ٿيو، تہ پوئين جا حال ڏسي سر سريراڳ جو هي بيت چيائين:

”ويا سي وينجهار، هيرو لعل وڻڏين جي،
تنين سندا پوئيان، سيهي لهن نہ سار،
ڪُتين ڪٽ لهار، هاٽي انين پيٽين.“

سيد عبدالحسين موسوي انجنيئر، ڪتاب ”روهڙيءَ جون ساديون ٿي سورائتيون صديون“ سال 2013ع صفحو 575، 581 ۽ 582.

**شاھ لطيف جي پير موسيٰ شاھ سان ملاقات وقت چيل بيتن بابت مختلف روايتون**

قطب زمان شيخ المشائخ پير موسيٰ شاھ جيلاني ولد سيد محمد عابد شاھ بن سيد عبدالجليل بن سيد ڪمال بن سيد مبارڪ شاھ عادلپوري زماني جا قطب هئا. حضرت سيد موسيٰ شاھ جو لقب، محي الدين ثاني ۽ ڪنيت ابو صالح آهي. والد صاحب جي وفات بعد جمشيره پرڳڻي مان لڏي (اوڍر والي) ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين ۽ سمورو وقت رياضت ۽ عبادت ۾ مشغول رهندا هئا، پاڻ سن 1101 هجري ۾ ڪچي مسجد جوڙيائون ۽ بعد ۾ موجوده جامع مسجد لوءِ صاحبان (گهوٽڪي) جو بنياد وڌائون. ٽن گنبذن واري مسجد جيڪا 84 ٿنڀن تي مشتمل آهي. اها مسجد ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر حڪومت ۾ سن 1148 هجري ۾ جڙي راس ٿي. جيڪا ان وقت جي حسين عمارتن ۾ شمار ٿيندي هئي. مسجد ٺهڻ وقت شاھ لطيف بہ پنهنجي فقراءَ سان گڏ ڪجھ وقت ڪم ڪيو. هيءَ مسجد حضرت سيد غوث موسيٰ شاھ جي مريدن جيڪي پنجاب ۽ سنڌ ۾ ماٿيلي واري علائقي جي هڪ لک ماڻهن جي مدد سان مسجد تعمير ڪرائي ۽ مسجد ۾ ڪاٺ جا ٿنڀا نصب ڪرايا. تعمير دوران هر هڪ سر تي قرآن پاڪ جو ختم ٿيل آهي. مسجد ڪان ٻارنهن ڪلو ميٽر اوپر طرف قديمي شهر ماٿيلو پرسان سرون ٺهن تان مسجد تائين پيادل پهچايون ويون. هر هڪ سر تي ”الحمد“ کان شروع ٿيندي ”والناس“ تي وڃي سر مستري وٽ پهچندي هئي. سندس 83 ٿنڀا تيار ٿيا،هڪ معجزي سان صبح جو ڏسن تہ 84 ٿنڀا ٺهيا بيٺا هئا. خبر ئي ڪانہ پئجي سگهي تہ ڪهڙو ٿنيو رهيل هو. اهڙي طرح مسجد ۾ هڪ ”حضوري ٿنيو“ لڳل آهي. مسجد جي پرسان شاھ سائين چاليھ ڏينهن چلو ڪڍيو هو ۽ اتي شاھ لطيف جو اوتارو آهي. جنهن ۾ شاھ سائين ۽ موسيٰ شاھ جي ڪچهري ٿي هئي. جامع مسجد لوءِ صاحبان کي اهو شرف حاصل آهي، جو هن مسجد ۾ هڪ وقت جي نماز پڙهڻ سان ڏهن نمازن جو ثواب ملندو. جمعي جي نماز ادا ڪرڻ تي 70 نمازن جو ثواب حاصل ٿيندو. پر جيڪو رمضان شريف جي آخري جمعي جي نماز هن مسجد ۾ با جماعت ادا ڪندو تہ مٿس دوزخ جي باھ ٽري ويندي. مسجد جي ٿنڀي سان

ٻيڻ ٽيڻ بخار وارو پاڪر پائيندو تہ ان کي سڄي عمربخار نہ ايندو. هن مسجد جون خوبيون پوري سنڌ ۾ مشهور آهن.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڏاڏي حضرت شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جي مقبره جي تعمير لاءِ ملتان مان ڪاشيءَ جون سرون وٺڻ لاءِ درياهي رستي سان ملتان ويو هو،سندس انهيءَ سفر ۾ درويش ڏاتار ڏنو بن اسحاق سڪريو بہ ساڻ هوس، جيڪو ملتان وارن بزرگن جو خاص مريد هو. ملتان شريف ۾ ان وقت درگاهہ غوثيہ جي سجاده نشين مخدوم پاون شاهہ سان بہ ٻنهي بزرگن جي روح رهاڻ ٿي. ا ن سفر تان موٽندي اعليٰ حضرت سيد موسيٰ شاهہ جي ملاقات ۽ زيارت فيض بشارت حاصل ڪرڻ جي غرض و غايت سان ”لوءِ صاحبان قادريہ“ عرف گهوٽڪي جي جامع مسجد ۾ تشريف فرما ٿيا. (هڪ روايت مطابق سيد موسيٰ شاهہ سان سندس ملاقات روهڙي شريف ۾ حضور ڪريم صلعم جن جي وار مبارڪ جي ديدار دوران ٿي.) شاهہ صاحب جي هٿ ۾ هڪ سرڳي هئي. جنهن ۾ ”نفس اماره“ ڪتي جي صورت ۾ ٻڌل هو، فقراء سان ساز سرود هئا. اهڙو غير شرعي عمل ڏسي علماءَ ۽ طلباء آپي کان ٻاهر نڪري ويا، ڪتو ڪاهي ٻاهر نم جي وڻ سان ٻڌائون ۽ ساز مسجد جي اوپر واري ڪُهي ۾ ڦٽا ڪيائون، ساز اُتي وڄڻ لڳا، هي حيران ٿي هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ڇا ماجرا آهي. هن حقيقت کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ طلباءَ حضرت جن جي آستانہ عاليہ ڏانهن ڊوڙيا، هوڏانهن حضرت جن کي روحاني رستي اطلاع مليو، پاڻ مسجد جي طرف اچڻ لڳا، شاگرد ڪين هن حقيقت کان واقف ڪيو. پاڻ فرمايائون صبر و تحمل کان ڪم وٺو. ”اڄ ڀال ڀلائي ڀٽائي صاحب جن آيا آهن.“ ٻنهين هستين جي جامع مسجد ۾ ملاقات ٿي. حضرت جن علماءَ ۽ فقرا سان شاهہ صاحب جن جو نهايت عمده نموني تعارف ڪرايو. ٿوري وقت کان بعد مؤذن عصر جي اذان ڏني، جماعت وضو ڪري، بارگاهہ حق ۾ عبادت لاءِ صفون ٻڌي قبلہ جي طرف منهن ڪري بيٺي، حضرت سيد موسيٰ جن جي اسرار ۽ استدعا تي ڀٽائي صاحب پيش امامي جا فرائض نهايت حسن و خوبي سان سرانجام ڏنا.هڪ نئين ڳالهہ رونما ٿي جو شاهہ صاحب ڇٽني طرف منهن ڪري سجدا ڪيا، قرآن شريف

جي آيات جي بجا پنهنجا في البديه هينيان اشعار پڙهيا، جيڪي رسالي جي سر مارئي ۾ موجود آهن. شاهه سائين هي اٺ بيت فرض نماز ۾ پڙهيا.

1. ”زُمر، زُخُرف“ ”سو مرا ’حَمِدُ‘ جنين جو هنڌُ“
اهدنا الصراط المستقيم“ اي پنوهارن پنڌ،
باري لاهين بند، تہ ملان مارو ئڙن کي.

2. ” زُمر، زُخُرف “ ”سومرا،“ قل ”جنين جو قوت“
”فاذڪروني اذڪرڪم“ ساٺيهہ ۾ ثابوت،
جنبي ويا جبروت ۾ ماٺيائون ملڪوت،
لنگهيو جن لاهوت، تن پڪا پائر اڏيا.

3. ” زُمر، زُخُرف “ سومرا ”سَبح“ منهنجا سيڻ،
ور ڏٺ ڏاڏاٽي ڏيهہ جو، ڪوءِ تنهنجا ڪيڻ،
”ور ويڙهيچاڻا ويڻ“ ڪوءِ سونُ تنهنجو سومرا“

4. ” زُمر، زُخُرف “ سومرا، سَبح منهنجا سيڻ،
تبر بر بريان ان جا ڪاچ خرما ڪيڻ،
”نت تمايم نيڻ“ بر جي بَدوينِ ليءِ.

5. ” زُمر، زُخُرف “ سومرا سَبح سيڻ سندام،
بند ۾ بدوين لئي، ”ڳوڙها نت ڳاڙيام“
عمر اباڻن کي ڏني ڏينهن ٿيام،
ويڙهيچا وجود مان، ويل نہ ڪنهن وسريام،
پانڌي روز پڇيام، اپي اباڻن جا“

6. ” زُمر، زُخُرف “ سومرا، سَبح سيڻ رهن،
بند ۾ بَدوين لئي، ”اکيون رت روئن“.
ڏوتي ڏاڏاٽي ڏيهہ جا، الله! ڪي اچن،

ڪل شيءِ يرجع اليٰ اصله، سندي ڏيھہ ڏين،
آرو اڪڙين، آھي اباڻي پار جو.
(شاھہ جو گنج، مرتب، محمد قاسم راھمون، ص: 664.)
مونکي خبر خير جي، سندي ڏيھہ ڏين،
اھا سٽ بيت نمبر 6 ۾ چوٿون نمبر آھي. شاھہ جي ڪلام ۾ پھاڪا ۽ محاورا، سيد اظھر گيلاني.

7. " زُمر، زُخُرف " سومرا، عيش اعرافين،
"اِنا فتحنا لڪ فتحا مبينا ايءُ قلوبا ڪھن،
لحم لبن گڏ ڪيو، صبر توڪل ڪن،
"سدائين سيد چئي، "ان نہ چکيو تن"،
عمر بنڌياڻن، لاھي لوھہ نہ چڙهيين.

8. " زُمر، زُخُرف " سومرا، مارو مون مھندار،
"اولا ئڪ اصحاب الجنة" ماڳ سندم موچار،
"وسقاھم ربھم شراباً طھورا پئين پوچ پنوھار،
ويرو تار وجود ۾، ڪن پرين جي پچار،
"سڀاجھا ستار، مونکي مارن ميڙئين".

شاھہ سائين فرض نماز پڙھائڻ بعد ھينيان ٽي بيت دعا گھرندي چيا.

1. " زُمر، زُخُرف " سومرا، حدن ۾ حجرات،
سورن جا سيد چئي، "رعد مڪا رات"
ھميشه حجر ۾، لئن لطيفي لات،
مون تن تنھين جي تات، اورڻ جن "احقاف" ۾.

>

2. " زُمر، زُخُرف " سومرا، "سانبي ساريم رات"
رعد، فرقان، عنڪبوت، ھدايت حجرات،
ھميشه حجر ۾ آھي لنئون لطيفي لات،

اٺم ورونهه وائي وات، اورڻ جني احقاف سين.
(شاهه جو گنج، محمد قاسم راهمون، صفحو 664.)
مٿئين بيت جي ٻي پڙهٽي.
زُمر ۽ زُخُرف “ سومرا، ”سانبي ساريم رات“
”رعد“ ڪريندي رعديون، هلن ڏونهن ”حجرات“
”سبح“ ”سجده“ پيچرا، لئن لطيفي لات
مون تنهين جي تات، اورڻ جن ”احزاب“ سين.
گيلاني سيد اظهر ۽ شاهه جي ڪلام ۾ پهاڪا ۽ محاورا، مهراڻ اڪيڊمي، مئي 2004ع، ص: 39
3. ” زُمر ۽ زُخُرف “ سومرا، مارو ”مومن پاس“،
اعرابي ”احقاف“ ۾ رهي ويٺا راس،
مارن ملان ماڙيين ”ڪنهن ارادي آندياس“،
”وطن آءُ ويندياس، وريو ورق وصال جو“.
ابيات پڙهڻ ۽ سجده جي قيرقار سبب پوري جماعت نماز ختم ڪري ويٺي ماٺهو حضرت موسيٰ شاهه صاحب، ٻه علماءِ ڪرام ۽ هڪ طالب ٽٽائي صاحب جي پٺيان فرض ۾ شامل رهيا. شاهه لطيف سميت ڪل پنجن ماڻهن نماز پڙهي. شاهه صاحب پهريان 8 ابيات فرض ۾ پڙهيا ۽ آخري تي ابيات پڙهي دعا گهري نماز ختم ڪئي، تنهن بعد نمازين پٽ ڏٽي ڪان معلوم ڪيو تہ سائين اوهان قرآن شريف جون آيتون پڙهڻ بجاءِ پنهنجا شعر پڙهيا، ان موقعي تي پٽ ڏٽيءَ هيٺيون بيت پڙهيو.
جي تو بيت ڀانئيان سي آيتون آهين،
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي.
عشاءِ جي نماز ادا ڪرڻ ۽ ذڪر ڪان فارغ ٿيڻ بعد شاهه عبداللطيف ۽ حضرت موسيٰ شاهه جي رات جي تنهائي ۾ ڪچهري ٿيندي رهي. ان موقعي تي شاهه لطيف هڪ هي بيت بہ پڙهيو:

ماروئي مَر جائي، جنهن مارو وڏا ماڙي
ديس ڇڏي پرديسي وئي، ڇنئون نه آئي
ڇارين جي جائي، سا سام پر تئي سومرا. (هن بيت جي ٻي پڙهڻي.)

ماروئي نه جائي، تہ مارو نہ پيئا ماڙي،
ديس ڇڏي پر ديس ۾ ڪنهن ايرادي آئي،
جا چارين ۾ جائي، تنهن جو پرور پن رهائيين.
(سر ماروئي، شيخ اياز، جلد ٽيون، 2012ع، شاهه جو رسالو، جلد ٽيون، ص:412)
شاهه لطيف جن فجر جي نماز پڙهي حضرت موسيٰ شاهه کان اجازت ورتي ۽ بيڙيءَ رستي پنهنجي ماڳ ڏانهن روانا ٿيا.
شاهه لطيف جن لوءِ صاحبان (گهوٽڪي) ۾ حضرت موسيٰ شاهه سان ملاقات ڪري واپس پٽ تي پهتا تہ تن ڏينهن ۾ هڪ فقير شاهه سائينءَ کي عرض ڪيو تہ جيئن حضرت موسيٰ شاهه جو قول آهي تہ جيڪو بندو رمضان شريف جي آخري جمع جي نماز سندس جامع مسجد ۾ ادا ڪندو تہ انهي تي دوزخ جي باهه حرام ٿي ويندي تيئن اوهان بہ ڪو اهڙو اعلان ڪريو، اهو ٻڌي شاهه لطيف تي حال طاري ٿي ويو ۽ وجد جي حالت ۾ چيائون تہ ”جيڪو ماڻهو محبت سان هن پٽ تي آيو انهيءَ کان دوزخ جي باهه پري ڀڄندي.“ ان وقت سندن والد حبيب شاهه موجود هئا، انهن اعتراض ڪندي فرمايو تہ ”ابا اهو ڇا چئي، پٽ تي تہ هندو، زنديق، ڪافر ۽ ملحده بہ ايندا پوءِ انهن کان بہ دوزخ جي باهه پري ڀڄندي؟ تنهن تي شاهه لطيف فرمايو”بابا سائين هتي ڪافر ۽ مؤمن جو نہ بلڪ انسان ذات جو معاملو آهي.“ ۽ پوءِ هي بيت فرمايائون.
”ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، ڇتاٽو چوڏار
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهہ هين باغ بهار
ڪانهي ٻي تنوار، ٿيو مڙوئي مينڊرو“ (سر مومل راڻو)

نئون نياپو آئيو، راڻي ملا رات،

لڌي سون لطيف چئي، ڪنا ڏاتر ڏات،
کھڙي پڇين ذات، جي آيا سي اگھيا. (سر مومل راڻو)

حوالو، سيد مبارڪ علي شاھ (ٽئين) جو انٽرويو ونندڙ نور سنڌي، پيج ڀٽائي مئگزين، سيپٽمبر 2000ع، ص: 31،32. گيلاني سيد اظھر، شاھ جي ڪلام ۾ پھاڪا ۽ محاورا، مھراڻ اڪيڊمي ڇاپو پھريون مئي 2004ع، ص: 35،39. چنہ ڪريم بخش (سھيڙيندڙ)، ڪتاب تذڪره جيلاني سادات، ڇپائيندڙ ھائوس آف ناولٽي ميرپور ماٿيلو، ڇاپو پھريون فيبروري 2007ع، ص-119 تي سيد موسيٰ شاھ (اول) جي ولادت 1660ع وصال 1750ع لکيل آھي. (موسيٰ شاھ جو وصال ڇنڇر 8 ذوالحج 1173ھ ۾ ٿيو.)

نواز ڪنير لکي ٿو تہ روايتن مطابق ڀٽائيءَ ڪٿان ايندي ويندي چوٽيارين ۾ اچي ھڪ ڪبڙ هيٺ عبادت ۾ مصروف ھئا تہ ڪين شھيد عبدالرحيم گرھوڙي صاحب جيڪي ان وقت چوٽياريون شريف ۾ شاگرد ھئا، تن ڪين ڏسي ورتو. چون ٿا تہ گرھوڙي صاحب ان وقت چوٽياريون ڪان ست اٺ ميل اتر طرف ”سانگراڙي“ ڏنڍ ڪان اتر طرف ”گلڻ شاھ واري“ ڏنڍ ڀرسان ”ملن جو ڪوھ“ ڏانھن، ميان مبين صاحب جن جي ڪم سان وڃي رھيا ھئا. گرھوڙي صاحب جڏھن ميان صاحب کي ڪبڙ ھيٺ ھڪ بزرگ جي موجود ھجڻ جي خبر پارپتن سان ٻڌائي تہ، ميان صاحب جن فرمايو تہ اھي شاھ عبداللطيف ھوندا، وڃي ڪين وٺي اچو. پوءِ شاھ صاحب جن آيا ۽ چوٽياريون واري مسجد ۾ نماز بہ پڙھايائون ۽ ھيٺيون شعر بہ چيائون:

”نہ جمي ھا مارئي، نہ مارو پون ھا مامري“

جنھن وقت ڀٽائيءَ چوٽياريون پھتا، ان وقت ظھر جي نماز جو وقت ھو. چون ٿا تہ ان وقت ”ميان مبين“ اڳين نماز واريون سنتون ادا ڪري ويٺا ھئا. ميان صاحب، ڀٽائيءَ کي ڏسي فرمايو تہ توھان نماز پڙھايو. ڀٽائيءَ وراڻيو تہ سفر ۾ آھيان، توھان پڙھايو. ميان صاحب زور ڀري ڀٽائيءَ سرڪار کان امامت ڪرائي ۽ پاڻ تڪبير ھنيائون. ان وقت چوٽياريءَ شھر جو مدرسو، موجوده ”جوڳين واري

پٽ“ تي هو، جتي اڄ بہ ”مائي ڄامان جوٽيجي“ پاران ٺهرايل مسجد موجود آهي. ان وقت ”چوٽياروي؞“ کي ”جتياوري“ سڏبو هو. روايتن موجب پيتائي؞ پهرئين رڪعت ۾ هيٺيون شعر پڙهيو.

زمر زخرف سومرا، مارو مون مهندار،
اولائڪهم اصحاب الجنہ، ماڳ سندن موچار،
وسقاهم ربهم شراباً طهورا، پين پوڄ پنهوار،
ويرو تار وجود ۾، پرين جي پچار،
سڀاجها ستار، مون کي مارن ميڙين. (سر مارئي)

پهرين رڪعت پوري ٿيڻ تائين، ڪافي نمازي هٿ ڪولي پري ٿي ويهي رهيا! ٻي رڪعت ۾ شاهہ صاحب ڏکڻ منهن ڪري هيٺيون بيت پڙهيو تہ ڪجهہ ٻيا نمازي بہ نماز ڇڏي ويا.

زمر زخرف سومرا، حمد جنين جو هنڌ،
اهدنا الصراط المستقيم، اي پنهوران پنڌ،
باري لاهين بند، تہ ملان ماروئڙن کي. (سر مارئي)

اڪثر نمازي تہ راز پروڙي نہ سگهيا ۽ وڌيڪ برداشت نہ ڪندي نماز ڇڏي ٻاهر ٿي بيٺا. ٽئين رڪعت ۾ پيتائي؞ ايرندي منهن ڪري بيت ڏنو.

زمر زخرف سومرا، حمد جني جو هان،
آئون بندياٽي بند ۾، هُت ويڙهيچن وهان،
ان جا اندر ۾ رکي، آئون ڪيئن ڪاڇ کيان،
هت ڪيئن وَ نہ وهان، هُت وَچن ويڙهيچن سين.

(حوالو شاهہ جو گنج، حاجي الهداد جنجهي، سر مارئي، داستان 11.)

چوٿين؞ رڪعت ۾، رڳو ٽي نمازي هڪ ميان مبين صاحب، ٻيو عبدالرحيم گرهوڙي صاحب ۽ ٽيون ڪوري وجي بچيا، پيتائي؞ وري اتر منهن ڪري هي بيت ڏنو.

جهڙي آيس جيئن، جي تهڙي وڃان تن ڏي،

تہ لالائيءَ جا، لطيف چئي، ڪر مندن اُنا مينهن،
ماڙي لڳيم مھٽو، سپ چماندر سيئن،
ٿيس ڪاٺياري ڪانڌ جي ، هتي اچي هينئن،
ڪنڌ ڪٺنديس ڪيئن، منهن ماروئڙن جي.

رڪعت پوري ڪري، پٽائيءَ جن اتر منهن ٿي ويٺا رهيا. جماعت ۾ هُل ٿي ويو تہ اها وري ڪهڙي نماز آهي؟ شيخ عبدالرحيم جماعتن کي چيو تہ موڳا ! اوهان کي انهي مام جي ڪهڙي خبر تہ سڀ ڪنهن رڪعت وقت ملائڪن سڳورن ڪعبةالله کي چئني طرفن ڏي پٽي ڦيرايو تنهن ڪري نماز قبول ٿي تہ اسان ٻن ڇٽن جي. چون ٿا تہ ان تي ميان مبين صاحب "عشره مبشره" جو مثال ڏيندي، ڇڏي ويل نمازين کي چيو تہ "توهان جو نصيب ڦتل هو، اسان تہ جيڏانهن ڪعبو پٽي ويو. اوڏانهن منهن ڪري پي نماز پڙهي.

سمون محبوب علي، ڪتاب، پٽائيءَ تي بهتان، علمي ادبي اشاعت گهر مٽياري، ڇاپو پهريون 1998ع، ص: 17. گرهوڙي صاحب جڏهن شاھ لطيف جي شاعري جو مطالعو ڪيو تہ، پٽائي جي شاعريءَ متعلق چيائين تہ:

آهي عبداللطيف تي، رضامندو رحمان،
پڙهيو جنهن پرت سين، باريءَ جو بيان،
جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ صحيح ڪيو.

(نواز ڪنير، پٽائيءَ جا پنڌ ۽ پيچرا، ثقافت ڪاتو، ڊسمبر 2014ع، ص: 91 - 92 - 93 - 94.)

## شاهه لطيف جو مدن فقير سان بحث مباحثو

سنڌ جي عظيم انسانن ۾ صوفي سنت، مدن پٽ چيتن مل ڏنجاڻي (ڏنجي مل) جو جنم وسپت 12 جنوري 1667ع ۾ تعلقي هالا جي ويجهو ڳوٺ ڪوٽ ڪلاڻي ۾ ٿيو هو. ڪجهه عرصي بعد ڪوٽڙي مغل ۾ آباد ٿيا. (ڪوٽڙي مغل هاٽوڪي پيٽ کان ڏکڻ طرف پنج ميل پري هئي اهو شهر هاٽي ڦٽي ويو آهي) ڪن مجبورين يا بوڏ سبب پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان بن پيائرن جن ۾ سڏن مل، ڳوٺ ڪندوءَ ۾ رهائش ڪئي، سندس آکهه وارا سڏناڻي سڏجن ٿا ۽ ڏنجي مل جنهن پيٽ شاهه تي رهائش اختيار ڪئي. ڏنجيءَ جو اولاد ڏنجاڻي سڏجن ٿا، ڏنجيءَ کي عام طور "ڏنجي شاهه" سڏيندا هئا. ڏنجي مل ننڍ پڻ ۾ ئي ماتا جي بيماريءَ سبب اکين کان ضعيف هو؛ جنهن ڪري رات ڏينهن ڏٽيءَ در وينتي ڪندي، عامل بٽيو پوءِ سندس شاهه حبيب سان بہ بيحد عقيدت ٿي. چيتن مل ڏنجاڻي کي بہ پٽ ڄاوا جن ۾ هڪ سکيو ۽ ٻيو مدن جهڙو سدا ملوڪ نينگر پيدا ٿيس.

مدن ننڍپڻ کان ئي مانيٽو ۽ سلڇٽو ڇوڪر هو. پاڻ کي هڪ جيڏن ۾ ڪڏهن بہ هٿيلو ۽ معتبر نہ پئي پانيائين؛ ويتر پيٽ جي آس پاس ڳوٺن ۾ گهمندي ڦرندي صوفين ۽ سنتن جي صحبت مان ڪافي پرايو هئائين. فقير مدن، "پڳت" سڏي وجهندو هو. انهيءَ ڪري "مدن پڳت"سڏبو هو. پاڻ شاهه عنايت رضوي جو بيحد عقيدتمند هو. اڪثر ڪري وٽس ڪچهري ڪري، شام جو گهر واپس ٿيندو هو. پاڻ وڏو داناءُ هو، جنهن ڪري اڳ پوءِ جي وڏي سوچ رکندو هو. ڪڏهن ڪڏهن گهرجي چوديواريءَ کان ٻاهر جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو. اڪيلائي پسند ۽ هميشه بندگيءَ ۾ رڌل رهيو.

شاهه لطيف جي جڏهن سيده بيگم سان شادي ٿي تہ بيبي صاحبہ کي ڪجهه خاص ماڻهو ڏاج سان گڏ مليا جيڪي شاهه حبيب جي خدمت ۾ رهيا. انهن ۾ چيتن مل ۽ مدن پڳت بہ شامل هئا چو تہ اهي بہ مرزا مغل بيگ جي خاص ماڻهن مان هئا. چيتن مل سڄي حياتي پڇاڙيءَ تائين شاهه حبيب جي ئي خدمت ۾ رهيو. هن ڪانپوءِ وري سندس پٽ مدن فقير جڻ تہ پٽائي صاحب کي تحفو ٿي مليو. جيئن

تہ مدن فقير پيتائي صاحب کان عمر ۾ وڏو هو، ان ڪري پيتائي صاحب، مدن فقير جو تمام گهڻو خيال ڪندو هو. پيتائي صاحب سان مدن فقير جو جوڙ ان وقت ٿيو جنهن وقت پيتائي صاحب جي عمر 25 سال ڪن هئي. سندن ملاقات ڪوٽڙي مغل توُرڪيءَ جي مقام ۾ ٿي جنهن ڪي مئين وهئين جو مقام بہ سڏين ٿا. جتي پيتائي صاحب جو سهرو مرزا مغل بيگ ۽ سندس پيا عزيز پڻ دفن ٿيل آهن. مدن فقير، لطيف سائينءَ سان ساهتيءَ واري سفر، هنگلاج، لاهوت ۽ ڪارونجهر وارن سفرن ۾ لڳاتار 3 سال ساڻ رهيو ۽ وفات تائين ڪچهرين ۾ بہ موجود رهيو. سفر جي مشاهدن سان گڏ هنن جي ڪچهريءَ جو مرڪز حيات ڪوريءَ وارو تڪيو يادگار طور موجود آهي. جتي مدن فقير شاهہ عنايت رضوي ۽ پيتائي صاحب جون نصيحت آموز ڪچهريون عوام ۾ مشهور ۽ مقبول رهيون. جتي هنن ٽنهي شاعرن جا شاعرانا مناظرا ٿيندا هئا. سندن انهن ڪچهرين وارا مناظرا هنڌين ماڳين مشهور ٿي ويا. حيات ڪوريءَ وارو تڪيو هالا حويلي کان اوپر طرف سڏ پنڌ تي موجود هجڻ ڪري انهن ڪچهرين جي يادگار طور موجود آهي. پيتائي صاحب مدن فقير جي درويشيءَ واري منزل کان بخوبي واقف هو انهيءَ ڪري مدن فقير کي پيتائي صاحب پنهنجي جوڙ ۾ ان ڪري ڪنيو تہ سندس مريد ۽ فقير انهن نصيحت آموز گفتن مان لاڀ حاصل ڪن. مدن فقير شاهہ لطيف جو همعصر ۽ دوست هو، شاهہ صاحب سان بيتن ۾ سوال جواب ڪندو هو. شاهہ لطيف سان بيحد محبت هيس ۽ شاهہ لطيف بہ ڪيس تمام گهڻو پيائيندو هيو. سندن عظيم درس هيٺ بيان ڪجي ٿو.

هڪ ڀيري فقيرن پيتائي سرڪار کي عرض ڪيو تہ، سائين توهان تہ سيد ۽ اسان جا مرشد آهيو، پر مدن هڪ واڻيو. اهو توهان سان گڏ اٿي ويهي ٿو. اسان کي مناسب نہ ٿو لڳي. لطيف سائين پنهنجي فقيرن، مريدن کي چيو تہ ”ابا هي منهنجون ڳجهارتون ڀڃندو آهي ان ڪري هن کي ساڻ ڪٽندو آهيان“ فقيرن عرض ڪيو تہ سائين ڳجهارتون اسان بہ ڀڃي ونداسين. ڳجهارت ڏئي تہ ڏسو، پوءِ سهڻي لطيف پڇيو تہ ”ابا الله تعاليٰ کي سڀ کان وڏيڪ ڪهڙي ذات پسند آهي؟“

هڪ شخص چيو ته سائين هن ڪائنات جا شهر الله سائين کي سڀ کان وڌيڪ پيارا ۽ پسند آهن، ٻئي مريد چيو ته الله سائينءَ کي شربت ۽ کير سڀ کان وڌيڪ پسند آهن ۽ وري ٻين مريدن بنا سوچ ۽ ويچار جي وراڻيو، ته ”قبلا! مرشد جي ذات“. سڀني لطيف چيو ته ”ابا مريدن کي مرشد تي ناز نه ڪرڻ کپي“ پوءِ شاهه لطيف فرمايو ان جو صحيح جواب توهان کي مدن فقير ڏيندو ان کان پڇي اچو. فقيرن شاهه صاحب وارو سوال مدن فقير کي ٻڌايو پوءِ مدن جواب ۾ وراڻيو، ته الله تعاليٰ کي سڀ کان وڌيڪ ”گڏهيون“ پسند آهن. پيتائيءَ جا فقير اهو جواب ٻڌي مٿس ٽپي باهه ٿي ويا ۽ شاهه سائينءَ کي پڻ اهڙي اڻنگي جواب ٻڌائڻ کان ڪيٻائڻ لڳا. پر پوءِ اخلاقي قدرن کي آڏو رکي، منجهائنئن هڪ فقير اُٿي، مدن جو جواب، شاهه سائينءَ کي ٻڌايو. شاهه صاحب جواب ٻڌي خوب خوش ٿيو ۽ چيائين ابا مدن بلڪل صحيح پيو چوي. فقيرن ۽ مريدن جون وايون بتال ڏسي، شاهه صاحب کين واضع ڪندي فرمايو، ته ”ابا! رب سان گڏ ”هِيون“ يعني (گڏ، معنيٰ ساڻ) (هيئون، معنيٰ دل) الله تعاليٰ سان جيڪو دل ڳنڍيندو ۽ رات ڏينهن ان جو ذڪر ڪندو اهوئي پلو ۽ بهتر آهي. اهو ئي الله سائينءَ کي سڀ کان وڌيڪ پسند آهي. هن درويش ڪيڏي نه سهڻي نصيحت ۽ هدايت ڪئي آهي. هي هر وقت اسان کي الله تعاليٰ جي يادگيري ڏياريندو رهندو آهي ان ڪري آءُ هن کي ساڻ ڪٽندو آهيان. مدن فقير واڻيو ضرور آهي، پر الله سائينءَ کي تمام گهڻو پيارو آهي. الله تعاليٰ وٽ ذات پات جو ڀيد ناهي.

هڪ دفعي عيد جي موقعي تي شاهه سائين پنهنجن فقيرن کي تحفا آڻڻ لاءِ چيو ته، فقيرن شاهه صاحب وٽ اڳ ڀرائي حاصل ڪرڻ لاءِ سٺا سٺا تحفا آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. ڪنهن فقير تسبيح، ڪنهن مصلو، ڪنهن چادر، ڪنهن شال آندي. مدن فقير وري ڀٽائي صاحب لاءِ ڏيڏر ڪٺي آيو. سڀئي فقير حيران ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا ته هي ڪو تحفو آهي؟ ڀٽائيءَ صاحب فرمايو ته ابا سڀني جي تحفن کان وڌيڪ سٺو تحفو مدن ڀڳت جو ئي آهي. جو هن اسان کي ڏيڏر يعني ڏي ٻه ۽ ڏر (ڌڄ) ٻه. ڪٽ ٻه ڪنب ٻه يعني عبادت ڪري ڏک ٻه. الله جي راهه ۾ ڪجهه ٻه ڏئي

فخر محسوس نہ ڪجي. هر ساعت سڀني انسانن سان نيازمنديءَ سان پيش اچجي ۽ الله جي عبادت ڪري انهيءَ جي ذات ڪان بہ ڊڄجي تہ اها عبادت شل قبول پوي. توهان تہ اجايو مدن کي گهٽ وڌ پيا چئو، وڃو ۽ وڃي ڪانئس معافي وٺي اچو!“. پوءِ شاهہ سائينءَ هي بيت چيو:

ڪت ڪنبندي آءُ، اڳيان توريندڙ تڪا ڏٽي،
اگهيئي تہ پاءُ، نہ تہ مٺن کي بہ موت ٿئي.

سر ڪاپائتي، شاهہ جو گنج، مرتب: راهمون.

مدن ڀڳت جيتوڻيڪ هندو هو، پر پالڻهار کي پيارو هو. چوڻ ۾ اچي ٿو، تہ رمضان مهيني ۾ هڪ ڏينهن مالها ڪٽي مسجد ۾ ويو ۽ ڪنڊ ۾ ويهي بندگي ڪرڻ لڳو. مڇاڻ جهرڪين چت ۾ آکيرو ٺاهيندي اتفاق سان مٿس ڪک ڪيرايا. ملا بہ قرآن پاڪ پڙهي رهيو هو، جنهن سموري ماجرا اکين سان پئي ڏٺي. ڪکن ڪرندي مدن چرڪ ڀريو ۽ مٿي نهاريو. خدا جي قدرت سان اُهو جهرڪ ۽ جهرڪي اچي پٽ تي پيا ۽ مري ويا. ملا کي اها ڳالهہ البتہ ڏکي لڳي؛ جنهن ڪري خاموشي ٽوڙي، وات ڪري چيائينس، تہ ”ابا ناحق ظلم ڪيو اٿئي هنن ساسين تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو هو“ تنهن تي مدن وراڻيو، تہ ”مولوي صاحب! برابر جهرڪين ڪک اڇلايا، برابر مون بہ مٿي نهاريو ۽ برابر جهرڪيون بہ اچي پٽ پيون ۽ مري ويون، ان ۾ منهنجو قصور ناهي، اهو ضرور آهي، تہ ڏٺي پنهنجن پيارن تي ڪک بہ نٿو سهي. اهو الله تعاليٰ جي مرضيءَ مطابق ٿيو آهي. شايد مالڪ کي اها ڳالهہ نہ وڻي آهي، جو هي ڪم ٿيو آهي!“ بس، پوءِ تہ ملا حيران ٿي، اچي مدن کي پاڪر پاتو ۽ معذرت ڪيائينس.

ڪارونجهر واري سفر ۾ مدن فقير بہ پيٿائي صاحب سان گڏ هو، ڪارونجهر جبل جي هڪڙي غار ۾ پيٿائي صاحب چلو بہ ڪڍيو هو. اُتي هڪ ننڍڙي کوهي بہ موجود آهي جنهن کي مقامي ماڻهو مدن مهتي جي ”واڙ، ياء واءِ“ سڏيندا آهن. چون ٿا تہ چلي واري جاءِ ۽ مدن جي واءِ وارا آثار اڄ تائين موجود آهن. هن سفر ۾ مدن فقير هڪ چشمي وٽ پهتو تہ هڪڙي مولويءَ ڪاوڙ مان مدن کي چيو

پري ٿيءُ تہ اسان وضو ڪيون. مدن فقير پري ٿي بيٺو ۽ هنن همراهن وضو ڪري بس ڪيو تہ پٽائي صاحب بہ پر ۾ ئي عبادت ۾ مشغول هو اهو منظر ڏسي مولوين کي چيائين، ابا وضو ڪيوَ ؟ مولوين وراڻيو هائو سائين. پٽائي صاحب فرمايو تہ ”باهرين صفائي سان گڏ اندرين صفائي بہ ضروري آهي“ ۽ پوءِ پٽائي صاحب مدن فقير کي چيو تہ ”پنهنجو اندر مولوين کي صاف ڪري ڏيکار“. مدن فقير بنا دير جي چشمي ۾ وات ڏنو تہ پاٽي وات کان ٿيندو سندس پوئين پاسي حاجت واري جاءِ مان پيو نڪري پٽائي صاحب ڏسي مولوين کي چيو ”ابا اندر ايئن صاف ٿيندو آهي. جيئن الله جي ذات کي بہ چٽو ڏسي ۽ پسي سگهجي“. ابا هي هندو ضرور آهي مگر هن درويش جو اندر صاف آهي تڏهن خدا تعاليٰ کي بہ ويجهو آهي اوهانجي هن کان نفرت ڪرڻ اجائي هئي. مولوي ڏاڍا پشيمان ٿيا ۽ مدن فقير کي پاڪر پائي پرچائي ڪانئس معافي ورتائون.

هڪ دفعي شاهہ لطيف ۽ مدن فقير ڪيبرن جي ڳوٺ وٽ ڪنهن کوهہ جي پرسان آستانو مچايو ويٺا هئا. پٽائي صاحب ان ڏينهن تسبيح سان ذڪر فڪر ۽ عبادت ۾ مشغول هو تہ ان کوهہ تي علائقي جون ڪجهہ عورتون پاٽي ڀرڻ جي خيال سان بيٺيون، عورتن پاڻ ۾ ڪچهري ڪندي چيو تہ هن ڀيري تو لاءِ تنهنجو همراهہ کهڙي سوکڙي آڻيندو؟ جواب ۾ عورت چيو تہ سڳيون، چوڙيون ۽ ٻيا ڪي تحفا آڻيندو. وري هڪ عورت ٻي سهيليءَ کان پڇيو تہ تون خاموش آهين تون ٻڌاءِ تہ تو وارو يار تو لاءِ ڇا آڻيندو؟ تنهن تي ان عورت وراڻيو ادي ڪجهہ آڻي يا نہ آڻي يارن سان ٻلا ڪي ليکا ڪبا آهن. اهي لفظ ٻڌي پٽائي صاحب، فرمايو، ”دل بيار ودست بکار“ يعني ”دل يار سان ۽ هٿ حاج سان“، پوءِ شاهہ صاحب تسبيح ڦٽي ڪئي ۽ هر ساعت الله هو، الله الله، هو هو، جي تسبيح پڙهندا هئا. مدن فقير عورتن واري گفتگو ٻڌي بي اختيار چئي ڏنو.

خبرون ڪيبري کوهہ جون پئي لڳي آ پيهہ،
پرڻ واريون پري وئيون باقي گدلين لاتي گيهہ،
جن کي لڄ ناهي ليهہ، سي ڪلن بيٺيون کوهہ تي.

تنهن تي مدن فقير کي پيتائي صاحب چيو ته ابا ايئن نه چئو انهن عورتن جي گفتگو اسان کي وڏو سبق ڏنو آهي ته يار سان ڪوبه حساب ناهي رکبو. اسان حقيقي يار سان به ليکو پي ڪيو. هن جو ذڪر ڳٽي ڳٽي پئي ڪيو سين جڏهن ته عورت جو يار مجازي هو تڏهن به هن سان ليکو نه ڪيائين. اسان کي به پنهنجي يار سان بنا حساب محبت ۽ عبادت ڪرڻ گهرجي.

هڪ ڀيري ننئي جا وڏا عالم شاهه سائينءَ جي خدمت ۾ آيا، ٿوري ئي پل ۾ ديني ڪچهري ڇڙي ته شاهه صاحب کانئن سوال پڇيو، ته (ابا، الله جي گهر جو در ڪيڏو ننئي ٿو؟) "اهو در جو الله ڏانهن نئي سو ڪيڏو وڏو ۽ ڪشادو هوندو؟ هن سوال جي جواب ۾ انهن شخصن مان هڪ چٽي چيو ته "ان در مان اُٺ به ٽپي سگهندو" ۽ وري ٻئي چيو ته "هاٿي به پالڪي سوڌو ٽپي سگهندو" مطلب ته هر هڪ ان در کي ڏاڍو ڪشادو ۽ وڏو ٻڌايو. آخر ۾ شاهه صاحب اهو ساڳيو سوال پنهنجي دل واري دوست مدن واٽئي کان ڪيو. مدن جواب ڏنو ته "سائين اهو در جو الله ڏي نئي اهڙو تنگ ۽ سوڙهو آهي جو منجهائس فقط اهي ٽپي اندر داخل ٿيندا جي نئڙي پاڻ کي هيٺ ڪري سِر نمائي هلن". اهو معقول جواب ٻڌي پيتائي صاحب حاضرين کي چيو، ته "ابا ڏنو! اسان تڏهن ته مدن کي پائيندا آهيون!"

هڪ دفعي مدن فقير ۽ شاهه سائين سفر ڪري رهيا هئا ته ڪافي دير تي وين، شاهه سائينءَ کيس چرچي ۾ چيو، ته "حشر ويل حساب ۾ ڪافر ڪندا ڪئن؟" ٻي پڙهٽي "محبت جي ميدان ۾، مهتا ڪندين ڪيئن"؟ مدن ان وقت ته بالڪل خاموش رهيو. آخر شاهه صاحب جي زور ڀرڻ تي جواب ۾ صرف ايترو عرض ڪيائين، ته "سائين! انهيءَ جو جواب اوهان کي ڪنهن مناسب موقعي تي ڏيندس!" ڪجهه ڏينهن بعد، درياه جي پتڻ تي سندن ملاقات ٿي. ڪين پار پهچڻو هو، پر جيئن ته ڪنڌيءَ کان پاتٽي پگهه جوڙي پتڻ کان پريرو هاڪاري چڪو هو؛ جنهن ڪري ٻئي ڇٽا بي وس بيٺا هئا. ڪيس سڏ ته گهڻائي ڪيائون، مگر هن (پاتٽيءَ) وراٽين، ته "تورو ترسو، ٻئي پُور ۾ توهان کي اڪاريندس". مدن، نه ڪا ڪئي هم نه تم، کيسي مان ڪلدار روپيو ڪڍي، وڏي واڪي پاتٽيءَ کي هڪل

ڪري چيائين تہ ”ٻيلي! اسان ٻنهي کي هن ئي پتڻ ۾ ڪنيو هل! اسان توکي پهرين پُور ۾ پهچائڻ لاءِ ٻيٽو پتڻ ڏينداسين“ ٻيٽي پتڻ جي لالچ تي پاتڻي پنتي موٽيو. پتڻ چڙهڻ وقت مدن، پتائي صاحب کي ڪلي چيو، تہ ”سائين! هينئر شايد توهان کي پنهنجي سوال جو جواب ضرور ملي ويو هوندو!“ شاهہ سائين مشڪيو، جنهن تي مدن جي زبان مان آواز نڪتو، تہ

”هٿ جنين جو هئڻ، سي پهرين پتڻ پار پيا“ ٻي پڙهٽي ”هٿ جنين جو هيئڻ، پهرين پتڻ سي چڙهيا.“

يعني جيڪي ڏاتار جي ڏني مان خلق خدا جي خدمت ڪن ٿا تن جو حشر ويل حساب سولو ٿي پوندو ۽ پاتڻي کي چيائين تہ ادا ! شڪر ۽ قناعت سببان تون سکي رهندين. حرص ۽ حوس توکي دنيا تي چاڙهيندا من کي مطمئن رک ۽ نفس جي نفي ڪر.

ليکڪ سرمد چانڊيو، وري هن نموني لکيو آهي. شاهہ لطيف چيو، پل صراط جي پتڻ تي ڪامل ڪندا ڪيئن؟

مدن فقير چيو: هٿ جني جو هيئڻ پهرين پتڻ سي ٽپن.

چانڊيو سرمد، ڪتاب، سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ، ڪنول پبليڪيشن 2017ع، ص: 36.

هڪ دفعي پتائي سرڪار، مدن فقير کي مخاطب ٿي چيو تہ:

چوڏهن ۽ چار ويندي ڏنم واٽ سان،
قيمتي هين ڪپڙا، ويا دوستاڻي دربار،
واٽيا ڪر ويچار، تہ چا ڏسي مون چيو.

مدن فقير پنهنجي ڏاهپ موجب پتائي صاحب کي چيو: سائين ان بيت جو جواب آءُ سياڻي هن ئي وقت تي اوهانکي ٻڌائيندس. ٻئي ڏينهن ان ساڳي جاءِ جو مدن فقير خوب جائزو وٺي پتائي صاحب واري بيت جو جواب حاصل ڪيو ۽ پتائي صاحب کي جواب ڏيندي مدن فقير چيو:

چوڏهن ۽ چار ارڙهن هئا اڙٻنگ،

قيمتي هين ڪپڙا ميرا نہ تن جا انگ،
ڏنا اٿوَ ڪنگ جيڪي اڏري اولھ ڏي ويا.

لاڪيٽي لطيف چيو واھ فقير واھ بلڪل صحيح پيو چئين.

هالا حويلي ڳوٺ کان اوپر طرف سڏ پنڌ تي لطيف سائين جي فقير حيات ڪوريءَ جي تڪيي تي مدن فقير، شاھ عنات رضوي ۽ شاھ لطيف رهاڻ ڪري رهيا هئا، قبر جي پڇاڻي بابت جا گفتگو ڪئي هئائون. سا هن ريت آهي. شاھ عنايت رضويءَ چيو قبر جي مشڪل آسان ڪرڻ لاءِ ثمر ضروري آهي. پوءِ فقير مدن، تون اتي منڪر ۽ نڪير کي ڪهڙو جواب ڏيندي؟ پوءِ بيت ڏيندي شاھ عنات چيو تہ:

سرھ گڏ ٻئي سسئي سوڙهي منجھ سهي،
طرح پڇندءِ تڪڙي ٻاروچا ٻئي،
آٿي ڏيندءِ هٿن ۾ ڪتابت ڪهي،
پنهنجي پاڻ اکين سان واچيندينءَ وهي،
ثمر جن صحيح، تن ڪونهي اهڪ عنات چئي.

مدن چيو:

ميان پرائي ملڪ ۾، گهٽي بَڪَ مَ بڪُ،
اڳيان رائر وننديءِ روڪڙو، حاڪماڻو حق،
تڏهن مدن چوي مرڪ، جڏهن ڪنڌو ڏيئي خلاص ٿين.

ڪتاب: سنڌ جي هندن جي تاريخ، سال 2006ع، ص: 335.

بيت جي ٻي پڙهڻي:

ميان سنڌءِ ملڪ ۾ اهڙي بات نہ بڪ،
اڳيان راول وننديءِ، روڪڙو حاڪماڻو حق،
مدن تڏهن مرڪ، جڏهن ليڪو لاهي لال ٿيئين.

ڪتاب: مونا طور سينا، ڇاپو مئي 2019ع، ص، 78 تي بيت هن نموني آهي.

مدن پرائي ڏيهه ۾، ٻڪ نہ اهڙي ٻڪ،
راوڙ ونندئي روڪڙو، حاڪماڻو حق،
”مدن“ تڏهن مرڪ، جڏهن ڪرو ڪٽي خلاص ٿئين.

آخر ۾ پٽ ڏٺيءَ ڪين پختي يقين سان چيو تہ:

ثمر جنين نہ ساڻ، هوت حمايتي تن جو،
ڪري چيچ چپر ۾، پنهون ايندو پاڻ،
ٿيندي ريجهہ رهاڻ، لحظي منجهہ لطيف چئي،

هڪ دفعي شاهہ صاحب، شاهہ عنايت ۽ مدن مل ٿيئي جوان ڪچهريءَ ۾ محو هئا، ڳالهين ڪندي مدن فقير انهن بزرگن کان دوزخ جي باهہ کان نجات پائڻ جي وات پڇي هئي ۽ جيڪا صلاح ڀٽائي صاحب ۽ شاهہ عنايت ڪيس ڏني هئي اها هن ريت آهي.

مدن مل: ڀٽائي پير جهلا، اجها عنايت،
سا ڪا سيکاءِ تات، جو باهہ کان بچان.

شاهہ عنات: مون، تون، آئون، اسين اهي چارئي ڇتان لاهہ،
تہ سندي دوزخ باهہ، توءِ اوڏيائي نہ اچي.

ڀٽائي صاحب: الف رک اندر ۾، ميم محمدا،
جڻيا ٻيڙا جان تان، لطفا لاهہ،
تہ سندي دوزخ باهہ، توءِ اوڏيائي نہ اچي. (حوالو: ڪتاب، لطيفي گل).

هڪ دفعي مدن ۽ شاهہ عنات جو ڏادو سنو مشاعرو ٿيو، ٻنهي جو نبيرو شاهہ لطيف ڪيو موالين جي ڪرت ڏسي مدن ڪچهريءَ ۾ بيت ڏنو تہ: ملان ۽ موالي اُٿن اسر جو، ڪن ساراهہ سبحان،

ملان قربئون ڪڻن ڪرن ڪي موالي خاشا پچن خان،
ملان پاٽي وجهن پيرن تي، موالي صافا ڪڻن سلطان،
ملان ٻانگ چڙهيو ڏين ٻانگون، موالي ڪن عليءَ ڪي اعلان،
ملان نيتن نماز ڪي موالين جو وزم ٿيو نان،

موالي رهن مجلس ۾، هو ڪامل پڙهن قرآن،
مدن چوي مان، مهندان ٿيندو ڪن جو،
جنهن تي شاهه عنات چيو تہ: ملن ۽ موالين ۾ وڏو آهي فرق،
جو ڏيندو دنيا کي ترڪ، تنهن کي ملندو مان عنايت چئي
ٻنهي جا خيال ٻڌي جواب ۾ شاهه سائينءَ فرمايو تہ
ملان ۽ موالي ٻئي خلقيا خلقٹهار،
سيد چئي سين کي دان ڏنا ڏاتار،
صاحب رب ستار، دان ڏيندو دلين تي.

ڀٽائي سرڪار جي جواب تي سڀ خاموش ٿي ويا ۽ واهه واهه ڪرڻ لڳا. ان ڏينهن شاهه عنات جي ڪچهريءَ مان مدن کي ايترو تہ مزو آيو جو سچ لهڻ جو بہ پرو نہ پيس. پوءِ تہ اونده ٿينديئي، جان ڪٽي ڳوٺ ورڻ لاءِ سنبري نڪتو تہ، شاهه عنات چرچي طور چيس، تہ ”مدن! تنهنجي ڳوٺ واري جهنگ ۾ شينهن ٿو رهي، تون هن ڪمهلي وقت نہ وڃ، اڄ رات رهي پؤ تہ ڪي روح رهاڻيون ڪريون!“ مدن، جيڪو روز جو هيراڪ هو؛ سو ڪٿي ٿو آرام اچيس. هلڻ کان اڳ چيائين، تہ: ”جنهن جي رات تنهن جو ڏينهن - جنهن جو مدن تنهن جو شينهن“

هڪ دفعي شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجن مريدن کان پڇيو، تہ ”آءُ ڇا آهيان؟ ۽ مدن ڇا آهي؟“ مريدن وراڻيو، تہ ”قبلا سائين! توهان مرشد آهيو ۽ مدن واڻيو آهي!“ معقول جواب نہ ملڻ تي ڪين مدن ڏانهن موڪليائين. مدن کان تہ هو اڳ ئي عاري هوا، مگر مرشد جو چوڻ موتائي نہ سگهيا پوءِ جيئن تيئن ڪري ڪانئس سوال جو جواب پڇيائون، تہ ”لطيف ڪير آهي؛ ۽ تون ڪير آهين؟ مدن نهہ پهہ جواب ۾ چين تہ ”لطيف، ”ڏوڙ“ آهي ۽ مان ”ڇائي“ آهيان!“. اهو جواب ٻڌي مريد گستاخي سمجهي مٿس ڏمريا. مگر ڪن سنجيده ماڻهن جهيڙي جي نوبت ٽاري ڪين ڀٽائيءَ تائين موٽائي آندو. جڏهن ڀٽائي صاحب کي مدن وارو جواب ٻڌايو ويو تہ ڀٽائي صاحب مسڪرائي حاضرين کي چيو تہ ”ابا! مدن برابر سچ چيو

آهي، ڇاڪاڻ جو منهنجو جسم آخر متيءَ (ڌوڙ) ۾ لٽبو ۽ مدن جو بت خاڪ (ڇائي) ٿي پوندو!

شاهه لطيف ٻارنهن مهينن کان پوءِ ڪنهن سفر تان موٽي نصرپور آيو ته اتان جي مريدن فقيرن عرض ڪيس ته سائين اڄان توهان هن واٽئي کي ڳڌ گهمايو ٽا وتو؟ پٽ ڏٽيءَ فقيرن کي چيو ته، ابا ان ڪري جو هي فقير منهنجو سودو سامان آٽيندو آهي ان ڪري آءُ هن کي ساڻ ڪٽندو آهيان. فقيرن مان هڪ عرض ڪيو ته سائين مون کي ڏيو پئسا آءُ ٿو سودو آٽيا. شاهه لطيف پنهنجي فقير کي چيو ته اڇي وٺ ٿي روپيا پوءِ "هڪ روپيو هِت، ٻيو روپيو هُتِ، ٽيون روپيو هِت نه هُت جو سودو ڪري آ". فقير عرض ڪيو ته مرشد سائين اهو سودو ته تمام سولو آهي، پوءِ فقير ويو ۽ دڪاندار کي چيائين ته، روپيو وٺ هِت ڏي، دوڪاندار چيس ته فقير ڇا ڏيانءِ، ڇا پيو چئين، فقير چيس هِت نه ٿو ڏين ته پلا روپئي جو هُت ڏي. دوڪاندار سان ان فقير جو بحث جاري هو ته ماڻهن جو هجوم گڏ ٿي ويو ته، دوڪاندار ماڻهن کي چوڻ لڳو ته پٽائيءَ جي فقير کي سمجهايو ڇريو ٿيو آهي ڇا ؟ چئي ٿو سودو هِت ڏي يا هُت ڏي. ان کان پوءِ فقير کي دڙڪا ڏئي واپس ڪيو ويو پوءِ فقير هٿين خالي موٽي آيو ۽ پٽائي سرڪار کي عرض ڪيائين ته سائين دوڪاندار کي چيم ته سودو هِت ڏي يا هُت ڏي، توهان جو نالو به ڪنيم پوءِ به دوڪاندار نه سمجهي سگهيو ۽ سودو نه ڏنائين ۽ پنهنجي جان بچائي آيو آهيان. پوءِ سهٽي لطيف چيو ته اهو سودو مدن ڪري ايندو. پوءِ مدن ٿي روپيا ڪٽي هڪ ڳوٺ ۾ ويو اتي هڪ روپيو هڪ ايماندار ماڻهوءَ کي امانت طور ڏنائين، ٻيو روپيو هڪ نابين کي الله سائين جي نالي ڏئي آيو ۽ ٽورو اڳتي هلي ڳوٺ جي چوراهي تي ڏنائين ته هڪ ناچٽي ماڻهن جي هجوم ۾ نچي پئي پوءِ ٽيون روپيو ان کي ڏئي آيو. فقيرن مريدن مدن کي پري کان هٿين خالي ڏٺو ته چوڻ لڳا ته سائين مدن ته هٿين خالي پيو اچي. مدن فقير، لطيف سائين جي خدمت ۾ حاضر ٿي چيو ته سائين توهان وارو سودو ڪري آيس. هڪ روپيو هڪ ايماندار وٽ رکيم ۽ ٻيو روپيو نابين کي ڏنم ۽ ٽيون روپيو چوسول تي ناچٽي نچي پئي ان کي ڏئي آيس. فقيرن ۽

مريدن چيو مدن واهه جو سودو ڪري آئين اهو وري ڪهڙو سودو آ؟ سهڻي لطيف پنهنجي فقيرن، مريدن کي سمجهائيندي چيو ته ابا ”مدن جو پهريون روپيو هٿ جو سودو جيڪو ڪيڏي مهل به واپس وٺي سگهجي ٿو. ٻيو روپيو هُٿ جيڪو الله جي نالي ڏنائين ان جو اجورو آخرت ۾ ملندو. ٽيون روپيو ناچڻيءَ کي ڏنائين جيڪو نه هِٿ نه هُٿ ڪنهن به ڪم جو نه ٿيو ويتر گناهه ۾ شمار ٿيو. فقيرن عرض ڪيو ته سائين توهان جا عجيب ۽ روحاني سودا آهن اهي راز واقعي مدن ئي سمجهي سگهي ٿو. هاڻي اسان کي هن درويش تي ڪوبه اعتراض ناهي. پوءِ شاهه سائين فرمايو ته ابا ”ڏات نه آهي ذات تي جو وهي سو لهي“

هڪ دفعي پٽائي صاحب ميين محمد امين ڊاسوڙيءَ واري وٽ آيو ته مدن مهتي ڪانسواءِ هڪ ٻيو فقير به ساڻس گڏ هو، ميين محمد امين، شاهه سائين توڙي فقيرن جي چڱيءَ طرح آڌرڀاءُ ڪئي ۽ کين پنهنجي اوتاري ۾ ويهاريو. ڪچهريءَ گذرندي ڪيڏي مهل، مدن ٻِگت ٻئي فقير کي ڪن ۾ آهستي چيو ته ”ڏس ميين وارا ڪهڙا نه سادا آهن، سندن گهر به ڪکاوان آهن، ميين امين وارا برابر فقير آهن“. سندن مطلب ڪو ميين محمد امين جي گهرن تان ڪلڻ جو ڪونه هو پر هنن فقيرن سندن سادگي ٻئي بيان ڪئي. انهيءَ ساري ڳالهه جي ميين محمد امين کي ڪشف جي ذريعي پروڙ پئجي ويئي. ٿوري دير ڪانپوءِ مدن ٻِگت ۽ اهو فقير پيشاب جي خيال کان ٻاهر نڪتا، ميين امين جي انهيءَ اوتاري جي آمهون سامهون هڪ وڏي ڪڌ هئي جيڪا هن وقت ته لتجي چڪي آهي. انهيءَ ڪڌ ۾ ماڻهو پيشاب وغيره ڪندا هئا. هنن ٻنهي فقيرن پيشاب ڪري جيئن وٽ چيڻ لاءِ پٿر کنيا ته اهي سون جا ٿي پيا، ائين نيٺ فقير پنهنجا ڪپڙا پليت ڪري اچي ڪچهريءَ ۾ ويٺا. ٿوري دير ڪانپوءِ ماني آئي جا هنن ڪاڌي، ماني ڪائي بس ڪيائون ۽ ڪچهري وري شروع ٿي. تڏهن ميين محمد امين، مدن مهتي کي مخاطب ٿي چيو ته ”ابا آزمودو ورتوَ؟ اسان لاءِ اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي، اسين جيڪڏهن گهرون ته سنيون جايون به جوڙائي سگهون ٿا“. پوءِ مدن ٻِگت ميين امين کان معافي ورتي.

مدن فقير ۽ شاهہ لطيف ڪڏهن ڪڏهن سفر ۾ نڪرڻ وقت بار بار هي راز جي ڳالهہ ڪندا هئا، مدن فقير، پٽائي سرڪار کي چوندو هو تہ ”سائين پهرين اوهان پوءِ آءُ“ جواب ۾ پٽائي سرڪار چوندو هو تہ ”نہ پهرين تون پوءِ آءُ“. پوءِ واقعي ٿيو بہ ائين جو مدن فقير جو چالاٽو ٿيو. انهيءَ راز کي پٽائي صاحب ثابت ڪري ڏيکاريو، ٿيو ائين جو پهرين مدن فقير آرتوار 29 نومبر 1744ع تي پرلوڪ پڌاريو تہ پٽائي سرڪار هن درويش جي مڙهيءَ کي پنهنجي قبر واري مقرر جاءِ جي پيرانديءَ کان دفن ڪرايو، انهيءَ ڪري تہ سندس مريد ۽ فقير درگاهہ تي حاضري ڏيڻ وقت پهرين مدن فقير جي مڙهيءَ کي اورانگهي پوءِ اچي سندس حاضري ڏين. شاهہ سائينءَ جي فقيرن مان ايتري ويجهڙائپ ڪنهن ٻئي فقير کي نصيب نہ ٿي آهي. 1754ع ۾ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي، شاهہ عبداللطيف جو مقبرو جوڙايو تہ مدن جي قبر ديوار ۾ اچي وئي. روايتن مطابق 1974ع تائين مدن جي نالي واري سر شاهہ سائينءَ جي روضي جي پيرانديءَ کان لڳل هئي.

سنڌ جي هن سگهڙ، سنڌي ۽ هندي زبان جي نامور شاعر مدن فقير جا ظريفاڻا، اصلاحي ۽ پرولين وارا بيت ڪافي تعداد ۾ مشهور آهن تن مان ڪجهہ نارو ڀڳت ۽ ٻين ڀڳتن بہ ڳايا آهن انهن تي تحقيق جي ضرورت آهي. مدن فقير جا ڪجهہ ٻيا بيت هيٺ ڏجن ٿا، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن واقعي تي چيل آهن.

گل چرڻ گيهل ڪرڻ، ايءُ نہ ڪنواتن ڪم،
مهند جو مدن چوي ٿا گورا رکن گم،
ويندئي ڇڏي وهم، جڏهن وٺي ايندين وڳ مان.

ڀلا نہ ڀيلين، مر ڀٽا گهمن باغ ۾،
موڙي مجر تاريون، تن کي تسيا ڏين،
اهڙا جي آهين، سي بازي ڪتن باغ مان.

محبت منو ٿوڪ، ميون ۾ مدن چئي،
ڇا ڄاڻي لوڪ، قدر ان ڪيميا جو.

ڪالهه پڻ ڪالهه هئي، اڄ پڻ ڏينهن ڀيو،
مڙهيءَ ۾ مدن چوي ويهي ڪانگ ويو،
جنهن ۾ ماڻ پيو، سا راهه رهندي ڪيترو.

شاهه لطيف ۽ مدن جي محبت ڪي مدِ نظر رکندي ڀٽ شاهه تي هندو برادريءَ لاءِ هڪ گرد ٿارو جوڙايل آهي. گردواري جو مک سنياليندڙ مدن ڀڳت جي خاندان مان گاگن داس مدناڻي آهي. ان ڪانسواءِ ڀائي ارشد جيت سنگهه، ڀائي نول ڪمار، ڀائي ونود ڪمار، ڀائي پرسومل، ڀائي وينسي مل، ڀائي پرڪاش سنگهه به هن گرد واري تي ايندڙ ڀٽائيءَ جي پانڌيئڙن ۽ غريب ماڻهن جي سيوا ڪن ٿا. گرد واري جو افتتاح سيد وقار حسين شاهه لطيفيءَ 4 سيپٽمبر 2015ع تي ڪيو.

مددي ڪتاب: سنڌي ميمڻ عبدالغفور، عظيم سنڌي انسان 1998ع، ص: 328، 329، 327 تي مدن ڀٽ چيتن تولاڻي، ص ـ330 تي مدن فقير جي مڙهي يادگار طور ڀٽ شاهه ۽ ٽنڊي آدم ريلوي اسٽيشن وچ ۾ اتر طرف اڄ به قائم آهي. عبدالواحد حاجي احمد ڀٽي آدم سيلاني، لطيفي گل، نيو سنياسي پبليڪيشن هالا 1959ع، ص: 39، 40، 41. ڪريم بخش خالد، مرتب، ذڪرِ لطيف، محڪمه اطلاعات ڪراچي 1984ع، ص: 50. لغاري ڊاڪٽر عبدالجبار عابد، سنڌي شاعريءَ جي مختصر تاريخ، مهراڻ اڪيڊمي ڇاپو ٻيو 2001ع ص: 65، 66 تي بيت ”سرهه ڳنڌ ٻئي سسئي سوڙهي منجهه سهي“ عنايت ڏيرو جو لکيل آهي. ميمڻ قربان علي، مرتب، فڪر لطيف، تنظيم فڪر و نظر سکر، اپريل 1986ع، ميمڻ قربان علي، مرتب، فڪر لطيف، تنظيم فڪر و نظر سکر 1987ع، ص: 151. آڏواڻي ڀيرومل مهرچند، سنڌ جي هندن جي تاريخ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2006ع، ص: 334. يوسفاڻي معمور، شاهه لطيف جا ٽر تان ڀيرا، مهراڻ اڪيڊمي 2001ع، ص: 97. مخزن لطيف 1969ع. حميد سنڌي، مرتب، سر گهاتو، سال 1987ع. وفائي مولانا دين محمد، لطفِ لطيف 1950ع. بدر ابڙو، سنڌ جو شاهه 2000ع. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شاهه عنايت رضويءَ جو ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو ٻيو 2010ع. ڪلاچي مارچ 2002ع، ماهوار نئين زندگي 1962ع، لطيف سالگره مخزن 1968ع. سليم ڀٽو لطيفي، مقالو، لطيفي ماڳن جي سار سنڀار. عبرت مئگزين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عظيم مفڪر

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ انسان ذات لاءِ عظيم درس سمايل آهي. هن عظيم شاعر جي وڏي خوبي اها آهي جو سندس بيت جي ظاهري معنيٰ هڪڙي ۽ روحاني معنيٰ ٻي نڪري ٿي. لاڪيٽي لطيف پنهنجي ڪلام ۾ توحيد جي تنوار ڪانسواءِ سورهين، سورمين، سورمن، جيت جٽين، پکي پکڻن ۽ سنڌ جي وستي واهڻن کان علاوه ملائڪن سڳورن، امام سڳورن ۽ انبياء اڪرام جو به ذڪر ڪيو آهي.

حضرت ابراهيم عليہ السلام کي الله تعاليٰ جو حڪم ٿيو ته پياري ۾ پياري شيءِ قربان ڪر! پوءِ حضرت ابراهيم عليہ السلام، پنهنجي فرزند کي ذبح ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو ته قدرت واري حضرت اسماعيل جي جڳهه تي دنبو ذبح ڪرايو، انهيءَ واقعي تي شاهه لطيف فرمايو ته:

ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه، ڳن وڍيندڙ هٿ ۾،
پسيو پر عجيب جي، لچڪيو وڃي لوهه،
عاشقن اندوهه، سدا معشوقن جو.

شاهه صاحب هن بيت ۾ ڪاتي جي مڏي ٿيڻ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ حضرت ابراهيم جڏهن اسماعيل کي ذبح ڪرڻ جو ارادو ڪيو ته سندس هٿ ۾ ڪاتيءَ جي لچڪڻ جي ڳالهه به ڪئي آهي.

پهرين ڪاتي پاءِ، پڇ پوءِ پريتڻو،
ڏک پريان جو ڏيل ۾ واڇٽ جيئن وڃاءِ،
شيخن ماهه پڇاءِ، جي نالو ڳيڙءِ نينهن جو.

ڪاتي تکي م ٿئي، مر منيائي هوءِ،
مان ورمن توءِ، مون پريان جا هٿڙا. (سر ڪلياڻ)

شاهه سائين اهلبيت جو سچو عاشق هو. جڏهن سندس تڙ ڏاڏي شاهه ڪريم سندس ولادت جي اڳڪٿي هڪ سٽ ۾ هن نموني ڪئي هئي ته ”جر ۾ پکي

جئن، پانهياري سر بيلهڙو.“ جيڪا روايت بنجي وئي، پوءِ جڏهن لطيف وڏو ٿي خود شاعري ڪرڻ لڳو تہ ڪيس اها رويتي سٽ معلوم ٿي ۽ پاڻ انهيءَ تي گره لڳائي بيت مڪمل ڪيائين. بيت جي ٻي سٽ: ”اسان جو تن تيئن ٿو ساري مرسل مير ڪي“. سندس ڪلام ۾ اڪثر حب رسول صلعم، غلامانِ رسول صلعم ۽ اهلبيتؑ جو تذڪرو ججهي انداز ۾ ملي ٿو. شاهہ لطيف، حضور ڪريم جن جو سچو عاشق هو. سندس ان اظهار عقيدت مان ڪجهہ ڪلام هيٺ بيان ڪجي ٿو.

حضور (ص) جن جي ولادت باسعادت 29 آگسٽ 570ع (ڪجهہ ڪتابن ۾ 22 اپريل 571ع) ۾ مڪي جي قريش خاندان ۾ حضرت عبدالمطلب جي گهر ۾ ٿي، جيڪو سندن ڏاڏو هو. ان جي پيشانيءَ ۾ نورِ محمد موجود هو، جنهن کي ڏسي هاٿين کيس سجدو ڪيو هو. ان تاريخي معجزي ۽ واقعي کي پٽائيءَ سرڪار سر سارنگ جي وائيءَ ۾ بيان ڪيو آهي. نبي ڪريم (ص) جن جي ولادت باسعادت، بعثت ۽ معراج کان سواءِ هن نعتيہ وائيءَ ۾ (1) اصحاب الفيل جو واقعو. (2) ايوان ڪسريٰ جي ڏڏڻ ۽ 14 ڪنگرن جي ڀَٽِ پوڻ وارو معجزو، جو سرورِ ڪائنات صلعم جن جي ولادت وقت رونما ٿيو. (3) معراج مبارڪ وارو واقعو بيان ڪيو آهي.

اڪيون مينگهہ ملار، صورت تنهنجي سڀ جڳ موهيو،
سجدو فيل في الحال ڪيو، پسي مطلب نور نراڙ،
چاپڻ وقت چام جي، ڪريا ڪوٽ ڪفار،
آڳي آسمانن جو، توکي ڪاريو سير ستار،
”ولسوف يعتيڪ ربڪ فترضيٰ“ توسين قادر ڪيا قرار،
قادر پاڻ قسم ڪنيو، خاڪ قدمن جو ڪلتار،
آهين ڪرم ڪريم جا، احمد ساڻ اپار،
اُڪنديا جي ابر کي، سرها ٿيا سنگهار،
موڪل ٿي مينهن کي، دوست هٿان دلدار،
اڳيان عبداللطيف چئي، محب مليا منٺار.

(سر سارنگ، شاهہ جو گنج، محمد قاسم راهمون، 2011ع، ص: 175.)

شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ محبوب خدا کي پنهنجو محبوب، پرين بنايو آهي. شاهہ سائين سندن معراج واري واقعي کي پنهنجي شاعريءَ جي ڪل پنجن سرن ۾ بيان ڪري سمجهايو آهي. اهي سر هي آهن. سر ڪنڀات، سر سورٺ، سر بلاول، سر سارنگ ۽ سر مومل راڻو، شاهہ لطيف پنهنجي محبوب ۽ محبوب خدا جي زمين کان عرش عظيم ڏانهن اسرڻ ۽ عظيم ملاقات واري واقعي کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

ڪاڪئان قاصد آيو، راڻي پاس رمي،
چڙهيو محمد مصطفيٰ، دوست دم دمي،
اڳيان خوف نہ خطرو، نڪو غم غمي،
ڪو نہ ٻيو ڪرمي، جيڏو توجهان ۾.

اهڙي طرح معراج واري ملاقات جو ذڪر سر سورٺ ۾ پڻ هن طرح ملي ٿو، جنهن چوڏيل تي چڙهي محبوب مدني کي آڳي اپڻ جو سير ڪرايو. ڀٽائيءَ سرڪار ان واقعي کي هن بيت ۾ بہ بيان ڪيو.

آءٌ مٿانهون مگڻا، چڙهي ۾ چوڏول،
توکي گهوٽ گهرائيو، راجا منجهہ رتول،
راز ڪيائين راو سين، موچاري مهل،
”انا احمد بلا ميم“، سئن هنئي سائل،
ڪئہ ڪئہ پيئي ڪل، تہ هر دوئي هيڪ ٿيا.

(شاهواڻي غلام محمد، شاهہ جو رسالو، سر سورٺ، سال 2005، ص:644.)

رب ڪريم پنهنجي محبوب کي ستن آسمانن جي سير ڪرائڻ کان پوءِ سدرت المنهيٰ جو سير ڪرايو تہ لطيف سائين ان واقعي کي هن بيت ۾ بيان ڪيو.

جتي عرش نہ اپ ڪو، زمين ناهہ ذرو،
نڪو چاڙهو چنڊ جو، نڪو سج سرو،
اتي آديسين جو، لڳو دڳ درو،
پري ٻين پرو، ناٿ ڏناٿون ناهہ ۾. (سر رام ڪلي)

شاھہ لطيف، پاڻ سڳورن جي مڪي مان مديني ڏانھن ھجرت واري واقعي کي ھن بيت ۾ بيان ڪيو آھي.

پلئو سپ پنيور، پٺي ھوت نہ ھليو،
شھر سڄاتو ڪينڪي، آرياڻي اتور،
ماڻئو تني مور، جني ديکئو دل سان.
ناز منجھاران نڪري، جڏھن پرين ڪري ٿو پنڌ،
پونءِ پڻ بسم الله چئي، راھ چمي ٿي رند،
اپيون گھڻي ادب سين، وٺي حورون حيرت ھنڌ،
سائينءَ جو سوڳنڌ، منھنجو ساجن سينئان سھڻو. (سر بروو سنڌي)

رسول ڪريم صلعم جن ھجرت ڪرڻ وقت فرمايو اي علي، اڄ رات تون منھنجي بستري تي آرام ڪر ۽ ھي امانتون صبح جو ماڻھن کي واپس ڪجان، حضرت عليءَ کي ان رات نبي سائين جن جي بستري تي تمام گھري ننڊ آئي، سندن اھا ننڊ بہ عبادت ۾ شمار ٿي. ان واقعي تي لاکيڻي لطيف فرمايو تہ:

تن تسبيح من مٺيو دل دنبورو جن
تندون جي طلب جون وحدت سر وڄن
قل ھوالله احد الله، اھو راڳ رڳن
موتوا قبل انت موتوا اھا لرز لڱن
في الافاق وفي انفسڪم اھا ھاڃ ھٿن
لتنذر قوماً ما اھو پھہ پيرن
سپ عضوا عبداللطيف چئي پرين لئي پُرجھن
ستا سي سونھن ننڊ عبادت جن جي.

حضرت علي عليہ السلام جي ولادت 13 رجب سن 30 عام الفيل مطابق 600ع ۾ جمع جي ڏينھن ڪعبةالله شريف ۾ ٿي تہ، حضرت علي عليہ السلام ٽي ڏينھن اکيون نہ کوليون تہ سندس امڙ فاطمہ بنت اسد بي قرار ٿي پئي. پوءِ ٽئين ڏينھن جڏھن سرورِ ڪائنات رحمةاللعالمين محبوبِ خدا نبي پاڪ جن سندن گھر آيا تہ حضرت

علي عليہ السلام جن پنهنجون اکيون مبارڪ کوليون. ان واقعي کي لطيف سرڪار سامهون رکندي فرمايو تہ:

اکيون سي ئي ڏار، جن سان پسين پرينءَ کي،

---

اک پريان جي اک ۾، جَني پاتي اکَ،
سي ميڙي موتيا لکَ، جا صورت ڏٺي سُپيرين جي. (سر آسا)

حضرت علي ڪرم الله جي هنج ۾ پاڻ سڳورا آرام فرمائي رهيا هئا. وچينءَ نماز جو وقت هو، حضرت عليءَ نماز پڙهڻ ٿي چاهي ٿي. پر نبي پاڪ کي جاڳائڻ، ننڊ ڦٽائڻ ۽ آرام ۾ خلل وجهڻ مناسب نہ سمجهيو، تانجو سج بلڪل ٽبي هٽڻ تي هو. جناب علي مرتضيٰ جن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي حضور جن جي چهري انوار تي ڪريا، جنهن تي پاڻ سجاڳ ٿي عليءَ کان دريافت فرمايائون تہ اي علي! ڇا لاءِ روئين پيو؟ حضرت عليءَ فرمايو تہ يارسول الله! وچين نماز فوت ٿي ويئي. سج پنهنجو سمورو سفر پورو ڪري منزل تي پهچڻ وارو آهي. توهان کي ننڊ مان اٿارڻ مناسب نہ ڄاتم ۽ سوچيم تہ توهان جي محبت ديدار ڇڏي جيڪڏهن وڃي نماز پڙهندس تہ اهو اوهان جي شان وٽان ناهي ۽ منهنجي لاءِ پڻ ناموزون هو. ڇو تہ نماز قضا ٿي سگهي ٿي، پر اوهان جي زيارت ۽ محبت ڪڏهن بہ قضا نٿي ٿي سگهي ۽ ڇا رسول الله! جنهن وٽان نماز ملي، تنهن کي ڇڏي ڏجي تہ اها ناداني نہ آهي! نماز جي قضا ڪرڻ وارو قصور تہ منهنجو معاف ٿي سگهيو ٿي پر جي اوهان جي آرام ڦٽائڻ ۽ توهان کي ڇڏي پڇڻ جو گناهہ ناقابل معافي آهي. اهو ٻڌي جناب سرور ڪائنات جن ڪين فرمايو تہ اي علي! آفرين هجي تنهنجي محبت ۽ ادب کي. گهٻراءِ نہ اسان هينئر ئي تنهنجي لاءِ سج کي واپس ورايون ٿا. پوءِ پاڻ آگر مبارڪ جي اشاري سان سج کي پوئتي موٽايائون ۽ جناب علي ابن ابي طالب وچين نماز سڪون ۽ اطمينان سان ادا ڪئي. اهو واقعو سهڻي لطيف هن بيت ۾ ڪيو آهي.

صحبت سپرينءَ جي، ايءُ پڻ وڏي حاج،
قضا ڪج نماز، وقت ورائڻ وجهڙو.

**روزا ۽ نمازون اي پڻ وڏي حاج،**
**قضا ڪج نماز، صحبت ڪارڻ سپرين.** (سر آسا)

سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، شاهه جو گنج، سال 2008ع، ص: 442. سمون محبوب علي، مصنف، پتائي تي بهتان، ص: 78
ميمڻ قربان علي، مصنف، فڪر لطيف،تنظيم فڪر و نظر سکر، سال: اپريل 1986ع، ص:41.

## شاهه جي شيدائين جا ڪم

شاهه سائينءَ جو پهريون شارح پير محمد راشد روضي ڌڻي آهي جنهن پنهنجي ملفوظات ۾ شاهه سائينءَ جي ڪجهه بيتن جي شرح لکي آهي. سندس ملفوظات جا ٽوٽل 6 حصا آهن، جن ۾ 1911 روايتون، 4 خط ۽ 5 وظيفا ڏنا ويا آهن.

ميان فقير محمد ويهڻائي چانڊيا قبيلي جو چشم وچراغ هو. هي بزرگ سنڌ جي تاريخي شهر ٺٽيءَ جي پرسان ڳوٺ ويهڻ شريف ۾ 1270هه ۾ ڄائو. علم معرفت جي تلاش ۾ سائين مخدوم ميان غلام محمد جن وٽ دست بيعت ٿيا. جتان ڪين روحاني سبق مليو ۽ ڪين حڪم ٿيو ته باغن جا سير ڪندا رهو ۽ رياضت ڪندا رهو. پوءِ حضرت شاهه عبداللطيف جي درگاهه تي رياضت لاءِ حاضر ٿيا ۽ روزانو مراقبا ڪندا هئا. حضرت سخي سرور نوح جي درگاهه تي به رياضت ڪندا هئا. چاليهه سالن جي عمر ۾ زبردست جفاڪشيءَ سان مڪمل روحاني فيض حاصل ڪري ورتائون. ڪين عشق جي آتش سبب ٿڌي پاڻيءَ سان غسل ڪرڻو پوندو هو ۽ ڄميل پاڻي سيني تي مليندا هئا. آخر گرميءَ جي شدت کان مجبور ٿي، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪراڙ ڍنڍ ۾ وڻ جي چار ۾ هٿ وجهي پاڻيءَ ۾ رياضت ۽ مراقبو ڪندا هئا. سندن وصال آچر جي ڏينهن فجر نماز کان پوءِ 12 جمادي اول 1380هه ۾ ٿيو.

هڪ ڀيري اڪبر کي سنڌي مارئي داستان ٻڌڻ جو شوق جاڳيو، درباري ڳائڻن وڏا وس ڪيا، پر هو مارئيءَ جو داستان ٻڌائي نه سگهيا. آخر مرزا جاني بيگ اهو داستان ٻڌائي واهه واهه ڪرائي ڇڏي. جنهن تي اڪبر ڏاڍو خوش ٿيو. ائين هڪ دفعي اڪبر پنهنجي خاص درباري راڳي تان سين کي مرزا جاني بيگ ڏانهن ڳائڻ لاءِ موڪليو. چون ٿا ته تان سين اڳ ۾ راجا بير بل وٽ هوندو هو. جتان اڪبر ڪيس زوريءَ پاڻ وٽ گهرايو هو. اڪبر ڏانهن اچڻ وقت راجا هن جي پالڪيءَ کي ڪلهو ڏئي ڪانئس موڪلايو هو. تان سين ايڏي عزت افزائي ڏسي راجا سان وعدو ڪيو هو ته مون ساڄي هٿ سان توکي سلام ڪيو آهي. اهو هاڻي ڪنهن

به ٻئي ماٺهوءَ يا بادشاهه کي سلام لاءِ نه ڪٽندس. اڪبر وٽ اچڻ کان پوءِ به تان سين هن کي ڪاٻي هٿ سان سلام ڪندو هو. اڪبر کي اها ڳاهه نه وڻندي هئي. پر ڪڇندو نه هو. مرزا جاني بيگ سياڻو ماڻهو هو. سو هو سمجهي ويو ته اڪبر کي ان سان پنهنجي ذلت ۽ رسوائي محسوس ٿئي ٿي. تان سين جڏهن راڳ ختم ڪيو ته، مرزا جاني بيگ اٿيو ۽ چيائين ته ”اي راڳي، مان ته مفتوح آهيان، تنهن ڪري تو تي نثار ڪرڻ لاءِ جو ڪجهه منهنجي دل چوي ٿي. اهو ڪونهي، پر ها، مان پنهنجو پاڻ تو تي نثار ڪيان ٿو.“ ائين چئي مرزا جاني بيگ اٿيو ۽ تان سين جي چوڌاري طواف ڪري ست چڪر ڏنائين. اهو ڏسي تان سين جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو ۽ اٿي ساڄي هٿ سان جهڪي سلام ڪندي چيائينس ته ”اي سردار مان به اڄ تائين ڪنهن کي ساڄي هٿ سان سلام ناهي ڪيو، پر اڄ تو کي انهيءَ ڪري سلام ڪيان ٿو، جو تون ئي ان جو حقدار آهين.“ محقق امام راشدي. حوالو، ڪاوش دنيا پهرين جون 2014ع.

شاهه جي شيدائي استاد خان صاحب منظور علي خان هڪ انٽرويو ۾ چيو ته جيڪر آءٌ حضرت شاهه عبداللطيف، حضرت سچل سرمست، بيدل ۽ حمل فقير کي نه ڳايان ها ته اڄ استاد ڪونه سڏجا ها. ان ڪري اهو چوڻ صحيح ٿيندو ته سنڌ جو مون تي ٿورو آهي. سچل ۽ شاهه جو احسان آهي، جو آءٌ هن منزل تي پهتل آهيان.

شاعر محمد نوشه گنج بخش قادري جي اردو ۽ پنجابي ڪلام ”گنج شريف“ ۽ شاهه سائين جي گنج شريف ۾ هڪجهڙائي نظر اچي ٿي. محمود شبتري جي سوالن تي قائم ڪيل يا ناهيل موضوعن جي آڌار تي شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ به ساڳيا موضوع ملن ٿا.

مسٽر عبدالله چنه 1927ع کان 11 سال مختيارڪار رهيو ته ميرپورخاص ۾ به ڊيوٽي ڪري آيو. هڪ دفعي ڪيس زينت چنه چيو ته موهن جي دڙي جي پنج هزار سال تهذيب جا ڪوهه ڳولي ليجن ٿا ته پوءِ مارئيءَ جو کوهه چو نه ٿو ڳوليو وڃي. تون ٿر ضلعي جو دفتردار ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر به ٿي رهيو آهين، تون

مارئيءَ جي کوهہ جي ڳولا ڪر. پوءِ خان صاحب عبدالله چنہ، نواب مير الهہ داد خان لوڪل بورڊ جي پريزيڊنٽ ۽ قاضي نور محمد چيف آفيسر ۽ قاضي دين محمد سومرو لوڪل بورڊ جي اڪائونٽنٽ سان خط وسيلي مارئيءَ جي کوهہ جو ذڪر ڪيائين. پوءِ قاضي دين محمد کوهہ جي ڳولڻ جي ڳالهہ لوڪل بورڊ جي ميٽنگ ۾ ڪئي ۽ ڪجهہ عرصي بعد پئسا منظور ڪرائي ڀالوا ۾ مارئيءَ جو کوهہ ۽ چيلڙن ڪي پاٽي پيارڻ واري پڳل ڪونڊي ڳولي لڌائون. مسٽر عبدالله چنہ 1940ع ۾ کوهہ جي چڱيءَ ريت مرمت ڪرائي ۽ پڳل ڪونڊيءَ ڪي ٺاهي راس ڪرايو. پوءِ چنہ صاحب پٿر تي سر مارئيءَ جو بيت لکڻ لاءِ اخبارن ۾ ليک ڏنا تہ ان جي جواب ۾ ٻہ ٽن اديبن مسٽر چنہ جي دل وارو بيت اخبار ۾ ڏنو. پوءِ سنگمرمر جو پٿر چار فوٽ ڊگهو ۽ ٽي فوٽ ويڪرو مسٽر عبدالله چنہ ڏانهن حيدرآباد موڪليو ويو تہ ان پٿر تي چنہ صاحب مارئيءَ جو هي بيت.

عمر آئين اوچتو کهڙي هاج حمير،
تو ڏني مون پؤ ٽئي، سنڪو منجهہ سرير،
ميان منجهہ ملير، اڳ نہ ڏٺين ڪڏهن.

بيت سان گڏ لڪائيو ويو تہ ضلعي لوڪل بورڊ ٿرپارڪر جي خرچ سان هي مشهور مارئيءَ جو کوهہ کوٽرائي ۽ ڪونڊي جي مرمت ڪرايل آهي ۽ مسٽر عبدالله چنہ جي ڪوشش سان ٺهيو آهي پوءِ اهو پٿر چنہ صاحب ميرپور موڪليو ۽ پٿر کوهہ تي لڳايو ويو. سال 1949ع ۾ جڏهن مسٽر عبدالله چنہ ڊائريڪٽر لئنڊ رڪارڊس ۽ ڪمشنر سروي ٿيو تہ ننگرپارڪر تعلقي جي اوپر واري حد جي حد بنديءَ لاءِ ويو تہ پٿر کوهہ تي لڳل ڏٺائين (حوالو، نئين زندگي آگسٽ 1977ع). تنهن کان پوءِ مير حاجي محمد بخش خان ٽالپر 1956ع ۾ ان جي ٻيهر چڱيءَ طرح مرمت ڪرائي بعد ۾ 6 مارچ 1967ع ۾ اتي ميلو لڳرايو. ان ميلي مان ٺي مراد فقير، مائي ڀاڳي، علڻ فقير جهڙا راڳي اڳتي آيا ۽ مشهور ٿيا. مير شير محمد ٽالپر 1967ع ۽ 10 مارچ 1968ع ۾ مارئي جو ميلو ڀالوا ۾ لڳرايو. ان ميلي ۾ وڏن اديبن جن ۾ مولانا غلام محمد گرامي، ممتاز مرزا، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد عثمان ڏيپلائي،

سرگواسي رائچند هريجن، ڪامريڊ غلام محمد لغاري شامل هئا ۽ انهن اتي پنهنجا مقالا پڑهيا. ان کان پوءِ ريڊيو حيدرآباد جي ڏنل سوال مطابق 1996ع ۾ مارئي جو ٻيو پيرو ميلو لڳو. جيڪو غلط ٻڌايو ويو آهي. ۽ 1997ع ۾ انفارميشن آفيسر درمحمد ڪمال جي ڪوشش سان هڪ ٽئي سال پالوا ۾ منيءَ ۾ مارئيءَ جو ميلو لڳو. ان کان پوءِ 1998ع ۾ ٿرجي ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت مارئي جوميلو پالوا ۾ ملهايو. مارئي ادبي ڪانفرنس ۾ ٻين اديبن جي مقالن کان پوءِ جڏهن فقير محمد عرف مقيم ڪنڀار کي اسٽيج تي سڏ ڏنو ويو ته هن پنهنجي جتي اسٽيج کان هيٺ لاهي پوءِ تقرير جي شروعات ڪئي. پنهنجي تقرير ۾ هن چيو ته ”مارئي ٿر جي ستي ساوتري هئي انهيءَ ڪري ٿرجي هن عظيم ڪردار تي جتي پائي ڳالهائڻ مناسب نٿو سمجهان“. اهڙي نموني 1999ع ۾ ٻه ٿرجي ماڻهن پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت پالوا ۾ مارئي جو ميلو لڳرايو. بعد ۾ 2003ع ۾ ثقافت کاتي پاران ميلو لڳايو ويو. ڪجھ سالن بعد ٿرجي عظيم ڪردار مارئيءَ جو ميلو پالوا ۾ لڳو ته ان جو افتتاح چنچر 3 مئي 2008ع مطابق 26 ربيع الثاني 1429ھ تي منجهند جو ٿرجي لوڪ راڳين موهن ڀڳت جي فرزند شنڪر ڀڳت، ايشور ڀڳت سان گڏ ڪريم فقير ۽ هاشم فقير، موهن ڀڳت جي ڳايل وائي ”لڳي ڏکڻ جي هير مارو منهنجا مير“ ان وائيءَ جي گونج ۾ ثقافت کاتي جي صوبائي وزير سسئي پليجو صاحبه ميلي جو افتتاح ڪيو. ادبي ڪانفرنس دربار هال ۾ منعقد ٿي. ان ۾ مهمان خاص ڊاڪٽر غلام علي الانا هو. ان ڪانفرنس ۾ جناب شوڪت حسين شورو، تاج جويو، امر سندو، ارباب نيڪ محمد، آغا سليم، نور محمد جنجهي، آپا نظير ناز، ياسر قاضي ۽ ٻين خطاب ڪيو. پهريون مارئي ايوارڊ 2008ع ۾ شهيد راڻي محترمه بينظير کي ڏنو ويو. جيڪو پي.پي جي ايم.اين.اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ۽ انجنيئر ولي محمد راهمون وصول ڪيو. ٻن ڏينهن واري ميلي ۾ مختلف پروگرامن ۾ حصو وٺندڙن کي ثقافت کاتي پاران بينظير اوارڊ ڏنا ويا جنهن ۾ بهترين راڳي جو اوارڊ ڪريم فقير، بهترين سگهڙ جو اوارڊ ملوڪ نهڙي، ملھ پهلوان جو اوارڊ سردارو ڀيل ۽ اٺن جي ڊوڙ ۾ بهترين اٺ جو

مقابلو ڪٺڻ تي عبدالغني ڪوسي کي ڏنو ويو. پالوا ۾ ثقافت کاتي پاران 2010ع ۾ مارئي جو ميلو تي ڏينهن لڳو جيڪو بهترين ميلو چيو وڃي ٿو. ان ميلي ۾ ثقافت کاتي جي وزير سسئي پليجو اعلان ڪيو ته، هر سال جنوري يا فيبروري ۾ مارئي جو ميلو ٽي ڏينهن لڳايو ويندو. ۽ پالوا ڳوٺ کي بجلي ڏيڻ جو اعلان به ڪيو هو. ۽ ان کان پوءِ ثقافت کاتي 22 جون 2013ع تي جان چڏائي مارئي جو هڪ ڏينهن جو ميلو لڳايو.

شاهه لطيف سسئي پنهون جو ذڪر پنجن سرن ۾ ڪيو آهي. مولا بخش بڪڪ لکي ٿو ته سسئي جي قبر پبني، تحصيل سون مياڻي ۾ آهي جيڪا سيٺ علي محمد بڪڪ دريافت ڪئي ۽ 1941ع ۾ ڪراچي کان پبنيءَ تائين رستو ٺهرايائين ۽ ڪجهه عرصي بعد سسئي جي قبر کي پڪو ڪرايائين. پوءِ اسماعيل ميمڻ ڊپٽي ڪمشنر لسٻيلو ڪجهه ڪم ڪرائي پنهنجي نالي جي تختي لڳرائي. سسئي جي مزار تي پهريون ميلو يعني ڪچهري 1962ع ۾ ضلعي لسٻيلي جي ڊپٽي ڪمشنر محمد هاشم ميمڻ ڪرائي هئي (ڪاوش اخبار - ديلي شام). 1970ع کان پوءِ حاجي محمد الياساڻي سسئي تي ميلو لڳرايو. سسئي پنهون جي آڳند سنگهر پٽ ۾، ضلعي لسٻيلي جي ڊپٽي ڪمشنر نور احمد سمون پاران 49 ورهين کان پوءِ سسئي پنهون جي مزار تي ٻي مچ ڪچهري جمع 16 ڊسمبر 2011ع 20 محرم 1433هه ۾ ٿي. جنهن ۾ نامورن سگهڙن اديبن سسئي جي سرن مان بيت پڙهي داد حاصل ڪيو. سسئي پنهل پويان جبل جهاڳيا ته سندس پير پٿون تي پيا، شاهه جي سورمي سسئي جي پيرن وارو پٿر شهدادپور جي منظور خاصخيليءَ وٽ موجود آهي. حوالو، اخبار عوامي آواز، 7 جنوري 2018ع.

سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جي ڪيل فيصلي مطابق، 2 جنوري 1932ع تي حيدرآباد جي ٿياسافيڪل هال ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ورسي ملهائڻ جو انتظام ڪيو ويو. هن ورسيءَ جي صدارت سيٺ غلام علي چاڳلا ۽ سيد غلام مرتضيٰ شاهه (جي. ايم سيد) ڪئي. ان موقعي تي ڪيترن عالمن ۽ اديبن پنهنجون تقريرون ۽ لکيل مضمون ۽ مقالا پڙهيا. سيد ميران محمد شاهه "شاهه جي

حياتيءَ“ تي عالمانہ انداز ۾ روشني وڌي. سيد غلام مرتضيٰ شاھ ”شاھ صاحب جو سوز“ جي عنوان تي رسالي مان بيت پيش ڪيا. لعلچند امرڏني مل ”شاھ جي رسالي جو چونڊ ڪلام “ جي سري هيٺ شاھ جي آزاد خياليءَ ۽ وطن جي حب تي روشني وڌي. ڄيٺمل پرسرام ”شاھ صاحب جو ڪلام“ قرآن شريف ۽ مثنوي مولانا روم جي مطابق پيش ڪيو. ميان محمد بخش ”واصف“، ”شاھ صاحب ۽ شريعت جي پابندي“ جي عنوان سان هڪ مقالو پيش ڪيو. هن ورسيءَ جي موقعي تي شاھ جي فقيرن پنهنجي اصلوڪي پراڻي انداز ۾ شاھ جو ڪلام ڳائي ٻڌايو. اهڙي نموني سنڌ ۾ ”شاھ ڀٽائيءَ جي ساليانہ ورسي ملهائڻ“ جو رواج پڻ ”سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ“ جي طرفان شروع ڪيو ويو.

1953ع کان سنڌ سرڪار جي اطلاعات کاتي طرفان شاھ سائين جي عرس جي موقعي تي ڪتاب شايع ڪرائڻ شروع ٿيا. 1953ع ۾ سنڌ جي وزيراعليٰ جناب مرحوم عبدالستار پيرزاده، شاھ سائين جي سالانہ عرس جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس جي افتتاح جي موقعي تي ”شاھ جي حب الوطني“ جي عنوان سان تقرير ڪيائين. پيرزادي صاحب، شاھ سائين جي 201 ميڙي جي موقعي تي سنڌ صوبي ۾ پهريون ڀيرو 15 آڪٽوبر 1954ع ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو. 31 آگسٽ 1958ع ۾ ڀٽائيءَ جي ميلي تي شام جو سادي ستين وڳي موسيقيءَ جي پروگرام ۾ جناب عبدالستار پيرزادي صاحب آسا راڳ مان وائي ”منهنجو ملڪ ملير“ ڳايائين.

1961ع ۾ بزمِ نصيرآباد ۾ ذوالفقار راشديءَ مقالو ”شاھ جي شاعري“ پڙهيو، پاڻ ان مقالي ۾ سسئي جي سڪ ۽ سهڻي جي ميهار سان لنئون ۽ دليريءَ تي خيالن جو اظهار پيش ڪيو.

”لطيف ۽ جديد سائنس“ جي عنوان تحت ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور ”پاڪستان فلاسافيڪل ڪانگريس، شاھ عبداللطيف سيشن اسلام آباد ۾ 31 مئي 1979ع ۾ تقرير ڪئي.

شاهه لطيف بابت پهريون انگريزي ڪتاب ”لائيف آف شاهه عبداللطيف ڀٽائي“ مرزا قليچ بيگ لکيو. سڀ کان پهرين شاهه سائين جي زماني جو پس منظر مغربي عالم ايچ. ٽي. سورلي ڏنو ۽ شاهه سائين کي ڪلهوڙن جي دور جو گوهر سڏيو. سڀ کان پهريائين مير عبدالحسين سانگيءَ، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سوانح عمري جي حوالي سان تحقيق ڪئي. سڀ کان پهرين ”شاهه لطيف ۽ ڪلهوڙا دؤر تي تحقيق“ غلام حيدر چنه ڪئي. ورهاڱي کان پوءِ سڀ کان پهرين شاهه سائين جي واين تي ڊڪشنري، مشهور اديب ڊاڪٽر محمد اسماعيل شيخ تيار ڪئي. سندس ولادت پهرين مئي 1928ع ۾ ڪراچي ۾ ٿي ۽ وفات 27 مئي 2008ع قاسم آباد ۾ ٿيس. سڀ کان پهريائين شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل علامتن کي جديد مغربي معيارن موجب پرکڻ جي روايت مشهور محقق ڊاڪٽر تنوير عباسي وڌي. سڀ کان پهريائين ديوان ليلا رام کاڪيءَ شاهه سائينءَ جي رسالي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ لکي هئي. مراٺي زبان ۾ شاهه صاحب جي زندگي، فلاسافي ۽ لوڪ قصن کي وڌ ۾ وڌ شري تولا رام رهيجا پونا واسيءَ ليک لکيا آهن. جن ۾ ”سؤراجيه“ مراٺي هفتيوار 4 جون 1966ع ”مها ڪوي شاهه لطيف“ لوڪ مت هفتيوار جي جون 2008ع قابلِ ذڪر آهن.

ڏوڪري شهر جي رهواسي استاد طالب حسين چني ۽ سندس پيڻ مشهور شخصيتن جي نالن کان علاوه، سڀ کان پهرين شاهه سائين جا بيت رنگين ڏاڳي سان پنڊي يعني دبڪي تي لکيا. تنهن کان پوءِ پنڊين تي شاهه لطيف جي بيت جي ست بعد قرآن شريف جون آيتون، چوٽيون ۽ پهاڪا به لکجڻ عام ٿي ويا آهن.

لطيف جو پارکو ۽ رسالي جي حافظ، سگهڙ فقير محمد جمن مگڻهار جمعي جي ڏينهن 5 مئي 2010ع ۾ عبرت اخبار ۾ انٽرويو ڏيندي چيو ته 1989ع ۾ فقير سرائي امداد علي ۽ محمد خان مجيدي سان گڏ شاهه جا اڻ ڇپيل بيت انڊيا جي راجستان ۽ ڪڇ ڀڄ واري علائقي مان هٿ ڪياسين. وڌيڪ ٻڌائيندي چيائين ته، هڪ سؤ کان وڌيڪ بلوچي ۽ بروهي ٻوليءَ ۾ شاهه جا بيت مون وٽ موجود آهن.

23 آڪتوبر 1954ع تي ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تان ”پوئٽري آف شاهه عبداللطيف“ جي عنوان سان اي. ڪي. بروهيءَ تقرير ڪئي هئي.

1966ع ۾ ڀٽ شاهه ۾ ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ اسلامي قدر“ جي عنوان تي مذاڪرو ڪيو ويو. 1969ع ۾ ايم. اي. فائنل جي پيپر ۾ بعنوان ”سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف“ تي مضمون لکڻ لاءِ ڏنو ويو. 18 اپريل 1985ع تي شاهه عبداللطيف ڪانفرنس جو افتتاح صدر جنرل ضياءَالحق ڪيو.

تنظيم فڪر و نظر سکر سنڌ پاران 1. ڪل سنڌ شاهه لطيف ڪانفرنس 1982ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿي. 2. 1985ع کان سالانه ڪل پاڪستان شاهه عبداللطيف ڪانفرنس سکر ۾ ٿي. 3. شاهه لطيف عالمي ڪانفرنس 1986ع ۾ سکر ۾ ٿي. 4. چوٿين ڪل پاڪستان شاهه عبداللطيف ڪانفرنس 14، 15 آڪٽوبر 1988ع ۾ ٿي. انهن ڪانفرنسن ۾ شاهه جي شيدائين مقالا پڙهيا هئا.

مضمون، سنڌ جي صوفي دانشورن جو سنيهو، ڪريم بخش خالد، هفتيوار صداقت، جيڪب آباد 14 آگسٽ 1955ع. اردو مقالو، خطبات لطيف (شاهه جو رسالو مين پنهور ڪا مذڪور) ڪريم بخش خالد، پنهور ضلعي ٺٽي ۾ منعقد ٿيل پنهور بين الاقوامي سيمينار جي موقعي تي 28 اپريل 1983ع ۾ پڙهيو. اردو مضمون شاهه جو رسالو مين سنڌي ڪلچر ڪَي مظاهر، ڪريم بخش خالد، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ پاران منعقد يوم لطيف جي موقعي تي10 ڊسمبر 1983ع 4 ربيع الاول 1404هه ۾ پڙهيو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي عنوان سان مظهرالحق صديقيءَ ”پاڪستان نيشنل سينٽر حيدرآباد طرفان ڪوئايل لطيف ڪانفرنس“ جي موقعي تي 29 نومبر 1983ع تي افتتاحي تقرير ڪئي.

مضمون، شاهه لطيف ۽ سنڌي ثقافت، مير غلام علي جمالي، 31 مارچ 1984ع تي لياقت گورنمينٽ ڪاليج ملير، طرفان هوٽل جبيس صدر ڪراچي ۾ ملهايل يومِ لطيف ۾ پڙهيو هو.

مشهور محقق، آرٽسٽ ۽ شاهه لطيف جي شيدائي، بدر ابڙي 1985ع ۾ پيٽ ڌٽي جو ناهيل مجسمو لاڙڪاڻو آرٽس ڪائونسل لاءِ تحفو ڏنو. لاڙڪاڻو آرٽس ڪائونسل جي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي آرٽ گيلري ۾ اڳارو 29 ڊسمبر 2015ع ۾ مجسمي جي نقاب ڪشائي جي پُروقار تقريب ٿي. ان موقعي تي بدر ابڙي صاحب چيو ته 1978ع ۾ مون کي ڀٽائيءَ جو مجسمو ناهڻ جو خيال آيو. پوءِ خبر پئي ته لطيف سائينءَ جو سندس حياتيءَ ۾ مجسمو ناهيو ويو هو. جيڪو پيٽ شاهه جي هالا حويليءَ ۾ پيل آهي، پوءِ اتي ويس جنهن کي ڏسڻ جي اجازت نه ملي. بعد ۾ ڀٽائيءَ جي ويجهن ساٿين کان ڄاڻ ورتي، هي مجسمو 1985ع ۾ ناهي مڪمل ڪيم. ابڙي صاحب، شاهه سائين جي بيت ”جوڳيءَ کي جڳ ٿيا اپي ٿي پيرين، اکيون الک سامهون پونءِ ڏي نه پيري.“ کي سامهون رکي ڀٽائيءَ جي مجسمي جو تصور ان تي بيهاريو. پوءِ لاڙڪاڻي واسين ۽ ساڃاهه وندن تقريب ۾ سندن ٿورا مڃيا.

پي ٽي وي ڊراما سيريل ”ماسوري“ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي اداڪاره زيبا بختيار جي ڊائريڪشن ۾ ڊراما سيريل ”ماسوري“ ملائيشيا ۾ تيار ڪيو ويو. ساگر انٽرٽينمينٽ جي ان سيريل جو پروڊيوسر برڪت صديقي ۽ ليکڪ ظفر معراج آهي. سيريل ۾ 10 گانا شامل ڪيل آهن. جيڪي عابده پروين، عامر جمال، ٽينا ثاني ۽ مظهر جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل آهن. سيريل ملائيشيا سان لاڳاپيل ”ماسوري“ جي ڪردار جي سلسلي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ”ماسوري“ جي روحانيت جي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ روحاني عشق حقيقي کي اجاگر ڪيو ويو آهي. سيريل جي ڪاسٽ ۾ جيڪي فنڪار شامل آهن. انهن ۾ سعديه امام، فيصل قريشي، ثمينه پيرزاده، ساجد حسن، شبنم نواز، جانان ملڪ، غزاله ڪيفي ۽ طاهر رضوي شامل آهن. سيريل جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سلمان گهانچي آهي. اهو ڊرامو ڊسمبر 2004ع ۾ ٽي وي تان ٽيليڪاسٽ ڪيو ويو.

10جولاءِ 2004ع تي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران هڪ ڏينهن واري ڪانفرنس ۾ اديبن ”شاهه لطيف سنڌي ٻولي ۽ سماج“ موضوع تي مقالا پڙهيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي پاران شاهه لطيف سيمينار 2005ع ۾ 25 اپريل تي ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي اور عورت ڪي عظمت“ جي سري هيٺ اديبن مقالا پڙهيا. ڊاڪٽر غفور ميمڻ 8 جنوري 2005ع ۾ شاهه لطيف چيئر پاران ڪرايل سيمينار ۾ مقالو ”شاهه لطيف جي شاعريءَ جا تحقيقي رخ“ پڙهيو هو. 19 مارچ 2006ع ۾ سنڌي شعبي پاران سنڌالاجي جي راشدي حال ۾ موضوع ”تصوف ۽ شاهه لطيف“ ان موضوع تي ليڪچر، مقالن ۽ مضمونن جو پروگرام منعقد ڪيو ويو.

22 مارچ 2006ع ۾ سنڌالاجي جي راشدي حال ۾ موضوع ”شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ غم جو فلسفو“ ان موضوع تي ليڪچر پروگرام رٿيو ويو.

ڀلاري ڀٽ ڌڻي جي 267 هين عرس جي موقعي تي 15 جنوري کان 21 جنوري تائين ريڊيو پاڪستان ڀٽ شاهه پاران شاهه لطيف جو هفتو ملهايو ويو. جنهن ۾ ڪيترائي اهم پروگرام نشر ڪيا ويا، جن ۾ برک دانشور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نواز علي شوق، آغا سليم ۽ ٻين شخصيتن جا تاثرات ۽ پيغام نشر ڪيا ويا. شاگردن وچ ۾لطيف بيت بازي، لطيف ڪوئز، ”شاهه لطيف جو نوجوانن لاءِ پيغام“ جي عنوان سان تقريري مقابلا ڪرايا ويا.

2010ع ۾ ڪوڪ اسٽوڊيو طرفان ”مومل راڻي“ ڪي ڪلاسيڪل نموني جاري ڪيو ويو. جنهن ڪي مڪمل طور شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي درگاهه وارن فقيرن طرفان پيش ڪيو ويو هو. ان موقعي تي شاهه جي راڳي فقير جمن چيو تہ ان اسٽوڊيو شاهه لطيف ڪي بين الاقوامي طور متعارف ڪرايو آهي. حوالو، ڪاوش دنيا 2018ع. ريڊيو پاڪستان جي قومي نشرياتي رابطي تي اردو پروگرام ”شاهه عبداللطيف محبتون ڪا سفير“ 7 جولاءِ 2010ع تي نشر ٿيو. ان پروگرام ۾ نصير مرزا، تاج جويو، سحر امداد ۽ جامي چانڊيو شرڪت ڪئي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر 7 جولاءِ 2013ع تي آچر ڏهاڙي ثقافت کاتي حڪومت سنڌ ۽ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي سهڪار سان هڪ ڏهاڙي ٻہ ويهڪي ڪانفرنس ڪوٺائي. هن ڪانفرنس ۾ پهرين ويهڪ جو

موضوع ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ فطرت جا رنگ“ هو. هن ويهڪ جو مهمانِ خاص سعيد احمد اعوان سيڪريٽري ثقافت ۽ صدارت پروفيسر ڊاڪٽر پيرزاده قاسم رضا صديقي ڪئي. پروفيسر محمد سليم ميمڻ تجويز پيش ڪئي ته شاهه لطيف جي عرس جي موقعي تي هر سال شاهه لطيف ڏيهاڏيهي ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ به ڪوٺائي وڃي ته ڏاڍو سٺو ٿيندو. ان ڪانپوءِ شاعر اياز جاني، ڊاڪٽر رخمان گل پالاري، ڊاڪٽر سحر امداد، ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ ٻين پنهنجا مقالا پيش ڪيا. ڪانفرنس جي ٻي ويهڪ جي صدارت سنڌ جي نامور اديب محقق آغا سليم ڪئي، سڀ کان پهريائين نوجوان محقق سڪندر ساگر پنهيار ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي پرڪاش راڳن جو تحقيقي جائزو“ جي عنوان سان پنهنجو مقالو پيش ڪيو. ان ڪانپوءِ تاج جويو، پنهنجو مقالو ”ديوانِ علي ۽ شاهه لطيف جو تقابلي جائزو“ جي عنوان سان پيش ڪيو. پروفيسر ڪنعيا لال ناگپال تقرير ڪندي چيو ته ”گروگرنٿ صاحب به شاهه لطيف جي شاعريءَ جيان راڳن تي ٻڌل آهي. شاهه لطيف جي سموري شاعري سرن تي ٻڌل آهي ۽ اهي سر اصل ۾ راڳ ئي آهن.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسِٽي ۽ ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران 10 ڊسمبر 2014ع تي نيشنل ميوزيم آف پاڪستان جي آڊيٽوريم ۾ ”ڏيهاڏيهي شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪانفرنس“ ٿي. هن ڪانفرنس ۾ اردو سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ مقالا پيش ڪيا ويا. ڪانفرنس جي صدارت آغا سليم ڪئي تنهن بعد ڊاڪٽر فاطمه حسن چيو ته ”شاهه لطيف جي شاعري احساسن سان ڀريل آهي. شاهه جي شاعري انسانن ڪي محبت جو معراج ڏيکاريو آهي“. شاهه جي راڳ تي تحقيق ڪندڙ البرٽا يونيورسٽي ڪئناڊا مان آيل شمائلا هيماڻي چيو ته ”شاهه سائينءَ جي راڳ ۽ موسيقيءَ تي تحقيق ٿيڻ گهرجي ۽ هيل تائين شاهه جي رسالي جي ان پهلوءَ ڪي نظر انداز ڪيو ويو آهي“. برطانيا مان آيل روز ميريءَ چيو ته ”شاهه جي ڪلام ۽ پيغام ڪي عام ڪرڻ جي گهرج آهي هن نفسا نفسيءَ جي دور ۾ شاهه جو ڪلام اسان لاءِ وات ۽ لاٽ جو ڪم ڏئي ٿو“. بلوچستان مان آيل نور خان محمد حسنيءَ جي مقالي جو عنوان هو ”دهشتگرد سماج ۾ لطيف جو جواز“.

ان موضوع تي مقالو پڙهيو. گلگت بلتستان مان آيل احسان شاهه پنهنجو مقالو پڙهيو ۽ ٻين ۾ سليم راز، سيد مظهر جميل، امر سنڌو، اختر رضا سليمي، ڊاڪٽر رخمان گل پالاري، زاهده حنا، ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ ٻين تحقيقي مقالا پيش ڪيا.

ڇنڇر 28 نومبر 2015ع بمطابق 15 صفر 1437هه تي ثقافت کاتي پاران شاهه سائينءَ جي 272هين عرس مبارڪ جي ”عالمي لطيف ادبي ڪانفرنس ايڪسيلينس سينٽر ڀٽ شاهه“ ۾ منعقد ٿي. هن ڪانفرنس جي صدارت سنڌي ٻوليءَ جي برک عالم ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ڪئي. ان ڪانفرنس ۾ دهلي کان آيل اديب هيرو ٺڪر، گجرات احمد آباد کان آيل ڊاڪٽر ڄينو لالواڻي، ڊينمارڪ کان آيل صدف مرزا، بهاولپور کان آيل ڊاڪٽر جاويد چانڊيو، ڀٽ جو گادي ڌڻي سيد وقار حسين شاهه، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو ۽ ميزبان منظور ڪناسرو شامل هئا. انهن اديبن شاهه سائينءَ جي فن فڪر ۽ ڪلام تي تحقيقي مقالا پڙهيا ۽ ثقافت کاتي پاران لطيف سرڪار تي ڇپايل نَوَنِ ڪتاب جي مهورت ڪئي وئي. انهن ۾ منظور قناصرو جو ترتيب ڏنل ڪتاب، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ همت ۽ جستجو“ ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي جو رسالو ”ڳجهارت“ رکيل مورائي جو ترتيب ڏنل ڪتاب ”شاهه لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس“ ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جو ترتيب ڏنل ڪتاب ”محزن شاهه عبداللطيف ڀٽائي“ منظور احمد قناصري جو ”ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجون“ محمد عثمان ڏيپلائي جو ”شاهه جو رسالو“ منظور احمد قناصري جو انگريزي ۾ ترتيب ڏنل ڪتاب ”دي ميسيج آف اسٽرگل آف لطيف پوئٽري“ ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي جو ڪتاب ”آڇيندي لڄ مران“ ۽ ذوالقرنين شاهه جو ڪتاب ”رهبر ڀٽ شاهه“ شامل آهن.

ثقافت کاتي اپريل 2015ع ۾ شاهه سائين جون 18 وايون سينيئر ۽ جونيئر فنڪارن کان نئين انداز ۾ نون سازن سان رڪارڊ ڪرايون. ڊي.جي. ڪلچر منظور احمد ڪناسري صاحب سال 2015ع ۾ سيڪنڊري ڪلاس جي شاگرد لاءِ موضوع ”شاهه جي شاعريءَ ۾ همت ۽ جستجوءَ جو پيغام“ هاير سيڪنڊري جي شاگردن لاءِ

موضوع ”شاهه جي شاعريءَ ۾ انساني قدر“ جي عنوان سان مقالي جي دعوت ڏني. پوءِ پوزيشن ڪٽندڙ شاگردن ۾ ليپ ٽاپ ورهايا.

جمع 6 مئي 2016ع تي آرٽس ڪائونسل لاڙڪاڻي پاران ٽي روزه جشن لطيف ملهائڻ جو سلسو شروع ٿيو. پهرين ڏينهن ڊاڪٽر پرهه سڪينه گاد ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ حب الوطني“ جي عنوان سان مقالو پڙهيو. ڊاڪٽر احسان دانش ”سنڌي سماج ۾ شاهه جي ڪلام بابت فڪري ۽ نظرياتي تضاد“ عنوان سان مقالو پڙهيو. غلام نبي سڏايو ”شاهه سائين جو اجتماعي شعور“ عنوان سان مقالو پڙهيو. بشير احمد شاد ”شاهه جي ڪلام ۾ لفظ ۽ معنوي ندرت“ عنوان سان مقالو پڙهيو.

خيمس 10 نومبر 2016ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پاران ”حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۽ پيغام ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو ڪردار“ جي سري هيٺ 10 کان 17 نومبر تائين هفتو ملهائڻ جي سلسلي ۾ منعقد ڪيل افتتاحي تقريب جي سيمينار ڪي مهمانِ خاص ڊي سي ڄامشورو منور علي مهيسر خطاب ڪندي چيو ته، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو پيغام واضع ۽ چٽو آهي. شاهه لطيف جي شاعري ۾ ڪيئي اهڙا نقطا آهن، جن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. سينيئر صحافي نياز پهنور چيو ته ريڊيو حيدرآباد ۾ ڀٽائي جي مختلف رخن جي حوالي سان وڏو ڪم ٿيو آهي. ان موقعي تي نصير مرزا، ريجنل ڊائريڪٽر محمد علي ٻانيڻ، تاج جويو، زيب سنڌي، سينيئر صحافي ناز سهتو، پروفيسر نظير قاسمي، ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ، عشرت علي خان، شاهه لطيف جي ڪلام، فن ۽ فڪر تي روشني وڌي ۽ ان سيمينار جي ڪمپيئرنگ ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد جي پروگرام مئنيجر علي اڪبر هنگورجي ڪئي. هن وقت علي اڪبر هنگورجو صاحب اسٽيشن ڊائريڪٽر آهي.

پهرين نومبر 2016ع تي ڪراچيءَ ۾ ناميار اسڪالر احمد سليم ”موجوده دور جا مونجهارا ۽ شاهه لطيف“ موضوع تي ليڪچر ڏنو.

2016ع ۾ شاهه سائين جي 273 هين عرس جي موقعي تي ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران اديبن کي هيٺين عنوانن تي مقالن لکڻ جي دعوت ڏني. (1)

شاهه جي شاعريءَ ۾ امن. (2) شاهه جي شاعريءَ ۾ عالمگيريت. (3) شاهه جي نظر ۾ محبت. (4) شاهه جو آدرشي انسان.

شاهه سائين جي عرس جي موڪل باوجود سگا جي عهديدارن ڪراچي جي سچل ڳوٺ ۾ 14 سفر 1439هه مطابق ڇنڇر 4 نومبر 2017ع تي ٻارڙن پھريون ڀيرو ڀٽائي جو ڏھاڙو ڀرپور نموني ملهايو. جن ۾ انوشا ميمڻ، فائقه ۽ غفران، ڀٽائي سرڪار جي شاعري ۽ ان جي پيغام بابت تقريرون ڪيون. جڏهن ته غزاله، عاصف، پيڪر فاطمه، اُم فروه ۽ ٻين پڻ ڀٽائيءَ جا بيت پڙهيا.

شاهه سائينءَ جي 275هين عرس مبارڪ جي مناسبت سان وفاقي اردو يونيورسٽي جي سنڌي شعبي پاران شاهه عبداللطيف ڀٽائي سيمينار 2018ع ۾ ڪوٺايو ويو جنھن جو موضوع هو ”سسئيءَ جو پنھور ڪان ڪيچ مڪران تائين سفر ۽ شاهه لطيف“. ان سيمينار ۾ نالي واري محقق گل حسن ڪلمتيءَ، ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌ شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر رحمان گل پالاري ۽ ڊاڪٽر ڪمال جامڙي مقالا پڙهيا. ڊاڪٽر رحمان گل پالاريءَ چيو ته مون ۽ گل حسن ڪلمتيءَ سسئي جي سفر وارن لڳ ڀڳ 35 ماڳن جو سفر ڪيو. اهو سيمينار مستاگ فائونڊيشن جي سهڪار سان منعقد ٿيو هو.

شاهه سائين جي ڪلام ۾ ميون عيسو جو اسم يعني ان جي نالي وارا ڪنھن ليک هڪ بيت ڄاڻايو ۽ محمد ابراهيم سنڌيءَ پنھنجي ڪتاب ”شاهه جي شاعريءَ ۾ مرد ڪردار“ ۾ ٻن ڪان تي بيت عيسيٰ جي نالي وارا ڄاڻايا آهن. ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب، شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ ڇهه بيت عيسيٰ جي نالي وارا ڄاڻايا آهن. شاهه سائين جي وڏي همعصر ميين عيسيٰ جي مزار ملاڪاتيار پرسان خيرواهه ۽ درياهه جي بند جي ڀيڪڙ ۾ آهي.

جمع 18 جنوري 2019ع تي ناليج سينٽر لاڙڪاڻي ۾ سنڌي ۽ اردو جي ناميارِي ليکڪ ۽ پروڊيوسر محمد قاسم حيدر پاران شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ تي اردو ۾ ناهيل ڊاڪيومينٽريءَ جي افتتاحي تقريب ٿي. ان موقعي تي علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي اڳوٽي ڊائريڪٽر ۽ ڊاڪيومينٽري

جي پروڊيوسر محمد قاسم حيدر چيو تہ هي پهريون پيرو آهي جو سنڌ ۾ هيءَ ڊاڪيومينٽري متعارف ڪرائي پئي وڃي. جنهن ۾ انگريزيءَ ۾ ترجمو شامل ڪيو ويو آهي. نوي منٽن تي مشتمل هن ڊاڪيومينٽري جي رڪارڊنگ سنڌ، بلوچستان، هندستان ۽ ٻين ملڪن ۾ ڪئي وئي آهي. هن ڊاڪيومينٽري ۾ ناليوارن اديبن جا تاثر، مشهور فنڪارن جي آوازن ۾ ڳايل ڪلام، دنبوري جي ايجاد، رسالي جي تحقيق، ڀٽائيءَ جيڪي سفر ۽ ماڳ مڪان ڏنا ۽ ان وقت جو سياسي پسمنظر ۽ ٻين موضوعن تي ڇاڻ ڏني وئي آهي ان موقعي تي سينٽر جي باني پروفيسر مختيار احمد سمون چيو تہ "ڀٽائيءَ جي شاعري جو پيغام آفاقي آهي جيڪو عالمي امن پيار ۽ رواداري قائم ڪرڻ جي هدايت ڪري ٿو."

## شاهه سائين جي ڪلام تي ايم فل ۽ پي ايچ ڊيز

1.سنڌي زبان ۾ پهرئين پي ايچ ڊي جو اعزاز ماڻيندڙ ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر عنوان ”سنڌي ثقافت ۽ شاهه عبداللطيف“ رهبر، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1988ع.

2. ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو ”حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري“ رهبر، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1989ع.

3. ڊاڪٽر حسن بانو سومرو”شاهه جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ سنڌي عورت جو مطالعو“ رهبر، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1989ع. هن ٿيسز ۾ شاهه سائين جي 30 سرن مان 28 سرن ۾ عورت جو ذڪر ڪيل آهي.

4. ڊاڪٽر شڪنتلا سيواڻي ”شاهه جي رسالي ۾ جماليات جو تحقيقي جائزو“ رهبر، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1993ع.

5. ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو ”رومي جي حوالي سان شاهه لطيف ۽ هن جا صوفياڻا فڪر “(پاڪستان اسٽڊي سينٽر) رهبر، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1998ع.

6. ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ تشبيهون ۽ استعارا“ رهبر، ڊاڪٽر قمر جهان مرزا، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2001ع.

7. ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو عنوان ”شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو“ رهبر، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان 2004ع ۾ اوارڊ ٿيس.

8. ڊاڪٽر احسان دانش ”شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج“ رهبر، ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2015ع.

9. ڊاڪٽر ذوالفقار قريشي ”شاهه جي وائي، بڻ بنياد، ارتقا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جو ڪردار“ رهبر، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2016ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

10. ڊاڪٽر محمد مارو خشڪ ”شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي مزاحمتي شاعريءَ جو تحقيقي اڀياس“ رهبر، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2017ع.
11. ڊاڪٽر نورمحمد شاهه ”شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نظريہ حيات“ رهبر، ڊاڪٽر نورافروزخواجہ، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2018ع.
12. ڊاڪٽر عبدالحفيظ قريشي ”شاهه جي ڪلام جو سماجي ۽ تاريخي اڀياس (سنڌ جي قديم ۽ وچولي اتهاس جي روشنيءَ ۾) (5000 ق.م. کان 1843ع.)“ رهبر، ڊاڪٽر تهمينہ مفتي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2018ع.
13. ڊاڪٽر فهميده حسين ”شاهه جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ“ رهبر، ڊاڪٽر اياز حسين قادري، يونيورسٽي آف ڪراچي 1992ع.
14. ڊاڪٽر غلام حيدر چنہ ”شاهه لطيف ۽ ان جو دؤر“ رهبر، ڊاڪٽر اياز حسين قادري، يونيورسٽي آف ڪراچي 1996ع.
15. ڊاڪٽر انيس فاطمه سومرو ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي دؤر جون مذهبي ۽ علمي حالتون“ رهبر، ڊاڪٽر فهميده حسين، يونيورسٽي آف ڪراچي 2006ع.
16. ڊاڪٽر شهناز سومرو ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ جاڪوڙ جي اهميت“ رهبر، ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري، يونيورسٽي آف ڪراچي 2008ع.
17. ڊاڪٽر محمد ابراهيم سمون ”شاهه لطيف جي ڪلام ۾ مرد ڪردار“ رهبر، ڊاڪٽر نواز علي شوق، يونيورسٽي آف ڪراچي 2009ع.
18. ڊاڪٽر محمد عابد شاهه (عابد مظهر) ”شاهه جي دؤر ۾ تصوف جا سلسلا“ رهبر، ڊاڪٽر نواز علي شوق، يونيورسٽي آف ڪراچي 2009ع.
19. ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر“ رهبر، ڊاڪٽر نواز علي شوق، يونيورسٽي آف ڪراچي 2009ع.
20. ڊاڪٽر فهميده شاهه ”شاهه لطيف جي ٻوليءَ جو تنقيدي جائزو“ رهبر، ڊاڪٽر نواز علي شوق، يونيورسٽي آف ڪراچي 2010ع.

21. ڊاڪٽر رخمان گل پالاري ”شاهه جي شاعريءَ ۾ لوڪ ادب“ رهبر، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، يونيورسٽي آف ڪراچي 2011ع.
22. ڊاڪٽر شير محمد مهراڻي ”شاهه جي شاعريءَ ۾ جماليات جو تصور“ رهبر، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، يونيورسٽي آف ڪراچي 2013ع.
23. ڊاڪٽر شازيه پتافي ”شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو لسانياتي جائزو“ رهبر، ڊاڪٽر فهميده حسين، يونيورسٽي آف ڪراچي 2015ع.
24. ڊاڪٽر عبدالستار بلوچ ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ آيل شخصيتون ۽ ڪردار“ رهبر، ڊاڪٽر نواز علي شوق، يونيورسٽي آف ڪراچي 2015ع.
25. ڊاڪٽر ايڇ. ٽي. سورلي، انگريزي ٻوليءَ ۾ پهرئين پي. ايڇ. ڊي. عنوان ”شاهه لطيف آف ڀٽ“ آڪسفورڊ يونيورسٽي آف لنڊن 1938ع.
26. پهريون ڀارتي پي. ايڇ. ڊي. هولڊر ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي انگريزي ٻوليءَ ۾ عنوان ”شاهه عبداللطيف هز لائيف اينڊ ورڪ“ رهبر: ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، دهلي يونيورسٽي، 1973ع اوارڊ ٿيس ۽ 1974ع ۾ شايع ٿي.
27. ڊاڪٽر سنتداس (ايس ايم) جهانگياڻي انگريزي زبان ۾ عنوان ”شاهه لطيف اينڊ هز ٽائيمز“ رهبر، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، دهلي يونيورسٽي 1976ع ۾ اوارڊ ۽ 1977ع ۾ شايع ٿي.
28. ڊاڪٽر سُشيلا موتواڻي هندي ٻوليءَ ۾ عنوان ”شاهه لطيف اور جائسي ڪي ڪويا ۾تصوف“ رهبر، ڊاڪٽر بدري پرشاد پنچولي، راجستان يونيورسٽي 1977ع.
29. ڪماري رڪمڻيءَ هندي ٻوليءَ ۾ ننڍڙو تحقيقي مقالو عنوان ”ملڪ محمد جايسي ۽ شاهه عبداللطيف جي شعر ۾ پريم جي ڀاونا“ مرلي ڌر جيٽليءَ جي نظرداري هيٺ مقالو تيار ڪري دهلي يونيورسٽي مان 1978ع ۾ ڊگري ورتي.
30. ڊاڪٽر موتي پرڪاش ”سنڌي شاعريءَ ۾ استريءَ جو چٽ“ رهبر، پروفيسر رام پنجواڻي، بمبئي يونيورسٽي 1981ع ۾ اوارڊ ۽ 1988ع ۾ شايع ٿي.

31. پي ايچ ڊي ڪنڌڙ پهرئين سنڌي عورت ڊاڪٽر دُرِشهوار سيد ”دي پوئٽري آف شاهه عبداللطيف“ رهبر، ڊاڪٽر ڪيرول هلين برانڊ ۽ ڪرسٽوفر شئڪل، ايڊمبرا يونيورسٽي، يو ايس اي. 1984ع.

32. ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي ”شاهه ۽ سچل جو تقابلي اڀياس“ نگران: ڊاڪٽر ديال آشا، بمبئي يونيورسٽي 1994ع.

33. ڊاڪٽر چندر نڪر، پرمانند نڪر ”سنڌي موسيقي ۽ شاهه لطيف“ رهبر، ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، بمبئي يونيورسٽي 2016ع. هن 85 سالن جي عمر ۾ پي. ايچ. ڊي ڪئي.

34. رقيه عامر ”شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ سجاڳيءَ ۽ جدوجهد جو فلسفو، تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو“ رهبر، ڊاڪٽر ادل سومرو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور.

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ايم فل لاءِ منظور ٿيل عنوان: محقق سجاد علي چنا ”شاهه لطيف جي شاعري ۾ الله ۽ الله وارن جو ذڪر، هڪ تحقيقي جائزو“ 30 اپريل 2005ع ۾ منظور ٿيس.

محمد اسماعيل ٽيبو ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ معاشي مسئلن جي اُپٽار تحقيقي اڀياس“ رهبر، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني 9 جون 2008ع.

محترمه ظهران چنه ”شاهه لطيف ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ وطن سان محبت جي اظهار جو تقابلي مطالعو“ ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو، 28 مئي 2009ع.

محترمه گلشن آرا ميربحر ”شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ انسان شناسي تحقيقي اڀياس“ نگران، ڊاڪٽر نور افروز خواجه 11جون 2009ع.

شفيق احمد شاهاڻي ”شاهه جي رسالي ۾ سسئي جي ڪردار جو تحقيقي جائزو“ نگران، ڊاڪٽر نور افروز خواجه 28 مئي 2009ع.

انور علي مگريو ”پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي لطيفي فڪر جو تحقيقي جائزو“ رهبر، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو 5 مئي 2011ع.

رخسانه ٽيبو ”شاهه لطيف ۽ شيخ اياز جي شاعري ۾ آسماني نظارن جو تقابلي مطالعو“ رهبر، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو 19 جون 2012ع.

**شاهه سائين جي سوانح ۽ شاعري متعلق ڪجهه شايع ٿيل ڪتاب ۽ رسالا**

سر سورٺ ليکڪ پيرومل مهر چند ڇاپو پهريون 1909ع هن ڪتاب ۾ 5 وايون ۽ 69 بيت ڏنل آهن. "شاهه ڪريم ۽ شاهه ڀٽائي" مصنف، فقير محمد مگريو، هاشمي پرنٽنگ پريس حيدرآباد ڊسمبر 1943ع.

عرفان لطيف، هي رسالو جنوري 1949ع ۾ سيد محمد شاهه حيدرآباد مان جاري ڪيو، هيءُ رسالو شاهه عبداللطيف جي شان ۾ ڪڍيو ويندو هو. ان جو پهريون ايڊيشن "لطيف نمبر" سان شايع ڪيو ويو. نئين زندگي رسالي جو پهريون لطيف نمبر سال 1950ع ۾ شايع ٿيو.

ڪتاب، عرفان لطيف، مصنف، محمد خان غني، محڪمه اطلاعات مغربي پاڪستان حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1966ع. هن ڪتاب ۾ پيغام، غلام نبي ميمڻ وزير اطلاعات، قانون ۽ پارلياماني امور، حڪومت مغربي پاڪستان ۽ پيش لفظ مسرور حسن خان ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن، 28 مئي 1966ع ۾ لکيو ۽ نذرانئه عقيدت سيد بشير حسين ڊائريڪٽر انفرميشن حيدرآباد جو پيش ڪيل آهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي 228 هين ورسي جي موقعي تي يادگار، ڪتاب ڀٽائي 3،4،5، جنوري 1980ع مطابق 14، 15، 16، صفر 1400هه ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد پاران شايع ٿيو.

پکين جي پچار (سر ڪارايل) محمد سومار شيخ، لاڙ ادبي سوسائٽي بدين، 1976ع.

فارسي زبان ۾ ڪتاب مرغوب الاحباب جو مڪمل نالو مرغوب الاحباب في النساب الاقطاب، نظر علي بلوچ 1273هه 1876ع ۾ لکيو.

تاريخ سورٺ، ليکڪ رنڇوڙجي امرجي، 1882ع ۾ لکيو. اساس سورٺ، ليکڪ گل مانگرولي 1987ع ۾ شايع ڪرايو.

ڪتاب، ڀٽائي جا ڀال، جاني مير محمد سولنگي.

تمر فقير جي شاعري مؤلف، سيد قادن شاهه بخاري، ناشر، دي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، ڇاپو پهريون مئي 1970ع.

ڪتاب، جانب جو جمال، ڀٽائي گهوٽ جي ورسيءَ جي موقعي تي 26 فيبروري 1975ع ۾ شايع ٿيو.
آيتون آهين، شاهه سائين جي 227 هين عرس جي موقعي تي محڪمه اطلاعات سنڌ، جنوري 1979ع ۾ شايع ڪيو.

شاهه سائين جي ٽي سؤ ساله جشن ولادت جي موقعي تي پنج ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ ڪنڌيءَ ڪونئر ٽڙن، مصنف محمد حسين ڪاشف، مقصود پبليڪيشن ڏومڻ واهه روڊ حيدرآباد 1990ع. لطيفي سئر، ليڪڪ، پروفيسر پيرومل مهر چند آڏواڻي، ڇاپو ڇوٿون 1989ع. شاهاڻو شاهه، مصنف لالچند امر ڏنـه مل جڳتياڻي، ڇاپو ٻيو 1989ع. سر ڏهر، مرتب ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڇاپو پهريون 1989ع ۽ شاهه جو رسالو (رسالي جي ٽن سرن مان چونڊيل بيتن جو اختصار) تحقيق ۽ مقدمو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ڪلچرل ڪاميٽي حيدرآباد ٻيو ايڊيشن 14 صفر 1410هه/ 1989ع ۾ شايع ڪيو. سر سسئي سان شروع ٿيندڙ مٿيون رسالو فقير ابوبڪر مهيني ذوالقعد 1206هه ۾ لکي پورو ڪيو هو. هن رسالي ۾ 1. سر سسئي ۾ ڪل 320 بيت ۽ 33 وايون. 2. مومل راڻو ۾ 15 بيت ۽ 2 وايون. 3. عمر مارئي 82 بيت ۽ 6 وايون ترتيب ڏنل آهن. جيڪو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ رسالي جو پهريون ايڊيشن 14 صفر 1408هه/ 10 آڪٽوبر 1987ع ۾ شايع ڪرايو هو.

شاهه سائين جيڪو مخدوم محمد معين ٺٽويءَ ڏانهن خط لکيو هو ان خط کي سپ ڪان پهريائين ڪتابي صورت ۾ فارسي زبان ۾ رساله اويسيه نالي مخدوم محمد معين ٺٽويءَ تيار ڪيو. مخدوم محمد معين ٺٽوي جي وفات کان 70 سال پوءِ سن شهر جي عالم محمد عارف سنائي 1230هه ۾ رساله اويسيه جي ڪتابت ڪئي. رساله اويسيه جو اردو ترجمو مولانا عبدالرشيد جي مشوري سان ڊاڪٽر عبدالمقيت شاڪر عليميءَ ڪيو، رساله اويسيه، مترجم نيار همايوني ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران 2005ع ۾ شايع ٿيو.

شاهه سائينءَ جي محقق مولانا دين محمد وفائيءَ سڀ کان پهريائين پنهنجي ڪتاب ۾ شاهه سائين جو علامه محمد معين ٺٽويءَ ڏانهن لکيل خط جو ذڪر ڪندي لطيف سائين جي پڇيل سوالن مان فقط ٽن سوالن جي اصل عبارت ڏيئي لطيف جي پڙهيل هئڻ جو ثبوت ڏنو.

شاهه سائينءَ جي ڪلام کي فارسي زبان ۾ سمجهائڻ جي اولين ڪوشش نورمحمد درس ڪئي. هن شاهه سائينءَ جي پارڪو "شاهه جو رسالو" ذوالقعد 1283هه/ مارچ 1867ع ۾ سر ڪلياڻ کان سر آبري تائين جملي نوَ سر لکيا.

شاهه سائينءَ جي زندگي ۽ شاعري تي هنن ويهن فارسي ڪتابن ۾ ذڪر ڪيل آهي.
1، رسالهه اويسيه. 2، مقالات الشعراءِ. 3، تحفة الڪرام. 4، معيار سالڪان طريقت. 5، طومار سلاسل گزيده. 6، شجرة اهل بيت. 7، فردوس العارفين. 8، ملفوظات پير محمد راشد. 9، خزانة المعرفت. 10، گلشن اولياءُ. 11، پنج گنج. 12، مرغوب الاحباب. 13، نور محمد درس وارو شاهه جو رسالو. 14، آئينه جهان نما. 15، منهاج العاشقين. 16، لطائف لطيفي. 17، تذڪرة مخاديم کهڙا. 18، النظم الشريف الڪلام السيد عبداللطيف. 19، ارمغان لطيف. 20، نثري ترجمو شعراءِ بزرگ عرفاني پاڪستان.

مولانا محمد نورنگ زاده جي ڪتاب، انيس العاشقين: هن ڪتاب ۾ حج جي سفر جي چاڻ ڪانسواءِ هن ڪتاب ۾ موقعي مناسبت سان ميون شاهه عنايت، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ميون عيسيٰ ملاڪاتياري جي بيتن سان گڏ اردو، فارسي ۽ عربيءَ جي شاعرن جا معنيٰ خيز شعر استعمال ٿيل آهن.

1.اردو ڪتاب "مفڪر مهراڻ" ٽنڊي سڙڪ حيدرآباد ڇاپو پهريون 1963ع، هن ڪتاب ۾ 20 مضمون ڏنل آهن. 2." شاهه عبداللطيف حيات اور شاعري" مترجم اختر انصاري اڪبر آبادي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد ڇاپو پهريون 1967ع، هن ڪتاب ۾ ڪل 16 مضمون آهن.

”جر ٿر تڪ تنوار“ مرتب، شمشيرالحيدري ۽ انور هالائي، ڀانهن ٻيلي ڊاڪٽر سليمان شيخ ۽ اعجاز قريشي، سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ڪراچي 1979ع ۾ شايع ڪيو.

اردو زبان ۾ رسالہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، مترجم، شيخ اياز، اشاعت اول جون 1963ع، اشاعت دؤم آڪٽوبر 1977ع، اشاعت سوم دسمبر 1991ع، اشاعت چهارم اگست 2005ع، اشاعت هفتم جنوري 2016ع، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي پاران شايع ٿيو. هن ڇاپي ۾ ڪل 29 سر آهن. آخري سر سهڻي ڏنل آهي.

”شاهہ جي ٻولي“ ليکڪ، آفتاب ابڙو، سنڌي ڪتاب گهر ڪراچي، ڇاپو پهريون، 1990ع هن ڪتاب جا ٻہ اکر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ مقدمو ڊاڪٽر نواز علي شوق لکيو آهي.

ڪتاب ”تذڪره لطفي“ جي ٽنهي جلدن ۾ ڪل 81 شاعرن جي سوانح عمري ۽ ڪلام جو انتخاب ۽ تبصرو ڪيل آهي. (حوالو، ڪلاچي 2008ع). ”ٻارن جو شاهہ“انور هالائيءَ جو لکيل آهي هي ڪتاب 1982ع ۾ سگا ڇپرايو.

انگريزي ڪتاب، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ورثو (Legacy of Bhitai Shah Abdul Latif) محمد بچل ٽنيو، آزاد ڪميونيڪيشن ڪراچي ڇاپو پهريون آڪٽوبر 1992ع.

لطيفي سڏ، مينگهراج تلريجا، ساهت مالا ملير آديپور ڪڇ، 1995ع. ڳالهيون ڳڻ لطيف جا، ترتيب حڪيم خليفہ عبدالحميد چانڊيو.

ڪتاب، ڳالهيون منهنجي سنڌ جون، ليکڪ، شوڪت خواجائي، ڇاپو پهريون، 1999ع، هن ڪتاب ۾ مقالو شاهہ لطيف ۽ سنڌ جون شخصيتون، هن ۾ شاهہ سائين جي همعصرن جو بہ احوال ڏنل آهي.

”زندگيءَ جو سفر“ ليکڪ عبدالغفور پرڳڙي ڇاپو پهريون مئي 2000ع. هن ڪتاب ۾ مولانا جلال الدين رومي، شاهہ عبداللطيف ۽ علامہ محمد اقبال جي ڪلام جي ڀيٽ سان گڏ سندن زندگيءَ جو احوال بہ ڏنل آهي.

تحقيقي ڪتاب ”ابڙو وڏ وڙو“ ليڪڪ، سيد مهدي شاهه، ڇاپو پهريون جنوري 2005ع ۾ شايع ٿيو.
ديوناگري سنڌيءَ ۾ الٿو ڪيل ”شاهه جو رسالو“ پروفيسر لڪشمڻ پرسرام هردواڻي جي ڪاوشن سان اپريل 2006ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.
”شاهه لطيف، سنڌي ٻولي ۽ سماج“ترتيب، خالد آزاد، ڇاپو پهريون 2007ع ۾ شايع ٿيو.
ڪتاب، بنگال جو لطيف (را بندر ناٿ ٽيگور 1983ع) ڪتاب، لطيف سنڌ آهي، ڇاپو چوٿون آگسٽ 2008ع ليڪڪ، منصور قادر جوڻيجو.
” بيت نہ پر آيتون“ليڪڪ ڊاڪٽر عزيزالرحمان ٻگهيو. ڇاپو پهريون 2009ع.
منتخبات لطيف، (انتخاب) محمد يوسف شيخ، ڇاپو پهريون، سال 2010ع، هن ۾ 32 سر ڏنل، پهريون سر ڪلياڻ ۽ آخري سر شينهه ڪيڏارو ڏنل آهي.
فڪر مهراڻ، ڪاليج مئگزين ايڊيٽر پروفيسر عبدالسميع داد، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۽ پوسٽ گريجوئيٽ اسٽڊيز سينٽر سکر. 2010ع واري ڇاپي ۾ هيءُ مضمون ڏنل آهن. مضمون، شاهه عبداللطيف جي تمثيلي لوڪ قصن جي سمجهاڻي. پروفيسر اشفاق علي ميمڻ. شاهه عبداللطيف جو ڪلام، حسين امر جماڻي دايو. شاهه عبداللطيف پورهيتن جو شاعر، اياز حسين قريشي. سر پرڀاتيءَ جو فڪري جائزو. پروفيسر حبدار حسين قريشي (ليڪچرار سنڌي شعبو). سنڌي ادب ۾ تصوف جو عنصر. محمد ارشد قريشي.
اردو ڪتاب ”تعارف و تذڪره لاهوت لامڪان“ ليڪڪ محمود نظاماڻي بن عبدالواسع ڇاپو 2011ع. ”جان جان پسين پاڻ کي“ ليڪڪ، آمنہ حامد خليل زبيدي، مهراڻ پبلشرز ڪراچي، ڇاپو 2011ع.
ڪتاب ”اڪر پڙهه الف جو“ (ٻارن لاءِ شاهه جي رسالي مان چونڊ، ڪلام) چونڊ اسحاق سميجو ۽ نياز نديم، روشني پبليڪيشن حيدرآباد ڇاپو پهريون 2012ع.هن ڪتاب جي منڍ ۾ شاهه سائين جي سوانح حيات ڪلياڻ آڏواڻي واري رسالي تان ڪنيل آهي ۽ هن ڪتاب ۾ (1) سرڪلياڻ بيت 8.(2)سر يمن ڪلياڻ بيت 30.(3)سر

ڪنيات بيت 12، هڪ وائي.(4)سر سريراڳ بيت 10.(5)سر ساموندي 17 بيت. (6) سر سهڻي 19 بيت، هڪ وائي. (7) سر سسئي آبري 9 بيت. (8) سر معذوري 13 بيت. (9) سر ديسي 16 بيت. (10) سر ڪوهياري 13 بيت. (11) سر حسيني 40 بيت. (12) سر ليلان چنيسر 2 بيت. (13) سر مومل راڻو 24 بيت. (14) سر مارئي 27 بيت. (15) سر ڪاموڏ 4 بيت. (16) سر سورٺ 7 بيت. (17) سر ڪيڏارو 13 بيت. (18) سر سارنگ 16 بيت هڪ وائي. (19) سر آسا 19 بيت. (20) سر رپ 11 بيت. (21) سر ڪاهوڙي 5 بيت. (22) سر بروو سنڌي 13 بيت. (23) سر رامڪلي 20 بيت. (24) سر ڪاپائتي 4 بيت. (25) سر پورب 6 بيت. (26) سر ڪارايل 8 بيت. (27) سر پرڀاتي 4 بيت. (28) سر ڏهر 24 بيت چونڊ ڪري ڏنل آهن.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سوانح حيات، فڪر ۽ عرفان، محقق ۽ شارح، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، مرتب، ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، ڇپائيندڙ ڊاڪٽر اين.اي بلوچ انسٽيٽيوٽ فار هيريٽيج ريسرچ، نوادرات ڪاتو، ڇاپو پهريون 2013ع.

شاهه لطيف جي شاعريءَ جو جديد اڀياس، ڊاڪٽر شير مهراڻي، سوجهرو پبليڪيشن ڪراچي ڇاپو پهريون ڊسمبر 2014ع.

شاهه جو رسالو (بمبئي وارو ڇاپو) ڪلياڻ بولچند آڏواڻي، ڇاپو پهريون 13 آگسٽ 1958ع ڇاپو ٻيو (سنڌيءِ) 2014ع هن جو ليڪ هري همٿاڻي، هن ۾ ڪل 30 سر، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ٿيو.

”شاهه لطيف سنڌ جي آزاديءَ جو پهريون عظيم شاعر“ ليکڪ، يوسف شاهين، پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ پبلشرز ڪراچي، سال نومبر 2014ع.

”روحاني رمزون“ هن انگريزي ڪتاب جو ايڊيٽر ۽ مرتب مسٽر ظفر بن صادق آهي. جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڊاڪٽر اي. اي. ابڙو ۽ عبدالرزاق مسڻ ڪيو آهي. ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڇپائيندڙ شاهه لطيف فائونڊيشن ڀٽ شاهه ۽ ڇپائي پڌرو ڪندڙ وقار حسين شاهه لطيفي (سجاده نشين درگاهه ڀٽ شاهه). ڪتاب ”روحاني رمزون“ جي سنڌي ترجمي جو پهريون صفحو ”دعا“ جي عنوان سان نثار حسين

شاهه لطيفي جو آهي. ڪتاب جو ”پيش لفظ“ وقار حسين شاهه لطيفي جو لکيل آهي. هي ڪتاب 2014ع ۾ شايع ٿيو.

انگريزي ۾ ڪتاب ”شاهه لطيف جو سياسي فڪر“ ليکڪ ڊاڪٽر خليل شيخ، پي. جي. ريسرچ ڪراچي ڇاپو 2015ع هي ڪتاب پنجن بابن تي مشتمل آهي.

”رهبر ڀٽ شاهه“ مقبول احمد ڀٽي، ڇاپو پهريون 1966ع. رهبر ڀٽ شاهه (گائيڊ بڪ) ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ، ڇاپو پهريون نومبر2015ع.

شاهه لطيف جا فڪري رخ، ڊاڪٽر غفور ميمڻ، سوجهرو پبليڪيشن ڪراچي، ڇاپو پهريون جنوري 2015ع.

”عشق جا 10 اصول“ ليکڪ، نور احمد ميمڻ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو پهريون 2015ع.

اردو ڪتاب ”جهانِ لطيف“ ڊاڪٽر جاويد منظر، اهتمام، شعبہ اردو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، اشاعت اول 2015ع. هن ڪتاب ۾ شاهه سائين جي ٽيهن سرن جو مختصر تعارف ۽ شاعر ڊاڪٽر جاويد منظر، پنهنجي شعرن سان ڀٽائيءَ ۽ ان جي ڪلام سان عقيدت جو اظهار بيان ڪيو آهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي زندگيءَ بابت احوال ڪتاب، آهين تون ئي تون ،سال جنوري 2016ع ۾ شايع ٿيو. ساڳئي عنوان سان ناصر بلوچ ٽئين ايڊيشن ۾ شاهه سائين جي زندگي جي احوال ڪان سواءِ سندس شجرو ۽ شاهه جي ست سورمين سان گڏ سوال جواب پڻ ڏئي 32 صفحن تي اهو ڪتاب ڇپائيندڙ ناصر بلوچ، طرفان ڊاڪٽر ظفر حسين ميموريل سوسائٽي تلهار 2018ع ۾ پڌرو ڪيو.

لطيفي ڪچهري، مصنف وريام فقير شيخ ورياماڻي، مرتب فقير ظهور احمد شيخ ورياماڻي شڪارپور، ڇاپو پهريون 2016ع. هي پهريون مڪمل رسالو آهي. جنهن ۾ شاهه سائين جي ٽيهن سرن تي مشتمل ڳجهارتون ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ ڳجهارتي بيتن جي ڀڃڪِي بہ ڏنل آهي.

ڪتاب، شاهه لطيف جا شيدائي، حصو پهريون، تحقيق ۽ ترتيب راهب علي لاڙڪ، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، 2016ع، ڪتاب تي تبصرو، ڊيلي ڪاوش حيدرآباد، جمعو 4 مارچ 2016ع ۽ شاهه جا شيدائي (حصو ٻيو) تي تبصرو جمعو 15 جون 2018ع ۾ ڪيو ويو.

پتائيءَ جا ڳايل پالتو پکي ۽ جانور، تحقيق ۽ ترتيب، نواز ڪنير، ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو سنڌ، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 2016ع.

ورق ورق گلاب، ليکڪ، نور سنڌي، ڀلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نوابشاهه، ڇاپو پهريون 2016ع.

شاهه جي شاعريءَ ۾ سگهڙائپ جو رنگ، تحقيق، عاجز رحمت الله لاشاري، حسن درس اڪيڊمي حيدرآباد، ڇاپو پهريون 2016ع.

ڪتاب ”جيئي لطيف“ سهيڙيندڙ، همير احمد، ايوب گاد، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور، ڇاپو پهريون 2017ع. هن ڪتاب ۾ ڪي ٽي اين تان نشر ٿيندڙ هفتيوار پروگرام ”جيئي لطيف“جون 100 قسطون ترتيب ڏئي ان کي ڪتابي شڪل ۾ آندو ويو. پروگرام جيئي لطيف جي پهرين قسط 29 آگسٽ 2015ع ڇنڇر ڏهاڙي شام جو ڇهه لڳي ڏهه منٽن تي ٽيلي ڪاسٽ ٿي، تنهن بعد هن پروگرام جي ٻين قسطن ۾ شاهه سائينءَ جي نامور شيدائين ۽ عقيدتمندن جن ۾ آغا سليم، اڪبر لغاري، مهتاب اڪبر راشدي، ڊاڪٽر احسان دانش، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، مختيار سمون، انجنيئر عبدالوهاب سهتو، عنايت ميمڻ، ثمينه ابڙو، ادل سومرو، اخلاق انصاري، بخشڻ مهراڻوي، بدر ابڙو، ذوالفقار قادري، عبدالغفار تبسم، امر اقبال، شوڪت خاصخيلي، سائين محبوب شاهه لڪياري، سليم پٽو لطيفي، شير مهراڻي، سيمه عباسي، تاج بلوچ، ۽ جامي چانڊيو شاهه سائين جي ڪلام تي مختلف پهلوئن کان روشني وڌي، ۽ ننڍين ٻارن جن ۾ ايوب پناڻ، مانسي، مدثر منظور، سرهاڻ، راحت ۽ انتخاب علي جن الف بي وار ترتيب سان ي تائين شاهه لطيف جا بيت پڙهيا. ان کان سواءِ 19 جنوري کان 21 جنوري تائين شاهه سائين جي 267 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي ڪي. ٽي. اين. پاران ”شاهه جون

سورميون“ جي عنوان سان عرس جي پهرئين ڏينهن اربع تي ليلا، خميس تي مومل ۽ ٽئين ڏينهن سسئي ڊرامو پيش ڪيو ويو. انهن ڊرامن جو ليکڪ ۽ ڊائريڪٽر شاهه جو شيدائي محمد ايوب گاد آهي.

”خستوريءَ خوشبوءِ“ ليکڪ ج.ع. منگهاڻي (جنت علي محمد بڪڪ)، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڇاپو پهريون 2017ع.

”اک التي ڏار“ تحقيق، محمد اسلم پٽو، ڇپيندڙ عمار پبليڪيشن ڪراچي، ڇاپو پهريون جولاءِ 2017ع/ شوال 1438هه.

اک التي ڏار، ليکڪ، نذير سومرو، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد ڇاپو پهريون آڪٽوبر 2017ع.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ جو لسانياتي اڀياس، تحقيق، ڊاڪٽر شازيه سفير، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ڇاپو پهريون 2017ع.

ساڃاهه جا سرچشما، ليکڪ سعيد احمد چانڊيو، مرڪ پبليڪيشن ڪراچي 2017ع هن ڪتاب ۾ شاهه سائين جي سوانح حيات ۽ هڪ سؤ چونڊ بيتن جي تشريح ڏنل آهي.

هُو جَي هليا هنگلاج، ليکڪ، ڪانجي مل چوهاڻ، ميگهه پبليڪيشن ميرپورخاص، ڇاپو پهريون 2017ع.

سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ، سرمد چانڊيو، ڪنول پبليڪيشن قنبر، ڇاپو پهريون نومبر 2017ع ان ڪتاب جي مهورتي تقريب سنڌي ادبي سنگت خيرپور پاران آچر 17 ڊسمبر 2017ع تي آرٽس ڪائونسل خيرپور ۾ ٿي.

شاهه لطيف ۽ وليم ورڊس ورٿ جي شاعريءَ ۾ رومانويت (تقابلي جائزو) ڊاڪٽر ساجده پروين، ڇپائيندڙ سچائي اشاعت گهر دڙو، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 2017ع.

”قرآن مجيد ۽ شاهه لطيف“ ليکڪ، حبيب حضوري، ڇپائيندڙ علامه آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ ڇاپو پهريون ڊسمبر 2018ع هن ڪتاب ۾ شاهه سائينءَ جي ڪلام سان قرآن شريف جي 131 آيتن جي پيتا پيش ڪئي وئي آهي.

ناليواري اسڪالر ۽ موسيقار پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار علي قريشي جو شاهه جي واين بابت انگريزي ۾ لکيل ڪتاب ”وائي آف شاهه عبداللطيف ڀٽائي“ ثقافت کاتي 2018ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب ۾ ڪل اٺ باب آهن.

”هلو تڪيا پسون تن جا“ ليکڪ، محمد علي ”مخمور“ مهيري، ڇپائيندڙ ساحل پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 2018ع. هن ڪتاب ۾ شاهه سائينءَ جي يارنهن سرن جو جائزو ورتل آهي.

سلسليوار مئگزين ”مڙيا متي مڇ“ آڪٽوبر 2018ع“ ۾ شايع ٿي، ان ۾ هي مضمون ۽ مقالا شايع ٿيل آهن. واقف نہ وڻڪار جي جت سناٽو سفر، فقير علي ڏنو نظاماڻي. لٺو ڏيهہ ڏڪار، فقير حاجن نظاماڻي. ڀٽائي ۽ پونءِ، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو. ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو، علي ڏنو جروار. روحاني رهبر، شبير ڪنڀار. رهيا اٺئي رات صبح ويندي صابري، نور احمد نظاماڻي. مون سين ڏنا ماءَ جن ڏنو پرين کي، نديم مگريو. ڀٽائي ۽ درياهہ، اقرار پيرزادو. ڳالهہ پريان جي ڳُجهہ جي، سردار اياز ميمڻ. ڪتين جي هارائين، قاضي انور.

سلسلي وار مئگزين ”مڙيا متي مڇ“ مضمون، پنهنجو آهين پاڻ آڏو عجيبن کي، تحرير، فقير علي ڏنو نظاماڻي. ڀٽائيءَ جي راڳين ۾ فقير غلام حيدر جو مقام منفرد آهي، ليکڪ ارباب عزم.

جديد سائنسي تنقيدي انداز ۾ انگريز عالم ڊاڪٽر پروفيسر ڪرسٽوفر شيڪل جو ايڊٽ ڪيل شاهه جو رسالو انگريزي زبان ۾ هارورڊ يونيورسٽي پريس لنڊن جنوري 2018ع ۾ هندستان مان پڌرو ڪيو. هن مترجم، محقق ۽ ايڊيٽر شاهه لطيف تي شايع ٿيل ست رسالا، جن ۾ آڏواڻي، شهواڻي، علامہ آءِ. آءِ. قاضي، ايلسا قاضي، ڊاڪٽر بلوچ، آغا محمد يعقوب ۽ شيخ اياز جو ترتيب ڏنل رسالو پيٽي پوءِ شايع ڪرايو.

شاهه جي رسالي جا سر، مصنف، عبدالرحمان نقاش، سهيڙيندڙ پروفيسر محمد سليم ميمڻ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو پهريون نومبر 2018ع.

”شاهه لطيف ۽ سوشل سائنس“ ليکڪ، پروفيسر ساجد سومرو، ڪنول پبليڪيشن قنبر، ڇاپو پهريون فيبروري 2018ع.
”ڏورِ ڏِٺائين ڏَسُ“ نوراحمد جنجهي، ڪنول پبليڪيشن قنبر، سال نومبر 2018ع.
”نوري، ناري ۽ عدم“ ڊاڪٽر قلو سندر ميگهواڙ، ثقافت ۽ سياحت کاتو، سال 2018ع.
”ڳنڍيون منجهه ڳنڍير“ عطا چانهيون، ثقافت کاتو، سال 2018ع.
”وِهَڻُ مون نه وَڙاءُ“ شاهه سائين جي 275 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي ثقافت کاتي پاران ڇاپو پهريون 2018ع ۾ شايع ٿيو.
”شاهه جي شاعريءَ جو پهاڪاتي پهلو“ ترتيب، انجنيئر عبدالوهاب سهتو، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر، ڇاپو پهريون، آڪٽوبر 2018ع. هي ڪتاب شاهه سائينءَ جي 275هين عرس 14 صفر 1440هه تي پڌرو ڪيو ويو.
”سپ پسندا پار (لطيفيات)“ ليکڪ، هدايت منگي، ترتيب، عزيز منگي، سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري، ڇاپو پهريون، جنوري 2018ع.
ڪتاب ”شاهه لطيف جا ڇتيهه سر“ محقق استاد لغاري، ڇاپو پهريون سيپٽمبر 2018ع، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد. هن ڪتاب ۾ هيءُ سر ڏنل آهن. سر ڪلياڻ، يمن، ڪنيات، بروو، سريراڳ، ساموندري، گهاتو، ڪاهوڙي، ڪاپائتي، بلاول، پرڀاتي، ڪارايل، ڏهر، آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري، حسيني، راڻو، ليلا، ڪاموڏ، سورٺ، رپ، پورب، رامڪلي، آسا، مارئي، سهڻي، سارنگ، ڪيڏارو، ڏناسري، شينهن ڪيڏارو، هير رانجهو، بيراڳ هندي، ڊول مارئي، سر بسنت.
مونا طورسينا، فقير حاجن نظاماڻي، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد ڇاپو پهريون مئي 2019ع.
”شاهه سنڌ جو ساهه“ مصنف، استاد حيدري چانڊيو، سنجها پبليڪيشن حيدرآباد، سال 2019ع.

”سمنڊ سيويو جن“ ليکڪ، پروفيسر ستار سومرو، پيڪاڪ ڪراچي، ڇاپو پهريون جنوري 2019ع.

هالا جا مخدوم صاحب ۽ شاهه ڀٽائي (هڪ اڀياس)، ليکڪ، سيد عطاءُالله شاهه بخاري، روشني پبليڪيشن ڇاپو پهريون 2019ع.

ڪتاب، ڪاروڙو چٽ آيو، ليکڪ، ڊاڪٽر عبدالعزيز رحماني ڪنيار، ڇاپو پهريون 2019ع.

شاهه جو رسالو سر ڪيڏارو (رند پروڙين راز) ليکڪ، ڊاڪٽر اڪبر ڏڪڻ، مرڪ پبليڪيشن ڪراچي 2019ع.

شاهه جو رسالو، انگريزي ترجمو علي اڪبر ڏڪڻ، مرڪ پبليڪيشن ڪراچي 2018ع.

شاهه جي شاعريءَ جو عوامي پهلو، ليکڪ، پٽر سنڌي. ”شاهه عبداللطيف سوال، جواب“نظام عباسيءَ جو لکيل آهي. مقالن جو مجموعو ڪتاب، ڀٽ ۽ درازا شمشيرالحيدري جي تصنيف آهي. اردوءَ ۾ ڪتاب ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي عصرِ جديد“ آفاق صديقي.

”تون ڏاتار آءُ ڏڏ“ ليکڪ، ڊاڪٽر جگديش لچاڻي. هن ڪتاب ۾ شاهه سائين جي زندگي، فڪر ۽ فن بابت هيءُ 15 مضمون ڏنل آهن. 1. شاهه عبداللطيف ڀٽائي. 2. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي لوڪ شاعري. 3. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ تصوف. 4. شاهه عبداللطيف جو ناصحاڻو ڪلام. 5. شاهه ۽ وڻجارا. 6.شاهه لطيف جو پسون سنسار. 7. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ موسيقيت. 8. شاهه جون سورميون. 9. شاهه سائين جي ڪلام ۾ منظر ڪشي. 10. شاهه سائين جي ڪلام ۾ اصلاح ۽ پهاڪا. 11. شاهه لطيف جا سورما. 12. شاهه سائينءَ جي شاعريءَ ۾ جماليات. 13. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي چنڊ سان رهاڻ. 14. شاهه سائين جي ڪلام جي موجوده زمان سان واسطيداري. 15. انگريزي زبان ۾ لطيف شناسي.

بلوچي زبان جي شاعر سيد ظهور شاهه هاشمي، پنهنجي تصنيف ”گسد گوار“ ۾ شاهه سائين جو ذڪر ۽ ان سان عقيدت جو اظهار ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، مير علي شير قانع جي ڪتاب ”معيار سالڪان طريقت“ کي سامهون رکي شاهه سائين جي سوانح عمري لکي هئي.

اردو ڪتاب ”حالات، واقعات اور ڪرامات شاهه عبداللطيف ڀٽائي“ هي ڪتاب شهاب شيخ ترتيب ڏنو.

”ڀٽائيءَ جا چونڊ تشريحي بيت“ چونڊ ۽ ترتيب سڪندر ملاح، مارئي اڪيڊمي. هن ڪتاب ۾ ڪلياڻ آڏواڻي جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي مان چونڊ بيت کنيا ويا آهن. ”پورب منهنجو پنڌ“ ليکڪ، فقير بشير احمد.

شاهه جي ڪلام ۾ پهاڪا ۽ محاورا، سيد اظهر گيلاني، مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون مئي 2004ع، هن ڪتاب ۾ 488 پهاڪا ۽ 320 محاورا ڏنل آهن.

”شاهه لطيف جي شاعريءَ جي لغت“ (ڏکين لفظن جي انگريزي معنيٰ) ڊاڪٽر خليل الرحمان شيخ. ادارو سرهاڻ ويلفيئر سوسائٽي، ڪراچي.

شاهه سائين جي 335 هين جشن ولادت جي موقعي تي ڀٽ شاهه ۾ ”جيئي لطيف ميگزين“ ۾ علي مراد لنجواڻي جو انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري“ جو مهورت ڪيو ويو.

## ڪجھ ليکڪن جا اردو زبان ۾ مضمون، مقالا ۽ ڪتاب

اردو مضمون مقالا جات: شاہ لطیف اور تصوف، محمد شعیب۔ بھٹ شاہ، راگ و رنگ کی منفرد دنیا، اختر حفیظ۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی سندھ کے بے مثال شاعر، نسیم انجم۔ حضرت شاہ عبداللطیف بھٹائی سدا حیات شاعر، تبسم فاروق۔ شاہ لطیف دے رسالے وچ لوک گیتاں دیاں کھانیاں، کرتار سنگھ عرش۔ شاہ عبداللطیف کی شاعری میں "نوری" انکساری کا پیکر، شاھدہ برفت۔ بھٹ شاہ جھاں شاہ لطیف کی فکر پروان چڑھی، ڈاکٹر نگار سجاد ظھیر۔ سندھی لوک داستان سورٹھ راء ڈیاچ، ڈاکٹر یوسف خشک۔ ڈاکٹر تنویر عباسی بحیثیت لطیف شناس، ایک جائزہ، ڈاکٹر ادل سومرو۔ شاہ لطیف کی شاعری میں ابلاغ کے عناصر، رفیعہ تاج۔ شاہ عبداللیف بھٹائی اور عورت کی عظمت (شاہ جو رسالو کے نسوانی کردار)، پروفیسر آفاق صدیقی۔ شاہ لطیف اور عورت کی عظمت، مھتاب اکبر راشدی۔ شاہ لطیف کے دو عظیم علامتی کردار مارئی اور سسئی، پروفیسر ڈاکٹر سحر امداد۔ شاہ لطیف کی نظر میں عورت کی عظمت، آغا نور محمد۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی اور جلال الدین رومی، ڈاکٹر رضا مصطفوی سبزواری۔ ابیات لطیف بہ عنوان سر سورٹھ، سید قوی احمد۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی (بحیثیت عظیم شاعر، معلم اخلاق اور محب سندھ)، حافظ ارشد انڈھڑ۔ تذکرہ لطیف، منظور احمد ھاشمی۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی کے حالات زندگی، سید محمد احمد جعفری۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی اور ان کی شاعری، قیصر نیازی۔ شاہ عبداللطیف کی شاعری میں سندھ کے زمینی رشتے، مسیحہ قمر۔ شاہ جو رسالو کے حوالے سے سماجی بندھن میں بندھنے والی عورت کا کردار ایک تحقیقی مطالعہ، قرت العین۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی اور ان کا فکر و فن، ڈاکٹر شھباز ملک۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی کا فلسفۂ حیات، ڈاکٹر نبی بخش بلوچ۔ شاہ لطیف کا اقتصادی فلسفہ، شرما مرزا۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی کے نظری افکار، ڈاکٹر طاھر تونسوی۔ شاہ کے کلام میں عورت کی اھمیت، تاج قائم خانی۔ شاہ لطیف اور انگریزی شعراء، مترجم ستار پیرزادہ۔ سلطان سندھ شاہ عبداللطیف بھٹائی، زینت جھاں۔ شاہ لطیف اور امن عالم، آفاق صدیقی۔ شاہ لطیف کا حسن انتخاب، ڈاکٹر یوسف خشک۔ شاہ لطیف اور ھمارے تحقیقی فرائض، پیر حسام الدین راشدی۔ شاہ عبداللطیف ایک بین الاقوامی شاعر، اعجاز علی بیگ مرزا۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی سندھی زبان کے قادر الکلام شاعر،

سید منظور نقوی۔ شاہ لطیف دی سرائیکی شاعری، محمد اسلم رسول پوری۔ شاہ لطیف تے خواجہ فرید، مولانانوراحمد فریدی۔ شاہ کی شاعری کے موضوعات، آفاق صدیقی۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی کی صوفیانہ شاعری، سید عابد مظہر۔ شاہ لطیف کا کلام وحدت واخوت کا پیغام، ڈاکٹر وفا راشدی۔ بھٹائی اوراس کی شاعری، ڈاکٹر تحسین فراقی۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی کا نظریہ تصوف، فقیر محمد جاوید قادری۔ شاہ لطیف اپنے سماج کا تجزیہ نگار۔ شاہ محمد مری۔ مضمون، 1۔ سب کا سائین، شاہ بٹائی، روزنامہ جنگ 26 اگست 1991ع۔ 2۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی کا کلام اور عوامی کہانیاں، روزنامہ جسارت کراچی 26 جنوری 1980ع۔ 3۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی کو سمجھنے کے لیے خود آگھی ضروری ہے، ماہنامہ الانسان کراچی دسمبر 1988ع، خانزادہ سمیع الوری۔ مضون، شاہ لطیف اتحاد اخوت کے پیمبر، پروفیسر محمد سلیم میمن۔ منظوم سرائیکی قصہ ہائے سسئی پنھوں کا تقابلی مطالعہ، ڈاکٹر محمد ممتاز خان، ڈاکٹر جاوید چانڈیو۔ شاہ لطیف کا سرائیکی وسیب سے تعلق، ڈاکٹر جاوید چانڈیو۔ شاہ عبدالطیف بھٹائی کی عالمی حیثیت، غلام شبیر کھوکھر۔ شاہ لطیف کا سرآسا، وحدانیت اور روحانیت کا سرچشمہ، جھانگیر عباسی۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی کی شاعرانہ خدمات، قرت العین، مئی 2019ع۔

کتاب، تذکرہ سید عبداللطیف بھٹائی، مرتب فقیر محمد جاوید قادری، مشتاق بوک کارنر لاھور، اشاعت اول 2009ع۔ کتاب، تذکرہ شاہ عبداللطیف بھٹائی، مصنف، ڈاکٹر شاھد مختار، شاھد پبلشرز لاھور۔ کتاب، سیرت پاک حضرت شاہ عبداللیف بھٹائی، پیر سید ارتضیٰ علی کرمانی، عظیم اینڈ سنز پبلشرز لاھور، مئی 2003ع مطابق ربیع الاول 1424ھ۔ کتاب، شاہ عبداللطیف بھٹائی، تحریر و ترتیب عبدالغنی درس، نوید بوک ڈپو حیدرآباد، مارچ 2004ع۔ کتاب، شاہ عبداللطیف بھٹائی کی روحانی تصاویر، ڈاکٹر محمود علی شاہ، روشنی پبلیکیشن کنڈیارو 2014ع۔ کتاب، شاہ عبداللطیف بھٹائی (منتخب کلام کا منظوم اردو ترجمہ)، ترجمہ، شیخ ایاز، انتخاب، فاطمہ حسن، نیشنل بوک فائونڈیشن اسلام آباد، اشاعت فروری 2016ع۔

شاهه لطيف بابت ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن ۾ ادبين جا ڪجهه مضمون، مقالا
مقالو، مرشد جو تصور، ليکڪ، شيخ عبدالرزاق راز.
سر ڪاموڏ جو وچور ۽ ويچار، محمد اسماعيل شيخ.
شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ تصوف، بهاؤالدين عظيمي بلوچ.
مضمون ”شاهه لطيف جو سورمو ڄام انڙ“ حاجي حسين جلباڻي.
مضمون، شاهه لطيف پسمنظر کان منظر تائين، آغا سليم.
مضمون، ايرچند پس پرين!، علي ڏنو جروار. مضمون، سنڌ جو آواز ڀٽائي، اصغر گگو.
”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عشق الاهي “نجم الدين ڪنير.
”شاهه عبداللطيف جو ڪمال“ ليکڪ، شازيه پتافي.
”شاهه جي شاعريءَ ۾ غم جو عنصر“ ليکڪ، عبدالجبار قاسم نظاماڻي.
” مضمون Study of Sur Kalyan unity in Diversity“ڊاڪٽر اي. جي هاليپوٽو.
مقالو، ”غلام شاهه ڪلهوڙو ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي“ ليکڪ ڊاڪٽر نگار سجاد ظهير ۽ ترجمو منير احمد ڪتريءَ ڪيو.
”شاهه ڀٽائي هڪ استاد“ ليکڪ محمد مارو خشڪ.
”مائي گلان ۽ ميان نورمحمد ڪلهوڙو“ ليکڪ حڪيم محمد يوسف ڪتري.
”ڀٽائي جي احوال ۾ ايندڙ شخصيتون“ ليکڪ نور جهان ڪتري.
سرتاج العارفين سيد عبداللطيف ڀٽائي، روحاني رهبر ۽ آفاقي شاعر، تحرير، محمد سليمان طاهر انبڙ.
شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جا سرچشما. الطاف اثيم.
”شاهه جو مذهب، محبت ۽ عشق“شهنيلا انصاري.
” ڀٽائي جي ڪلام ۾ مقامي رنگ“حسن علي.
” ڪڇي ٻولي ۽ شاهه عبداللطيف“محمد سليمان جوڻيجو.
”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۽ تخليق ۾ حسن ڪاري“ ليکڪ خاڪي جويو.

سر ڪيڏارو مختصر سمجهاڻي، ليکڪ مرحوم فقير قربان علي.
”سسئي ۽ شاهه لطيف جو وجودي تصور“ ڪي. ايم. لاڙڪ.
(1) شاهه جو سماجي معاشي ۽ ثقافتي سرگرمين سان واسطو، (2) ”شاهه لطيف جي شاعري ۾ دعا جو فلسفو“ ناهيد نواز.
1. ڀٽائيءَ جا راڳي فقير ۽ سماع جي روحاني رمز. 2. ڀٽائيءَ جي ٻولي جا سونهان ۽ لغاتِ لطيفي جو اڏ ۾ رهجي ويل ڪم. 3. ڪڇي ۽ گجراتي ٻولين ۾ شاهه سائين جي جيون رچنا ۽ رسالي جو ترجمو. 4.شاهه جي رسالي جو بلوچي ترجمو، نسب نامو ۽ آڳاٽا ماخذ. 5. شاهه جي رسالي جا عربي ترجما. 6. شاهه جو ڪاهوڙي جوهر بروهي ۽ رسالي جو براهوي ترجمو. ليکڪ اياز عالم ابڙو، ڄامشورو.
(1) ”سسئي آبري ۾ ڪوهستاني لهجو“ (2) ”شاهه لطيف جي لفظن جو جوهر“ (3) ”شاهه لطيف جو پنيور“ رخمان گل پالاري. سر ديسي ۾ بلوچي ٻولي، رخمان گل پالاري/ رياض بلوچ.
”شاهه لطيف ثابت قدميءَ جو شاعر“ راز شر.
”شاهه لطيف جي ڪلام ۾ جتن ۽ مهاڻن جي زندگي ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو سماجياتي مطالعو“ مشتاق علي لغاري.
(1) ”شاهه لطيف جي زندگيءَ ۽ فن تي انگريزي ٻوليءَ ۾ تحريرن جو جائزو“ (2) ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي، هالا ڪنڊي ۽ اتي رهندڙ سندس همعصر مشاهير“ محمد حبيب سنائي.
”شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ حبِ رسول صہ“ ڊاڪٽر الهه وسايو سومرو.
”شاهه لطيف جي سرڪاموڏ جو مطالعو“ زاهده مري.
”شاهه جي شاعري ۾ قرآني آيتن جو عڪس“ ڊاڪٽر حافظ زين العابدين سوڍر.
”شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سر پرڀاتي جو فڪري جائزو“ محمد ياسين مانڌڻ.
”شاهه جي سر مومل راڻو ۾ علامت نگاري“ شاهين مگريو.
”شاهه جو ڪيڏارو، ڪي تاريخي حقيقتون“ يوسف شاهين.
”شاهه، سچل ۽ سامي جي ڪلام ۾ هڪجهڙائيءَ جو فلسفو“ ذوالفقار علي جلباڻي.

”شاهه لطيف جي شاعري ۾ مارئي جي ڪردار جو نفسياتي اڀياس“ حڪيم احسن سنڌي.
”شاهه عبداللطيف جي عڪسي شاعري (سر سهڻي)“ ليڪڪ اقبال شيخ.
”شاهه لطيف جي سر ڪاهوڙي ۾ منظر نگاري“ غلام علي لنڊ.
”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ پکين جو ذڪر“ معشوق علي قاضي.
”شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ جي باري ۾ ڪجهه لفظ“ آمنه حامد خليل زبيدي.
1. ”شاهه لطيف جو جنم ۽ سندس ٻالڪپڻ تي هڪ نظر“ 2. ”شاهه سائين جي شعر جي خاصيت“ 3. شاهه جي شاعريءَ ۾ حب الوطني ۽ آزاديءَ جو پيغام، حيدري چانڊيو.
سنڌ جو شاهه، لطف پيرزادو.
شاهه لطيف سنڌ جو روح سنڌ جو ساهه ! محمد ابراهيم جويو.
شاهه ڀٽائي جي عظمت، پارومل پريمي. شاهه جي عظمت. نسيم حيدري.
شاهه لطيف جي عوامي شاعري، ڊاڪٽر تنوير عباسي.
توکي ساريو ساهه اکنديون آهون ڪري، ڊاڪٽر ادل سومرو.
1. ڀٽائيءَ وٽ محبت جو فلسفو. 2. ڀٽائي احساساتي سگهه جو ڪيٽس کان ٻه وڏو شاعر، شبنم گل.
1. مضمون ”لطيف سنڌين جي ايڪتا جو باني“ 2. محبت کي ڀٽائيءَ جي نگاهه سان ڏسڻ جي ضرورت، ذوالفقار خاڪي.
”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ چوٽيون“ ڊاڪٽر غلام قادر سومرو.
”شاهه جون چوٽيون (سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسينيءَ جي حوالي سان)“ نياز همايوني.
”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ موجود آفاقي سچايون ۽ موجوده دؤر جي تقاضا“ ڊاڪٽر شير مهراڻي.
”شاهه لطيف جي ساڃاهه“ ڪي. ايس. ناگپال.

”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ علم، عقل، عشق ۽ عمل“ ڊاڪٽر قلو سندر ميگھواڙ.
”شاهه لطيف جو ڪلام ۽ پيغام“ ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري.
”لطيف جي ڪلام جا روحاني پهلون (سر ڪلياڻ، معذوري، پرڀاتي ۽ سارنگ)“ رسول بخش تميمي.
”شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ سرور آهي.“ الهه بخش راڻوڙ.
شاهه جي رسالي ۾ ٻوليءَ جو لطيفي لهجو. استاد لغاري.
1. شاهه جي شاعريءَ ۾ پيار جو تصور. 2. شاهه لطيف وٽ رومانويت جو تصور. 3. شاهه لطيف جو دؤر ۽ ان جا لاڙا، ڊاڪٽر ساجده پروين.
1. ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ محبت هڪ آفاقي قدر. 2. ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ رنگيءَ جا انيڪ رنگ، امين چانڊيو.
” لطيف جي عشق جي يگانگيتَ ۽ گهرايون“ سحر گل.
ڀٽائيءَ جي شارح جي فڪري ۽ شعوري اڏار ۽ سر ڪلياڻ جي فڪري ڀاڱي بندي. سحر گل.
لطيفي درگاهه سان روحاني عشق، عزيز الله سومرو.
لاثاني لافاني ۽ پراسرار ڪلام، ج. ع. منگهاڻي.
لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ آفاقيت، ذوالقرنين شاهه.
سيدنا شاهه عبداللطيف ڀٽائي، حافظ ممتاز احمد قاسمي.
شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري مختصر جائزو، ڊاڪٽر فهميده حسين.
ڀٽائي جي انقلابي عمرانيات، خادم بالادي.
شاهه لطيف جي فڪري سگهه ۽ اڄوڪي سنڌ، تحرير، زيب سنڌي.
شاهه لطيف ۽ ٿرپارڪر، وقار احمد راهمون.
ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ انقلاب جو پيغام، ليکڪ، محمد صالح ڪاتيار.
شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ وٽ ڌرتيءَ جو تصور، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو.
صوفي شاهه عنايت جو شاهه لطيف تي فڪري اثر، ڊاڪٽر حفيظ قريشي.

مضمون، لاهوت وارو دڳ ۽ ڀٽائيءَ وارا ماڳ، 2 سيوهڻ لاهوت جو دروازو، ليکڪ شوڪت خواجائي لاهوتي سکر.

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جدوجهد جو لازوال پيغام، ليکڪ اقبال زاهد انصاري سکر.

هلو ٽڪيا پسون تن جا، ليکڪ علي حسن عباسي لاڙڪاڻو.

شاهه لطيف جي نظر ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار، پروفيسر علي نواز جتوئي.

شاهه جي شاعري ۾ تڪراري لفظن جو اڀياس، پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ.

اردو رسالي ”ماه نور“ اپريل 1948ع وار پهرين شماري ۾ شاهه سائينءَ تي اردوءَ ۾ مضمون سحر انصاريءَ جو شايع ٿيو.

مضمون، سر ڪلياڻ ۾ توحيد جو عنصر شاهه سائين جي نظر ۾، فرح بلوچ.

مضمون، شاهه لطيف تي تنوير عباسيءَ جي تحقيق، ليکڪ مهر خادم.

مضمون، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري نسورو ٿي اتساهه، سدا حيات جلباڻي.

”ڀٽائيءَ جي راڳين جي زندگي پيار، محبت ۽ درد جو داستان“ امينه گاڏهي.

شاهه ڀٽائي هڪ سڌ يوڳي، ليکڪ، ڪانجي مل چوهاڻ.

آفاقي شاعر شاهه عبداللطيف، سعيد شيخ.

شاهه، جستجو ۽ جدوجهد جو شاعر، مراد علي مرزا.

مضمون، لاثاني ۽ لافاني لطيف، ليکڪ، عارف شاهه گيلاني، روزنامه عبرت حيدرآباد، 21 ۽ 23 آگسٽ 1960ع.

مضمون، يومِ لطيف ۽ ادب لطيف، مرحوم مولانا غلام محمد گرامي، روزنامه نوائي سنڌ، حيدرآباد، 29 مارچ 1964ع.

جماليات شاهه جي نظر ۾، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، لطيف ڊائجيسٽ، جون 1985ع.

خواجہ حافظ شيرازي ۽ شاھہ ڀٽائي، مخدوم محمد زمان طالب المولي، مهراڻ نمبر2، 3، سال 1991ع.

شاھہ عبداللطيف تاريخي ڪردار، تاج جويو، عبرت اخبار 24 جولاءِ 1994ع.

1988ع ۾ دهلي ۾ ورلڊ شاھہ لطيف ڪانفرنس جي موقعي تي قمر ڀٽيءَ مقالو، ”لطيف ۽ پارت“ پڙهيو، پوءِ اهو 15 آڪٽوبر 1988ع جي پندرنهن روزه عبرت مئگزين ۾ شايع ٿيو.

شاھہ جي ڪلام ۾ اخلاقي قدرن جو اولڙو، پروفيسر عنايت الله زنگيجو، نئين زندگي آگسٽ، سيپٽمبر 2003ع.

سورٺ، سنڌ جي عورت جو المياتي ڪردار، ڊاڪٽر تهمينہ مفتي، مهراڻ نمبر 1، 2، سال 2002ع.

مقالو، شاھہ جو آئيڊيل انسان، اعجاز منگي، روزاني عبرت حيدرآباد 19 اپريل 2003ع.

مضمون شاھہ جو شعر، ڊاڪٽر فهميده حسين، مهراڻ نمبر 4، سال 2004ع.

مون ڪي جيارين وايون وڄارن جون، ايوب ڪوسو، عبرت مئگزين 15 آگسٽ 2004ع.

”شاھہ سنڌ ۽ هندستان“ تحرير موهن ڪلپنا، سنگت پبليڪيشن 2005ع.

انسان ذات جي ڀلائي جي واٽ، غلام حسين رنگريز.

موجوده دؤر ۾ شاھہ لطيف جي فڪر جي اهميت، محمد خان مجيدي.

اتم اصولن جا وکر وهائيندڙ شاھہ ڀٽائي، مريم مجيدي.

مايوسين کي مات ڏيندڙ شاعر، رسول بخش درس.

پاڻهين پسي پاڻ کي پاڻهين محبوب، مسرت جوڻيجو، نئين زندگي فيبروري 2009ع.

سهڻي ۽ ميهار سنڌي هئا، امين لاکو، نئين زندگي جولاءِ 2009ع.

ڀٽائي سرڪار جو ميلو شروع ڪان اڄ تائين، تحرير الطاف ميمڻ، روزاني ڪاوش اگارو 10 فيبروري 2009ع.

لطيف ڪي دلين ۾ محفوظ رڪندڙ ماڻهو، محمد خان سمون، روزاني ڪاوش اخبار، 30 جنوري 2010ع.

تقرير، ”ڀٽ شاهه تي سنڌي ثقافت جو مرڪز“ جي ايم سيد، هيءَ تقرير ڪتاب ”چونڊ ادبي مضمون“ جي. ايم. سيد، جي ايم سيد اڪيڊمي سن، ڇاپو پهريون 2011ع ۾ شايع ٿي.

پيغام لطيف جو سماجي تبديليءَ ۾ ڪردار، الطاف ملڪاڻي، عبرت اخبار جمع 21 جنوري 2011ع.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي امن، پيار ۽ سهپ جو پيغامبر، ليکڪ، شازيه مري، روزاني عبرت اربع 11 جنوري 2012ع.

رحمان بابا ۽ لطيف محبت جا شاعر، تاج جويو، روزاني سوڀ، 10 جنوري 2012ع.

تنهن عشق ڪي شاباس جنهن محبتي ميڙيا ! وزير علي سرڪي، روزاني ڪاوش سومر 23 جنوري 2012ع.

سنڌ جو سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل. اخبار عبرت آچر 7 ڊسمبر 2014ع.

”ڏٺي ڏياري ساموندين سڙهه سنباهيا“ نشا نهال حيدرآباد، اخبار ڪاوش خميس 23 آڪٽوبر 2014ع.

انسان دوست شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي، عبدالحي ڀٽو، روزاني ڪوشش 27 نومبر 2015ع.

ڀٽ ڌڻيءَ جو راڳ ۽ راڳي فقير، نور سنڌي.

ڀٽ ڌڻي جي نگري ۾ عزاداري حسين، نور سنڌي، عبرت اخبار جمعو 7 آڪٽوبر 2016ع.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ صوفي فڪر، پريتم پياسي. رسالو، تَخيل، شمارو 4/ 2016ع.

شاهه لطيف جي پيغام جي اهميت، ارشاد ڪاغذي، عبرت اخبار آچر 5 نومبر 2017ع.
تنقيدي ڪالم "ڀٽائي ڪنهن جو آهي؟" مجيد ٿهيم، روزاني ڪاوش اخبار سومر 5 نومبر 2018ع،
"لطيف جي شاعريءَ ۾ انسانيت جو فلسفو" عبدالحي ڀٽو، رسالو سنگت پبليڪيشن سيپٽمبر، آڪٽوبر 2018ع.
مقالو، خيام مَنڊ ۾ شاهه لطيف، ڊاڪٽر احسان دانش. جون 2019ع.
ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ کان اڳ ڪن انگريز عملدارن جي شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو، مختيار احمد ملاح، جون 2019ع.
شاهه جي شاعري جي پسمنظر ۾ سراج جي ناٽڪ گهاتو گهر نه آيا جو اڀياس، ڊاڪٽر قاسم راڄپر، جون 2019ع.
شاهه لطيف هڪ صوفي ۽ انساني حقن جو نمائندو شاعر، رقيه عامر، جون 2019ع.
شاهه جي شاعريءَ ۾ انسانيت جو درس شامل آهي، ليکڪ، اياز علي، جون 2019ع.
"ٻَڪار، ڀٽائي ۽ ايڪو ٽوئرزم" تحرير، امر لغاري، روزاني عبرت اربع 12 مئي 2010ع. مضمون، ٻَڪار ۽ ڀٽائي، سيد ارشد حسين رضوي ٻَڪاري، رسالو، تَخيل 4/ 2016ع. ٻَڪار جي درستگي بابت عبدالرسول دربان خاصخيلي لکي ٿو ته، ٻڪار شهر نه پر هڪ علائقي، ڀاڳي يا جاگير جو نالو هو. ٻڪار بابت پهريون ڪتاب "تواريخ جاگير ٻڪار" قلمي صورت ۾ سيد نبي بخش شاهه ٻڪاري پينسل سان 20 ذوالقعد 1367هه موجب 24 سيپٽمبر 1948ع تي لکيو هو. جنهن کي مضمون جي صورت ۾ شهيد شوڪت خواجائي لکيو هو. ٻڪار جو مکيه ۽ مرڪزي شهر سنگرار هو. اهو علائقو سيد مير علي رضويءَ کي اورنگزيب پاران جاگير طور مليو هو.

## شاهہ لطيف بابت ليکڪن جون ڪاوش دنيا، عوامي آواز مئگزين ۽ سوجھرو مئگزين ۾ تحريرون

عورتازاد ۽ ڀٽائيءَ جو منشور، تاج بلوچ، آچر 10 جولاءِ 2011ع.

ڀٽائيءَ جي فڪر ڏانھن واپس ھلو، انور ابڙو، آچر 16 جنوري 2011ع.

ٻڌاماڻي ڀنري جو پَٽ ڪڇ جو رڻ، احمد علي جمالي، اربع 5 ڊسمبر 2012ع.

ڀٽائيءَ سائين جا پراڻا رسالا وڏيڪ مسند آھن، ڀانھو خان شيخ، آچر 8 جنوري 2012ع.

پراڻ نديءَ جي ڪپ تي رھندڙ ڀٽائي سائينءَ جا حافظ ڀارڙا، فيض کوسو، آچر 8 جولاءِ 2012ع.

ڀٽائيءَ جا ڪردار: سارو سنگھار ۽ ڪارايل ۽ ڪپوريءَ جي ڪھاڻي، راھب علي لاڙڪ، آچر 4 مارچ 2012ع.

1. ڊاڪٽر گربخشاڻي جنھن تي الزام ھنيو ويو تہ ھن شاھہ جي ڪلام مان ھڪ ھزار بيتن جو خون ڪيو آھي، آچر 14 آڪٽوبر 2012ع. 2. سنڌي موسيقي مُھين جي دڙي کان ڀٽائيءَ تائين، طارق عزيز شيخ، آچر 25 نومبر 2012ع.

قومي اتحاد ۽ ڀٽائي، محمد اقبال جاکرو، اربع 18 ڊسمبر 2013ع.

ڪھاڻي، سھڻي، انور شيخ، آچر 29 ڊسمبر 2013ع.

ڀٽائي جيان اسڪاٽليند ۾ بہ سورمن تي شاعري ڪئي ويئي، عبدالحئي پليجو، آچر 13 جنوري 2013ع.

ڀٽائيءَ جو آسڻ، سنڌ ميوزيم ۽ ميلي جو عوامي انداز، اقرار پيرزادو، اربع 25 ڊسمبر 2013ع.

شاھہ ۽ شيخ اياز، نصير مرزا، آچر 3 مارچ 2013ع.

انور پيرزادي جي پنجين ورسيءَ جي موقعي تي عنوان، ڀٽائيءَ جو ڪوجي، تحرير: علي بابا، آچر 6 جنوري 2013ع.

شاھہ لطيف، ايڪتا ۽ سنڌ، محسن علي جويو، آچر 7 ڊسمبر 2014ع.

ڀٽائيءَ جي در تان جد و جهد جو سبق سڪندڙ روسي ليڪڪ گرجيف، آصف رضا موريو، آچر 12 جنوري 2014ع.
ڀٽائيءَ وارو ٿر ۽ مِينهن، لطف پيرزادو، اربع 6 آگسٽ 2014ع.
1. شاهه جو گنج ۽ ساڪريءَ جو سامي، آچر 19 جنوري 2014ع. 2. ڀٽ تان پيرا اجان بہ اڀُتي، ارباب نيڪ محمد، آچر 26 جنوري 2014ع.
شاهه عبداللطيف ڀٽائي: جنم ۽ وفات جون تاريخون، بدر ابڙو، آچر 29 مارچ 2015ع.
1. ڀٽائي سائينءَ جا ڪجهه وڏيڪ حافظ ٻارڙا، آچر 15 جولاءِ 2012ع. 2. ڀٽائيءَ جي مَن اندر جو سفر، محمد علي پٺاڻ، اربع 25 نومبر 2015ع.
ڏک، سک ۽ لطيف، دودو چانڊيو، آچر 11 آڪٽوبر 2015ع.
گنگا جتڻ: جيڪا ڀٽائيءَ کي ڪَيسُ ڏاهي ڏينڌي هئي، نصير ڪنڀار، اربع 25 فيبروري 2015ع.
شاهه لطيف جي شاعري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، روزاني ڪاوش حيدرآباد جمع 27 نومبر 2015ع.
لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي مونجهارن جو اعلان نامو، ڀارومل امراڻي، آچر 9 آگسٽ 2015ع.
ڀٽائيءَ جا آدرشي تصور ۽ سندس شارح جي فڪري اُڏار، سحر گل، آچر 22 نومبر 2015ع.
ٿر مانڊلي ۾ ڀٽائي صاحب هڪ ڪنڊيءَ جي وڻ هيٺان ويٺو هو، نواز ڪنير، اربع 9 ڊسمبر 2015ع.
ڀٽائي ۽ روميءَ جي شاعري، تاج جويو، آچر 29 نومبر 2015ع.
اوڏَ جيڪي ڀٽائيءَ جا محبوب ڪردار آهن، جاويد شيخ، آچر 22 فيبروري 2015ع.
1. ڪينجهر ڪتوري ٿئي، اربع 10 جون 2015ع. 2. لاکي قلاٽيءَ جي اصل کهاڻي هيءَ آهي، اربع 8 جولاءِ 2015ع. 3. سهڻي ميهار، سسئي، نوري، مومل

۾ لطيف جي ٻين ڪردارن جي آخري آرامگاهن تي ڪير ڌيان ڏيندو؟ 14 آڪٽوبر 2015ع. 4. شاهه جا پکي: هنجهه، ڪانگ ۽ ڪونج، سيد ماڪن شاهه رضوي، ڪاوش مئگزين، اربع 23 ڊسمبر 2015ع.

شاهه جي رسالي جا مختلف مرتب ۽ بيتن ۾ ڪيل ڦير گهير، ايوب گاد، آچر 13 سيپٽمبر 2015ع.

ڀٽائي، قلندر شهباز ۽ ٻين جي مزارن تي دستار مبارڪ ڇو رکيل آهي؟، الله بچايو ميمڻ، اربع 10 جون 2015ع.

ڀٽائي ۽ عشق، ستار سومرو، آچر 15 مارچ 2015ع.

1. ڪو جو ڦهڙ ڪَلاچ ۾، آچر 22 اپريل 2012ع. 2. ڪلاچي جو موروڙو ۽ سندس ڪامياب حڪمت عملي، آچر 29 اپريل 2012ع. 3. سنڌ ۾ سسئي جا پير ۽ جين ۽ ٻڌمت جي دور جا اهڃاڻ، آچر 9 فيبروري 2014ع. 4. هنگلاج، جتي ڀٽائي سائين پنهنجن فقيرن سان گڏ پيرين پنڌ آيو هو ۽ پوءِ ستاديپ ۾ ويو هو، آچر 22 جون 2014ع. 5. اُهي چند ماڳ جيڪي ڀٽائيءَ ڏنا ۽ گهميا، گل حسن ڪلمتي، آچر 29 مارچ 2015ع.

1. ڀٽائي سائين جي وڏي اوطاق ڪي ميوزيم جي شڪل ڏيڻ گهرجي، آچر 16 مارچ 2014ع. 2. ڀٽائي ۽ سَر نِسريا پاند، آچر 9 نومبر 2014ع. 3. سيارو ۽ ڀٽائي، آچر 4 جنوري 2015ع. 4. سِڪَڻ اُڃ ۽ ڀٽائي، آچر 8 فيبروري 2015ع. 5. گذرندڙ سيارو، بهار ۽ ڀٽائي، آچر 15 فيبروري 2015ع. 6. ڪنڌيءَ جهليو ڪانهن عاشق اُيو آهون ڪري، اربع 20 مئي 2015ع. 7. جهولو، جَرُ ۽ ڀٽائي، انور ڏنگڙائي، آچر 28 جون 2015ع.

1. سنڌو سيپتا جو شهر لکپت، جتي گرونانڪ ۽ ڀٽائي سائين آيا هئا، آچر 12 آڪٽوبر 2014ع. 2. سنڌ مان ڪڇ ويل جسمان اوڏڻ ۽ لاکو ڦلاڻي، آچر 24 مئي 2015ع. 3. ڪڇَ ۾ پيل ڀٽائي سائينءَ جي گودڙي، اربع 22 جولاءِ 2015ع. 4. ڪڇ ۾ ڀٽائيءَ جي فقيرن جي ياترا، جيڪا اڄ به جاري آهي، آچر 15 نومبر

2015ع. 5. ڀٽائيءَ جو همعصر ۽ ڪڇ جو ڪوي ميکڻ ڏاڏو، ڪلاڌر متوا، آچر 27 مارچ 2016ع.

ڀٽائيءَ جا پورهيت: لوهار، ڪُنڀار ۽ واڍو، ماڪن شاهه رضوي، 2 مارچ 2016ع.

هاڪڙي جي ڪنڌي، همير سومرو، راڻو مينڌرو ۽ لڏاڻي جي شهزادي مومل، نور محمد سمون، آچر 24 سيپٽمبر 2017ع.

نثري نظم: هو از شاهه لطيف ديدۀ !، ادل سومرو، آچر 19 فيبروري 2017ع.

ٻڙجو ڊورو ۽ گنگا جتڻ، عثمان راهوڪڙو، آچر 26 مارچ 2017ع.

ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌ جو اصلوڪي ۽ فڪري جوڳي، شيخ مونس اياز، آچر 4 مارچ 2018ع.

ڀٽائي سائينءَ جي ميزبان گنگا جتڻ، الهه بچايو راهوڪڙو، آچر 21 جنوري 2018ع.

سنڌ ۾ ”طبِ لطيف“ ۽ طب تي تحقيق جي ضرورت، آفتاب سومرو، آچر 10 جون 2018ع.

لاکيڻي لطيف جي راڳي فقيرن جي زندگي ڪيئن گذري ٿي؟ ، الطاف ميمڻ، ڪاوش رنگ خميس 5 اپريل 2018ع.

1. ڪڇ ۽ گجرات سان سنڌ ۽ ڀٽائي سائينءَ جو تعلق، آچر 20 آڪٽوبر 2013ع.

2. رومي، ڀٽائي ۽ اياز وٽ موت جو تصور، الطاف شيخ، آچر 18 مارچ 2018ع.

ڀٽائيءَ تي ٽيندڙ بحث !، عريشا بخاري، آچر 3 فيبروري 2019ع.

شاهه لطيف جو نئون مجسمو، بدر ابڙو، ڪاوش دنيا آچر 25 آگسٽ 2019ع.

بداماڻي پنرو ڪاڇي جو هئو، تحرير مختيار شاهنوازاڻي، ڪاوش دنيا آچر 8 سيپٽمبر 2019ع.

## عوامي آواز سنڌي مئگزين

شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ عشق ۽ محبت جو تذڪرو، حيدري چانڊيو، آچر 31 جنوري 2010ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه جو پيغام امن آزادي ۽ انسانيت، محمد بخش ڏاهري، آچر 31 جنوري 2010ع.
جيئي انسانيت جيئي لطيف، محمد منل وقاصي، آچر 30 سيپٽمبر کان 6 آڪٽوبر 2012ع.
ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي: شاهه لطيف جو محقق، مختيار احمد ملاح، آچر 14 کان 20 آڪٽوبر 2012ع.
سسئي پنهون جي محبت جي علامت پنيور، ماڻڪ ڪنگراڻي، آچر 26 آگسٽ کان پهرين سيپٽمبر 2012ع.
ڀٽائي ۽ بلهي شاهه جي ديس ۾، محمد علي پناڻ، آچر 17 نومبر 2013ع.
1. شاهه لطيف بحيثيت قومي اڳواڻ، آچر 17 مارچ 2013ع. 2. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪراچيءَ جي موجوده حالتن جي عڪاسي، طارق عزيز شيخ، آچر 31 مارچ 2013ع.
مارئي، ڏياري، مينهن، ڪراچي ۽ ڀٽائي، پروفيسر جي ايچ ڪٽپر، آچر 21 جولاءِ 2013ع.
اسان شاهه لطيف ۽ مخدوم بلاول کي زنده رکيو آهي، جسٽس (ر) ديدار حسين شاهه، آچر 16 جون 2013ع.
سر سامونڊي ۾ عورت جا آلاپ، محمد عرس اظهر سولنگي، آچر 8 ڊسمبر 2013ع.
قصو مارئيءَ جو، ارباب ڇڇڙو مورائي، آچر 14 اپريل 2013ع.
سنڌ ڀٽائيءَ ۽ اياز جي ڪوتائن جهڙي آهي، محمد خان دائود، آچر 12 جنوري 2014ع.
ڀٽائي سيني سنڌين جو آهي، عظيم سنڌي، آچر 12 جنوري 2014ع.
1. موکي ۽ متارا، آچر 3 آگسٽ 2014ع. 2. دنبورو، غلام مصطفيٰ سولنگي، آچر 12 آڪٽوبر 2014ع.
ڀٽائي وٽ تصوف ۽ سماج جا ناتا، ڊاڪٽر مخمور بخاري، آچر 7 ڊسمبر 2014ع.

ڀٽ جا ڀٽائي ڀٽ تي وسئي نور منهنجون تو پچايون، تحرير، خورشيد ٻگهيو، آچر 7 ڊسمبر 2014ع.

شاهہ لطيف تي هڪ نئين نظر، راز شر، آچر 17 مئي 2015ع.

ڪتاب، روحاني رمزون، تي تبصرو، ج.ع منگهاڻي، آچر 11 آڪٽوبر 2015ع.

راڻو ئي راڻو رِيءَ راڻي ٻيو ناهہ ڪو، نصير سومرو، آچر 26 جولاءِ 2015ع.

شاهہ لطيف جي شاعريءَ جا فڪري پهلو، رسول بخش پليجو، آچر 29 نومبر 2015ع.

شاهہ لطيف جي ڪردارن موڪي ۽ متارن جو درشن، محمد سليمان وساڻ، آچر 8 نومبر 2015ع.

سئي قندر جاگير شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي پيدائش جو هنڌ، ڊاڪٽر مخمور بخاري، آچر 29 نومبر 2015ع.

ڪتاب، شاهہ لطيف سنڌ جي آزاديءَ جو پهريون عظيم شاعر (ڪتاب تي تبصرو)، علي نواز آريسر، آچر 12 جولاءِ 2015ع.

ڪتاب شاهہ لطيف جي وائي ۽ وائيءَ جي اوسر جو مختصر تعارف، تبصره نگار ادل سولنگي، آچر 10 اپريل 2016ع.

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ هڪ اهم سماجي قدر: سَچُ، ڊاڪٽر احسان دانش، آچر 13 نومبر 2016ع.

شاهہ لطيف جي شعرن جو عربي ترجمو، فضل سليمان قاضي، آچر 13 نومبر 2016ع.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ جماليات، ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي، آچر 6 نومبر 2016ع.

ڪتاب، شاهہ لطيف وٽ عشق جا 10 اصول (ڪتاب تي تبصرو)، رڪيل مورائي، آچر 10 جنوري 2016ع.

شاهہ لطيف جي ساڃاهہ، پروفيسر ايس ڪي ناگپال، آچر 15 مئي 2016ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه جي شخصيت ۽ پيغام تي واضع موقف جي ضرورت، خير محمد ڪولاچي، آچر 30 آڪٽوبر 2016ع.
انسانيت ۽ عالمي امن لاءِ لطيف جو پيغام، ڊاڪٽر سليمان شيخ، آچر 27 نومبر 2016ع.
شاهه لطيف جي پارکو، ڊاڪٽر دُرِ شهوار سيد، راهب علي لاڙڪ، آچر 25 ڊسمبر 2016ع.
شاهه سائينءَ جي رسالي جا ٻه مکيه ڇاپا، هيرو ٺڪر، آچر 26 جون 2016ع.
شاهه لطيف جي پيغام جي اهميت، يوسف شاهين، آچر 7 فيبروري 2016ع.
ڀٽائي جو پيغام ۽ دنيا جي غربت، نور احمد جنجهي، آچر 4 ڊسمبر 2016ع.
شاهه لطيف جي ڪونج، ارباب علي ڇڇڙو ، آچر 14 مئي 2017ع.
1. ٿر لطيف سرڪار ۽ مير عبدالحسين سانگي، آچر 12 نومبر 2017ع. 2. ٿڌي واري ٿر جي ۽ لطيف سرڪار ، مشتاق باگاڻي، آچر 19 نومبر 2017ع ۽ آچر 10 ڊسمبر 2017ع.
لطيف جي شاعريءَ ۾ سڄي دنيا جي مسئلن جو حل موجود آهي، مٺل وقاصي جو تاثر ۽ ان ڪان انٽرويو وٺندڙ قاسم راڄپر ۽ فريد ڀٽو، آچر 30 جولاءِ 2017ع.
شاهه سائينءَ جي ڪلام جو عظيم موسيقار: استاد نياز حسين، تحرير، ناصر قاضي، آچر 5 جنوري 2017ع.
لطيف جو پيغام عالمگير آهي، عرفان منان. چنچر 4 نومبر 2017ع.
شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فقيرن جي راڳ جي تاريخ، مرحوم خورشيد ٻگهيو، آچر 6 مئي 2018ع.
شاهه عبدالطيف ڀٽائي جي شاعريءَ جو لسانياتي اڀياس (ڪتاب تي تنقيد)، ڊاڪٽر الطاف جوکيو، آچر ڦهرين اپريل 2018ع.
شاهه ڀٽائيءَ جي ڪلام کي زوريءَ پنهنجي معنيٰ نٿي ڏيئي سگهجي !، ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، آچر 25 مارچ 2018ع.

1. حيف تنين کي هوءِ، لطف پيرزادو، آچر 10 نومبر 2013ع. 2. شاھ عبداللطيف ڀٽائي انسائيڪلوپيڊيا جو اڀياس، لطف پيرزادو، آچر 12 آگسٽ 2018ع.

شاھ جي رسالي سان گڏاريل زندگي (لطف پيرزادي جي وڇوڙي تي ڀيٽا)، امر پيرزادو، آچر 16 سيپٽمبر 2018ع.

”موڪي متارا“ جو لوڪ قصو ۽ محققن جون دعوائون، جميل چانڊيو، آچر 9 ڊسمبر 2018ع.

شاھ عبداللطيف ڀٽائي انسائيڪلوپيڊيا (جلد پهريون) هڪ جائزو، مختيار احمد ملاح، آچر 3 جون 2018ع.

## سوڀ سنڌي مئگزين.

1 هڪ عظيم ٻار جو جنم (شاھ سائينءَ جي ولادت جي مناسبت سان)، غلام رسول چانڊيو، آچر 26 جون 2011ع.

گنگا جت ۽ ٻڙ جو ڊورو، رزاق ڪٽي، آچر 15 اپريل 2012ع.

1. هوٽل پري ۽ اوڊو ڪيهر، آچر 23 آڪٽوبر 2011ع. 2. شاھ جي شاعري ۾ آيل قديم تيرٿ آستان دوارڪا، آچر 19 فيبروري 2012ع. 3.سُر ڪنيات ۽ سريراڳ ۾ ذڪر هيٺ آيل ڪنياتي نار ۽ پور بندر، ضراب حيدر، آچر 11 مارچ 2012ع.

ست ـ رنگا پيرُون، امداد حسيني، آچر 19 فيبروري 2012ع.

1. شاھ جي ڪلام ۾ ترين جي خوراڪ ۽ پوشاڪ جو ذڪر (حصو پهريون) آچر 4 نومبر 2012ع ۽ حصو ٻيو، آخري آچر 11 نومبر 2012ع. 2. شاھ سائين جي سُر ساموندي جو مطالعو، آچر 16 سيپٽمبر 2012ع. 3. سُر ڪوهياريءَ ۾ سُڄاڳيءَ جو سبق، آچر 7 آڪٽوبر 2012ع. 4. شاھ جي سر ڪاپائتي ۾ وقت جي وقعت ۽ پيار پريي پورهئي جو پيغام، ڊاڪٽر بشير احمد شاد، آچر 2 ڊسمبر 2012ع.

مارئي، مينهن، ڏياري ۽ ڪلاچي، پروفيسر جي ايچ ڪٽپر، آچر 24 نومبر 2013ع.

شاهہ جي رسالي جي حافظ، نور جهان منگي، لياقت راڄپر، آچر 10 مارچ 2013ع. صفحي 12هين تي نور جهان منگي کان انٽرويو ورتل آهي.

”ڏوريندين ڏسن“ شاهہ جي ڪلام ۾ محققن جي مونجهارن جي چند ڇاڻ (ڪتاب ڏوريندين ڏسن تي تبصرو)، آڪاش انصاري، آچر 14 ڊسمبر 2014ع.

ڪتاب حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي تاريخ ۽ ڪتاب شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سوانح حيات ۽ عرفان ! (تبصرو ۽ تعارف)، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري، آچر 30 نومبر 2014ع.

لوڪ داستان سسئي پنهون آري ڄام پنهون سمات آهي يا بلوچ ؟، ايوب انڙ، 31 آگسٽ 2014ع.

1. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سسئيءَ جي سرن ۾ جت ذات وارن جو ذڪر ڪيو آهي، آچر 27 جولاءِ 2014ع. 2. ڄام آري- پنهون- سنڌي هئا، اياز ڀاڳت، آچر 14 سيپٽمبر 2014ع.

1. پنهون سسئيءَ جي حسن جي هاڪ ٻڌي ڪيس ڏسڻ لاءِ پاڻ اچي پهتو هو، آچر 20 جولاءِ 2014ع. 2. لوڪ داستان سسئي پنهون ڄام لقب جو بنياد ۽ حقيقت، آچر 21 سيپٽمبر 2014ع. 3. شاهہ جي سورميءَ ”ليلان“ جو ”چنيسر“ يا ليمور جو راءِ آخر ڪير هو؟ آچر 6 اپريل 2014ع ۽ آچر 13 اپريل 2014ع. 4. ليلان جي ماڙي ۽ جکرو وزير، آچر 27 اپريل 2014ع. 5. ڇا موريءَ ڪي مانگرمڇ مارڻ جو سامان راجا دلو راءِ ڏنو ؟ اياز ڀاڳت، آچر 8 جون 2014ع.

سهڻي ۽ ميهار جو سنڌي قصو نهايت آڳاٽو آهي، ساجد حسين وڏو، آچر 26 جولاءِ 2015ع.

سسئي کان پوءِ ويران ٿي ويل ڀنڀور، ابوبڪر شيخ، آچر 29 نومبر 2015ع.

عظيم صوفي شاعر، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، آچر 29 نومبر 2015ع.

1. شاهہ جو رسالو ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي وارو نسخو، آچر 8 اپريل 2012ع. 2. شاهہ جو رسالو (مرزا قليچ بيگ وارو نسخو)، آچر 6 مئي 2012ع. 3.

شاهه جو رسالو ( 1867ع وارو پهريون بمبئي ڇاپو)، آچر 23 سيپٽمبر 2012ع.
4. هم اوست يا وحدت الوجود جو فلسفو، استاد لغاري، 31 جولاءِ 2016ع.
1. شاهه جي رسالي ۾ پکين جو ذڪر ، 31 جنوري 2016ع. 2. شاهه جي رسالي ۾ مور ۽ ڪوئل جو ذڪر، آچر 21 فيبروري 2016ع. 3. شاهه سائين جي شاعري ۾ ڪبوتر ۽ طوطو، آچر 6 مارچ 2016ع. 4. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ بصر جو ذڪر ، بصر جا طبي ۽ سائنسي فائدا، آچر پهرين مئي 2016ع. 5. شاهه عبداللطيف جي شاعري منجهه ڏاڙهون ميوي جو ذڪر، آچر 15 مئي 2016ع. 6. شاهه جي رسالي منجهه جانورن جو ذڪر، 20 نومبر 2016ع. 7. شاهه ڀٽائي جي شاعري ۾ ٻڪري، اُٺ ۽ هاٿي، پروفيسر ابراهيم لاشاري، آچر 27 نومبر 2016ع.
حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ”جشن ولادت“ تقريب ۽ ”لطيف ايوارڊ“ رپورٽ پارومل پريمي، آچر 24 اپريل 2016ع.
لطيف جو پارکو ۽ عظيم محقق ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، ونود ڪمار، آچر 7 آگسٽ 2016ع.
1. شاهه سائين جو پيغام، شاهه سائين جي 271هين عرس مبارڪ جي مناسبت سان، آچر 7 ڊسمبر 2014ع. 2. ڌرتيءَ جو عظيم شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي،تحرير فقير عبدالغفور الستي، 273هين عرس جي مناسبت سان، 13 نومبر 2016ع.
شاهه سائين جو ”ترائي“ تان ڀيرو ۽ سندس اوتارو، غلام شبير پيراهين، آچر 7 فيبروري 2016ع.
حضرت شاهه عبداللطيف جي شاعري ۾ همت ۽ جستجو جو پيغام، وقاص ياسين آرائين، آچر 10 اپريل 2016ع.
1. ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي ڀٽائيءَ جو شيدائي، آچر 20 سيپٽمبر 2015ع.2. لطيفي دربار جو ملادو پيازو وڳند فقير، آچر 27 مارچ 2016ع. 3. شاهه جي رسالي جي لغتن جو مختصر جائزو، آچر 3 اپريل 2016ع. 4. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيتن تي نئين تحقيق، راهب علي لاڙڪ، آچر 21 آگسٽ 2016ع.

1. حيف تَنين هوءِ، وطن جن وِساريو، آچر 14 اپريل 2013ع. 2. پُنهون ٿِيَس پاڻ، سَسُئيءَ تان سُورَ هئا، آچر 12 اپريل 2015ع. 3. خود شناسي ۽ شاهه عبداللطيف، آچر 2 آڪٽوبر 2016ع. 4. شاهه لطيف جي شاعري ۾ تهذيب ۽ تاريخي داستانن جو ذڪر، آچر 25 ڊسمبر 2016ع. 5. جي پائين جوڳي ٿيان، پهرين جنوري 2017ع. 6. شاهه لطيف جي شاعري ۾ سنڌي سماج جا معاشي ۽ ثقافتي قدر، آچر 5 فيبروري 2017ع. 7. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دعائيه شاعري، ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ، 19 فيبروري 2017ع.

## پٽ شاهه ۾ پين ماڳن تي شاهه لطيف جا يادگار تبرڪات

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي استعمال ۾ آيل شيون جيڪي هن وقت به گادي نشين/سجاده نشين وٽ موجود آهن، انهن کي نوادرات چيو وڃي ٿو. اهي شيون شاهه لطيف جي عرس جي موقعي تي حويليءَ مان ڪڍي ٻاهر آنديون وينديون آهن ۽ ماڻهن کي انهن جي زيارت ڪرائي ويندي آهي انهن شين جو احوال هيٺ ڏجي ٿو:

**اُکري:** شاهه لطيف جي نوادرات ۾ اکري پڻ شامل آهي اُها اُکري جئپور جي ڳاڙهي پٿر جي ٺهيل آهي. 6 انچن جي قطر وارو پنج انچ اونهو پيٽ اٿس. روايتن مطابق ان اکريءَ ۾ داڻا وجهي ٿورو مُهريءَ سان ڌڪ هڻي هاري ناري ٻئي اناج سان ملائي ٻنيءَ ۾ ڇٽ يا ناڙي ڪندا هئا ڇو ته سندن خيال موجب ايئن ڪرڻ سان سندن فصل ڀلو ٿيندو آهي. اهو سلسلو اڄ به جاري آهي ۽ ماڻهن جو عقيدو آهي ته ان اکريءَ ۾ جيڪا به شيءِ وجهي ٻاهر ڪڍجي ٿي ته ان ۾ برڪت ٿيو وڃي.

اها اکُري شاهه لطيف جي حويليءَ ۾ گهريلو ڪم لاءِ استعمال ٿيندي هئي جيڪا سيد حسن شاهه مرحوم کي ان وقت جي حويليءَ جي ڪنجي بردار، جمعي فقير ڏني هئي ۽ چيو هئائين ته هيءَ برڪت واري آهي. ڪٽي وڃي پاڻ وٽ محفوظ ڪريو سا اڄ به ان جي پونئيرن وٽ موجود آهي.

**بيراڳڻ:** ڪنديءَ واري لٺ جيڪا سفر دوران فقير ساڻ کڻندا آهن، ڪنهن ماڳ تي فقير ٿڪ پڃڻ لاءِ ان لٺ کي ڪڇ هيٺان رکي ٽيڪ ڏئي ويهندا آهن.يا ان تي مٿو نمائي ڌيان ۾ رهندا آهن. ان لٺ کي بيراڳڻ چوندا آهن. شاهه لطيف جي نوادرات ۾ هڪ عدد بيراڳڻ پڻ شامل آهي. اها بيراڳڻ جيڪا ٽالهيءَ جي ڪاٺيءَ جي آهي ۽ شاهه لطيف جي کٽ/تخت تي رکيل آهي. جيڪا پهرين زبون ٿي وئي هئي. پر بعد ۾ ان تي چانديءَ جا پٽ چاڙهي ان کي خوبصورت ۽ مضبوط ڪيو ويو آهي.

**ٽوپي:** شاھ لطيف جي نوادرات ۾ ھڪ عدد ٽوپي پڻ شامل آھي جيڪا سائي فيروزي رنگ جي ڪپڙي جي ٺھيل آھي ۽ اڳيان نراڙ وٽان ٻن حصن ۾ چيريل آھي. شاھ لطيف اھا ٽوپي پٽڪي جي ھيٺان مٿي تي پائيندو ھو. اھا ٽوپي اڄ بہ سجاده نشين وٽ موجود آھي.

**پٽڪو:** شاھ لطيف جي نوادرات ۾ ھڪ عدد پٽڪو بہ شامل آھي. انھيءَ پٽڪي جو رنگ ڪارو آھي. پَٽڪو اڄ بہ سجاده نشين وٽ محفوظ آھي.

**تسبيح:** شاھ لطيف جي نوادرات ۾ شاھ لطيف جي ھٿن جي ھڪ عدد سؤمڻين واري تسبيح، جيڪا ڳاڙھي عقيق جي پٿرن جي جڙيل آھي. اھا تسبيح اڄ بہ سجاده نشين وٽ محفوظ آھي.

**جانڊاھ:** شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾ ڪڻڪ، ٻاجھري، جوئر يا ٻين اناجن جو اٽو، جنڊن تي پيِھو ويندو ھو. اھو ڪم گھڻو ڪري گھرن ۾ عورتون ڪنديون ھيون، پر ڪِن وڏن ماڻھن يا جن جا مھمان خانا يا اوطاقون مشھور ھيون اتي اٽو 'جانڊاھ' تي پيھو ويندو ھو. بلڪل اھڙيءَ طرح سان شاھ لطيف جي حياتيءَ ۾ ڀِٽَ تي عقيدتمندن ۽ مريدن جي اچ وڃ وڏي وئي ھئي جنھن ڪري فقيرن وڏيءَ اوطاق (تمر فقير جي رھائشگاھ) تي ڏکڻ ۾ ھڪ وڏي جانڊاھ لڳرائي جيڪا راجسٿان جي شھر جوڌپور جي ٺھيل ھئي. ان جانڊاھ کي ھلائڻ لاءِ ڳڌھ ۽ ڪڌھن ڪڌھن ڏڳو استعمال ٿيندو ھو. ھڪ يا بہ فقير پنج ڇھہ مڻ ڪڻڪ يا ٻاجھري رکي ٿوري ٿوري ڪري 'ڪِير' وٽان وجھندا رھندا ھئا ۽ ٻئي پاسي اٽو پيسجي نڪرندو ھو. اھا جانڊاھ ھن وقت ڪم نٿي ڪري پر ان جا پڙ محفوظ ڪيا ويا آھن، جيڪي وڏي اوطاق ۾ پيل آھي.

**شال:** شاھ جي نوادرات ۾ ھڪ عدد شال بہ شامل آھي، پورھيت ماڻھو ان وڏي رومال سان پگھر اگھندا ھئا ۽ فقير ان کي سانوڻ ۽ سياري جي مند ۾ مٿي تي اوڙھي سفر ڪندا ھئا. ان شال جو رنگ موڱي آھي. اُھا شال ننڍين ننڍين چوڪڙين ۾ اُڻيل آھي ۽ اڄ بہ سجاده نشين وٽ محفوظ آھي.

**گودڙي**: فقيرن جو پهرڻ لاءِ ڪپڙي جي ٽڪرين مان چٽيون لڳل ڪوٽ، ڪڙتو، جبو، ڪجھه فقير ڪپڙي جي ٽڪرن مان هڪ ننڍي ڳوٿري جيڪا ٿيلهي نما ٿيندي آهي. اها ساڻ ڪڻندا آهن. ان کي بہ گودڙي چئبو آهي. پوءِ فقير ڪنهن سفر دوران ان ۾ سيدو سامان رکندا آهن. شاهہ سائين کي هر سفر ۾ گودڙي ساڻ هوندي هئي. لطيفي پٽ تي جڏهن بہ شاهہ سائينءَ جي ڪنهن فقير جو انتقال ٿيندو آهي تہ ان فقير کي شاهہ لطيف جي گودڙي ٻانهن ۾ پارائي ويندي آهي ۽ لحد ۾ لاهڻ کان پوءِ اها گودڙي سندس تن تان لاهي تن ڏينهن تائين ان فقير جي قبر تي رکي ويندي آهي.

**ڪَٽَ**: شاهہ لطيف جي نوادرات ۾ هڪ عدد کٽ بہ شامل آهي. اُها کٽ، ڪاٺ (جنڊيءَ) جي ٺهيل آهي جيڪا شاهہ لطيف جي حويليءَ ۾ رکيل هوندي هئي. شاهہ لطيف جي وفات کان پوءِ ان حويليءَ کي بند ڪيو ويو هو. سن 1340هه / 1922ع ڌاري جڏهن شاهہ لطيف جي درگاهہ جي مرمت تي تہ حويليءَ کي بہ نئون ڪري ٺهرايو ويو ڇاڪاڻ تہ شاهہ لطيف جي وفات کان پوءِ گهڻو عرصو بند رهڻ جي ڪري ان ۾ تمام گهڻا وڻ ۽ جهنگ ٿي ويو هو جنهن ڪري شاهہ لطيف جي کٽ جا بہ پاڳا (پاوا) اڌوهي کائي چڪي هئي. ان دوران جنڊيءَ جي ٺهيل انهيءَ کٽ جي بہ مرمت ڪرائي وئي ۽ ڪاٺوٽ مان بہ پاڳا (پاوا) ٺهرائي ان کي محفوظ ڪيو ويو. جيڪا اڄ بہ ان حويليءَ ۾ رکيل آهي. انهيءَ کٽ کي تخت بہ سڏيندا آهن. انهيءَ ڪري حويليءَ جي ٻاهران جيڪا تختي لڳل آهي انهيءَ تي بہ تخت حويلي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي لکيل آهي.

**لاڙ ۾ خيلفي دودي نهڙئي جي خاندان وٽ شاهہ لطيف جا تبرڪات**: شاهہ سائينءَ جو همعصر خليفو دودو نهڙيو پٽيهل جي اولهہ طرف ڪنڊي جي پير ۾ مئين سراءِالدين جي پرسان آرامي آهي. خليفي دودي نهڙئي پنهنجو وجايل فيض حاصل ڪرڻ لاءِ پورو سال ڀٽ تي ٻاٽيءَ جون مٽيون پريون تہ سندس مٽي تي ڦٽ ۽ پير پٿون تي پيس. لطيف سرڪار جڏهن سال کان پوءِ پنهنجي ماڳ ڀٽ تي آيو تہ خليفي دودي کي ان حال ۾ ڏسي ڪانئس قربل فيض واپس ڪيائين ۽ ان سان گڏوگڏ

پنهنجي گودڙي ۽ رومال توڙي بوچڻ (پهراڻ) پڻ عنايت ڪيائينس. سندس پونئرن وٽ شاهه ڪان مليل گودڙي رومال ۽ بوچڻ موجود هئا. جن مان گودڙي ۽ رومال خليفي محمد نهڙئي عام زيارت لاءِ لاڙ جي عجائب گهر کي ڏنيون. باقي ابوچڻ پاڻ وٽ تبرڪ طور رکيو اٿن. حوالو: شيخ محمد سومار، لطيف سائين جا لاڙ تان پيرا، 1986ع ص: 62.

**ويڙهي جهپ ۾ شاهه سائينءَ جي چادر:** ويڙهي جهپ ۾ شاهه صاحب جي تڪيي واري چادر مشهور آهي. جنهن تي هندو خواه مسلمان باس باسين ٿا ۽ ميلي ۾ ايندا رهن ٿا. ويڙهي جهپ ۾ شاهه صاحب جي دؤر ۾ يارو فقير ۽ مارو فقير شاهه لطيف جا معتقد هئا. (لطيف جا تر تان پيرا، ص: 100.) اها چادر هن وقت شايد نه هجي.

**جيسلميري جُتي:** شاهه جي نوادرات ۾ هڪ عدد جيسلميري جتي به هوندي هئي جيڪا چاليهه سال کن اڳ به سجاده نشين وٽ محفوظ هئي اها هن وقت موجود نه آهي. ان کان علاوه هڪ ڪاٺ جي ۽ ٻي چمڙي جي جُتي به ٿهيل هئي.

**ڪڇ ۾ گودڙي:** شاهه لطيف ڪڇ جي سفر دوران نروٽا ويجهو اوريئڙا ڳوٺ جي تماچي فقير نهڙئي جي ڪکن تان پڻ پير گهمايا. ڪيس دعا ڪندي سوکڙيءَ طور هڪ گودڙي ڏنائينس. تماچي فقير اها گودڙي زندگي ڀر سانڍي رکي ۽ سندس وفات کان پوءِ اها گودڙي ليڙن جي صورت ۾ تماچي فقير جي قبر مٿان ڪافي سالن کان پيل آهي. ڪڇ جي سفر دوران نکتراٽا تعلقي جي ڳوٺ جڙو در جي الهندي پاسي پير حاجي صالح محمد شاهه سان پٽائي جي بيحد عقيدت ٿي ۽ ڪيس مرشد ڪري مڃيو هئائين. جڙو در ۾ شاهه لطيف ڊگهي ڪاري پٿر تي ويهي چلو ڪڍيو هو. اهو پٿر اڄ به جڙودر ۾ موجود آهي. (محقق: ڪلاڌر متوا)

**ڪوٽيسر ۾ شاهه لطيف جي تسبيح:** شاهه لطيف ڪوٽيسر ويو ته اتي جي سنتن کي سچائيءَ واري ويساهه ۽ هيڪڙائي جي حق جي ترغيب ڏنائين. جنهن کان اهي گهڻو متاثر ٿيا. شاهه لطيف ڪوٽيسر جي مندر لڳ مسجد ۾ تڪيو جتي

سندس تسبيح يادگار طور اجا تائين تنگيل آهي ۽ شاهه صاحب هنج ڪريون (ڏکين ڳچين وارا ڪؤنرا) آنديون هيون. جيڪي يادگار طور رکيل آهن. ڀٽائيءَ جي واپس وڃڻ کان پوءِ ڀٽائيءَ جنهن پٽ کي پُنا ڏئي وينو هو. اتي پٽ ۾ محراب مثل نشان يادگار طور رکيائون.

**شاهه لطيف جا ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ تبرڪات:** شاهه سائين، ڪوٽڙي ڪبير جي مشهور عالم ۽ بزرگ هستي مخدوم محمد صديقي وٽ ايندو هو ته سندس صحبت ۽ دوستي ڪوٽڙي ڪبير جي مخدوم عبدالڪريم سان به ٿي. ڀٽائي صاحب ۽ مخدوم عبدالڪريم صاحب جنهن پليٽ ۾ ماني ڪاڌي هئي اها پليٽ اڄ تائين مرحوم مخدوم غوث محمد گوهر جي خاندان وٽ محفوظ آهي. ۽ شاهه سائين پاران ڏنل تبرڪات ڪاٺ جو پيالو ۽ پهراڻ سندن قديم لائبرريءَ ۾ رکيل آهن. مخدوم غوث محمد جي روايت مطابق، شاهه صاحب جڏهن به مخدوم محمد ڪبير وٽ ايندو هو ته فقير عبدالرحيم قلپوتو ڪوري سندس خدمت ڪندو هو.

**شاهه لطيف جا ڪمارين ابڙن وٽ تبرڪات:** مديجيءَ کان ٻه ٽي ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڳوٺ ترائي (تعلقو ڳڙهي ياسين) ۾ شاهه لطيف ڪمارين ابڙن جي سردار کي جيڪي سوکڙيون جن ۾ چولو (پهراڻ)، ٽوپي، ڪؤرو (ڪوزو)، ميڻ بتي، ڪننا، مصلو، پيس جو ٻهارو، ڪشتو، ڪعبة الله جي غلاف جو ٽڪرو ۽ شام، عراق ۽ عربستان جي مقدس زيارت گاهن جون هٿ سان جوڙيل تصويرون تبرڪ طور ڏنيون. هنن وٽ شاهه سائينءَ جي ڪاٺ جي چاکڙي جُتي به هئي، جيڪا ٽڪيي تي ٽيندڙ ڏڻ ”ٺهائيءَ“ جي موقعي تي ڪو کڻي ويو. جن مان شاهه لطيف جو ڪشتو ۽ ڪننو، عاشق حسين ڪوري ويٺل ڳوٺ ترائي ۽ شاهه لطيف سرڪار جو چولو، پروفيسر اياز حسين ابڙي وٽ هن وقت به موجود آهي.

**ٽوپي/پٽڪو:** شاهه عبداللطيف ڀٽائي قادري طريقي واري مٿي تي ڏکي جمني نما ٽوپي پائيندو هو. جهڙي صوفي ڏکيندا آهن ان کي تاج چوندا آهن اها ٽوپي

اڇي رنگ جي اٽڪل هڪ فوٽ ڊگهي ٿيندي. پڳ (پٽڪو): ڪاري رنگ جو پنج هٿ ڊيگهه. چادر (شال): گيڙو رنگ جي ۽ ڪاري سٽ سان سبيل.

**لٺ/ڪندري:** جنهن جو مٿو تي جهڙي شڪل جو آهي ۽ سڄي شيشم جهڙي ڪاري آهي ۽ هيٺان ڇهنب تکي لوهه جي اٿس. (مرزا قليچ بيگ، ڪتاب، احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي) ڪندري: لوهي شيخ جو لڪڻ تي جي صورت ۾ ناهيل اڪثر فقير سفر دوران کڻندا آهن. ان جي سنهي ۽ تکي ڇهنب ٿيندي آهي. جوڳي فقير سفر ۾ ڪنهن نقصانڪار جانور نانگ بلا کان بچاءَ لاءِ هيءُ اوزار ڍال طور استعمال ڪندا آهن. شاهه سائين به سفر دوران ڪندري ساڻ کڻندو هو.

**شاهه لطيف جو، آخوند متين دين کي ڏنل لباس:** هالا پراڻا جي آخوند متين الدين سانوٽي کي شاهه لطيف ميٺائين رنگ جو لباس ڏنو هو. اهو لباس 1887ع تائين مير عبدالحسين سانگيءَ جي استاد آخوند احمد وٽ موجود هو. ان پهراڻ جو مير عبدالحسين به ديدار ڪيو هو. مير عبدالحسين سانگي پنهنجي ڪتاب ”لطائف لطيفي“ ۾ لکي ٿو ته مون سندس (شاهه لطيف جي) جتي مبارڪ به ڏٺي آهي. جيڪا چمڙي جي آهي. سندن خاص ڪپڙن کي به ڏٺو اٿم. سندس قادري ٽوپي ڊگهي، سندن ڪارو پٽڪو پنجن هٿن کان ڊگهو ڪونهي، سندن ڪفني گيڙو رنگ جي سبيل ۽ گودڙي به آهي. سندن لٺ مبارڪ ڪاري ڪاٺ جي ان کي هيٺان لوهه به لڳل آهي، ان کي سنڌيءَ ۾ ”ڪُندري“ به چون ٿا. ان جي مٿان بيراڳڻ آهي، پر ڪاٺي سجاڻڻ ۾ نٿي اچي. سندن وڏن مڻين واري تسبيح به آهي، ڪشتو ڪاٺ جو، بيو اڇي پٿر جو شيشي وانگر آهي. حضرت اولياءَ صاحب جي انهن سڀني شين جي زيارت ڪئي اٿم. هڪ حمائل شريف، هڪ مولانا روميءَ جي مثنوي ۽ هڪ شاهه ڪريم جو رسالو به آهي. ان رسالي تي سيد محمد صلاح شاهه جا هي هٿ اکر لکيل آهن. حر ره الفقير محمد صالح بادشاهه حضرت قطب الوقت مرشدي مير صاحب حضرت شاهه عبداللطيف جو سلمه الله تعاليٰ وابقاه. مطلب ته زماني جي قطب منهنجي مرشد حضرت شاهه عبداللطيف الله انکي سلامت رکي. (لطائف لطيفي، صفر 1407هه/ آڪٽوبر 1986ع صفحو 78.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**شاهه لطيف جا اڏيري لال ۾ تبرڪات:** شاهه سائين، اڏيرو لال ۾ بيبي لال (لعل) وٽ ايندا هئا پوءِ بيبي لال، شاهه سائينءَ جون هي شيون سنڀالي رکيون. جتي مبارڪ، چمڙي جو ٻٽون جنهن ۾ قرآن جا هٿ اکر چند ورق پيل آهن، جنهن کي حمائل شريف چئبو آهي. چمڙي جو وڏو ٻٽون. جنهن ۾ ڪکڙ جي چوسيل هڏي جيڪا شاهه لطيف جي اوبر ڪيل محفوظ آهي. انڪانسواءِ ٿالهي، وٽي، ننيڙي دٻلي، عطر مشڪ، ڏاڪوڻ جو ڏڪ ۽ هڪ پٽل جو چمچي نما تنبوري جو ماڏل، چار جي پاڙ جو ڏندڻ، ڪاٺ جي سرمي داڻي جو ڏڪ، ڪارا ڌاڳا. اهي شاهه جي هٿن جون ڪجهه شيون محمد شاهه ڇاموٽ (1927ع - 2003ع) جي پوٽنيرن وٽ اڏيرو لال ۾ رکيل آهن. انهن مان ڪجهه زبون ٿيل آهن.

**تمر فقير جي اوطاق ۾ رکيل شاهه لطيف جي هٿن جون شيون:** ڀٽ شاهه تي تمر فقير جي اوطاق تي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي هٿن جون ڪافي شيون موجود هيون. جن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مصلو، جنڊ، اَن رکڻ جي لاءِ ڪچي مٽيءَ جي گندي، ڪاٺ جو گلدان، پاٽيءَ جون ناديون وغيره موجود هيون. انهن مان ڪي شيون زبون ٿي ويون آهن. اهي شيون مير عبدالحسين سانگيءَ پنهنجي دور ۾ ڏٺيون هيون.

**عبدالرحيم گرهوڙي ڏانهن موڪليل تبرڪات:** هڪ دفعي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجن فقيرن کي چيو تہ امانت آيل آهي، هلو تہ ڪڍي ڏياري موڪليون. پوءِ فقراءِ سان گڏجي هڪ کوهه تي ويا. ڏسن تہ کوهه جو پاٽي مٿي آيو ۽ مٿانئس جمني (پيالي) پئي تري جا ڪڍرائي شيخ عبدالرحيم ڏانهن ڏياري موڪليائون. جمنيءَ ڪڍڻ ڪانپوءِ کوهه جو پاٽيءَ صفا هيٺ تر ۾ لهي ويو. شاهه صاحب نہ رڳو جمني ڏياري موڪلي پر ان سان گڏ هڪ لٺ ۽ ترار بہ تحفي طور شيخ صاحب ڏي عرضي خاصخيلي هٿان موڪلي ڏنائون. مهاڏيو جي مڙهيءَ تي حملي پيريءَ عرضي خاصخيلي، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ سان گڏجي ويو هو، پر ڪيس شهادت نصيب ڪانہ ٿي ۽ پاڻ زنده موٽي آيو ۽ پاڻ سان اهي ٽيئي شيون بہ ڪٽي آيو، جي

پشت بپشت سندس پوئين وٽ رهنديون آيون. عرضيءَ جي پٽ موسيٰ خاصخيلي جي گهر ڪي اوچتو اچي باهه لڳي ته جمني ۽ ترار ڪيدي ورتائون، باقي لٺ نڪري نه سگهي جو باهه چوڌاري ويڙهي وئي هيس. پوءِ لٺ سڙو گهر جي ڇت مان پڙڪو ڪائي مٿي هلي وئي. حوالو: شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽو، مؤلف، ڪلام گرهوڙي، ڇاپو چوٿون، روشني پبليڪيشن، سال 2011ع، ص: 38.

**پٽائي سرڪار جي جُتي، ٽوپي ۽ مٽڪو:** شاهه سائين تعلقي ٽنڊي آدم جي يوسي ماٽڪ ٿهيم، ديهه وداداٽي ٽپي پٽ ڏني ۾ موجوده ڳوٺ غلام علي نظاماڻي وارن جي تر ۾ پنهنجي مريدن فقيرن وٽ ايندو هو. ان وقت ان ڳوٺ جي مريدن شاهه سائين ڪي پهريل جُتي ۽ ٽوپيءَ ڪي پراڻو محسوس ڪندي. پوءِ پنهنجي طرفان هڪ جُتي ۽ ٽوپي پيش ڪئي. پوءِ شاهه سائين پنهنجي استعمال جون اهي شيون جتي، ٽوپي ۽ مٽڪو ڪين ڏئي ڇڏيون. پوءِ شاهه سائينءَ جن سندن پيش ڪيل جُتي ۽ ٽوپي پهري، ان جوءِ ۾ مختلف ماڳن جو سير سفر ڪيو. ٽوپي هيٺان ڪان گول مٿي سوڙهي محراب وانگر، سائي ڪپڙي مٿان پيلن ڌاڳن جي خوبصورت برٽ سان پريل آهي. جُتي ننڍي ۽ سنهي آهي. ان ڪان سواءِ هڪ انچ جيترو تيز سائي ۽ ناسي رنگ جو مٽڪو به ڪين تبرڪ طور ڏنائين. اهي سڀ شيون ولي محمد ولد گلڻ خان ولد علڻ خان نظاماڻيءَ جي گهر ۾ رکيل آهن. (ڪتاب، نواز ڪنبر، پٽائيءَ جا پنڌ ۽ پيچرا، ثقافت کاتو، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2014ع، ص: 29-30-31.)

**شاهه لطيف جا، مخدوم صابر ولهاريءَ جي خاندان وٽ تبرڪات:** حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي مشائخ هوٿي جي مزار تي ويندو هو. هڪ ڀيري حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي مشائخ هوٿيءَ جي قائم ڪيل مدرسي ۾ آيو ۽ اتي سندس ملاقات مخدوم صابر ولهاريءَ سان ٿي. ٻي روايت مطابق شاهه لطيف مييون صابر ولهاريءَ سان سندس درسگاهه ۾ ملاقات ڪري روانو ٿيو ته مخدوم صابر پنهنجن شاگردن کي چيو ته "وڃو شاهه صاحب کي وٺي اچو" طالبن ڀٽائي صاحب کي چيو "سائين استاد صابر توهان کي سڏي ٿو". ڀٽائي صاحب ڇوڪرن کي پنهنجو سامان

هڪ الفي، ڪشتو ۽ قرآن شريف ڏئي ڇوڪرن کي چيائين تہ ”هي سامان ڪڍي هلو آءُ اچان ٿو“. پوءِ پٽائي جهنگ ۾ ويو اتان گم ٿي ويو. ڇوڪرا پٽائي صاحب جو انتظار ڪري موٽي اچي اهو سامان ميان محمد صابر وٽ کڻي آيا. ميين صاحب چيو تہ ”ابا شاهہ سائين جن سوڪڙي ڏئي هليا ويا آهن، سا سنڀالي رکبي“. اهو سامان اڄ تائين مشائخ هوتيءَ جي پوٽن وٽ موجود آهي. جنهن مان الفي تمام گهڻي زبون ٿي وئي آهي، باقي ڪشتو ۽ قرآن شريف صحيح حالت ۾ پيل آهن.

**بڪار جاگير جي ڳوٺ قلڊ هو ۾ شاهہ سائين جا تبرڪات:** ڳوٺ قلڊهو ۾ شاهہ سائين، سيد غلام نبي شاهہ وٽ مهمان ٿيو هو تہ ڪين تبرڪات ڏنائين، جن ۾ هڪ ڪاٺ جي مشعل داني ۽ دنبورا موجود آهن. دنبورا لطيف سائين جا فقير هر سال پٽ شاهہ مان اچي وڄائيندا آهن.

ڪتاب، فڪر لطيف، تنظيم فڪر و نظر سکر، 1986ع، ص:67. رسالو تخيُل.

## شاهه لطيف ايوارڊ

فنڪارن کي شاهه لطيف ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان 1979ع ۾ ٿيو. پهريون پيرو ثقافتي مرڪز کان راڳائي فقيرن لاءِ ”لطيف ايوارڊ“ منظور ڪرائڻ لاءِ جناب عبدالحميد آخوند صاحب وک وڌائي پوءِ عبدالله جي ميمڻ صاحب شاهه عبداللطيف ڀٽائي ايوارڊ قائم ڪيو. اهڙي نموني لطيف ايوارڊ جي ابتدا جو سهرو حيدرآباد ڊويزن جي ان وقت جي ڪمشنر ۽ اديب جناب عبدالله جي ميمڻ صاحب جي سر تي سونهين ٿو. لطيف ايوارڊ لاءِ دنبوري واري اها ڊزائن سنڌ عجائب گهر جي ڊائريڪٽر ۽ ناماياري چترڪار جناب ظفر ڪاظميءَ جي فن جو ڪرشمو آهي، چانديءَ رنگ جو لطيف ايوارڊ جي نالي سان منسوب اهو دنبورو، شيشي جي شوڪيس ۾ بند آهي.

پٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي پاران حيدرآباد جي اوپن ايئر ٿيٽر ۾ پهريون ”لطيف ايوارڊ“ ڏيڻ جي تقريب 31 هين مارچ 1980ع ۾ ٿي. جنهن ۾ لطيف جو بهترين راڳيءَ جو ايوارڊ لاءِ ٽن ججن کي منتخب ڪيو ويو. جن ۾ جناب محب الله شاهه ڊائريڪٽر جنرل ايڪسائيز اينڊ ٽيڪنيشن ۽ جناب علي احمد بروهي سيڪريٽري اطلاعات ۽ نشريات حڪومت سنڌ ۽ جناب ممتاز مرزا اسڪرپٽ ايڊيٽر ڪراچي ٽيليويزن، انهن ٽن ججن جي فيصلي بعد پهريون ”شاهه لطيف ايوارڊ“ شاهه سائينءَ جي 236 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي سال 1979ع جو بهترين فنڪار جو لطيف ايوارڊ مشهور فنڪار استاد محمد يوسف کي تڏهوڪي گورنر جناب ايس. ايم. عباسيءَ جي هٿان سومر 31 مارچ 1980ع ۾ ڏنو ويو ۽ ان تقريب جي ڪمپيئرنگ سائنڻ مهتاب اڪبر راشديءَ ڪئي. اهڙي نموني پهريون شاهه لطيف ايوارڊ مشهور راڳي استاد محمد يوسف کي ڏنو ويو. ۽ ٻين ايوارڊن جو مختصر تذڪرو هيٺ ڪجي ٿو.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو 236هون عرس: صفرالمظفر 1401هه سومر 31 مارچ 1980ع.

بهترين راڳي: محمد يوسف.

شاهه سائين جو 237هون عرس: آچر 15 صفرالمظفر 1402هه / 13 ڊسمبر 1981ع.
بهترين راڳي: استاد محمد جمن.
بهترين لوڪ راڳي: ڏول فقير.
خاص ايوارڊ: محمد يوسف.
بهترين سازندو: خميسو خان. الغوزه نواز.
خصوصي انعام: وحيد علي.
بهترين پهلوان: غلام سرور جتوئي. ايوارڊ ورهائيندڙ: مير رسول بخش خان ٽالپر سينيئر وزير حڪومت سنڌ.
شاهه سائين جو 238هون عرس: خميس 15 صفرالمظفر 1403هه/03 ڊسمبر 1982ع.
بهترين راڳي: عابده پروين.
بهترين سازندو: الهه بچايو کوسو.
هن ميڙي ۾ خاص محنتون ڊويزنل ڪمشنر عبدالله جِي ميمڻ صاحب جون هيون.
ايوارڊ ورهائيندڙ: سيد غوث علي شاهه، وزيرِ تعليم ۽ ثقافت حڪومت سنڌ.
شاهه سائين جو 239هون عرس: سومر 15 صفرالمظفر 1404هه / 21 نومبر 1983ع.
بهترين راڳي: فقير عبدالغفور. ايوارڊ ورهائيندڙ: مظهرالحق صديقي، سيڪريٽري تعليم حڪومت سنڌ.
شاهه سائين جو 240 هون عرس: آچر 16 صفرالمظفر 1405هه / 12 نومبر 1984ع.
بهترين راڳي: مائي ڀاڳي. ايوارڊ ورهائيندڙ: جنرل جهانداد خان، گورنر سنڌ.
شاهه سائين جو 241هون عرس: خميس 16 صفرالمظفر/01 نومبر 1985ع.
بهترين راڳي: علڻ فقير. ايوارڊ ورهائيندڙ: سيد غوث علي شاهه، وڏو وزير حڪومت سنڌ.

شاهه سائين جو 242هون عرس: اڱارو 16 صفرالمظفر 1407هه / 21 آڪٽوبر 1986ع.
بهترين راڳي: محمد يوسف (هڪ دفعو ٻيهر)
بهترين سازڪار: استاد فيروز گل. ايوارڊ ورهائيندڙ: سيد غوث علي شاهه، وڏو وزير حڪومت سنڌ.
شاهه سائين جو 243هون عرس: آچر 17 صفرالمظفر 1408هه / 11 آڪٽوبر 1987ع.
بهترين فنڪاره: زرينه بلوچ.
بهترين موسيقار: فيروز گل (هڪ دفعو ٻيهر). ايورڊ ورهائيندڙ: سيد غوث علي شاهه، وڏو وزير حڪومت سنڌ.
شاهه سائين جو 244هون عرس: خميس 16 صفرالمظفر 1409هه / 29 سيپٽمبر 1988ع.
بهترين راڳي: حسين بخش خادم. ايوارڊ ورهائيندڙ: اختر علي جِي قاضي، نگران وڏو وزير حڪومت سنڌ.
شاهه سائين جو 245هون عرس: سومر 16 صفرالمظفر 1410هه / 18 سيپٽمبر 1989ع.
بهترين راڳي: موهن ڀڳت.
بهترين سازندو: استاد مٺا خان زرداري، گهڙه نواز.
ايوارڊ ورهائيندڙ: سيدغوث علي شاهه، وڏو وزير حڪومت سنڌ.
هن سال 1689ع کي 1989ع جي مناسبت سان ڀٽائي صاحب جي 300 ساله جشنِ ولادت طور ۾ لطيف جو سال ڪري به ملهايو ويو. ان سال ميلي جو افتتاح محترمه بينظير ڀٽو صاحبه ڪيو هو، ان موقعي تي پاڻ ريسٽ هائوس ۾ ٻوٽو پڻ پوکيو هئائون.
شاهه سائين جو 246هون عرس: جمعو 16 صفرالمظفر 1411هه / 07 سيپٽمبر 1990ع.

بهترين راڳي: محمد يوسف ۽ وحيد علي.
بهترين منتظم: حميد آخوند.
بهترين ڪمپيئر: ممتاز مرزا.
بهترين آرگنائيزر (ادبي ڪانفرنس): حميد سنڌي.
ايوارڊ ورهائيندڙ: ڄام صادق علي، نگران وڏو وزير حڪومت سنڌ.
شاهه سائين جو 247هون عرس: اڱارو 16 صفرالمظفر 1412هه / 27 آگسٽ 1991ع.
بهترين خدمتگار: مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ.
ايوارڊ ورهائيندڙ: ڄام صادق علي، وڏو وزير حڪومت سنڌ.
هي لطيف ايوارڊ ان وقت جي وڏي وزير ڄام صادق عليءَ هالا پهچي سندن خدمت ۾ وڃي پيش ڪيو.
شاهه سائين جو 248هون عرس: ڇنڇر 15 صفرالمظفر 1413هه / 15 آگسٽ 1992ع.
بهترين راڳي: علڻ فقير (هڪ دفعو ٻيهر).
خاص ايوارڊ: عابده پروين (هڪ دفعو ٻيهر).
خاص ايوارڊ: محمد يوسف (ڇوٽون پيرو).
ايوارڊ ورهائيندڙ: سيد مظفر حسين شاهه، وڏو وزير حڪومت سنڌ.
شاهه سائين جو 249هون عرس: خميس 15 صفرالمظفر 1414هه / 05 آگسٽ 1993ع.
بهترين راڳي: انور حسين وسطڙو.
بهترين سازندو: الهه بچايو کوسو، الغوزه نواز.
ايوارڊ ورهائيندڙ: سيد علي مدد شاهه، نگران وڏو وزير حڪومت سنڌ.
شاهه سائين جو 250هون عرس: سومر 15 صفرالمظفر 1415هه / 25 جولاءِ 1994ع.
بهترين راڳي: سهراب فقير.

ايوارڊ ورهائيندڙ: سيد عبدالله شاهه، وڏو وزير حڪومت سنڌ.

شاهه سائين جو 251هون عرس: ڇنڇر 16 صفرالمظفر / 15 جولاءِ 1995ع.

بهترين راڳي: انور حسين وسطڙو (هڪ دفعو ٻيهر).

بهترين سازندو: غوث بخش بروهي، بانسري نواز.

ايوارڊ ورهائيندڙ: سيد عبدالله شاهه، وڏو وزير حڪومت سنڌ.

شاهه سائين جو 252هون عرس: جمعو 17 صفرالمظفر 1417هه / 05 جولاءِ 1996ع.

بهترين راڳي: علڻ فقير (ٽيون ڀيرو)،

بهترين اداڪار/صداڪار: عبدالحق ابڙو.

شاهه سائين جو 253هون عرس: آچر 16 صفرالمظفر 1418هه / 22 جون 1997ع.

بهترين راڳي: سهراب فقير.

بهترين وڄتو: محمد فقير سُرندائي.

درگاهه جو بهترين راڳي: قربان فقير آزاد.

ايوارڊ ورهائيندڙ: لياقت علي جتوئي، وڏو وزير حڪومت سنڌ.

شاهه سائين جو 254هون عرس: جمعو 16 صفرالمظفر 1419هه / 12 جون 1998ع.

بهترين خدمتگار: شيخ محمد اسماعيل.

بهترين سازندو: الهه بچايو ڪوسو، الغوزه نواز.

ايوارڊ ورهائيندڙ: لياقت علي جتوئي، وڏو وزير حڪومت سنڌ،

شاهه سائين جو 255هون عرس: اربع 16 صفرالمظفر 1420هه / 01 جون 1999ع.

بهترين مصور: ظفر ڪاظمي.

بهترين راڳيءَ جو لطيف ايوارڊ جلال چانڊيو ڪي حميد آخوند جي هٿان مليو.

گنج واري رسالي جو ڊيلڪس ايڊيشن بطور تحفہ زرينہ بلوچ ۽ علڻ فقير کي ڏنا ويا، جڏهن تہ ميلي جو افتتاح گورنرِ سنڌ معين الدين حيدر ۽ شهباز شريف ڪيو.

شاهہ سائين جو 256هون عرس: آچر 16 صفرالمظفر 1421هہ / 21 مئي 2000ع.

بهترين راڳي: چاڪر چانڊيو.

بهترين ليکڪ: امر جليل. ايوارڊ عظيم داؤد پوٽي ورهايا.

شاهہ سائين جو 257هون عرس: خميس 15 صفرالمظفر 1422هہ / 10 مئي 2001ع.

بهترين فنڪاره: فوزيہ سومرو.

ايوارڊ ورهائيندڙ: سيد علي مير شاهہ، صوبائي وزير حڪومت سنڌ.

شاهہ سائين جو 258هون عرس: اڱارو 16 صفرالمظفر 1423هہ / 30 اپريل 2002ع.

بهترين راڳي: شفيع محمد جمن.

بهترين ادبي ايوارڊ: پروفيسر امينہ خميساڻي.

بهترين هنرمند: الهہ ڏنو ڪتي.

بهترين درگاهہ جو راڳي: فقير جڙيل.

بهترين سازندو: الهہ بچايو ڪوسو.

ايوارڊ ورهائيندڙ: عبدالحفيظ شيخ، صوبائي وزير خزانہ حڪومت سنڌ، علي حسن چانهيو، صوبائي وزير حڪومت سنڌ.

شاهہ سائين جو 259هون عرس: جمعو 15 صفرالمظفر 1424هہ / 18 اپريل 2003ع.

بهترين فنڪاره: مائي الهہ وسائي.

درگاهہ جو بهترين راڳي: الهہ ڏنو فقير.

ڊاڪٽر فهميده حسين کي شاهہ لطيف ايوارڊ سنڌ جي اڳوٽي چيف سيڪريٽري علي بخش رند هٿان مليو.

ايوارڊ ورهائيندڙ: علي محمد مهر، وڏو وزير حڪومت سنڌ.
شاهه سائين جو 260هون عرس: خميس 17 صفرالمظفر 1425هه / 08 اپريل 2004ع.
بهترين راڳي: ذوالفقار علي ۽ مظهر حسين.
لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.
لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ: عطا محمد ڀنڀرو.
لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ: استاد منظور علي خان.
ميڙي جو افتتاح گورنر سنڌ عشرت العباد خان ڪيو ۽ ايوارڊ سنڌ جي وڏي وزير علي محمد مهر ورهايا.
شاهه سائين جو 261هون عرس: آچر 16 صفرالمظفر 1426هه / 27 مارچ 2005ع.
بهترين راڳي: شفيع فقير.
بهترين محقق: ڊاڪٽر تنوير عباسي.
بهترين فارسي مترجم: نياز همايوني.
ايوارڊ ورهائيندڙ: شبير قائم خاني، وزيرِ ثقافت حڪومت سنڌ.
شاهه سائين جو 262هون عرس: خميس 15 صفرالمظفر 1427هه / 16 مارچ 2006ع.
بهترين راڳي: محمد حنيف لاشاري.
بهترين سازندو: محمد عارب، دنبوره نواز.
بهترين: محقق: عبدالغفار گوهر.
بهترين اردو مترجم: آغا سليم.
درگاهه جو بهترين راڳي: ڪبڙ فقير.
بهترين خدمتگذارادارو: ريڊيو پاڪستان حيدرآباد. هي ايوارڊ اسٽيشن ڊائريڪٽر جناب فخر بلوچ وصول ڪيو. ميڙي جو افتتاح وڏي وزير ارباب غلام رحيم ڪيو. ۽ ايوارڊ قمر منصور، صوبائي وزير حڪومت سنڌ ورهايا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**شاهہ سائين جو 263هون عرس: اڱارو 16 صفرالمظفر 1428هہ / 06 مارچ 2007ع.**

**بهترين راڳي: استاد فتح علي خان (گواليار)**

**درگاهہ جو بهترين راڳي: فقير گل محمد عرف گلڻ فقير خاصخيلي.**

**بهترين سازندو: محمد عزيز، بينجو نواز.**

**بهترين محقق: ج. ع. مُنگهاڻي.**

**خصوصي ايوارڊ: انور پيرزادو.**

**بهترين ڪمپيئر: نصير مرزا.**

**خصوصي ايوارڊ: صلاح الدين پنهور، سگهڙ ڪانفرنس آرگنائيز ڪرڻ تي. ان وقت سنڌ جو وزير اعليٰ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم هو. ميڙي جو افتتاح وزير اعظم شوڪت عزيز ڪيو.**

**ايوارڊ ورهائيندڙ: منظور پنهور، صوبائي وزيرِ اوقاف حڪومت سنڌ.**

**شاهہ سائين جو 264هون عرس: 17 صفرالمظفر 1429هہ / آچر 24 فيبروري 2008ع.**

**درگاهہ جو بهترين راڳي: فقير الهہ ڏنو نظاماڻي.**

**بهترين راڳي: ماستر عبدالله پنهور.**

**بهترين محقق: جناب ٻانهون خان شيخ.**

**بهترين وڄتو: غلام محمد عرف غلامون مگڻهار، بينجو نواز نصرپور وارو. هن 50 کان وڌيڪ ڌنون ٺاهيون.**

**هي ايوارڊ سنڌ جي نگران وڏي وزير عبدالقادر هاليپوٽي ورهايا. (حوالو، ڪاوش سومر 25 فيبروري 2008ع.)**

**شاهہ سائين جو 265هون عرس: 17 صفرالمظفر 1430هہ / خميس 12 فيبروري 2009ع.**

**بهترين فنڪاره جو ايوارڊ: حميره چنہ، جيڪو نسيم چنہ وصول ڪيو.**

**درگاهہ جو بهترين راڳي: فقير مير حسن تمراڻي.**

بهترين موسيقار: مرحوم استاد نياز حسين، جيڪو سندس پٽن ذوالفقار علي ۽ مظهر علي وصول ڪيو.

بهترين سگهڙ: مرحوم محمد ملوڪ عباسي، جيڪو سندس پٽ ممتاز عباسي وصول ڪيو.

بهترين محقق: آغا محمد يعقوب، جيڪو منظور قناصري وصول ڪيو. پٽ شاهه ۾ ايف. ايم. ريڊيو اسٽيشن قائم ڪرڻ تي وفاقي وزير اطلاعات شيري رحمان کي شيلڊ ڏني وئي جيڪا سندس پاران سسئي پليجو وصول ڪئي. ايوارڊ سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه ورهايا.

شاهه سائين جو 266هون عرس: اڱارو 17 صفرالمظفر 1431هه / 02 فيبروري 2010ع.

بهترين راڳي: استاد گلزار علي خان سانگهڙائي.

بهترين فنڪاره: روبينه قريشي.

بهترين سازندو: غوث بخش بروهي، الغوزه نواز.

بهترين محقق: محمد ابراهيم جويو.

درگاهه جو بهترين راڳي: ڪبڙ فقير.

بهترين سگهڙ: عبدالرحمان مهيسر.

بهترين موسيقار: فيروز گل.

يادگار شيلڊ: مائي الهه وسائي.

لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ: روبينه قريشي.

ايوارڊ سيد قائم علي شاهه ورهايا.

شاهه سائين جو 267هون عرس: جمع 17 صفرالمظفر 1432هه / 21 جنوري 2011ع.

بهترين فنڪاره: صنم مارئي.

درگاهه جو بهترين راڳي: فقير پير بخش سومرو.

بهترين سازندو: محمد حسن ملاح سُرندائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهترين محقق: محمد حُسين ڪاشف.
بهترين سگهڙ: وريام فقير شيخ.
بيمثال خدمتن جي عيوض: گادي نشين سيد نثار حسين شاهه لطيفي کي شاهه لطيف ايوارڊ سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جي هٿان مليو.
شاهه سائين جو 268 هون عرس: 24 صفرالمظفر 1433هه / اربع 18 جنوري 2012ع
شاهه جي درگاهه جو بهترين راڳي: فقير رحيم ڏنو جوٽيجو.
بهترين راڳي: استاد امير علي.
بهترين سازندي جو ايوارڊ: انب جوڳي.
بهترين سگهڙ جو ايوارڊ سومر ڏني کي ڏنو ويو جيڪو آغا نور محمد پٺاڻ وصول ڪيو. شاهه جي رسالي کي بهترين منظم اردو ۾ ترجمو ڪندڙ: شيخ اياز، سندس ايوارڊ سندس نياڻي ڊاڪٽر روحي اياز وصول ڪيو. بهترين شاعريءَ جو ايوارڊ شاعر شمشيرالحيدري کي ڏنو ويو، جيڪو ان جي پٽ جاويد حيدري وصول ڪيو. ايوارڊ وڏي وزير سيد قائم علي شاهه ورهايا.
ثقافت کاتي طرفان سال 2012ع کي شاهه پٺائيءَ جو سال ڪري ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو. 31 جنوري 2012ع تي ممتاز مرزا اسٽوڊيو ۾ شاهه لطيف جي 268 هين عرس تي ۽ شاهه لطيف عالمي ڪانفرنس ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ثقافت کاتي جي آفيسرن ۽ ملازمن ۾ مجتا طور 18 شيلڊون ۽ 45 سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. اڳارو 10 جنوري 2012ع / 15 صفر 1433هه ۾ پير صاحب پاڳاري جي لاڏاڻي سبب شاهه لطيف ايوارڊ تقريب صفر مهيني جي آخر ۾ رکي وئي.
شاهه سائين جو 269 هون عرس: 17 صفرالمظفر 1434هه / آچر 30 ڊسمبر 2012ع.
بهترين فنڪاره: ثمينا ڪنول.
بهترين سگهڙ: ٻيڙو فقير.
بهترين شاعر: استاد بخاري مرحوم.

بهترين شاهه جو راڳي: استاد ذوالفقار علي شاهه.
بهترين مرلي نواز: جي رام جوڳي.
شاهه جي رسالي جو بهترين انگريزي ترجمو ڪندڙ: سيد مشتاق شاهه.
ايوارڊ سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه ورهايا.
ثقافت کاتي جي وزير سسئي پليجو، سيد قائم علي شاهه ۽ عابده پروين کي يادگار شيلڊ پڻ ڏني.
شاهه سائين جو 270 هون عرس: جمع 17 صفر المظفر 1435هه / 20 ڊسمبر 2013ع.
بهترين صوفي راڳي: جمال الدين فقير.
شاهه جي درگاهه جو بهترين راڳي: قمبر علي لنجواڻي.
بهترين مترجم: استاد لغاري.
بهترين سگهڙ: لقمان ڪوکر.
بهترين فنڪار لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ: محمد بلاول بيلجم.
بهترين شرنائي نواز: عبدالله خان.
ايوارڊ سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه ورهايا.
شاهه سائين جو 271 هون عرس: اڱارو 17 صفر المظفر 1436هه / 9 ڊسمبر 2014ع.
شاهه جي درگاهه جو بهترين راڳي: انور فقير خاصخيلي.
بهترين راڳي ۽ موسيقار: استاد عبدالغفور سومرو.
بهترين موسيقار ۽ ڊولڪ نواز: محمد بچل.
بهترين محقق: الياس عشقي.
لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ: سيد صالح محمد شاهه.
بهترين ڪارڪردگي: ڪمشنر حيدرآباد سيد آصف شاهه.
ايوارڊ سيد قائم علي شاهه ورهايا.

شاهه سائين جو 272 هون عرس: 17 صفرالمظفر 1437هه / آچر 29 نومبر 2015ع.
شاهه جي درگاهه جو بهترين راڳي: سيد گدا حسين شاهه.
بهترين فنڪاره: تاج مستاني.
بهترين سگهڙ: حاجي علي نواز وگڻ.
بهترين سازندي نواز: ڍولڪ نواز محمد آچر.
گائڪي جو لائيف تائيم اچيومينٽ ايوارڊ: مرحوم صادق فقير جيڪو سندس پٽن نزاڪت ۽ راحت وصول ڪيو.
بهترين ڪارڪردگي: ڪمشنر حيدرآباد آصف حيدر شاهه.
اسپيشل ايوارڊ فار ميڊيا پرسن: امتياز امير.
بهترين خدمت: عبدالماجد پرڳڙي سندس ايوارڊ فياض ٻرڙي ورتو. عبدالماجد پرڳڙيءَ ايم بي سنڌي سافٽ ويئر تيار ڪري سڀ کان اول شاهه جو رسالو انٽر نيٽ تي آندو. ان محنت سبب ڪيس شاهه لطيف ايوارڊ سان نوازيو ويو. ايوارڊ ثقافت کاتي جي صوبائي صلاحڪار شرميلا فاروقيءَ ورهايا.
شاهه سائين جو 273هون عرس: جمع 17 صفرالمظفر 1438هه / 17 نومبر 2016ع.
بهترين فنڪاره: مائي ڍائي.
بهترين طبلي نواز: ڪرم حسين.
تحقيقي ادب: عبدالقادر جوڻيجو.
بهترين مقالي جو ايوارڊ: احسان دانش.
بهترين سگهڙ: علي گل پيٽو.
پيٽائيءَ تي شاندار ڪم ڪندڙ: اڳوڻي سيڪريٽري ثقافت حميد آخوند کي شاهه لطيف ايوارڊ سينئر صوبائي وزير نثار احمد کهڙي جي هٿان مليو.
شاهه سائين جو 274هون عرس: آڱارو 17 صفر المظفر 1439هه / 6 نومبر 2017ع.

بهترين راڳي: الله ڏنو جوٽيجو.
شاهه لطيف جي درگاهه جو بهترين راڳي: فقير منٺار جوٽيجو.
بهترين سازندو: استاد عبدالشڪور.
بهترين اديب ۽ محقق: جامي چانڊيو.
بهترين سگهڙ: قائم راهمون.
بهترين مزاح: قادر بخش مٺو، خصوصي شاهه لطيف ايوارڊ: امر فياض ٻرڙو، ننڍي عمر ۾ شاهه جي رسالي جا حافظ، ننڍڙي راحت ٻڙدي ۽ انتخاب ٻڙدي. بهترين ڪمپيئر: ياسر قاضي ۽ شاهه لطيف جو مجسمو تيار ڪندڙ سنڌ يونيورسٽي فائين آرٽس شعبي جي نادر جمالي کي لطيف ايوارڊ ڏنو ويو. اهي ايوارڊ بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي هٿان ڏنا ويا.
شاهه سائين جو 275هون عرس: ڇنڇر 17 صفرالمظفر 1440هه / 26 آڪٽوبر 2018ع.
بهترين شاهه جو راڳي: جوان ڇڄڙو.
بهترين راڳي: راشد حيدري.
بهترين سازندي جو ايوارڊ: ذوالفقار علي رند.
بهترين محقق: معمور يوسفاڻي.
بهترين تحقيق جو ايوارڊ: ڊاڪٽر شير مهراڻي.
بهترين سگهڙ: تاج محمد هاليپوٽو.
بهترين خدمتگار: ديوان ايشور داس.
بهترين ڪمپيئر: بخشڻ مهراڻوي کي شاهه لطيف ايوارڊ صوبائي وزير ثقافت سيد سردار علي شاهه جي هٿان ڏنو ويو. ان تقريب ۾ صوبائي وزير اوقاف فراز ڏيرو، صوبائي وزير لائيواسٽاڪ عبدالباري پتافي، ايم.پي.اي قاسم سراج سومرو، سيڪريٽري ثقافت غلام اڪبر لغاري، نامور اديب مدد علي سنڌي ۽ ٻيا شريڪ هئا.

مختلف ادارن پاران ايوارڊ: حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۽ پيغام تي تحقيق ڪندڙ اديب اي. ڪي. بروهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ محمد عمر معمور يوسفاڻي کي تنظيم فڪر و نظر سکر پاران 1985ع ۾ لطيف ايوارڊ مليو ۽ اينمري شمل، آغا محمد يعقوب ۽ ڊاڪٽر فضل رحيم سومرو کي لطيف ايوارڊ 1986ع ۾ ۽ مخدوم امير احمد، رشيد احمد لاشاري ۽ سيد منظور نقوي کي لطيف ايوارڊ 1987ع ۾ مليو ۽ شمس العلماءُ عمر بن محمد داؤد پوٽو، پروفيسر آفاق صديقي ۽ محمد فاضل شيخ کي تنظيم فڪر و نظر سکر پاران لطيف ايوارڊ 1988ع ۾ مليو.

شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه کي سيد غلام شبير شاهه جي هٿان شاهه لطيف ايوارڊ 1988ع ۾ مليو.

قاضي خضر حيات کي گولڊ ميڊل لطيف اڪيڊمي پاران 1989ع ۾ مليو.

مهتاب محبوب کي شاهه لطيف ايوارڊ 1994ع ۾ صدر فاروق احمد لغاري جي هٿان مليو.

جيجي زرينه بلوچ کي دبئيءَ ۾ ”انٽرنيشنل لطيف ايوارڊ“ 13 ڊسمبر 1989ع ۾ سنڌي تنظيم سدائين گڏ پاران مليو هو.

سال 2008ع جو ڀٽائي ايوارڊ شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي ڏنو ويو، جيڪو چنچر 3 مئي 2008ع ۾ مهيش ڪمار ملاڻي ۽ انجنيئر ولي محمد راهمون وصول ڪيو. سال 2008ع ۾ مٺي شهر ۾ مارئي جي ميلي ۾ بهترين راڳيءَ جو ايوارڊ ڪريم فقير کي سگهڙ ايوارڊ ملوڪ نهڙيي کي مليو.

مشهور شاعر تاجل بيوس کي شاهه لطيف يادگار ايوارڊ سال 2006ع ۾ ڏنو ويو.

سپ ڪان ڀرپائين ”سهڻي ايوارڊ“ عابده پروين ۽ ٻيو نمبر جيجي زرينه بلوچ ۽ ٽيون نمبر سهڻي ايوارڊ موهن ڀڳت کي مليو.

مظهر ابڙي کي ڪتاب ”خواب ڪوتا سڪا“ لکڻ تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي قومي صدارتي ايوارڊ ڏنو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com


سنڌ ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪم شاهه سائين تي ٿيو آهي ۽ اهو
سلسلو هلندو رهندو. اهڙي نمون منهنجي پياري شاگرد
راهب علي لاڙڪ ٻه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي مختلف
وقتن تي ڪم ڪري چار ڪتاب ترتيب ڏئي شايع ڪرايا آهن.
سندس پنجون تنقيدي ڪتاب ”پير پروڙي ڪڻ“ توهان جي
هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب کي پڙهڻ کانپوءِ ئي پروڙ پوي ٿي ته
سندس محنت قابل داد آهي. اميد آهي ته سندس محنت شاهه
جي شيدائن جي علم ۾ اضافو ڪندي، ۽ دعا آهي ته الله تعالىٰ
سندس جاکوڙيندڙ صلاحيتن ۾ اضافو فرمائيندو.
استاد ارشاد علي ميمڻ
الهه بچايو سولنگي، شهدادپور، مزار خان فراش، ڀٽ شاهه، راهب لاڙڪ

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book